س.ا.س سٽي سکر ڊاٽ ڪام

# سنگاپور ويندي ويندي

سفرنامو

(الطاف شيخ)


ڊجيٽل پبلشر

سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر سٽي

(ڊجيٽل ڪتاب) پبلشر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com




هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# پہَ لفظ

## محترم دوستو......!

السلام عليڪم

اداري، سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر ستيءَ طرفان اوهان جي لاءِ، جڳ مشهور شخصيت، (جنهن کي سنڌ جو ابن بطوط چئجي تہ نهايت بهتر ٿيندو) محترم الطاف شيخ جا سفرناما پيش ڪجن ٿا.

اسان محترم الطاف شيخ صاحب جا تمام گهڻا ٿورائتا آهيون جن جي اجازت ۽ تعاون سان اهي ڪتاب ٿوري آئوٽ لوڪ جي ايڊيٽنگ سان (ڪتاب جي متن ۾ ڪابہ تبديلي نہ ڪئي وئي آهي، صرف ويب سائيٽ تي آڻن لاءِ ان جي آئوٽ لوڪ کي خوبصورت بڻايو ويو آهي) اوهان تائين پهچائي سگهيا آهيون. ان ڪان علاوه ڪتاب جي پبلشر وغيره جا نالا، سندن مالڪي حقن سبب نہ ڏنا ويا آهن. صرف ليکڪ جي اجازت سان سندس ليک ڏنو ويو آهي.

محترم دوستو!.. اسان اُميد ٿا ڪريون تہ اوهان پنهنجي راءِ کي پاڻ تائين محدود نہ ڪندا، چا ڪاڻ تہ اوهان جي اها راءِ ئي اسان جي جياپي جو ڪارڻ آ. وڌيڪ بهتري آڻن لاءِ ضرور راءِ ڏيندا .

ساٿ سلامت

مهرباني



اوهان جي مشوري جو منتظر

**عبداللطيف انصاري**

**شمس آباد سکر سنڌ**

فون : 0333.7146119

اي ميل : abdullateefansari@yahoo.com

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# فهرست


- انتساب – ڪموڊور اشفاق بيگ
= مهاڳ – عنايت بلوچ
1. ملائيشيا ۽ سنگاپور
2. سنگاپور باءِ روڊ
3. شاپنگ لاءِ سنگاپور
4. سنگاپور گهڻ قومو ملڪ آهي
5. سنگاپور ڪيئن هلجي
6. سنگاپور هلڻ لاءِ ٽئڪسي
7. ڪئپٽن مڪڙي – ماٿر مئرينر
8. ياڳ جي ڪهاڻي
9. سنگاپور ۾ رهائش جو مسئلو
10. دادوءَ جا ٽانگا
11. سنو ڪوڙ ڳالهايو اٿو
12. چتين چولين کان بچاءُ
13. هڻ شيطان کي موچڙو
14. هتي جي چانهه
15. نورالدين ڊرائيور
16. اَير حطام
17. هن پاسي جون هوٽلون
18. مرتبان – قيمتي وارو اڦراٽو
19. پٽن لاءِ ماءُ ڪنوار ڳولي
20. ٽئڪس پورو ڏيون


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

21. داتنگ لاگي
22. ملائيشيا جي ريلوي اسٽيشن
23. مسٽر رينگانير
24. سنگاپور سروس تي جيئي ٿو
25. سنگاپور ۾ گهڻائي چينين جي آهي
26. سنگاپور ۾ ڪوبه رستو پري ناهي
27. سنگاپور چو سهڻو آهي
28. سنگاپور ۾ ڪار رکڻ وڏو شان آهي
29. سنگاپور ۾ ڪارون گهٽائڻ جا اپاءَ
30. سنگاپور ۾ ملائيشيا ڪان ڪار آڻڻ
31. سنگاپور جو جنگل – ووڊلئنڊ
32. سنگاپور جو ٿاهيندڙ رئفلس
33. سنگاپور جو نالو سيونان به هو
34. سنگاپور شينهن جو شهر
35. امير ۽ غريب خريدار
36. سنگاپور ۽ بيلجم ۾ نائيءَ جو دڪان
37. نائيءَ جا اصول
38. هيئرڪٽ يا شيو
39. چينين لاءِ آئيڊل ڪنوار
40. مئرينرس ڪلب ڏي واپسي
41. تمبولا – لڪي فار سم
42. مڙسي منجهس نه ڏوهه ڪنوار جو
43. وڏي پارٽ پنهنجا لڇڻ آهن
44. سنگاپور – ڪارڪردگيءَ ۾ سنو بندرگاهه
45. سنگاپور ۾ گهٽن جي دلچسپي رهي ٿي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

46. سنگاپور جا مختلف علائقا
47. سنگاپور ۾ پکين جو پارڪ
48. سنگاپوري طوطا سقراط ۾ هئا
49. سنگاپور ۾ ڪيبل ڪار جو ڪرڙ
50. ڪيبل ڪار جي تواريخ
51. سينتوسا ٻيٽ گهمڻ
52. اسان وٽ جتي ڪٿي ماتم آهي
53. سنگاپور جو زولاجيڪل گارڊن
54. سنگاپور ۾ چيني ۽ جپاني باغيچا
55. مانگر مڇن جو فارم
56. ڪئپٽن رشيد ابڙي سان ملاقات
57. هن پاسي نوڪريءَ بابت ڪجهه ڳالهيون
58. مٿي سور لاءِ سنگاپور ۾ دوا
59. ٽائيگر بام ۽ گارڊن
60. هائوس آف جيڊ
61. سنگاپور جو چائنا ٽائون
62. اڄ جي سنگاپور کي ٺاهڻ وارو
63. ترقيءَ جو راز – انگريزي زبان
64. سنگاپور جون نديون نالن جو ڪم ڏين
65. سنگاپور ۾ پکي گهٽا جانور گهٽ آهن
66. هتي جي چينين جون مختلف زبانون
67. سنگاپور جا مختلف نالا ۽ حڪومت
68. سنگاپور جي رستن جا نالا
69. سنگاپور شهر ۾ ننڍڙو هندستان
70. سهڻيون ڪير؟ ماتل، ملئي يا چيني


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

71. گوڏ هيٺ مٿي ڪرڻ جو سبب

72. سنگاپور ۾ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ مهنگائي

73. توکي مال وڪڻڻ جي ڳڻتي آهي

74. سنگاپور کان ملائيشيا واپسي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# انتساب

## ڪموڊور مرزا اشفاق بيگ نالي

اشفاق جهڙي ڪلاس ميٽ، روم، ميٽ، دوست، سنگتي ۽ نيڪ ماڻهوءَ لاءِ ڪو ڪتاب منسوب نه ڪرڻ وڏي ناانصافي ٿيندي . اشفاق بيگ اسانجي ڪاليج، اسان جي سنگت، اسان جي مٿن مائٽن ۾ ۽ پاڪستان نيوي جي هڪ پسنديده ۽ قابل احترام شخصيت مڃيو وڃي ٿو. هن اهو مقام هڪ وڏيري، صنعتڪار، جاگيردار، وڏي آفيسر جي پٽ يا پائٽي پاٽيجي ڪري حاصل نه ڪيو پر ننڍپڻ کان محنت سٺن ۽ نيڪ ڪمن ۽ اصولن تي پابند رهڻ ڪري ئي حاصل ڪيو آهي. هو پاڻ ته هڪ غريب گهر جو ٻارهو جنهن جو والد ننڍپڻ ۾ ئي گذاري ويو ۽ سندس ماءُ ۽ وڏن ڀائرن ڪشالاڪڍي کيس پڙهايو. منهنجي به قسمت سٺي چئجي جو اشفاق جهڙو ڪلاس ميٽ منهنجو روم ميٽ ٿيو جنهن ڪري نه فقط کيس ويجهڙائيءَ سان جانچڻ جو موقعو مليو ۽ سٺي دوستي ٿي وئي، پر هن کان گهڻو ڪجهه سکڻ جو موقعو پڻ ملي ويو.

ننڍپڻ جو زمانو اهو ٿئي ٿو جنهن ۾ ٻار پنهنجن دوستن کي ڏسي پاڻ کي سڌاري يا ڪاري ٿو. چوجو اهو منهنجي اکين ڏٺو تجربو آهي ته هڪ به منهنجا ڪلاس ميٽ جڏهن مون سان گڏ ڪئڊٽ ڪاليج ۾ جڏهن چوٿين درجي ۾ پڙهندا هئا. (ستين ڪلاس) ۾ آيا ته بيحد معصوم ۽ پڙهائي ۾ سنا هئا (هڪ ڄڻي ته پهريان به سال نمبر ۽ انعام به حاصل ڪيا.) پر پوءِ هنن جي دوستي اهڙن سان ٿي، جو پڙهائيءَ تان ڌيان هٽائي رلڻ پنڻ ۽ ڪاليج کان گسائڻ ۾ لڳي ويا. آخري ڏينهن ۾ جوا ۽ شراب به پيئڻ لڳا ۽ انهن شين کي خراب سمجهڻ بدران انکي

Heroic Deeds تصور ڪرڻ لڳا آئون بہ مئٽرڪ بعد جڏهن فرسٽ ايئر ۾ پهتس تہ ڪجھ ڪلاس ميٽن کي ڏسي مون کي بہ سگريٽ پيئڻ جو شوق پيدا ٿيو بلڪ ان وقت فلمي هيرو وانگر سگريٽ جهلي ڪش هڻڻ کي وڏ ماڻهپو سمجهبو هو پر چڱو جو اشفاق بيگ جهڙن روم ميٽن جي سمجهاڻيءَ ۽ نصيحت اهڙو اثر ڪيو جو هميشہ جي لاءِ هن ڪان پري رهيس. يعني سگريٽ کان اشفاق بيگ ڪان نہ.

ايترو لکڻ کان بعد هتي هڪ ٻي ڳالھ لکڻ بي مهل نہ ٿيندي بلڪ مائٽن توڙي شاگردن لاءِ Guide line ثابت ٿي سگهي ٿي تہ اسان کان هڪ سال جونيئر ڪئڊٽن مان هڪ ٻن جو والد نيوي ۾ هجڻ ڪري هو گهران بيئر شراب لڪائي ڪٽي ايندا هئا. جيڪي پاڻ، هڪ ٻہ سندن ۽ اسان جا ڪلاس ميٽ گڏجي پيئندا هئا. (تن ڏينهن ۾ شراب تي اجا بندش نہ پئي هئي ۽ نيوي توڙي مرچنٽ نيوي ۾ شراب عام هلندو هو بلڪ ان جي پيئڻ کي فخر سمجهيو ويندو هو.) بهرحال شراب پيئندڙن جو اهو ٽولو باقي ڪلاس ميٽن جي نظرن ۾ وڏي ڳالھ ـــ يعني "سڌريل ۽ ماڊرن" سمجهيو ويندو هو. باقي اسان جهڙ جاهل، بيوقوف ۽ اڻ آريا هئا سين. ڪڏهن ڪڏهن دعوت ۾ هڪ ٻن نون کي بہ گهرائيندا هئا، ۽ اهي بہ فخر محسوس ڪندا هئا تہ کين عزت بخشي وئي آهي. انٽر جي امتحانن جي ڏينهن ۾ هنن همراهن ڪاڏي پيتي جي هڪ وڏي دعوت ڪئي جنهن ۾ مونکي بہ گهرايائون. مون کي ياد آهي تہ مان پنهنجي ڪمري مان تيار ٿي وڃي رهيو هوس تہ رستي ۾ هڪ ٻئي دوست نور احمد نظاماڻيءَ پڇيو تہ، ڪيڏانهن پيو وڃين.

مون ڪيس، ٽيڙيءَ مان ٻڌايو تہ بيئر پارٽي پئي ٿئي، ان لاءِ مونکي بہ دعوت آهي. "ڪيڏي غلط ڳالھ آهي"، نظاماڻيءَ مون کي سمجهايو "منهنجي تہ صلاح اٿئي تہ نہ وڃ ۽ شراب نہ پيئجانءِ. گهٽ ۾ گهٽ قسم ڪٽي سگهندين تہ مون نہ پيتو آهي."

آئون مايوس ٿي موٽي آيس رستي تي اهو ئي سوچيم تہ اجايو نظاماڻيءَ کي ٻڌايم. هن تي لئہ ٿي رکيم سا تہ نہ رکي سگهيس. رهندو منهنجو مزو خراب ڪيائين. ڪمري تي پهتس تہ روم ميٽ اشفاق بيگ مون کان منهنجي خاموشي بابت پڇيو. ڪيس ٻڌايم تہ هو بہ نظاماڻيءَ جو هم خيال نڪتو. مون ڪاوڙ مان اشفاق بيگ کان پڇيو "فرض ڪرو تم نيوي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

join ڪرتيَ هو“ ڪيا وهان بهي نهين پيو گي“

”هرگز نهين ڪيا پينا ضروري هي؟“ هن عزم سان جواب ڏنو.

پلو ٿئي انهن دوستن جو جيڪي مون لاءِ Blessing ثابت ٿيا ۽ منهنجي ذهن ۾، بلڪ ڪچي ذهن ۾، اٿندي ئي صحيح ڳالهه وڌائون ته وڏ ماڻهپائي ڪا اوچا ڪپڙا پائڻ، سگريٽ ڇڪڻ ۽ شراب پيئڻ ۾ ناهي. اڄ ان ڪي چاليهه سال ٿيا آهن. اشفاق بيگ پاڪستان نيوي لاءِ چونڊجي ويو ۽ نيول ڪئڊٽ اشفاق بيگ مان مڊ شپ مئن ٿي ويو. پوءِ سب ليفٽيننٽ. ان بعد ليفٽيننٽ ڪمانڊر ۽ ڪئپٽن ٿي هاڻي ڪموڊور اچي ٿيو آهي (جيڪا رئنڪ آرمي جي ”برگيڊيئر“ برابر آهي.) هو اسلام آباد ڪان ڪويت ۽ ڪراچيءَ تائين ڪيترن ئي وڏن عهدن تي رهيو آهي، پر هن شخص ڪڏهن به شراب ڪي هٿ نه لاتو آهي. ساڳيو حال نور احمد نظاماڻيءَ جو آهي جيڪو پنجونجاهه سال يورپ آمريڪا ۽ پاڪستان جي وڏين جاين تي رهيو آهي. ابي ڏاڏي ڪان وڏو زميندار آهي. پر هن سچي زندگي سادگيءَ ۾ گذاري اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته سادگيءَ ۾ ئي عظمت آهي. پاڻ سگريٽ ۽ شراب ڪان ته پري رهيو آهي، پر ڪپڙي لٽي جو به ڏيک نه ڪيو اٿس. شلوار قميس ڪان پتلون ڪوٽ تائين ڪٽي چا به فيشن اچي وڃي، پر هو پنهنجي ئي اسٽائيل ۾ نظر اچي ٿو. هن ڪي لکڻ پڙهڻ، سماجي ۽ خير جي ڪمن ڪان ئي فرست نه ٿي ملي جو ڪٽي فئشن جهڙين ڳالهين ڏي ڌيان ڏئي.

اشفاق بيگ سان منهنجو هڪ ئي روم ۾ رهڻ جو واقعو به اوچتو ٿيو. مون ته پنهنجي ڳوناٽي ڪلاس ميٽ نجم انصاري (هاڻ ڪمانڊر پاڪستان نيوي ۽ مئنيجنگ ڊائريڪٽر شگرملز) سان ئي رهڻ چاهيو ٿي، پر ڪاليج مير پور خاص ڪان پيٽارو شفٽ ٿيڻ تي هن ڪي اسان جي لياقت هائوس (ڊويزن) ۾ رکڻ بدران نئين هاسٽل ايوب هائوس ۾ ٽرانسفر ڪيو ويو. مون ان ڳالهه جي شڪايت ۽ ڏک جو اظهار جڏهن پنهنجي پيءُ سان ڪيو ته، پاڻ منهنجي ڳالهه ٻڌڻ ۽ مڃڻ بدران مون کي سمجهايائون:

”سچي زندگي رڳو ڳوٺ جا يا سنڌي ڳالهائيندڙ توسان گڏ ڪونه هوندا. تو ڪي ٻين سان به گڏ رهڻ کپي ۽ هنن جون سٺيون ڳالهيون سکڻ کپن. جيڪڏهن نئون روم ميٽ پڙهڻ ۾ سٺو آهي سٺيون عادتون اٿس ته پوءِ توکي هن سان گڏرهڻ ۾ عار نه هئڻ کپي. چاهي هو مهاجر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هجي يا پنجابي شيعو هجي يا سني. پلي امير يا ڪنهن وڏي آفيسر جو پٽ نہ هجي. پلي غريب ۽ يتيم هجي“

بابا جي اها نصيحت ايندڙ زندگيءَ ۾ نہ فقط مون لاءِ ڪارآمدثابت ٿي بلڪ منهنجي بيچ ڪلاس ميٽن: بشير وسطڙو، عالم هاليپوٽو ۽ علي رضا ميمڻ لاءِ پڻ جيڪي ان وقت مون سان گڏ بابا جي ڳالهہ ٻڌي رهيا هئا ۽ ان وقت ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ سڄي پاڪستان جا شاگرد ايندا هئا. گلگت کان ڪوئيٽا چمن تائين جا ۽ اسان هاڻ سنڌي پاڻ ۾ ٽولو ٺاهي هلڻ بدران سڀني سان رلي ملي ويا سين. ڪئڊٽ ڪاليج بعد مئرين اڪيڊمي چٽگانگ، ورلڊ مئري ٽائيم يونيورسٽي سئيڊن، مئري ٽائيم اڪيڊمي ملائيشيا ۾ توڙي مختلف جهازن تي رهائش دوران مون کي ڪڏهن بہ تڪليف نہ ٿي. ڪيترن هنڌن تي سنڌي تہ ڇا پر ڪو پاڪستاني بہ گڏ نہ هوندو هو تہ بہ مون لاءِ گذارو ڪرڻ ڏکيو نہ رهيو. منهنجي هميشہ اها ڪوشش رهي تہ ٻين جي سٺين ڳالهين جي مڃوتي (اعتراف) ڪجي ۽ سکڻ /اپنائڻ جي ڪوشش ڪجي ۽ پاڻ ۾ ۽ پنهنجن ۾ موجود ڪمزوريون قبول ڪرڻ کپن. ان بعد ئي انهن کان نجات حاصل ڪري سگهبي. مونکي ڄاڻ نہ آهي تہ هن وقت جي سنڌي شاگرد جي ڇا سوچ آهي پر اسان جي ڏينهن ۾ اسان گهڻا تڻا شرميلا هئاسين. غير سنڌي شاگردن توڙي ماسترن کان ڪجهہ پڇندي پيا لنوائيندا هئا سين. پنهنجو ٽولو ٺاهي پيا هلندا هئا سين. سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ جي گهڻن جو رجحان نہ پڙهائيءَ ۾ هوندو هو نہ ئي وري راندين ۾. مائٽ بہ ايندا هئا تہ انهن جو بہ رڳو خرچيون ڏيڻ تي زور هو. پاڻ سان بسڪٽ، ڪيڪ ۽ منايون آڻي اسان کي ويتر ڇتر ۽ سست بڻائي ڇڏيندا هئا. وڏا پاڪر پائي پيا ملندا هئا ۽ ويندي مهل پيا پڇندا هئاتہ ڪڏهن ٿاڪوٽ اچو. پائر پيئرون پڦيون ۽ ماسيون سڀ ياد پيون ڪن. يعني ويتر اسان کي Home sick بڻائي ڇڏيندا هئا. ۽ اهو احساس (ڪوڙو ۽ خيالي) ٿيندو هو تہ ڄڻ اسان هتي ڪنهن قيد خاني ۾ آهيون ۽ ڪي وڏيون قربانيون پيا ڏيون. هوڏانهن غير سنڌي شاگردن جي ويجهو رهڻ بعد محسوس ٿيو تہ هنن جا مائٽ اچڻ سان ڪانئن پڙهائي جو پڇن ٿا ۽ کين اهو احساس ڏيارين ٿا تہ اسين خوش نصيب آهيون جو ههڙي ڪاليج لاءِ چونڊجي آيا آهيون ۽ هاڻ اسان کي ان جي لائق بڻائڻ جي لاءِ محنت ڪري پڙهڻو آهي. راندين ۾ پي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٿي پريڊ ۾ حصو ورتو آهي، وغيره. اسان جي هائوس ۾ اسان کان هڪ سال جونيئر ڪئڊٽ شاهد نالي هيرآباد حيدرآباد جو هو. هن جو والد ته اچڻ سان هن کان پڇندو هو ته ”بيٽي ڪوئي نماز کا وقت کذا تو نهين هوا ”يعني اسڪول جي پڙهائي سان گڏ مذهب ۾ به هو زور هئا. جنهن لاءِ Credit سندن والدين کي هجي ۽ اسانجي روم ميٽ اشفاق جو ته والد به گذاري ويو هو ۽ هن کي هر وقت اهو احساس هو ته هن جي ماءُ وڏي مشڪل سان اسڪول جي فين جو پورائو ڪري ٿي. ان ڪري هڪ گهڙي به اجائي نه وڃائجي. هن کي گهٽ وقت لکندو پڙهندو ڏسي، اسان کي به هڪ هنڌ ڪرسي تي ويهي، لکڻ پڙهڻ جي Stamina وڌي. ۽ هاسٽل ۾ ته هو اسان لاءِ هڪ ٽيچر به هو. اهي ڳالهيون جيڪي اسان کي ڪلاس ۾ سمجهه ۾ نه ايندڙيون هيون، سي ڪمري تي اشفاق بيگ کان سکندا هئا سين. مون جهڙن جون مئٿس ۾ سؤ سيڪڙو مارڪون هڪ اسان جي مئٿس ٽيچر ڪمانڊر اسرارالله ڪري ۽ ٻيو اشفاق بيگ جي ڪري آيون ۽ پاڻ ته بورڊ جي امتحان ۾ سڄي سنڌ ۾ ٻيو نمبر آيو. اشفاق بيگ جسماني طرح ايترو گهٽو پهلوان نه هو پر ته به هر راند ۾ حصو وٺندو هو. ويندي باڪسنگ ۾ پڻ. چوندو هو ته رڳو پڙهڻ ضروري ناهي رانديون به ضروري آهن.

Physical fitness is necessary for mental fitness

ڪيس تقريرون ڪرڻ جو شوق به ننڍپڻ کان آهي. ڪنهن جو به ڏينهن هجي اشفاق بيگ تقرير ضرور ڪري. پراڻن ڏينهن جي ياد ٿي اچي ته هڪ ڏينهن شام جي راندين لاءِ ميدان تي گڏ ٿي رهيا هئا سين. اسين ڪجهه سوير آيا هئا سين. بيٺي بيٺي اشفاق کي ڪو پور پيو سو پي ٽي ڪرڻ واري ڪاٺ جي گهوڙيءَ تي ويهي اسان کي مخاطب ٿي تقرير ڪرڻ لڳو. اجان به چار جملا مس ڳالهايا هوندائين ته اسان جي پر واري روم ۾ رهندڙ انيس الرحمان (هاڻ پاڪستان نيوي ۾ ڪموڊور ۽ پي اين ايس جوهر جو ڪمانڊنگ آفيسر) جيڪو اسان کان هڪ سال جونيئر هو تنهن لڪي لڪي اشفاق جي پويان ويهي ڪيس ڌڪو ڏنو ۽ اشفاق جي تقرير بند ٿي وئي. هو ڪپڙا چنڊي اٿي ڪڙو ٿيو. ڪيس ڪاوڙ لڳي پر يڪدم سمجهي ويو ته انيس به چرچي ۾ ائين ڪيو آهي، پر تنهن هوندي به چتاءُ ڪري اسان کي چيائين: ”توهان پلي کلو. هڪ ڏينهن آئون ائين مٿي ويهي تقرير ڪندس ۽ توهان کي ٻڌڻي پوندي.“ اشفاق

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جنهن نموني سان اسان کي خبردار ڪيو اهو اسانEnjoy ڪيو ۽ ڪيترائي ڏينهن اسان انيس کي چيڙائيندا رهياسين. ان واقعي کي اٽڪل 35 سال گذرڻ بعد گذريل سال ڪموڊور انيس پيٽارو جي Old Boys کيPNS جوهر ( نيوي جي اداري ) جي ميس ۾ ڊنر ڏني ۽ ڪافي دير ڪچهري ڪندا رهياسين. اٿڻ مهل انيس کي چيم ته يار دير ٿي وئي آهي، هاڻ گهر ڏي روانو ٿجي. خدا حافظ لاءِ ڪا تقرير ڪرڻي هجئي ته جلد ڪا مختصر تقرير ڪر.

”نه نه تقرير ۽ موڪلاڻي وري ڇاجي.“ اٿو ته اٿئون ” انيس اجا اهو چئي مهمانن کان موڪلائي رهيو هو ته اشفاق بيگ ڏاڪٽن وٽ بيهي شروع ٿي ويو.

“On behalf of Commodore Anis, I take this opportunity”

انيس کلي مونکي آهستي چيو”ادا ڪٿي تقرير پڏڻ جو وقت اچي ويو ڇا؟ هاڻ هيئن ڪر جو مين سئچ آف ڪر ته اوندهه ٿئي. ۽ تقرير مان جان ڇٽي وڃي، اشفاق تنهنجو ڪلاس ميٽ آهي تنهنجي ڳالهه دل ۾ نه ڪندو.“ اشفاق منهنجو ڪلاس ميٽ ضرور آهي پر مون سان گڏ سڀ ڪلاس ميٽ سندس عزت ڪن ٿا. ويندي اهي جيڪي ڪانئس سينئر آهن مينجر جنرل پرويز ريئر ائڊمرل اظهر ڪان وٺي چيف منسٽر لياقت جتوئي ۽ سيڪريٽري عاشق حسين شاهه جهڙا به ڪيس عزت جي نگاهه سان ڏسن ٿا، ڇو جو ڪين خبر آهي ته اشفاق بيگ اصول وارو ماڻهو آهي ۽ سڄي زندگي گذاري ٻين جي خير خواهي ڪئي اٿس. اشفاق ٻه سال اسان جي شپنگ ڪارپوريشنPNSCجو ڊائريڪٽر پڻ ٿي رهيو آهي. پنهنجن دوست جنرل مئنيجرن (جن هن جي ويجهو ڪم ڪيو ٿي) ڪجهه مهينن بعد، ۾ هڪ ڏينهن، هن مون کي چيو ”يار تهنجو يار اشفاق بيگ وقت ۽ ڊيوٽي جو ڏاڍو پابند آهي. ڪو اهڙو ڏينهن ناهي جو هو دير سان اچي يا غير حاضر رهي.“

”خبر اٿانوَ“ مون کيس ٻڌايو ”هو اسڪول جي ڏينهن ۾ به ڪڏهن به غير حاضر نه رهيو. سڄو ڏينهن ته ڇا پر هڪ پيرڊ به مس نه ڪيائين.“ مون کين اسڪولي ڏينهن جو هڪ واقعو ٻڌايو. هڪ دفعي جو Wood Work سيڪاريندڙ ٽيچر نه آيو. ان پيرڊ بعد رسيس هئي. ٻه چار ڪلاس ميٽ شوڪت جماڻي، رفيع ڪاچيلو تاج ٻگٽي ۽ بشير وسطڙو ڪلاس ڇڏي هاسٽل روانا ٿي ويا. ويندي وقت ٻاهران درئيءَ مان مون کي به هلڻ لاءِ چياتون. مون پنهنجي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

روم ميٽ اشفاق کي بہ هلڻ جي صلاح ڪئي ۽ هو يڪدم مونسان هلڻ لاءِ راضي ٿي اٿيو پر ٻاهر نڪري اڌ وراندي وٽ بيهي چوڻ لڳو "يار آئون نہ ٿو هلان تون وڃين تہ ڀلي وڃ "آئون سمجهي ويس تہ هو پيرڊ گسائڻ نہ ٿو چاهي سو سمجهايو مانس تہ سبجيڪٽ ٽيچر تہ آهي ئي ڪونہ. ان ڪري جهڙو ڪلاس ۾ تهڙو هاسٽل ۾."

"دراصل ڳالهہ گُسائڻ جي ناهي." اشفاق بيگ مونکي لاجڪ سمجهايو. "ڳالهہ اصول جي آهي. پاڻ اڄ جيڪر ڪلاس ڇڏي ڀڄي هلنداسين تہ پوءِ عادت ٿي ويندي ۽ هر وقت ڀڄڻ لاءِ وجهہ ڳوليندا وتنداسين." اهو چئي هو واپس ڪلاس روم ڏانهن موٽي ويو ۽ مجبور ٿي مون کي بہ موٽڻو پيو.

سو مرزا اشفاق بيگ جي ڪيترين ئي ڳالهين جو آئون بہ شاهد آهيان. هن ڪڏهن ڪنهن سان جهيڙو نہ ڪيو. گار نہ ڏني. ڪوڙ نہ ڳالهايو ۽ گلا نہ ڪئي. هر وقت وڙهندڙن ۾ رنلن کي پرچائيندو رهندو هو. غلطي جو احساس ٿيڻ تي يڪدم اعتراف ڪندو هو. ۽ ٻئي کان معافي وٺڻ ۾ دير نہ ڪندو هو. ٻئي جي تعريف ۾ بخيليءَ کان ڪم نہ ورتائين. بيمار ۽ ضرورت مند ڪلاسين توڙي غير ڪلاسين جو ڏاڍو خيال ڪندو هو ۽ اها عادت هن ۾ اڄا تائين اوتري ئي آهي، جو هر وقت ماڻهن جا ڪم ڪندو وتي ٿو. اشفاق جا بہ شوق هئا، جيڪي هن وقت تائين هلندا اچن ٿا. هڪ باغباني ۽ ٻيو ڪتاب پڙهڻ. ماڻهو ذوالفقار علي ڀٽي جي مطالعي جو ٻڌي تعجب ڪائين ٿا . تہ ايڏي مشغول ماڻهوءَ ايترو ڪيئن ٿي پڙهيو. پر آئون ڪجهہ ماڻهو سڃاڻان جن کي ننڍي هوندي کان ڏسندو اچان تہ هو ان ليول تائين لڳا تار پڙهندا اچن. انهن مان ڪجهہ تہ منهنجا ڪلاس ميٽ (اشفاق سوڌو) خالد مخدوم،عالم هاليپوٽو رفيع ڪاچيلو آهن. جيڪي اسڪول جي ڏينهن کان ڪتابن جا ڪيڙا سمجهيا وڃن ٿا. ۽ هنن هڪ هڪ ڪتاب نہ، پر هڪ هڪ ليکڪ (Auttor) ڪري پورا ڪيا آهن. اسان ۾ ڪتابن پڙهڻ جو شوق پيدا ڪرڻ ۾ ان وقت جي انگلش ٽيچر خادم حسين جو پڻ هٿ هو جيڪو پوءِ فيڊرل حڪومت ۾ ايجوڪيشن جو ائڊيشنل سيڪريٽري ٿيو. هو پاڻ بہ ڪتابن پڙهڻ جو شوقين هو ۽ هر هفتي پڙهيل ڪتابن تي ڪلاس روم ۾ تبصرو ڪندو هو. سندس هڪ خاص جملو هوندو هو. ڪنهن ڪتاب جي تعريف ڪري چوندو هو. "اڄ ٿي اهو

پڙهو ان جي پڙهڻ بنا سمجهو تہ توهان جو هن دنيا ۾ رهڻ اجايو آهي.“ اشفاق بيگ لئبرري جي ڪتابن سان گڏ پنهنجي ڪورس جي ڪتابن ۾ بہ پڙ هو. پاڻ انٽر ۾، سنڌ جي بورڊ جي امتحانن ۾ ٻيو نمبر آيو. (پهريون نمبر بہ اسان جو ڪلاسي_لاڙڪاڻي جو اختر علي عباسي آيو هو.) اشفاق انٽر ڪرڻ بعد مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتي. هن کي مڪينيڪل انجنيئر ٿيڻ جو شوق هو پر پوءِ ڇهہ مهينا اتي پڙهڻ بعد هن کي اتان نڪرڻو پيو. مون ڪانئس جامشورو ڇڏي منهوڙي (پاڪستاني نيول اڪيڊمي) ۾ داخلا وٺڻ جو سبب پڇيو تہ هن وراڻيو هو:

”الطاف توکي تہ منهنجي حال جي خبر آهي. ڇڪي تاڻي مائٽن انٽر تائين پڙهايو اها بہ اسان جي غريب ڪٽنب لاءِ وڏي ڳالهہ آهي. پائر بہ غريب ۽ ٻچڙيوال اٿم. مهراڻ يونيورسٽيءَ جي پڙهائي، رهائش ۽ کاڌي پيتي جو خرچ ڏيڻ هنن جي وس جي ڳالهہ ناهي. ان ڪري مونکي هيڏانهن نيويءَ ۾ اچڻو پيو آهي.“

اشفاق بيگ جهڙو ذهين شاگرد جتي بہ وڃي ان اداري لاءِ Asset آهي. هن مئي 1964ع ۾ نيوي join ڪئي ۽ نيوي طرفان مڪينيڪل انجنيئرنگ ۾ B.E ڪيائين. پاڪستان نيوي جي جهازن: بابر، خيبر، جهانگير ۽ ڍاڪا تي ساموندي زندگي گذاري. ڪناري جي نوڪرين ۾ هو پاڪستان نيول انجنيئرنگ ڪاليج ۾ رهيو ڪويت ۾ ٽي سال ڊيپوٽيشن تي اتي جي نيوي وارن سان ڪم ڪيائين. اسلام آباد نيول هيڊ ڪوارٽر ۾ اسٽاف آفيسر ٿي رهيو ڊاڪيارڊ ۾ جنرل مئنيجر ٿي رهيو ۽ ٽي سال PNSC ۾ ڊائريڪٽر Ship Management جي عهدي تي ڪم ڪيائين. اشفاق بيگ جي شادي 1972ع ۾ اسان جي هڪ ٻئي ڪلاس ميٽ عظمت ڪيانيءَ جي ڀيڻ تسنيم سان ٿي. تسنيم شروع کان گرامر اسڪول ۾ پڙهائيندي اچي، کين بہ ڏيون عنبرين ۽ سبين آهن، جيڪي MBA ڪري رهيون آهن. ۽ هڪ پٽ ارسلان اٿن، ارسلان پڻ اسان جي پراڻي ڪاليج، ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو مان پڙهيو آهي. انٽر بعد هو نيول اڪيڊميءَ لاءِ چونڊيو ويو. جتي جي ساليانی امتحانن ۾ مٿانهون نمبر اچڻ ڪري کيس پنجن سالن لاءِ ترڪيءَ ۾ نيوي جا ڪجهہ خاص ڪورس ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو آهي. ڪموڊور اشفاق بيگ جي ڄم جي تاريخ 26 جون

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

1944ع آهي ۽ هو اڄڪلهه NHQ ۾ ڊائريڪٽر انسپيڪشن ائنڊ ٽيڪنيڪل ڊولپمينٽ آهي.

**الطاف شيخ**

جنوري 1998

ڪراچي

## مهاڳ

جنوريءَ جو مهينو هو. نيٺ ڀهراڙيءَ جي هڪ ڳوٺ ۾ باهه جي مچ جي چوڌاري سٽيل پلال جي ڪُوئنري پاٿاريءَ تي تڏو پيل هو ۽ مٿان رليون وڇايل هيون. ويهارو کن ماڻهو ڪچهريءَ ۾ ويٺا هئا. ست اٺ پڙهيل لکيل (ڪجهه اکر سڃاڻڻ وارا ته ڪجهه وڏيڪ سلجهيل ۽ ڳچ پڙهيل) باقي اڻ پڙهيل هئا. پر انهن مان ڪي ته ڏاهپ ۽ سرت ۾ پڙهيلن کي دعويٰ سان "اکر پڙهي اپاڳيا، قاضي ٿئين ڪئاءِ" چوڻ وارا جوان به موجود هئا. سياري جو ڀهراڙيءَ ۾ لانڍيءَ هيٺان ٻريل مچ تي جيڪو به ڪڏهن قسمت سانگي ڪنهن ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيو هوندو. ته فقط اهو ئي ڪچهريءَ جي ڪوڏين جي قربن، ڏاهپ جي گفتن، وندر ورونهن جي ٻولن سوچ ۽ سرن جي دليلن ٻيتن، ڏوهيڙن ۽ ڳجهارتن جي ڳولڻ ۽ ڳجهارت يا ڏور جي ڀڃڻ تي داد ڏيندڙن جي واه واه مان لطف اندوز ٿيو هوندو. هڪ اهڙي ئي ڪچهري ۾ يارن دوستن سان چار چؤنڪ ڳالهين جا پئي هليا. اوپاريون لهواريون ڳالهيون، پانت پانت جا موضوع، ڳالهه مان ڳالهه، ڪڏهن هالاڪو ۽ هٽلر بحث هيٺ آيا ته وري وارو آيو ڪرنل قذافي جو ۽ محمد علي ڪِلي جي واڪاڻ جو. محمد علي ڪِلي جي بهادريءَ جو شايد ڪرشمو هو يا سندس بدبختي هئي جو فوراً ڳالهه اچي پئي ڌاڙيلن ۾. روزانو اغوا جي وارداتن، ڏينهن ڏٺي جو قتل، رهزني، ڌاڙن ۽ ڦرن تي ڪافي گرما گرم بحث ٿيو. اها ئي گهڙي جو ٿوري دير بعد ڳالهه ئي ٻي.

هاڻي بحث سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ تي شروع ٿي ويو تان جو معاملو "پنج ند" پار ڪري وڃي ڪالاباغ ڊيم تي پهتو. جڏهن يارن کي ڊيم جي ٻاڙي موضوع مان مزو نه آيو ته هاڻي ڪاهي پيا دنيا جي وڏن شهرن ۾. لنڊن، نيو يارڪ، پئرس، هانگ ڪانگ، لاس اينجلس، شڪاگو سنگاپور وغيره. هڪ شخص چيو "اڄ ڪلهه جي تيز رفتاريءَ جي دور ۾ ساڳئيءَ ڏينهن تي ماڻهو وڃيو لنڊن، پئرس يا ڪنهن به ڏورانهين هنڌ وڃيو نڪري ۽ خبر تڏهن پئي جو ٻئي ٽئين ڏينهن ساڳيو ماڻهو ولايت کان پنهنجي ماڳ موٽيو اچي. جڏهن سڄي دنيا ذري گهٽ پاڻ ۾ ڳنڍجي وئي آهي ته پوءِ اڄ ڪلهه سفر نامن لکڻ جي آخر ڪهڙي ضرورت آهي. سفر ناما ته تڏهن ڪارگر هئا جڏهن ملڪن جي وچ ۾ مفاصلا اڻ ڪٽ نظر ايندا هئا. ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آمدرفت جا ذريعا ايترا وسيع ۽ تيز نہ هئا.“

ڪچهريءَ ۾ وينل هڪ همراهہ اعتراض ڪندڙ ڪان پڇيو: ”پڌاءِ تون ۾ مان ڪهڙي ولايت ڪان ٿي آيا آهيون. يا دوستن جي اجوڪي هن ميڙ ۾ هڪ ڄڻي ڪان سواءِ پڌاءِ تہ اسان مان ڪيترا اهڙا آهن جيڪي ٻاهرين دنيا جو سير ڪري آيا آهن.؟ هزارن ماڻهن مان هيڪڙ ٻيڪڙ ڪو خوش نصيب اهڙو تو نڪري جيڪو فارين وڃي ٿو باقي اسان تہ ڄائي ڄم کا چاڪيءَ جي ڏاند وانگر اتي ئي پيا ڦرون. خدا ڀلو ڪري الطاف شيخ جو جيڪو گهر ويٺي اسان کي ملڪن جا سير ٿو ڪرائي. دلچسپ ۽ عجيب و غريب معلومات ويٺو ڏئي ۽ اسان جي دل ويٺو وندرائي.“

اسان جو هڪ دوست جيڪو تازو جاپان مان ٿي آيو هو ۽ ڪچهريءَ ۾ موجود هو تنهن فوراً وراڻيو: ”يارو! سفر نامن لکڻ جي جيتري هاڻوڪي دور ۾ ضرورت آهي، اوتري شايد اڳ ڪڏهن بہ نہ هئي.جاپان جي سڄي شهر ۾ منهنجي جيتري رهنمائي الطاف شيخ جي سفر نامن ڪئي اوتري اتان جا فقط گائيڊ ئي ڪري رهيا هئا. نہ تہ مان الطاف شيخ جي سفر نامن جي غير موجودگيءَ ۾ شايد انهن سيني جاين جڳهين تي نہ پهچي سگهان ها جتان هاڻي چڪر هڻي آيس.

ٽوڪيو يا جاپان جي مکيہ هنڌن (Tourist Attraction Spot) جن جو ذڪر الطاف جي سفر نامن ۾ ڏنل هو اتي ويس ۽ اتفاق سان ئي سي ماڳ مڪان وڌيڪ مشهور ۽ معروف هئا. جو جاپاني گائيڊس بہ. ٿوري ڦير گهير کان سواءِ ساڳين ئي هنڌن گهمڻ جو مشهورو ڏنو هو.“

هڪ نوجوان جيڪو چڱو خاصو پڙهيل ٿي لڳو تنهن تهہ پهہ اعتراض ڪيو ”گذري ويا الطاف شيخ جي سفر نامن لکڻ جا ڏينهن. هاڻي رڳو ٽڙ ٽڪڙ ۾ سفر جي ڊائري لکڻ تي گذارو ڪيون ويٺو آهي. پيو تہ ٺهيو پر ساڳين ساڳين شهرن ۽ ملڪن جي باري ۾ الطاف وري وري ويٺو لکي. ائين هو اڄڪلهہ پڙهندڙن ۽ سندس سفرنامن جي خريدارن سان انصاف نہ پيو ڪري“ اجرڪ جي ڪانپ ڪڍيون هڪ ڪرڙوڊ جاننو جوان جيڪو هن وقت تائين چپ چاپ ويٺو هو تنهن پنهنجا چپ چوريا:

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”يار ٽڏو ٿيءُ. ساڳين ملڪن جي باري ۾ ساڳيون ڳالهيون ٿورُوئي لکيون هوندائين ۽ مهينا ٿيا مان ۾ جڙيل رڳو ڪراچيءَ جو چڪر هڻي آيا آهيون ته جيڪي ڳالهيون ڪراچيءَ جي باري ۾ دوستن کي مون ٻڌايون آهن ته جڙيو وري نيون ڳالهيون پيو ڪري. مون سوچيو ياربلي! گهميا سون ته گڏ ٿي پر هر ڪنهن جي نظر جدا جدا نظارا پئي ڪيا. پيو ته ٺهيو پر پاڻيءَ جي واري تي جڏهن گهران نڪرندو آهيان ته ساڳين ئي رستن تان لنگهندي ڪڏهن لنڊيون پيو لتاڙيندو آهيان. ڪڏهن ڪاريهر ڪر ڪنيون مرحبا پيا ڪندا آهن. ته ڪڏهن وري ڪُپرن سان ٻه ڪيڪر ٿي ويندي آهي. ڪڏهن وري قسمت سانگي ساڳين ئي رستن تي پياري پرينءَ سان ٻه ملاقات ٿي ويندي آهي. رستو ساڳيو پر روز نوان نوان لقاءَ پيو ڏسندو آهيان. الطاف صاحب ته ملڪان ملڪ پيو گهمي ۽ نوان تَڙَ پيو اورانگهي. منهنجو پٽ مونکي الطاف شيخ جا سفر ناما پڙهي ٻڌائيندو آهي _جس هجي سنڌڙيءَ جي انهيءَ سيلانيءَ کي جيڪو اسان کي گهر ويٺي پيو پرڏيهه جا شهر گهمائي. ملڪن ۾ پانت پانت جي ماڻهن جا ڏس ڏئي ته ڪيئن ٿا رهن. ڪائن پيئن ۽ زندگي گذارين. آخر ته ليکڪ جڏهن به وڏن شهرن ۾ ويندو ته هر دفعي نيون ڳالهيون ڏسندو نوان نّظارا ڪندو نون ماڻهن سان ملندو ۽ نت نوان تجربا پرائيندو.“

سياري جي انگهندڙ رات جي اڌ رات لڙي چڪي هئي. سيءَ به هاڻي زور اچي پريو. مچ ۾ ڪاٺيون سوريندڙ به وجي سوڙ پيڙو ٿيو هو ڪچهريءَ مان ماڻهو هيڪڙ ٻيڪڙ ٿي اٿندا ويا ۽ اسان ”جيئي الطاف“ جو نعرو لڳائي وڃي بستري داخل ٿيا سين. ننڊ ته ڄڻ سيرانديءَ ڪان ئي ستي پئي هئي،سمهڻ شرط وڪوڙي وئي.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته الطاف سفر نامن جو سرواڻ آهي. ڪيس سنڌ جو سند باد، ابن _ بطوطه ۽ مارڪو پولو چئجي ته ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ڇو ته ڪيس گهمڻ ڦرڻ دنيا کي ڏسڻ ۽ عام محاوري ۾ ست سمنڊ اورانگهڻ جو جيڪو موقعو مليو آهي ته ان کي هن ضايع ٿيڻ نه ڏنو آهي.پر انهن پنڌن ۾ ڏورانهن ڏيهن ۾ جيڪو ڪجهه ڏٺو وائٺو پسيو ۽ پرجهيو اٿائين ان مان نه رڳو پاڻ گهڻو ڪجهه پرايو اٿس پر پنهنجن تجربن جو نچوڙ سفر نامن جي صورت ۾ سنڌ واسين آڏو رکيو اٿائين ته اوهان به پڙهو ۽ پرايو. جتي به وڃي ٿو پنهنجن اکين کان ڏسڻ جو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پوروڪم وٺي ٿو. سندس نظرون هيڏي هوڏي، جاڏي ڪاڏي، چؤطرف ۽ چوڌار هر ڏسڻ جهڙي شيءِ کي فوڪس ۾ آڻي سندس ذهن جي پردي تي پنهنجون تصويرون ٺاهينديون رهن ٿيون.

فرست جي گهڙين ۾ الطاف قلم کڻي، سندس ذهن جي ڪئنوس تي چٽيل منظرن جي اهڙي تي هو بهو عڪاسي ٿو ڪري جو جڻ پڙهندڙ کي پاڻ سان گڏ ڪڻي پيو گهمي ڦري. ڪيترن ماڻهن جي برعڪس هو اکين هوندي، پنهنجون اکيون ٻوٽي نه ٿو هلي پر سدائين پنهنجيون اکيون ڪليل ٿو رکي. اکين سان فقط نهاري ڪونه ٿو پر مشاهدو ٿو ماڻي.سندس مشاهدي جي قوت (Power of Observation) تمام وسيع نظريي واري آهي. لاڪيڻي لطيف، ماڻهن جي ظاهري ڪنن، جيڪي هر ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏين ٿا، جي باري ۾ چيو آهي:

هي ڪَنَ ڳاڏا وڪڻي، ڪن ٻيا ڳنهيج،
تنين ساڻ سٽيج، سپريان جي ڳالهڙي.

الطاف ڀٽائي بادشاهه جي ان بيت تي عمل ڪندي، پنهنجن اکين کان سرسري ۽ سطحي ڪم نه ٿو وٺي، پر هر شيءِ کي اندر جي اک سان پوري طرح جاچي جوچي وٺي ٿو. ساڳي وقت هو پنهنجي ديس جي محبت کان سواءِ هو پنهنجي بيان کي اڻ پورو ۽ اڌورو ٿو سمجهي تنهن ڪري جڳهه جڳهه تي پرديس ۾ مختلف هنڌن ۽ ماڳن جون تشبيهون ۽ مثال اچيو سنڌ جي شهرن ڳوٺن ۽ واهڻن سان ملائي ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ لاءِ اڪيرجي اظهار سان جڻ پنهنجي سڪ جو پورائو پيو ڪري. سندس هر سفرنامي ۾ اهڙيون تشبيهون اڪيچارون موجود آهن. موجوده سفر نامي "سنگاپور ونيدي ونيدي" ۾ هڪ اڌ تشبيهون ڪجهه هن طرح ڏنيون اٿائين:

اسان جي شهر _ملاڪان کان، سنگاپور ايترو پري آهي جيترو موري کان ڪراچي ۽ سنگاپور کان ڪوالا لمپور ايترو پري آهي جيترو ڪراچيءَ کان سکر" يا "سچي ملائيشيا جي ماڻهن لاءِ سنگاپور گهمڻ ائين آهي جيئن ڪوٽڙي، ڄام شورو ۽ پيٽارو جي ماڻهن لاءِ حيدرآباد"

الطاف ڳالهين ڳالهين ۾ وندرائڻ جو ته ماهر آهي ئي آهي."سنگاپور ونيدي ونيدي" هر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ماڻهو ان تجسس ۾ انتظار ۾ هوندو تہ الطاف سنگاپور ۾ پهچندو بہ سهي يا ڪين راهہ ۾ رولي ڇڏيندو. اڃا تہ روانو ڪٿي ٿيو آهي. بس هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهين ۾ اهڙو تہ پيو وندرائي جو دل پئي چئي تہ پلي في الحال پنهنجي بيان کي جاري رکي. ملائيشيا کان سنگاپور ويندي ويندي وري ٿورڙي ئي پنڌتي پاڻ سان گڏ اسان کي بہ بيهاري ڇڏي ٿو. ٿورو انتظار ۾ بي چيني وڌي ٿي تہ سنگاپور جو سير الائي ڪهڙي وقت ڪرائيندو تہ اوچتو اسان جي ملاقات سريمبان جي اسٽيشن ماسٽر رينگا سان ڪرائي ٿو جيڪو هندستان جو تامل هندو آهي. ڳالهين ڳالهين ۾ مسٽر رينگا پنهنجي سڄي رام ڪهاڻي ٻڌائي ٿو جيڪا پڙهندڙ لاءِ ڪافي دلچسپيءَ جو باعث بڻجي ٿي ۽ سنگاپور پهچڻ جي اڻ تڻ ۾ آنڌ مانڌ عارضي طور جهڪي ٿي وڃي ٿي . اڳتي هلي وري ”ناني ڪي دوڪان“ جو ذڪر ڪري ٿو جيڪو پڙهندڙ لاءِ بيحد دلچسپ ۽ معلوماتي آهي. اهڙيءَ طرح سنگاپور ويندي ويندي، رستي تي قسطين ۾ ساهيون پٽيندي ۽ فلئش بئڪ ۾ ڪي مزيدار ڳالهيون ۽ دلچسپ واقعا ۽ قصا ٻڌائيندا تہ الطاف پنهنجي پڙهندڙ سميت سنگاپور پهچي ويو آهي. جتي پاڻ بہ گهميو ڦريو آهي ۽ پنهنجي سفرنامي جي ساٿين کي بہ ڪافي معلومات ڏني اٿائين. سنگاپور جي تاريخ، جاگرافي،ثقافت، صفائي سٿرائي، تعليم، صحت، ماڻهن جون ريتون رسمون، اٿڻي ويهڻي، انهن جون دلچسپيون، مطلب تہ هر لحاظ کان ۽ هر زاويي کان سنگاپور جي باري ۾ ٻڌايو اٿائين _ڪتاب ۾ جڳهہ جڳهہ تي مکيہ جاين ۽ هنڌن جا اسڪيچ ڏئي پنهنجي بيان جو ڄڻ ”تصويري خبر نامو“ پيش ڪيو اٿس.

سنگاپور جو پيپلس پارڪ هجي يا رئفلس اسڪوائر، سينٽوساپيٽ هجي يا ان جو ڦوهارو (Musical Fountain) جنهن جي ذڪر ڪرڻ سان ليک کي ڪراچيءَ جو رنگ بہ رنگي ڦوهارو ياد ٿو اچي. جيڪو ميٽرو پول هوٽل يا ريڪس سئنيما (جا اڄ ڪلهہ هاشو آڊيٽوريم آهي.) جي پر واري چونڪ ۾ لڳل هو. جنهن مان ميوزڪ ۽ پاڻيءَ سان گڏ مختلف رنگن جي روشني پڻ نڪرندي رهندي هئي. ڪراچيءَ واري ڦوهاري جي ماضيءَ جي سونهن، رنگ ۽ رونق ڄڻ الطاف جا چاڪ چڪايو وجهي.

سنگاپور جو زولاجيڪل گارڊن هجي يا مانگر مڇن جو فارم، چيني ۽ جاپاني باغيچا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هجن يا پکين جو پارڪ، مونوريل جو ذڪر هجي يا ڪئبل ڪار جو تذڪرو يا وري ملائيشيا کان سنگاپور ويندي بارڊر جي آخري شهر جوهور بارو ۾ سنگاپور ۾ داخل ٿيڻ شرط ”وڊلئنڊس“ جي باري ۾ الطاف جو تفصيلي ذڪر نہ رڳو مانائتو آهي پر ڪافي معلوماتي پڻ آهي.وڊلئنڊس (سنگاپور) ۾ هڪ خوبصورت مسجد جو تذڪرو بہ ڏاڍي دلچسپ انداز ۾ ڪري ٿو تہ هر جمعي تي ڪيئن نہ ملائيشيا جا ماڻهو هڪ تير سان ٻہ شڪار ڪن ٿا. يعني وڊلئنڊس جي مسجد ۾ نماز بہ پڙهن تہ ساڳئي وقت خريداري بہ ڪري وٺن، عبادت ۽ خريداري ٻئي گڏوگڏ.

سنگاپور جو دلچسپ احوال پڙهي هڪ پيرو ٻيهر پاڻ کي سنگاپور جو سير ڪندي محسوس ڪيم، جتي 1980ع ۾ ڪوالا لمپور (ملائيشيا) ۾ ”ايشيا-پئسفڪ انسٽيٽيوٽ فار براڊڪاسٽنگ ائنڊ ڊولپمينٽ“ (A.I.B.D) ۾ ٽرئننگ دوران فقط ٻن ڏينهن لاءِ سنگاپور ويو هوس ۽ پنهنجي سفرنامي ”پرين جي پرديس“ ۾ تمام مختصر احوال ڏنو اٿم ڇو تہ فقط ٻہ ڏينهن قسم کڻڻ لاءِ تہ صحيح آهن تہ ”سنگاپور ڏسي آيو آهيان“ پر گهمڻ ڦرڻ ۽ اطمينان سان سنگاپور کي ڏسڻ وائسڻ لاءِ نهايت ناڪافي ۽ اڻ پورا آهن.

ٻين احوالن سان گڏ الطاف جيڪو سنگاپور جي ڪسٽم وارن جو احوال لکيو آهي اهو بہ واهہ جو دل سان لڳو. مون تہ سنگاپور جي ڪسٽم وارن جو احوال ”شل ڪو ڳڙو پئين“ جي عنوان سان لکيو هو. سنگاپور جي هرشيءِ سٺي پر اتان جا ڪسٽم وارا نہ رڳو راشي آهن پر ساڳئي وقت غير مذهب پڻ آهن جيڪي هر ڇڳي مٺي سان ساڳيو غير شريفاڻو سلوڪ ڪن ٿا ۽ سختيءَ سان پيش اچن ٿا.

الطاف کان جيڪڏهن ڪا شڪايت آهي تہ اها تہ سفر دوران پنهنجي اندر جو حال اورنيدي جڏهن ڪنهن ٿيٽر، نائيٽ ڪلب، ڊسڪو ٿيڪ يا ڪنهن ڇوڪريءَ جو ذڪر ٿو ڪري تہ اتي الطاف، گوهي ڪائي، ڪسڪي اسان کان وڃائجي ٿو وڃي.

پڙهندڙ پريشان تہ الطاف تہ هاڻي هاڻي اسان سان گڏ هو ويو ڪيڏانهن، پر مجال آ جو هو ڳوليو بہ لڀي. هاڻي اهو ڪو ٻيو ماڻهو آهي جيڪو الطاف جي اوٽ ۾ اسان سان مخاطب آهي. ۽ فقط ايتري دير تائين اسان سان گڏ رهي ٿو جيتري دير نائيٽ ڪلب، ڊسڪوٿيڪ يا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

چوڪريءَ جو ذڪر پورو ٿئي . تيستائين الطاف يا تہ ڪنهن مندر ۾ پوڄا پاٺ ڪرڻ ويو آهي يا مسجد ۾ نماز نيتي ٿي بيهي رهيو آهي. اهڙن موقعن تي جيڪڏهن اسان سان مخاطب ٿئي بہ ٿو تہ بيحد محتاط. ٿي ڪري اڻ چٽو ابهم ۽ ڍبيل ڍبيل انداز ۾ منهنجي خيال ۾ ڪيترا واقعا، حادثا، ۽ منظر هر حساس ليکڪ اُهي بيان ڪندو آهي جن جو پاڻ هڪ اڻٽر حصو هوندو آهي. يا جن واقعن سان هو پاڻ Identify ڪندو آهي. مون کي يقين آهي تہ الطاف بہ اهڙن ڪوڙ واقعن ۽ حادثن مان گذريو هوندو جن سندس جيءَ کي جهنجهوڙيو هوندو: ڪٿي ميلاپ ملاقاتون، ڪٿي وڇوڙي جا ورلاپ، ڪٿي هجر جا هاجا، ڪٿي پيار ۾ بي اعتداليون ۽ ان سلسلي ۾ نہ بخشجڻ جهڙيون سحوون پڻ سرزد ٿيون هونديون. پر اهڙن موقعن تي هو پنهنجي سفر نامن ۾ پڙهندڙن کان اهڙو تہ اٽڪل تي پاسيرو ٿي وڃي ٿو جو ڪائنس پڇي بہ نٿو سگهجي تہ ”يار هاڻي هاڻي تون اسان سان گڏ هئين، انتظار ۾ تجسس جي گهڙين ۾ ڪيڏانهن گسائي وئين؟“ ان وقت پڙهندڙ کي هوند لذيذ ۽ سوادي مضمون ۾ ڪجهہ ڦڪائي ۽ باڙائي محسوس ٿئي ٿي توڙي جو سندس هن ڪتاب ”سنگاپور ويندي ويندي“ ۾ ڪٿي بہ اهڙو واقعو ڪونہ لکيو اٿائين پر تنهن هوندي بہ سندس اڪثر سفرنامن ۾ مون کي اها شڪايت ضرور رهي آهي. ساڳئي وقت معصوميت ۽ اڻ محسوس ٿيندڙ طريقي سان نازڪ معاملن ۾ سندس نتائڻ، لنوائڻ ۽ اصل حقيقت کي اڻ سڌيءَ طرح بيان ڪرڻ جي ٽيڪنڪ تي کيس داد ڏيڻ کان سواءِ رهي بہ نٿو سگهجي.

الطاف جي قلم ۾ وڏي جاذبيت آهي، ڏانءُ بہ اٿس تہ ڏات بہ. واقعن کي خوبصورت طريقي سان بيان ڪرڻ جي خوب مهارت اٿس. محاورن مثالن ۽ تشبيهن جو چڱو ڪو خزانو پاڻ سان گڏ کيسي ۾ کنيون گهمندو وتي، موقعي ۽ مهل تي انهن کي فٽ ڪرڻ جي پوري صلاحيت رکي ٿو ۽ پڙهندڙ کي وندرائي ۽ ڪنٽرول ڪرڻ جي بہ کيس پوري سگهہ آهي. البت هاڻي اونو اهو اچي لڳو آهي تہ الطاف، جهاز راني (Sailing) ڇڏي ملاڪا ۾ هڪ ايئر ڪنڊيشن ڪمري ۾ وڏي ٽيبل ۽ ڪرسيءَ تي وڏو صاحب بڻجي ويهي رهيو آهي. سندس عهدو کيس ۽ اسان سڀني کي مبارڪ هجي پر سيلاني هجڻ واري ڪيفيت مان ڦري سندس هڪ هنڌ ويهڻ واري صاحب ٿيڻ مان انديشو اهو آهي تہ اڳتي هلي ڪٿي الطاف جي نون

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سفر نامن کان محروم نہ ٿيڻو پوي: پر مونکي اميد نہ پر يقين آهي تہ ائين نہ ٿيندو. سندس اندر وارو الطاف کيس ڪجھ نہ ڪجھ لکڻ تي ضرور اڪسائيندو ۽ آماده ڪندو رهندو ۽ جڏهن وجهڻ شرط پڇبو تہ ”يائو! آهي ڪو الطاف جو نئون سفرنامو؟“ تہ اسان کي اميد تہ بوڪ سيلر مايوس نہ موٽائيندو.

**عنايت بلوچ**

حيدرآباد

30 جون 1986ع

# ملائيشيا ۽ سنگاپور

ملائيشيا جوملڪ ۽ سنگاپور جو ٻيٽ ائين آهي، جيئن پاڪستان جو سڄو ملڪ ۽ منهوڙو ٻيٽ. ۽ ملائيشيا ملڪ جو جوهوربارو شهر سنگاپور سان پل (Cause Way) ذريعي ائين ڳنڍيل آهي جيئن ڪراچيءَ جو شهر منوڙي سان سمنڊ ۾ مارِيپور ذريعي ڳنڍيل آهي. سو ظاهر آهي تہ جوهوربارو شهر جي ماڻهن لاءِ سنگاپور جو شهر ائين سڏ پنڌ تي آهي. جيئن ڪياماڙي وارن لاءِ منهوڙو. ملائيشيا جا ماڻهو زري پرزي ڳالهہ لاءِ پاسپورٽ پاڻ سان کڻي اهو ملائيشيا پيا وڃن. ڪڏهن ڪڏهن سنگاپور ۾ ڪا نئين فلم چڙهندي تہ ملائيشيا جا ماڻهو (خاص ڪري جوهوربارو شهر جا) شام جو وڃي پهريون يا ٻيون شو ڏسي رات جو اچي گهر بہ نڪرندا آهن.

سنگاپور ٻيٽ ۽ ملائيشيا جي وچ ۾ فقط سمنڊ جو ٽڪرو آهي جيڪو ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ بارڊر طور ڪم اچي ٿو. ان سمنڊ جي ڪچيءَ/ ٽڪري مٿان پل ٺهيل آهي. جيڪا سنگاپور ۽ ملائيشيا کي ڳنڍي ٿي. اها پل بلڪل دادو موري پل جهڙي ۽ جيڏي ٿيندي ـ جوهوربارو شهر کان ان پل تائين بس جو ويهہ سينٽ (هڪ رپيو) ڪن ڀاڙو آهي. پل وٽ لهي اميگريشن جو فارم ڀري، پاسپورٽ تي ٺپوهڻائي، ٻئي پاسي ٻينل سنگاپور جي بس ۾ ماڻهو چڙهي پوندا آهن ـ جيڪا ان پل کان سنگاپور جي آخري پوچڙ تائين اسي سينٽ (پنج روپيا ڪن) ٿي وٺي. پوءِ پلي ماڻهو ڪٿي بہ لهي پوي وٽيس تہ بارڊر وٽ وڊلئنڊس جي علائقي ۾ لهي پوي يا اڳتي هاءِ اسٽريٽ پيپلز پارڪ، آرچرڊ روڊ يا شينٽن وي وغيره تي. يعني هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ تائين اوٽ موٽ جو ڀاڙو ڪل ٻارنهن روپيا ۽ اهڙا ڏهہ روپيا ٻيا ڪن خرچ ڪري فلم شو بہ ڏسي سهگي ٿو تہ پٽاٽا چپس وغيره کائي مانيءَ جي اڃ بہ لاهي سگهي ٿو. منهنجي خيال ۾ سنگاپور ۽ ملائيشيا جي شهر جوهورباروءَ جي رهاڪن لاءِ هڪ ٻئي جا ملڪ گهمڻ، جيترو سستو ٿو پوي اوترو وڃهہ دنيا ۾ ٻيو ڪنهن کي نہ آهي. ڪڏهن ڪڏهن

تہ اسڪول جون بسون ڀارن ڪان تي ڊالر (ويھہ ويھہ روپيا ڪن) وٺي هڪ ئي ڏينهن ۾ ٻيو ملڪ گھمائي ڦيرائي وٺي ايندييون آهن.
هتي ملائيشيا ۾ ڇنڇر اڌ ڏينهن موڪل ٿئي ۽ آچر سڄو ڏينهن جيئن پنهنجي ملڪ ۾ پهرين هو. جمعي ڏينهن وري جمعي نماز لاءِ ٻارهين بجي کان ٽين بجي تائين _ تي ڪلاڪ موڪل ٿئي. جوهورٻاروءَ جا ماڻهو تہ جمع نماز سنگاپور ۾ پڙهي شاپنگ ڪري انهن ٽن ڪلاڪن اندر موٽي ايندا آهن. ان بندوبست لاءِ سنگاپور جي سياٽي حڪومت ٻارڊر وٽ ئي هڪ وڏي مسجد ٺهرائي ڇڏي آهي. ۽ اتي ئي وڏا ڊيوٽي فري شاپنگ سينٽر پڻ تہ جيئن ملائيشيا جي ماڻهن کي بس جا وڏيڪ اسي سينٽ ڀري پري ٻہ نہ وڃڻو پوي. اتي ئي نماز جي نماز ۽ شاپنگ جي شاپنگ ٿي وڃي.
ملائيشيا جو جوهورٻارو شهر تہ ٿيو بلڪل ئي سنگاپور جي ويجهو ، پر سڄي ملائيشيا جي ماڻهن لاءِ سنگاپور گھمڻ ائين آهي جيئن ڪوٽڙي، ڄامشورو ۽ پيتارو جي ماڻهن لاءِ حيدرآباد. بس پاسپورٽ ۽ ڪجهہ ڏوڪڙ ڪيسي ۾ هجن پوءِ جنهن وقت موڊ ٿئي تہ هڪ ملڪ جا ماڻهو ٻئي ملڪ ۾ وڃيو نڪرن. ملائيشيا جي ماڻهن جي پاسپورٽ تي ٻئي ڪنهن ملڪ جو ٺپو هجي يا نہ پر سنگاپور جي ٺپن سان سڄو پاسپورٽ سٽيو پيو هوندو.
اسان جي شهر _ ملاڪا کان سنگاپور ايترو پري آهي، جيترو موري کان ڪراچي، ۽ سنگاپور کان ڪوالا لمپور ايترو پري آهي، جيترو ڪراچيءَ کان سکر. هتي جا رستا صاف سٿرا آهن. جيتوڻيڪ پاڪستان وانگر سڌا نہ آهن جو ملائيشيا سنڌو ماٿريءَ وانگر سڌو ۽ لسو ناهي، پر ٽاڪرون ۽ هيٺ مٿانهون ملڪ آهي. سو لاهيون چاڙهيون ۽ ڦيرا گھڻا آهن - جيئن ڪوهہ مري پاسي رستا آهن. پر هتي اها چڱي ڳالهہ آهي تہ هڪ تہ موسم هميشہ جهڙالي آهي تنهن ڪري گرمي يا ٿڪ محسوس نٿو ٿئي ۽ چوڌاري وڻ ٽڻ ۽ سرسبز ساوڪ هجڻ ڪري ڊرائيونگ ۾ ويتر فرحت محسوس ٿئي ٿي. ۽ ٻي ڳالهہ تہ جنهن تنهن رستي تي نشان لڳل آهن. جنهن موجب ڊرائيورن کي گاڏي حفاظت ۾ هلائڻي پوي ٿي. ملڪ ۾ پئسو جام آهي تنهن ڪري گاڏيون لاريون ٽوڙي ٽرڪون نيون آهن. ۽ سڀ هڪ ئي رفتار سان هلن ٿيون. ۽ ڪنهن ٽرڪ کي رستو نہ ڏيڻ يا آهستي آهستي گاڏين کي ذري ذري اوور ٽيڪ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪرڻ ڪري وقت نہ ٿو وجي. ان ڪري ڪوالا لمپور ڪان سنگاپورتائين جو سفر ايترو نٿو ٿڪائي. جيترو ڪراچيءَ ڪان سکر شڪارپور تائين جو.

ملاڪا جو شهر، ڪوالا لمپور ۽ سنگاپور جي وچ ۾ ائين آهي، جيئن ڪراچيءَ ۽ سکر جي وچ ۾ مورو. سو ملاڪا جا ماڻهو موڪلن ۾ ڪوالالمپور بہ وڃن تہ سنگاپور بہ. پر گهڻو سنگاپور ڏي رخُ رکندا آهن.جو سنگاپور ۾ سستي خريداري آهي. مسجدون مندر بہ آهن، ٻارن جي گهمڻ لاءِ چڙيا گهر تائيگر بام گارڊن جهڙا باغيچا بہ آهن. شاگردن لاءِ هر فيلڊ جا اسڪول ۽ ڪاليج آهن. فلمون آهن، وغيره وغيره.

## سنگاپور باءِ روڊ

ملاڪا کان سنگاپور تائين ٽئڪسيون به وڃن ته بسون به. ٽئڪسيون هتي گهڻو ڪري مرسڊيز هلن. ٽئڪسيون ۽ بسون ايئرڪنڊيشنڊ آهن. ان ڪري ماڻهو پنهنجي ڪار بدران بس يا ٽئڪسيءَ ۾ وڌيڪ سفر ڪن ٿا. ٻيو جو پاڻ سان ڪار کڻي وڃڻ معنيٰ هڪ ته پاڻ ڊرائيونگ جي تڪليف ڪرڻ ٻيو سنگاپور جهڙي ڳتيل شهر ۾ ڪار بيهارڻ (پارڪنگ) لاءِ منهن مٿو پٽڻ. سنگاپور ننڍڙو شهر هجڻ ڪري منجهس پارڪنگ جي جاءِ تمام ٿوري آهي. ۽ جي ملي به ٿي وڃي ته بيهارڻ جي في تمام ڳري آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته ائين ٿيندو آهي جو ڪنهن دڪان آفيس يا سينيما گهر ۾ وڃڻو هوندو آهي ته ان دڪان جي پرسان جڳهه ملڻ بدران ميل ڏيڍ پري جاءِ ملندي آهي. جتي ڪار بيهاري وري ساڳيو ٽئڪسي يا بس ۾ ان دڪان يا آفيس تائين اچڻو پوندو آهي. ان ڪري هن ملڪ جا ماڻهو پبلڪ ٽرانسپورٽ گهڻي استعمال ڪن ٿا. پر ان هوندي به روزانو سراسري هزار ڪن پرائيويٽ ڪاريون ملائيشيا کان سنگاپور اچن ٿيون. ملاڪا کان سنگاپور تائين ٽئڪسيءَ جو ڀاڙو ٻارنهن ڊالر (پنجهٺ کن روپيا) آهن.

اسان به پاڪستان کان جيئن ئي ملاڪا رهڻ لاءِ آيا سين ته اچڻ سان آنڌ مانڌ ٿي ته ٻهرين فرصت ۾ سنگاپور ضرور گهمڻ هلجي. جنهن جهڙي ڊيوٽي فري پورٽ لاءِ جهاز تي نوڪري ڪرڻ وارن ڏينهن ۾ پڻ هميشه آتا هوندا هئاسين. سنگا پور ۾ جهاز ٻن چئن ڪلاڪن لاءِ بيهندو هو ته به غنيمت سمجهندا هئاسين. ۽ جهاز پهچڻ کان اڳ جهيڙا شروع ٿيندا هئا. ته اندر بندرگاهه ۾ پهچي ڪير ڊيوٽي ڪندا ۽ ڪير گهمڻ ويندا — ڇو جو هڪ ئي وقت سڀ همراهه به جهاز کي ڇڏي نٿا سگهن - ۽ پوءِ جڏهن جهاز فقط چئن پنجن ڪلاڪن لاءِ ترسندو هو ته ظاهر آهي سڀ نه ويندا هئا. فقط اهي ويندا هئا، جيڪي ڊيوٽي ڪري ان وقت واندا ٿيندا هئا. پوءِ اهو چار پنج ڪلاڪ آرام وارو سمورو وقت هل هلان ۾ گذاري وري ساڻا ٿي جهاز تي اچي ڊيوٽيءَ تي چڙهندا هئا. ۽ جن کي موڪل نه هوندي هئي،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اهي بہ ذهني طرح ٿڪ محسوس ڪندا هئا. نتيجي ۾ جهاز جڏهن سنگاپور کان نڪرندو هو تہ ڪي ڪلاڪ بلڪ ايندڙ ڏينهن تائين سڀ ٿڪل هوندا هئا. پر هاڻ اسان جو هيءُ پهريون دفعو سنگاپور وڃڻ ٿي رهيو هو جنهن ۾ پنيان جهاز يا ان تي ڊيوٽي ڪرڻ جو فڪر نہ هو. جيتري دير وٽي اوتري دير دڪانن تي خريداريءَ ۾ لڳائي ٿي سگهياسين. بلڪ وقت جي ڪوت يا ڊيوٽيءَ جي ڊپ کان تڙ تڪڙ ۾ خريداري ڪرڻ بدران آرام سان سوچي سمجهي ضرورت جي شئي وٺي سگهياسين ٿي. جهاز وارن ڏينهن ۾ جي ڪنهن شيءِ جي ضرورت نہ هوندي هئي تہ بہ ونبي هئي تہ متان ان شيءِ جي ضرورت پوي يا متان اها ٻئي ملڪ مان نہ ملي. پر هن دفعي اسان جو سنگاپور وڃڻ ٻئي نموني جو هو. هن دفعي چرين وانگر هر شيءِ تي لامارو هٽي خريداري ڪرڻ بدران فقط ضرورت جي شيءِ وٺڻ جو سوچيو هئو سين. جو ڪنهن وقت بہ ضرورت پوڻ تي اچي وٺي ٿي سگهيا سين جو ويناني هتي آهيون. بلڪ ڪيتريون تہ سنگاپور واريون شيون ملائيشيا ۾ بہ ساڳئي اگهہ تي عام جام ملن ٿيو. ڪن شين تي قيمت جو فرق ضرور آهي. جو سنگاپور ۾ نہ برابر ٽئڪس آهي ۽ ملائيشيا ۾ ڪجهہ گهٽو آهي. خاص ڪري اليڪٽرڪ جي شين وي سي آر، ريڊيو ٽي وي، وغيره تي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# شاپنگ لاءِ سنگاپور

ملائيشيا ۾ نوڪريءَ خاطر اسانکي ڪجهه وقت اتي رهڻو هو سو ملائيشيا پهچڻ سان اسان گهڻو ئي سامان ملائيشيا مان ئي ورتو سين. خاص ڪري اهي شيون جن جي قيمت ۾ گهڻو ئي فرق نه هو. بس فقط وي سي آر جي قيمت ۾ گهڻو فرق هو. جيڪو ملائيشيا ۾ نَوَ هزار کن ۾ مليو ٿي ۽ سنگاپور ۾ ڇهه هزار روپيا هو. پر ملائيشيا ۾ آڻڻ وقت به هزار روپيا کن ٽئڪس ڏيڻ ڪانپوءِ فرق ۽ فائدو فقط هزار روپين جو ٿي ٿيو. پر ڪئپٽن ذوالفقار اچڻ سان چيو هو ته هو سنگاپور مان ئي وٺندو ۽ ڪانئس ٽئڪس هر گز نه وٺندا جو هو ملائيشيا جو رهاڪو نه آهي ۽ بارڊر تي ڪسٽم وارن کي ڪهڙي خبر ته اسان ملائيشيا ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي سال رهڻ لاءِ آيا آهيون. هو ڪسٽم آفيسرن کي ـــ هن جي چواڻي ٻڌائيندو ته ”لڪ سراوي آر گيسٽس اِن ملائيشيا.“ اسان ته ملائيشيا ۾ فقط ڪجهه ڏينهن لاءِ مهمان آهيون.

بحر حال اهي ته هيون اسان جي طرف جون ڳالهيون. هو ڇا چوندا ته بندي جي من ۾ هڪڙي الله جي من ۾ ٻي آصف ته اڳهين ڪيس چتاءُ ڏيندو رهيو ته هر ڪو پنهنجي ڪم ۾ قابل آهي. جيئن سرجن آپريشن ڪرڻ ۾، وڪيل ڪيس وڙهڻ ۾، تيئن ڪسٽم وارا ڊيوٽي ٽيڪس (Tax) هڻڻ ۾. اهي ڪي ڇريا نه آهن جو انهن ڳالهين تي وسوڙجي وڃن. هنن جي عمر ان ڪم ۾ گذري آهي، سو ڪجهه نه ڪجهه ان جو جواب هنن وٽ به هوندو.

۽ واقعي ٿيو به ائين. واپسيءَ تي سنگاپور کان ملائيشيا اچڻ وقت جوهوربارو ۾ سامان جي چيڪنگ تي جڏهن هنن تي سؤ ڊالر وي سي آر جي ڊيوٽي گهري ته ڪئپٽن ذوالفقار کين ريهرسل ڪيل مٿيان ڊائلاگ ٻڌايا .

ڪسٽم آفيسر اکيون چنڀيندي ڌيرج سان چيو: ”ته پوءِ ڀلا هيئن ڪريو: ٽي سؤ ڊالر ڊيوٽي نه پر گيرنٽيءَ طور جمع ڪرائي وڃو. ٽن مهينن جي اندر جي ملائيشيا مان هليا وياٿو ته پوءِ رسيد ڏيکاري پنهنجا جمع ڪرايل پئسا وٺي وڃجو پر جي ملائيشيا ۾ ئي رهي پياٿو ته اهي پئسا ڪسٽم ڊيوٽيءَ ۾ شمار ڪيا ويندا.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ذوالفقار پنهنجي وارن ۾ آڱريون ڦيريندي چيو: ”منهنجو خيال آهي تہ ڪسٽم ڊيوٽي ئي هٽو جو آئون نہ ٿو سمجهان تہ توهان جهڙن دلبر ماڻهن کي ٽن مهينن اندر ڇڏي وڃڻ تي دل چوندي.“

ابوبڪر بن هاشم (ڪسٽم آفيسر) ڪلي اسان کان نوڪريءَ ۽ رهائش جو پڇيو. ان سان گڏ ايترو سو ڪيائين جو ٽي سؤ بدران اڍائي سؤ ڊالر ڊيوٽي لڳايائين جيڪا وي سي آر لاءِ تمام گهٽ ڊيوٽي آهي. ٻئي ورتل سنهي سنهي سامان کي کولي بہ نہ ڏٺائين. جيتوڻيڪ هي پنهنجي ماڻهن سان تمام سختي ڪري رهيا هئا، پر اسان جهڙن ڌارين سان ڪافي رعايت ڪيائين جيڪي ٿورا. اسان ارادو ڪيو تہ ملئي ماڻهن جا لاهي تہ ڪونہ سگهنداسين پر ڳائينداسين ضرور.

بحر حال اهو وي سي آر ئي هو جنهن ڪئپٽن ذوالفقار ۾ سڀ کان وڌيڪ سنگاپور وڃڻ لاءِ اتساهہ پيدا ڪيو. ان کان علاوه ٻئي نمبر تي سنگاپور جون گهٽيون گهمڻ ڦرڻ هو.

جتي جهاز کي سنگاپور ۾ چند ڪلاڪن لاءِ اچڻو ٿو پوي اتي ڪڏهن ڪڏهن اهڙا موقعا پڻ هر هڪ جهازيءَ کي مليو وڃن جو سنگاپور ۾ هن جو جهاز مهينن جا مهينا ترسيو پوي. اسان جو ٻيو يار ”چيف انجنيئر آصف غيور“ بہ دفعا ڪن جهاز جي وڏين مرامتن لاءِ سنگاپور ۾ مهينو مهينو بہ رهي چڪو آهي. ان کان علاوه جنهن هڪ دفعو ايراني جهاز تي چڙهڻ لاءِ ڪراچيءَ کان فلاءِ ڪري سنگاپور آيو هو. اهو جهاز ايران ۽ عراق جي جنگ ڪري وقت تي سنگاپور ئي نہ پهتو ۽ آصف کي ان جهاز جي ڪمپنيءَ جي خرچ تي بہ مهينا سنگاپور جي هڪ هوٽل ۾ رهڻو پيو هو اهڙي نموني سان ڪئپٽن ذوالفقار پڻ ڪيترائي دفعا مهيني مهيني کان وڌيڪ سنگاپور ۾ رهي چڪو آهي. ۽ ساڳي طرح ساموندي نوڪريءَ دوران منهنجي پڻ سنگاپور ۾ ڊگهي رهائش ٿي چڪي آهي. اهڙيءَ طرح هرهڪ جهازيءَ جي سنگاپور سان ڄاڻ سڃاڻ آهي ئي آهي - چيني دڪاندارن سان تامل ۽ ملئي مسلمان هوٽل وارن سان، جهازران ڪمپنين جي آفيسن ۽ سفارتخانن سان، اسپتالن جي نرسن ۽ چيني ويٽريسن سان، عرب اسٽريٽ جي نالي ماتر مولوين ۽ ٽنگ ٻانيٽن ٻاون سان، تہ يونيورسٽيءَ جي ملياٽين ۽ ذهين ماسترياڻين سان بہ.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## سنگاپور گھڻ ـ قومو ملڪ آهي.

سنگاپور ۾ سينيمائون آهن، ڪلب آهن، بار ۽ ڊسڪوتي آهن تہ مندر ۽ مسجدون پب ۽ لئبرريون پڻ. باغ باغيچا ۽ گولف گرائونڊ آهن تہ خاموش پارڪ ۽ ڪن ڪائيندڙ جاز ۽ ترمپيٽ بڌائيندڙ پڻ. سنگاپور ۾ جاپاني ۽ يورپي کاڌا آهن تہ ملئي "مرتباڪ" ۽ "ايام" "گورينگ" جهڙا کاڌا پڻ آهن. تامل ۽ ملباري مرچن هاٽا ٻوڙ ۽ برياڻيون آهن تہ ناريل جون مٺايون ۽ اڦراٽا پڻ آهن. چيني چاؤ آهن تہ نوڊل ۽ مي پڻ ان کان علاوه مغربي کاڌا پيتا ـ مئڪڊونالڊ، ڪئنٽڪي، بگ برگر کان بيئر بارلي، ڪوڪ ۽ ملڪ شيڪ پڻ آهن. لچمڻ مير چنداڻيءَ جي دڪان جي سستي شاپنگ کان اسٽريٽ ۽ هاءِ اسٽريٽ جي ڳري شاپنگ پڻ آهي.

دنيا جا ماڻهو ڪٿان ڪٿان ٿي سنگاپور گهمڻ اچن ٿا ۽ اسان در تي هوندي بہ يعني ملائيشيا ۾ هوندي بہ سنگاپور نہ وڃون ـ بقول آصف جي "اهو ڪٿي جو انصاف چئبو." پر سندس ئي چواڻي تہ سنگاپور هلبو ضرور، پر سال جي بڌل موڪل مان ڪو بہ ڏينهن ضايع نہ ڪبو. اها پلي بچيل رهي تہ جيئن انهن ڏينهن ۾ ٿورو پرين ملڪن: ٿائليند، انڊونيشيا ڏي وڃي سگهجي. باقي سنگاپور وڃڻ جي لاءِ آچر جو ڏينهن يا ٻيا موڪلن جا ڏينهن ـ عيدون ڏياري، چينن جي عيد، نئين سال يا ڪرسمس جي موڪل وارا ڏينهن استعمال ڪبا.

ملائيشيا ۾ مهينو ڪن مس ڪو گذريو هوندو تہ هڪ ڏينهن ڪئپٽن ذوالفقار رسيس واري چانهن تي رڙ ڪري چيو: "اڙي خبر اٿَوَ ايندڙ مهيني جي پهرين جمعي تي هندن جي ڏياري آهي. ۽ هتي ڏياريءَ جي موڪل ٿيندي آهي. آچر بہ ٿي موڪل.باقي وچ وارو ڏينهن ڇنڇر موڪل وٺي هلو تہ هلون سنگاپور." سيني واه واه ڪئي.

سنگاپور ۽ ملائيشيا گهڻ قومن وارا (Multiracial) ملڪ آهن. يعني منجهن ڪيترن ئي مذهبن ۽ زبانن جا ماڻهو رهن ٿا. جيئن هتي ملائيشيا ۾ ملئي مسلمان آهن. ۽ سني فرقي جي شافعي اسڪول سان واسطو رکن ٿا. ٻئي نمبر تي چيني آهن. جيڪي ايامن کان هتي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

رهن ٿا جن جا پڙ ڏاڏا تڙ ڏاڏا چين، تائيوان، هانگ ڪانگ وغيره کان هتي آيا جيڪي ڪيترن ئي قسمن جون چيني زبانون ڳالهائين ٿا. جهڙوڪ: منڊران، ڪئنٽونيز، هئنڪو هئڪن، ٽيو چو وغيره وغيره ۽ گهڻا ڪئنفيوشس مذهب سان تعلق رکن ٿا. ڪجهه ڪرسچن ۽ مسلمان آهن ۽ ڪجهه بي دين پڻ. انڊين ۾ گهڻي ڀاڱي سائوٿ انڊين تامل ۽ سک آهن. تامل هندو به آهن ته مسلمان ۽ عيسائي به. اهي تامل زبان ڳالهائين ٿا. ڪجهه مليالم ۽ تيلگو ڳالهائين ٿا. سک پنجابي ڳالهائين، پر لکن گرمکيءَ ۾ اهي گرو نانڪ کي مڃين. ڪجهه ملبار جا ملباري مسلمان آهن. ڪجهه گجرات (هندستان) جا گجراتي آهن ۽ ڪيم چم_ مزاماچو واري زبان ڳالهائين ڪجهه سنڌي آهن، جيڪي گهڻو ڪري سڀ هندو آهن. (منجهن ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ سک به آهن) جيڪي سنڌي ڳالهائين ۽ گهڻو ڪري واپار انهن حوالي آهي. ڪجهه انهن مان نوڪرين ۾ پڻ آهن ۽ ڪجهه اسان جهڙا ويجهڙائيءَ ۾ پاڪستان کان آيل مسلمان سنڌي آهن، جيڪي نوڪريون ڪن. ڪجهه ٻيا پاڪستان جي مختلف صوبن جا مسلمان آهن. انڊين ۽ يورپ جي ماڻهن ۾ جيڪي ڪرسچن آهن سي به مختلف فرقن جا ڪرسچن آهن. جهڙوڪ: ڪئٿولڪ، پروٽيسٽنٽ، ميٿاڊسٽ، هولي فئملي، سيونٿ ڊي ايڊوينٽسٽ وغيره وغيره هر هڪ کي پنهنجا پنهنجا مندر ۽ گرجا گهر آهن. سو هتي موڪلون به مسلمانن جي ڏينهن کان علاوه هندن، ڪرسچن ۽ چينين جي ڏينهن تي پڻ ٿين. ڪجهه سال اڳ تائين ته هتي ملائيشيا ۾ پڻ سنگاپور وانگر چار زبانون: ملئي، انگلش، چيني ۽ تامل هليون ٿي، پر هاڻ سڄي ملڪ ۾ فقط هڪڙي ملئي ڀاشا (Bhasha_ Malaysia) ڪري ڇڏي اٿن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# سنگاپور ڪيئن هلجي

بحرحال ڏياريءَ جي موڪل ڪري سنگاپور جو پروگرام ناھڻ لڳا سين تہ ڪيئن هلجي. هتان ملاڪا کان ڪوالا لمپور هلي پوءِ هوائي جهاز ۾ سنگاپور هلي سگهجي ٿو پر اهو ڏگهو پنڌ ۽ خرچ ٿيندو. ان کان ملاڪا کان ٿي باءِ روڊ يا باءِ سي (سمنڊ_ملاڪا نار) رستي هلڻ سولو ۽ سستو هو. پر سيني چيو تہ پاٽيءَ جي جهاز کي چڙهي وري ان جو نالو ڪٽڻ دل ڪچي ڪرڻ آهي. باقي باءِ روڊ هلڻ لاءِ ٽيڪسي ڪجي يا بس ۾ سوار ٿجي، باقي ڪنهن بہ صورت ۾ پنهنجي ڪار ۾ هر گز نہ.

ذوالفقار اسان سيني ۾ ننڍو آهي. پر خريداريءَ ۾ ڪنهن پروگرام ناھڻ ۾ يا ڪنهن فنڪشن ڪاڄ جي بندوبست ۾ سيني کان سرس آهي. تنهن صلاح ڏني تہ صبح جو سوير جيڪر هلجي ۽ سڄو ڏينهن سنگاپور ۾ رهي شام جو موٽي اچجي. صلاح تہ سٺي هئي. اسان جي اڪيڊمي _جتي رهيل آهيون، ان کان ملاڪا شهر جو بس اسٽاپ چگهو پري آهي. پهچڻ لاءِ ڪلاڪ سوا کپي ۽ سواري پڻ _ جيڪا صبح ساڻ ملاڪا جي بس اسٽاپ تائين ڇڏي اچي. ذوالفقار چيو تہ ان جو بندو بست ٿي ويندو. هتان هڪڙيون پائريٽ Pirate _ چوريءَ جون ٽئڪسيون (يعني بنا پرمٽ ٽئڪسيءَ تي هلندڙ پرائيويٽ ڪارون) مسجد تاناح ڳوٺ تائين هلن ٿيون. اتان پوءِ ٻي قانوني ٽئڪسي ملاڪا جي بس اسٽاپ تائين ڪري سگهجي ٿي.

اسان جي اڪيڊمي ائين آهي جيئن ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۽ مالاڪا شهر ائين سمجهڻ کپي جيئن حيدر آباد جو شهر ڪئڊٽ ڪاليج پٽارو کان ۽ مسجد تاناح ائين آهي جيئن جامشورو _۽ ذري گهٽ مفاصلو بہ ايترو ئي ٿيندو. هتي جيڪي ٽئڪسيون بنا لائسنس جي هلن ٿيون، انهن کي پائريٽ ٽئڪسي سڏجي ٿو. (اهڙي طرح بنا لائسنس جي گانن سان ڀريل ڪئسٽن کي پائريٽ ڪئسٽ سڏين.)

مٿيون ٺهيل پروگرام وري ٻئي ڏينهن ڪئنسل ڪري ڇڏيوسين جو ڪنهن هتي جي

ماٺهوءَ ٻڌايو تہ ڏياريءَ جي ڪري بسن ۾ ٽئڪسين ۾ رش ٿي ٿئي ۽ اڳواٽ سيٽ رِزَروِ ڪرائڻ کپي. ۽ رزروڊ ڪرائڻ بعد وقت تي ماٺهو نہ پهتو تہ بس بہ وئي تہ سيٽ جو پاڙو بہ چٽ

نيٺ اها صلاح ڪئيسين تہ هڪ ڏينهن اڳ ۾ يعني خميس ڏينهن شام جو ئي ملاڪا جي جالان منشي عبدالله (روڊ) تي يا جالان بندر تي هلار تي ڪنهن هوٽل ۾ هلي رات رهجي، جتان بس اسٽاپ ويجهو آهي. ۽ صبح جو نند مان اٿڻ سان پيرين پنڌ بس اسٽاپ تي پهچي ويندا سين. اهڙيءَ طرح ڪلاڪ ڊيڍ بہ وقت بہ بچي پوندو پر پوءِ سگهو ئي اهو عقل اچي ويو تہ سنگاپور ۾ رات نہ ٽڪي جيڪي پئسا بچائي رهيا آهيون سي تہ ساڳيا ملاڪا جي هوٽل ۾ رهڻ سان خرچ ٿي ويندا.جي اهو خرچ ڪرڻو ئي آهي تہ پوءِ ڇو نہ سنگاپور ۾ هلي ڪنهن هوٽل ۾ رات رهجي ۽ ٻئي ڏينهن بہ سنگاپور گهمجي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# سنگاپور هلڻ لاءِ ٽئڪسي

ان بعد ڪنهن ٻئي مقامي ماڻهوءَ صلاح ڏني ته سچي ٽئڪسي ڪرڻ ڪري ٽئڪسيءَ وارو اسان کي گهران يعني (اڪيڊميءَ تان) ئي کڻي سگهي ٿو. ان لاءِ ڪيترن ئي اسان کي چيو ته جيڪڏهن چاهيو ته هو اسان لاءِ ڪنهن ٽئڪسيءَ واري کي چئي ڇڏين. پر جيئن ته اجا ڏياري (ديپاولي) جي موڪل ۾ هفتو پيو هو سو ذوالفقار چيو ته اجا ترسو متان ڪا ٻي صلاح دماغ ۾ اچي وڃي.

ٻ ٽيو به ائين. ٻئي ڏينهن آصف سان سندس ڪار ۾ ذوالفقار ۽ آئون آفيس وڃي رهيا هئا سين ته پارڪنگ ۾ آصف جي ڪار پرسان هڪ پراڻي ڪار بيٺي هئي، جيڪا ڪو همراهه خريد ڪرڻ لاءِ ڏسي رهيو هو. ونڻ لاءِ اسان کان به صلاح ورتائين ته ذوالفقار چيس: "او ويري گڊ ڪار _ اسپيشلي فار پائريٽ جاب" يعني ٽئڪسي ڪري هلائڻ لاءِ سٺي ڪار اٿئي. همراهه وراڻيو ته هن کي واقعي کپي به ان ڪم لاءِ ۽ ٻڌايائين ته پاڻ ٽئڪسي ڊرائيور آهي.

اهو ٻڌي ذوالفقار يڪدم چيس: "سنگاپور هلندين؟" اسان ڪجهه دوست ٽئڪسي ڪري هلڻ ٿا چاهيون. گهڻو ڀاڙو وٺندين؟ ٽي سؤ ڊالر اوت جا ۽ جي واپس به ايندائو ته ٽي سؤ ڊالر موٽ جا _ ڪل ڇهه سؤ ڊالر" _ يعني ساڍا ٽي هزار روپيا ڪن ٿيا.

ذوالفقار نهڪار ۾ ڪنڌ ڏوڻيندي چيس: " نه سائين اهي تمام گهڻا آهن. "محل! بوليح ڪرا نگڪان هرگا:" ( گهڻي اگهه کي ملئي زبان ۾ محل ٿا چون. ۽ هر گا معنيٰ اگهه. يعني ڪجهه اگهه گهٽائي سگهندين.

"تون ٻڌاءِ" ڊرائيور پڇيو.

"اسان پنج ڄڻا آهيون هر هڪ پندرنهن ڊالر ڏينديءِ. يعني اوت موٽ جو ڀاڙو نوي ڊالر ملنديءِ قبول اٿئي." ذوالفقار جيئن ئي ائين چيس ته مون چيو مانس ته ڀاڙو ايترو به ته گهٽ نه ڪرينس _ اهو ته بس جي ڀاڙي کان به گهٽ ٿيو. سو به ملاڪا بس اسٽاپ کان سنگاپور

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

تائين جو. يعني هتان گهر کان ملاڪا بس اسٽاپ جو ڀاڙو بہ بچت ٿيو. پر ذوالفقار مون کي اشارو ڪري چيو تہ ماٺ ڪري ويهي پاڻهي هلندو. آخر ڏهہ پندرنهن منٽن جي بحث بعد همراهہ بہ سؤ ڊالرن تي سنڌي ڪنوار واري هلڪي ڪنڌ ڌوڻ ڪري رضامندي ڏيکاري ۽ جمعي ڏينهن صبح جو ڇهين بجي اسان کي گهران کڻڻ جو وعدو ڪيائين. اسان بہ خوش ٿيا سين تہ کيپ ڪٽيسين.

جڏهن هڪ بہ ڏينهن جمعي ۾ وڃي بچيا تہ سيني کي اهو اچي فڪر ٿيو تہ هاڻ جي اهو ڊرائيور نہ ٿو اچي تہ اسان جو تہ سڄو پروگرام دربدر ٿي ويندو. مون چيومانس تہ يار ان ڊرائيور کان ويهہ پنجويهہ ڊالر کن ڊپازٽ وٺي رکون ها. جيئن دادوءَ ۾ اسٽيشن وجهڻ وارا ماڻهو ٽانگي واري کان بہ ٽِي روپيا اڳواٽ وٺي رکندا آهن. اهي پئسا ان ڳالهہ جي گيرنٽي هوندا آهن تہ ٽانگي وارو ريل اچڻ کان اڳ وقت تي توهان کي فجر کان اڳ گهران کڻي اسٽيشن تي پهچائيندو. ٻي صورت ۾ اهي پئسا ضبط. ڳالهہ تہ سيني کي وٽي پر هاڻ ڇا ٿي سگهيو ٿي، پر اتفاق سان خميس جي ڏينهن اهو ڊرائيور اسان کي ملي ويو. اسان هڪ هٽڙيءَ وٽ بيٺا هئا سين تہ ان ڊرائيور پاڻ اچي پڇيو تہ سڀاڻي هلڻ جو پروگرام تہ پڪو آهي يا نہ، اسان کان تہ دراصل سندس شڪل ئي وسري وئي هئي. سو ڀيرين تہ چيو سين تہ الائي ڪير آهي. پر پوءِ يڪدم سڃاڻي خوشي ٿي پڪ ڪرڻ لاءِ پڇيو سين صبح جو ڪيڏي مهل ايندين.

”ستين وڳي“

”اڙي بابا ستين وڳي نہ پر ڇهين وڳي“ اسان درستي ڪندي چيو. ”ڇهين ڇڱو آئون دوست کي چئي ڇڏيندس تہ ڇهين بجي توهان کي کڻي. دراصل مونکي هتي ڪم آهي سو آئون تہ نہ هلندس، پر منهنجو دوست نورالدين توهان کي وٺي هلندو. هن جي نئين ۽ وڏي گاڏي آهي. اهو سڌو سنگاپور توهان کي وٺي هلندو.“

اسان وري بہ هن کي پارت ڪئي تہ ڇهين وڳي اصل هليا هلندا سون جيئن تہ سنگاپور جلدي پهچي سگهون.

رات جو سڀ گهڙيال ٺاهي پنهنجن گهرن ۾ ستا سين ۽ پنجين بجي اٿي جلدي جلدي تيار ٿي آصف جي گهر پهتاسين. پاڻ سان سامان ڪو گهڻو نہ کنيو سين. اهو ئي سوچي تہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪپڙا خراب ٿي ويا ته هڪ ٻه وڳو جيڪو سنگاپور مان وٺندا سين ان مان ئي ڪڍي پائيندا سين. بس رڳو پاسپورٽ امئگريشن جو ڪارڊ ۽ شيونگ جو سامان ڪنيو سين.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## ڪئپٽن مڪڙي_ ماسٽرمئرينر

سنگاپور وڃڻ کان بہ ڏينهن اڳ مون اهو خيال آيو هو تہ سنگاپور ۾ رهجي ڪٿي.؟ اسان جو ڪو پراڻو ٽيچر ڪئپٽن مڪڙي سنگاپور ۾ هو ۽ تازو اسان وٽان ملائيشيا مان بہ ٿي ويو هو. ۽ اسان کي هميشہ چوندو هو تہ سنگاپور جڏهن بہ اچون تہ هن وٽ رهون. پاڻ اسان کي چٽ گانگ جي مئرين اڪيڊميءَ ۾ اڄ کان ويهہ سال اڳ پڙهايو هئائين. ان بعد ڪجهہ سال اڳ ڪراچيءَ جي مئرين اڪيڊميءَ ۾ بہ رهيو هو. پوءِ انگلنڊ ۾ "ايڪسٽرا ماسٽر مئرينر" جو ڪورس ڪري سنگاپور هليو آيو. سنگاپور وارن بہ انهن ڏينهن مئرين اڪيڊمي نموني جو هي درس گاهہ "سنگاپور پوليٽيڪنڪ" کوليو هو. منجهس مئرين جي سبجيڪٽن کان علاوه سول، مڪينيڪل، اليڪٽريڪل انجنيئرنگ جون برانچون بہ کوليائون. ۽ هاڻ تہ ڪيترين ئي ٻين ٽيڪنالاجيون شروع ڪري ڏنيون اٿن. منجهس پڙهائڻ واروا ستاپ ۽ شاگرد جتان ڪٿان اچن ٿا. خاص ڪري "آسين" ملڪن مان يعني فلپائين، انڊونيشيا، ملائيشيا وغيره کان. هو پوليٽيڪنڪ سنگاپور ۾ ڊاور روڊ (Dover Road) تي آهي. ڪئپٽن مڪڙي ان ۾ ڇهن سالن کان جهازرانيءَ جو سبجيڪٽ Navigation پڙهائي ٿو اڄ ڪلهہ پنهنجيءَ نوڪريءَ جي ٽرم جو آخري سال پورو ڪري رهيو آهي. ڪيس سنگاپور حڪومت سنگاپور جي قوميت Nationality ڏيڻ جي آڇ ڪئي پر پاڻ قبول نہ ڪيائين ۽ چاهي ڪيس پاڪستان ۾ نوڪري ملي يا نہ ملي پر هو پاڪستان ۾ رهڻ کي ترجيح ڏئي ٿو. سندس ملڪ ۽ مذهب لاءِ پيار قابلِ داد آهي. اڄ کان ويهہ سال اڳ جڏهن اسان کي پڙهائيندو هو تڏهن بہ ڏاهوڪو جوان هو. اسان کي ياد آهي تہ هوءُ ڪڏهن بہ نماز جو وقت نہ وڃائيندو هو. اڄ ويهن سالن کان پوءِ ڪافي ڪمزور لڳي ٿو. پر ڪاڏي تي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ لڳاتار ورزش ڪرڻ ڪري پنجونجاهہ سالن جي عمر ۾ بہ چڱو تندرست ۽ سمارٽ لڳي ٿو.نماز کي قائم رکڻ تي جس ڏيندي چيو مانس: "سائين توهان جي اها عادت ڏاڍي سٺي آهي جو هڪڙو بہ وقت نماز ڪڏا نٿا ڪريو. توهان واقعي عظيم آهيو."

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

بنا ڪنهن فخر جي نماٽائيءَ سان وراٽيائين: ”ان ۾ ڪا به وڏي ڳالهه نه آهي ۽ نڪو مان ٿورو ٿو ڪريان. نماز اهڙي شيءِ آهي جيڪا نبين تان به معاف نه ٿي. ۽ ان فرض جي پورائي لاءِ اسان DutyBound (پڌل) آهيون.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# پاڳ جي ڪهاڻي

ڪئپٽن مڪڙي ڪان سواءِ سنگاپور ۾ اسان جو ٻيو ويجهوسڃاڻو ڪئپٽن ظهور عالم آهي. اهو ڪئپٽن ظهور اسان جو ڪلاس ميٽ ۽ چرچائي دوست آهي پاڻ پڻ سندس گهر رهڻ لاءِ چوندو رهندو آهي. ظهور گذريل اٺن نون سالن کان سنگاپور ۾ آهي.۽ سنگاپور جي مئرين ڊپارٽمينٽ جو اڄڪلهه تمام وڏو آفيسر آهي. پاڻ بنگالي آهي پر سنگاپور جي شهريت ملڻ ڪري اڄڪلهه سنگاپوري سڏجي ٿو. سندس ڪهاڻي به پاڳ جي ڪهاڻي آهي. اسان ڪلاس ميٽن مان هن سمنڊ جون تڪليفون تمام گهٽ ڏٺيون آهن. ڪئپٽن ٿيڻ بعد ته هڪ مسافري (Vovage) به پوري نه ڪيائين ته ڪناري جي نوڪري ملي ويس. سا به اعليٰ قسم جي ۽ سنگاپور جهڙي شهر / ملڪ ۾.

ٿيو ائين جو ظهور ڍاڪا مان شادي ڪري زال سان گڏ پاڻي جي جهاز تي ڪئپٽن جي حيثيت ۾ بنگلاديش ڪان ٽوڪيو (جاپان) لاءِ نڪتو. پر سندس زال کي ايڏي ته سي - سڪنيسSea sickness ٿي جو هن لاءِ مسئلو ٿي پيو ته خراب موسم ۾ زال کي سنڀالي يا جهاز کي.جيئن تيئن ڪري خليج بنگال لتاڙي ملاڪا نار مان ٿي جهاز کي سنگاپور پهچايائين. ٽن ڏينهن ۾ منهنجو جهاز به سنگاپور ۾ بيٺل هو. پاڻ پرو گرام ٺاهيائين ته في الحال هو هي جهاز ڇڏي زال کي وٺي ڍاڪا ٿو وڃي، پوءِ جيئن قسمت ۾ هوندو. جي ساڳي ڪمپنيءَ جو جهاز ملي ويو ته جوائن Join ڪندو نه ته پوءِ ڪنهن ٻي ڪمپنيءَ ۾ اڪيلو Sail ڪندو.

ٻئي ڏينهن اسان جي جهاز سنگاپور کان لنگر کنيو ۽ هانگ ڪانگ ڏي روانو ٿي ويو. ظهور سنگاپور جي هڪ هوٽل ۾ ترسي پيو جو هو ڍاڪا "ايئر انڊيا" جي هوائي جهاز ذريعي وڃي رهيو هو جنهن جي اڏام ٻن ڏينهن بعد هئي. اسان جو جهاز هانگ ڪانگ ۾ سامان لاهي پوءِ ٻن مهينن اندر ڪوريا جاپان ۽ چين مان ڪم لاهيندو واپسيءَ تي سنگاپور مان لنگهيو. ڪنهن طرح خبر پئي ته ڪئپٽن ظهور ته اڃا سنگاپور ۾ آهي.ڏاڍو تعجب لڳو. شهر مان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هڪ هنڌان سندس مليل نمبر تي فون ڪيم. هڪ سرڪاري آفيس جو نمبر هو ظهور عالم ڳالهايو.

”ڪي خوبور ـ پالوتَو ـ“

(ڪهڙي خبر چار خوش تہ آهين نہ.) هن بنگاليءَ ۾ ڪيڪاريو.

”اڙي خوش چا. تون خبر ڪر.“ اسين آهيون جو سمنڊ تي پيا لوڙيون ۽ تون آهين جو سنگاپور ڪي ڇمايون وينو آهين. بنگلاديش اچا نہ ويو آهين.؟ وائڙو ٿي پڇيو مانس:

”نہ“ هن مختصر جواب ڏنو.

”چوپلا؟ تُمي ايدي ڪي ڪي ڪوريو.؟“ (تون هتي ڪري ڇا پيو.)

”يو ويٽ ڊيئر آءِ ايم ڪمنگ (تون اتي ترس آئون اچان پيو.“

آئون ڪلفرڊ پيئر پرسان ڪوئين ايلزبيٿ واڪ وٽ سندس بيچينيءَ سان انتظار ڪرڻ لڳس ٿوري دير بعد هو ڪار ۾ پهتو ۽ مونکي گهر وٺي آيو. رستي تي پنهنجي ڪٿا ٻڌايائين: ”جنهن هوٽل ۾ آئون اچي رهيس ان جي ڪمري ۾ هڪ هفتو ڪن پراڻي اخبار پئي هئي. جيڪا مونکان اڳ رهندڙ همراهہ ڇڏي ويو هو. ان ۾ پنهنجا بوٽ ويڙهي ٿي رکيم تہ هڪ اشتهار تي نظر پئي. جنهن موجب سنگاپور حڪومت کي هڪ مئرين ڊپارٽمينٽ لاءِ هڪ جهاز جي ڪئپٽن جي ضرورت هئي. جيڪو ڪناري تي رهي هن ڊپارٽمينٽ جو ڪم ڪري. درخواست جي آخري تاريخ اهو ئي ڏينهن هئي، ۽ ٻئي ڏينهن انٽرويو ٿيڻو هو. مون يڪدم فون ڪري چيو مانس تہ مون هاڻ هاڻ اشتهار پڙهيو آهي.اجازت ڏيو تہ آئون بہ انٽرويو تي اچان. هنن هاڪار ڪئي ۽ ٻئي ڏينهن هنن ڏهين بجي مون کي گهرايو. اتي پهچي خبر پئي تہ آئون ئي هڪ اميدوار آهيان. ڇو تہ ٻيا همراهہ يا جهازن تي هئا يا ملڪ کان ٻاهر. منهنجي بہ الله ٻڌي پڳهار تن ڏينهن وارو جيتوڻيڪ ڪو گهٽو نہ هو. پر ڪناري جي نوڪري جي ڪري هاڪار ڪئي مانِ جو منهنجون پنهنجون بہ مجبوريون هيون. پڇي ڍڪي ڊاڪا وچڻ جي ٽڪيٽ ڪئنسل ڪرايم. سنگاپور حڪومت هفتو ڪن هوٽل ۾ رکيو ان بعد ٿهيل جڙيل گهر ڏنائون. هاڻ گاڏي بہ ڏني اٿن ۽ آئون خوش آهيان.“

ٻئي ڄڻا ڏاڍو خوش ٿيا سين جو ظهور منهنجي سٺن بنگالي دوستن مان هڪ آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

بنگلاديش ۾ ننڍي هوندي گڏ پڙهيا سين. موڪلن ۾ هنن جي گهر وڃي رهندا هئا سين. سندس هڪ ڀاءُ ٽي وي ڍاڪا جو فنڪار هو ۽ ٻيو پيٽريو اخبار جو فوٽو گرافر, جن جي معرفت ڍاڪا ۾ رهندڙ ڪيترن ئي ٽي وي جي فنڪارن ۽ اخبار نويسين سان ڏيٺ ويٺ ٿي. پاڻ به مون وٽ ڪراچي ۾ ڳوٺ هالا ايندو رهندو هو_جيسين بنگلاديش ٿيو. ڪيس سنگاپور ۾ نوڪري ملڻ بعد مون لاءِ سنگاپور ائين ٿي پيو جيئن ڪراچي. جڏهن به منهنجو جهاز سنگاپور ايندو هو ته رهندو ظهور وٽ هوس . نه ته به ماني ٽڪي ضرور ڪائيندو هوس ۽ سندس ڪار منهنجي حوالي رهندي هئي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# سنگاپور ۾ رهائش جو مسئلو

منهنجي ڪري آصف ۽ ذوالفقار به هن جا سچا ٽا تي پيا.پر هن وقت سڀني جو يڪراءِ خيال هو ته جيئن هن وقت سڀ چڙها آهيون, ان ڪري ڪئپٽن مڪڙي يا ظهور وٽ رهڻ ۾ اجايو تڪليف ٿيندي. ۽ ٻيو ته گهمڻ ڦرڻ ۽ خريداري ڪرڻ جو فيصلو ٿورو تي پوندو جو ظاهر آهي جنهن جي گهر هلبو ان سان ڪچهري ته ڪرڻي پوندي نه.

”ته پوءِ پلا رات ڪٿي رهجي.“ آصف چيو.

اڙي يار ڪنهن هوٽل ۾ ڏهه پندرنهن ڊالر ڏئي رهندا سين.فڪر جي ڪهڙي ڳالهه آهي.“ ذوالفقار چيو.

”يار ڳالهيون ڪهڙي سن جون پيو ڪرين, جڏهن سنگاپور ساٺين مهاڻن جو ڳوٺ هو ؟هينئر ته جهڙي تهڙي هوٽل جي مسواڙ پنجاهه سٺ ڊالرن (ٽي چار سؤ روپين) کان گهٽ نه آهي.سو به ڪنهن هوٽل ۾ اجڪلهه خبر ناهي ڪو ڪمرو خالي ملي به يا نه. ڇو جو هڪ ته ڏياري جي ڪري ملائيشيا جا ماڻهو به موڪل ملهائڻ لاءِ سنگاپور پهچي ويا هوندا ۽ ٻيو ته هينئر يورپ ۽ آسٽريليا پاسي سرديون آهن, سو اتي جا سڀ ٽوئرسٽ هنن ڏينهن ۾ هن پاسي گهمڻ لاءِ نڪتا هوندا. ان ڪري هوٽلون پڪ پريل هونديون. جي پاڻ ڪي ڪنهن هوٽل ۾ رهڻو به آهي ته هينئر ئي اڳواٽ فون ذريعي ڪمرا رزرو ڪرائجن, ڇو جو پوءِ ائين نه ٿئي جو اتي پهچي سجو وقت خالي ڪمرا ڳولڻ لاءِ هڪ هوٽل کان ٻوڙي ٻي ڏي ٻوڙجي ۽سستائي ڪري جنهن خريداريءَ لاءِ سنگاپور وڃي پئسا بچائي رهيا آهيون, اهي پئسا ۽ وقت ٽئڪسين پنيان ئي نڪري وڃن. ٻي ڳالهه ته پنهنجي خرچ تي ٿا هلي رهون سو گهٽي مسواڙ واري هوٽل ۾ ته هرگز رهڻو ناهي.“

”پوءِ پلا چاڪجي؟“ ذوالفقار پڇيو.

جواب بدران آصف پڇيو. ”سنگاپور ۾ ڪو مئرين ڪلب ناهي جيئن هانگ ڪانگ, انگلينڊ, جاپان, يا وري ڪراچيءَ ۾ آهي. جتي جهازي گهٽ اگهه تي رهي سگهن.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ان لاءِ ڪئپٽن مخدوم ڪان معلومات وٺڻ ويا هئاسين. جنهن جو سنگاپور سان گهاٽو واسطو آهي. تنهن ٻڌايو ته بلڪل آهي.” تنجم پگار جي گيٽ نمبر چوٿين وٽ ۽ شينٽن وي جي پوڇڙ تي تمام وڏو مئرينر ڪلب Mariner Club آهي. پر ان لاءِ مهينو مهينو اڳ بڪنگ ڪرائڻي پوندي آهي. جو هڪ ته هر وقت ڪيترائي جهاز سنگاپور ايندا رهن ٿا، ۽ ٻيو ته ڪلب جا ڪمرا سستا هجڻ ڪري سيني جو منهن ايڏانهن آهي. آئون به هڪ دفعو رهي چڪو آهيان ڪمرا ۽ڊائننگ هال ايئر ڪنڊيشنڊ اٿس. ڪمري جا ٽيهه ڊالر مس ٿا وٺن. پر پاڻ سان سي مئن ڪارڊ يا جهاز واري سي. ڊي. سي ياد ڪري کڻي وڃجو جيئن توهان وٽ ثبوت هجي ته توهان جهازي آهيو.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# دادوءَ جا ٽانگا

اسان سيني کي اها ڳالهه وڻي جو اهو هنڌ شهر جي ويجهو به هو ۽ هر بس اتان لنگهي ٿي. پر ٻن ڏينهن جي نوٽيس تي اتي ڪمرا ڪيئن حاصل ڪري سگهجن. اسان جي هڪ انڊين ڪئپٽن هرداس ٻڌايو ته هن هڪ دفعي سنگاپور جي مرچنٽ نيويءَ جو ڪورسالو ڏنو هو. ان ۾ اسان واري ڪئپٽن ظهور عالم جو نالو پڻ هو ته هو ان ڪلب جو ڊائريڪٽر، ميمبر يا ڪا ٻي اهم شخصيت آهي.

آصف هڪ دم رڙ ڪري چيو ته ظهور کي فون ڪيو وڃي. جي ائين آهي ته هو اسان جي رهڻ جو بندوبست ان مئرين ڪلب ۾ ڪري.

ملائيشيا مان سنگاپور فون ڪرڻ لاءِ پهرين 02 نمبر ڊائل ڪرڻو ٿو پوي، جيئن ڪراچيءَ کان حيدرآباد لاءِ 0221 نمبر ملائبو آهي. سو 02 ملائي ظهور جي آفيس جو نمبر ملايو سين. هو آفيس ۾ ئي هو.ڪيس پنهنجو مسئلو ٻڌايو سين ته اسان کي نه ڪچهري ڪرڻي آهي نه ڪنهن سان ملڻو آهي.فقط ۽ فقط خريداري ڪرڻي اٿئون جو ٽي سال ملائيشيا ۾ رهڻ لاءِ گهر جي لاءِ ٽانوَ ٽپا، ڪپڙا گنديون ۽ ٻيو سنهو سنهو سامان وٺڻو آهي. توسان ملاقات ٻئي دفعي اچي ڪبي. هينئر اهو ٻڌاءِ ته آيا هي ڪم ٿي سگهي ٿو يا نه.جي ڪمرا ملڻ جي پڪ هجي ته اسان کي فون ڪري اطلاع ڪر جيئن سنگاپور اچڻ جو پروگرام ناهيون نه ته نه .

پاڻ ان ئي وقت وڏي اعتماد سان چيائين ته هليا اچو. سمجهو ته ڪمرا بڪ ٿيا پيا آهن.

آصف کي چيم ته جنهن اعتماد سان ڪئپٽن ظهور ها ڪئي آهي. ان مان لڳي ٿو ته هن جي واقعي ڪجهه هلندي ۽ اثر رسوخ آهي يا پاڻ کي ذليل ڪري تماشو ڏسڻ جي موڊ ۾ آهي.بحرحال في الحال اهو سمجهو ته رهائش کان ته آجا ٿيا سين ۽ پوءِ واقعي سنگاپور پهچي، رهائش جو مسئلو نه ٿيو. جو ظهور اسان لاءِ سنو بندوبست ڪري ڇڏيو هو. مسئلو جيڪو ٿيو سو هتان هلڻ مهل ٿيو جڏهن جمعي جي ڏينهن تيار ٿي ٿيلها ڳچيءَ ۾ وجهي اچي

ٽئڪسيءَ واري جو انتظار ڪرڻ لڳا سين. چوڌاري اچا اونداهه ٿي اونداهه هئي ۽ رستو سنسان هو. ساڍا ڇهه ٿي چڪا هئا پر ٽئڪسيءَ جو ڪو پتو ئي ڪو نه هو. رڪي رڪي ڪنهن گاڏي جي بتي اميد جي روشنيءَ وانگر نظر آئي ٿي، پر ويجهو اچڻ تي ڪا پرائيويٽ ڪار ٿي نڪتي.

اسان چيو هاڻ ته ڏاڍي ٿي سوير ٿي نندون به ڦٽايون سين. سنگاپور ۾ رهائش لاءِ ڪمرا به بڪ ڪراياسين، جن جي مسواڙ ٻارهين وڳي کان شروع ٿي ويندي ۽ هي ڊرائيور ڏو ڪو ڏئي ويو. واقعي هن سان داڊوءَ جي ٽانگي وارن واري پر ڪجي هان. ذوالفقار چيو ته جيئن ٿي ست ٿيندا ته هن ٽئڪسيءَ جو آسرو لاهي ٻي ڪا ٽئڪسي وٺي، پر واري شهر مسجد تاناح هليا ويندا سين. ۽ اتان سنگاپور لاءِ ڪا سواري هٿ ڪنداسين.

”اهو ته سڀ صحيح پر ان سڄي ڦير ۾ اڌ ڏينهن ته ائين ئي هليو ويندو ـ خاص ڪري هتان کان سو به هن وقت سواريءَ جو ملڻ ڏکيو ٿو لڳي. جو هن رستي تي رڳو ڊگهي گاڏيون پيون هلن. ڪابس يا پائريٽ ٽئڪسي ته نظر ئي ڪونه ٿي اچي.“

اتي هڪ پائريٽ نه پر پراڻي زماني جي پرائيويٽ ڪار اچي لنگهي ۽ منجهس ويٺل چيني ان شرط تي وٺي هلڻ لاءِ تيار ٿيو ته پر واري ڳوٺ مسجد تاناح تائين اسان کي پنج ڊالرکيس ڀاڙي طور ڏيڻا پوندا. اسان هائوڪار ڪئي ته هن رڙ ڪري چيو ته ”جلدي ويهو گاڏي جي پيهي ويئي ته ڏڪا ڏيڻا پونداوَ.“

## سنو ڪوڙ ڳالهايو اٿوَ

اسان گهٽي ئي ٽڙ تڪڙ ڪئي پر ويهندي ئي ويهندي گاڏي جي انجڻ بند ٿي وئي. ڊرائيور اڌ انگريزيءَ ۾ ۽ اڌ اشارن ۾ چيو لهي ڌڪا ڏيو. آصف چيو خواريءَ جي به حد ٿيندي آهي، اجا ويهي ساهه ئي نه پٽيو اٿئون ته ڌڪا ڏيو. هلو ته موٽي گهر هلون، خبر ناهي ڪڏهن مسجد تاناح پهچون ۽ پوءِ ملاڪا شهر. سنگاپور جي منزل ته ٿي اجا ڏور.

ذوالفقار آهستي چيو: ”صبر ۽ شڪر کان ڪم وٺجي.“ ان چوڻ سان گڏ هن ڪار مان لهي اسان جي اڳواٽي ڪئي. سڀ ڪار مان لٿاسين سواءِ چيني همراهه جي جنهن جي ڪار هئي.جهازن جو ڪئپٽن- يعني ذوالفقار ۽ چيف انجنيئر _ يعني آصف ۽ آئون ٽنهي گاڏيءَ تي هٿ رکي ڌڪا ڏنا. ذوالفقار چيو سڄي اڪيڊميءَ ۾ هفتي سوا کان پڙهو ڏنو اٿئون ته جمعي ڏينهن صبح سان اسان سنگاپور روانا ٿي ويندا سين. ڪاش! هاڻ ڪو اچي ڏسي ته اسين ڪيئن پيا سنگاپور وڃون. ذوالفقار کي چيم ته سن 1962ع ۾ آئون ائين هالا کان پٽ شاهه ويو هوس.

فرلانگ کن جڏهن مرزيل ڪار کي ڌڪيوسين تڏهن اسان جي سهڪي سان گڏ ڪار جي انجڻ جو سهڪو شروع ٿيو. اسان ٽپ ڏئي اندر ويهي رهيا سين. آصف چيو حراميءَ جي بيٽري ته ڊائون آهي. پر پلگ ۽ پئانٽ به ائين اٿس. ڊرائيور يڪدم گير بدلائي گاڏي تکي ڪئي يعني هن ڪار جي پهرين کان ٿوري رفتار وڌائي. نڪرڻ مهل جيڪا ٿوري ٿوري ڦڙ ڦڙ وسي رهي هئي سا هاڻي وڏ ڦڙي جي شڪل اختيار ڪرڻ لڳي. اسان شڪر ڪيو ته ههڙي مينهن وسڻ کان اڳ اجهي لاءِ هيءَ پڳل گاڏي ئي ملي وئي. چيني ڊرائيور پڳل سڳل انگريزيءَ ۾ پڇيو ته ڪير آهيو. اسان ٻڌايو ته جهازن جا ڏهن سالن کان به پراڻا ڪئپٽن ۽ چيف انجنيئر آهيون.

ڊرائيور اهيو ٻڌي وڏو ٽهڪ ڏنو يعني سنو ڪوڙ ڳالهايو اٿوَ. اسان کي چڙ ته ڏاڍي لڳي پر چا ٿي ڪري سگهيا سين. اڳيان مينهن جو ڏڙُ فرلانگ کان پنڌ تي پڪڙيو پيو هو. نه ته به سٺ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ستر کن مينهون هونديون.

(هتي جيئن ئي ڪار ورتيسين تہ ماڻهن چتاءُ ڏنو تہ ڪار خيال سان هلائجو جو ڏينهن جو سائيڪلن وارا تنگ ٿاڪن، تہ رات جو ڍڳيون، مينهون، مينهون بہ ڪنهن هڪ ٻن هنڌ ملن تہ بہ ٺهيو. هر ميل ٻن بعد واٽرين جو ڍڙ، مسجد تاناح ۽ ڪئالا سنگائي باروءَ جي وچ ۾، رات جو ملندو ئي ملندو. سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ اهي ڪنهن جون مينهون آهن. جي ڏينهن رات کليل آهن. اسان وٽ سنڌ پنجاب ۾ وهٽن جو آزار فقط پرهہ ڦٽيءَ ۽ سج لٿي مهل هوندو آهي. سو بہ رستو ٽپي هليون ونديون آهن. پر هتي تہ رستي جي ڪاٻي پاسي گھاٽن وڻن مان شروع ٿينديون ۽ پڪو رستو وٺي ساڄي ڪپر جي گھاٽن وڻن ۾ هليون وينديون ۽ چرڻ پرڻ بدران هڪ هنڌ ڇميل هونديون آهن. ڪنهن جي چواڻي تہ ملائيشيا ۾ ماڻهن کان وڌيڪ مينهون آهن. هونءَ بہ سندس ڪائڻ پيئڻ لاءِ گاهہ ۽ پاڻي جام ۽ جتي ڪٿي موجود آهي. سواءِ پڪي رستي جي ملائيشيا ۾ جتي ڪٿي گاهہ نظر ايندو.)

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## چتن چولين کان بچاءُ

بحر حال هونءَ تہ اها ڳالھ سَني آهي تہ هن ملڪ ۾ مال گهٽو آهي، پر ڪي ڪي مينهون اهڙيون تہ نٽر آهن ــ يا شايد موڳيون آهن جو ڪيترا بہ ڪٽي هارن ڏي پر مجال آهي جو پنهنجي جاءِ تان چرن ــ هن چينيءَ جي پڳل ڪار ۾ تہ هارن بہ ڪونہ هو. نيٺ پيو نسخو استعمال ڪرڻو پيو جيڪو اڪثر ڪرڻو پوندو آهي.يعني ڪار مان لهي مينهن کي هڪلي رستي تان لاهڻو پيو. اهو ڪم مون سر انجام ڏنو پڪي رستي تي موجود ويهارو کن مينهن کي ساڄي کاٻي ڪرڻ کان پوءِ تپ ڏئي ڪار ۾ ويهي رهيس، شڪر آهي هن دفعي ڪار نہ بيٺي. جيتوڻيڪ ڪافي وقت لڳي ويو هو مينهن هڪلڻ ۾ بوٽن تان چيڙن ڪُرچي لاهڻ ۾. ذوالفقار چيو تہ ڊرائيور وڏو لاهہ آهي پاڻ تہ لهي هڪڙو ڪم بہ نہ ٿو ڪري رڳو ڏند ڪڍيو ويٺو کلي. يا تہ ڏندن جي فٽنگ ئي اهڙِي اٿس جو هر وقت ٻاهر نڪتل ٿا نظر اچن ۽ لڳي ٿو تہ کلي پيو.

”بس يار سنگاپور گهمڻ جي شوق ۾ هي سڀ ڏوجهرا سهڻا پوندا.“

ذوالفقار ٿڌو ساهہ کڻي چيو:”هاءِ ڙي قسمت چا تہ هيءُ خواريءَ جو سنگاپور شهر وڃڻ پيو ٿئي.هن کان اڳ پنهنجي جهاز ۾ ويندي چا تہ رعب ۽ لئہ هوندي هئي. تي ڏينهن اڳ سنگاپور جي اخبار ۾ اچي ويندو هو تہ فلاڻي جو فلاڻو جهاز فلاڻي تاريخ تي ڪولمبو کان شنگهائيءَ ويندي تيل وٺڻ لاءِ سنگاپور ۾ لنگر انداز ٿيندو. ۽ پوءِ جهاز پهچڻ تي سنگاپور آفيس جو عملو مختلف ڪمن لاءِ اڳيان پويان پيو ڦرندو تہ سائين سفر ڪيئن رهيو اڳتي جي منزل لاءِ ڪجهہ کپي تہ نہ. سنگاپور ۾ ترسڻ دوران جهاز جي عملي کي ڪيترا پئسا کپن. ڪنهن کي ڊاڪٽر وٽ تہ ناهي وڃڻو پوسٽ ڪرڻ لاءِ خط تہ نہ آهن. وغيره وغيره ٽئڪسي ۽ موٽر بوٽ انتظار ۾ رهندي هئي، تيل وارا سيدو سپلاءِ ڪرڻ وارا چادرون ٽوال ڌوئڻ وارا، سگريٽ ۽ شربت پهچائڻ وارا سڀ حڪم جا ٻندا ٿيو بيناهوندا هئا ـ چاهي جهاز ڏينهن جو پهچي چاهي آڌي رات جو. پر هاڻي اهي ڏينهن ساريو اکيون آب ٿيون هارين.“ آصف چيو: ”اهو سڀ ڪجهہ صحيح آهي پر ان سڄيءَ لئہ کان هيءَ غريبيءَ جي زندگي بهتر آهي، جو گهٽ ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

گهٽ سنگاپور گهمڻ کان پوءِ واپس پنهنجي پکن ۾ ته اچي پئبو. ڏکڻ چيني سمنڊ يا هندي وڏي سمنڊ جي ڇتين ڇولين حوالي ته نه ٿبو.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# هڻ شيطان کي موچڙو

ڊرائيور پڇيو: ”توهان کي جي جوهوربارو (ملائيشيا جي بارڊر واري شهر) تائين وٺي هلان ته گهڻو ڏينداءُ؟“

”تون ٻڌاءِ گهڻو وٺندين.“ اسان پڇيس.

”ٻه سؤ ڊالر.“

”واهه ڙي چاچا واه! مرسڊيز ايئر ڪنڊيشنڊ گاڏيون وٺن سؤ ڊالر ۽ تون ٻه سؤ ڊالر اسي ڊالر قبول اٿئي.؟“ ذوالفقار چيس ۽ مون رڙ ڪري چيو مانس: چڏ يار هن ۾ ته مفت ۾ به اهو هلندو جنهن کي ڪٽيءَ کنيو هوندو. خبر ناهي ته ڪڏهن سنگاپور تائين جو پنڌ اڍائي سؤ کن ميل پورا ڪرائي. سچي وات مينهون هڪلائيندو ۽ ڌڪا ڏياريندو.“مون هڪ دفعو ري پنهنجن نون بوٽن کي ڏٺو جن کي اجا تائين پاسن کان چيٽو لڳو پيو هو ۽ جن جوتن کي منهنجن پيرن ۾ پيل ڏسي آصف غيور هلڻ وقت چيو هو ته سنگاپور پيو هلين ڪو عيد نماز تي نه.

”تورو ماٺ ته ڪر. پهرين ههڙي ڪار ملاڪا شهر ۽ ٻين وات وارن شهرن ۾ هلائيندو ڪيئن جنهن ۾ ناهي سچو هارن ۽ نه ثابت بتي.“ ذوالفقار چيو. ايتري ۾ آخر ڏهه ميل (سورهن ڪلو ميٽر) کن پنڌ جا ختم ٿيا ۽ مسجد تاناح شهر اچي ويو. جنهن جي ٽئڪسي بس اسٽاپ تي اچي لاٿائين. اسان پنج ڊالر ڏنس ته منهن ٻچڙو ڪري چيائين ته ڏهه ڊالر ڪپنم. اسان چيس ته هو پاڻ اسان کي ويهارڻ مهل ليمارنگٽ (پنج ڊالر) چيو هو هاڻ ڏهه ٿو گهرين.بس اسٽاپ تي جيڪي ٽئڪسي ڊرائيور بيٺا هئا تن به چيس ته پهرين تو مسافر پئسن تي ڪنيا چو جڏهن ته تنهنجي ڪار ٽئڪسي ناهي. آصف ۽ آئون ته اچي ڪاٺ جي بينچ تي ويهي رهيا سين. اڳيان ذوالفقار بيٺو هو تنهن سان ٽئڪسي ڊرائيور رکي رکي بحث ڪري رهيو هو. اسان ذوالفقار کي سمجهايو ته هاڻي هو ئي ضد تان لهي وڃي. ” هاڻ هڻ شيطان کي موچڙو ۽ ڏهه ڊالر ڪيري ڏينس.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ذوالفقار وراڻيو. ”شيطان کان اڳ هن کي نہ موچڙو هڻان.“ ۽ پوءِ هن ڊرائيور کي چيو: ”فرينڊ هلو تہ هلي پوليس اسٽيشن هلي فيصلو ڪريون.“

پوليس جو نالو ٻڌي همراهہ ائين وسامي ويو جڻ ڪنهن گهر جي بتين جو مئن سوچ آف ڪيو. پنج ڊالر وٺي چپڙي ڪري هليو ويو. ذوالفقار کي چيو سين تون واقعي اسان جو سٺو خزانچي آهين.

”ڏيتي ليتي جي معاملي ۾ آئيندي توهان مون کي ڊسٽرب نہ ڪيو.“ ذوالفقار اسان کي وارننگ ڏني.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# هتي جي چانهه

ڊرائيورن جي وچ ۾ هڪ ڊگهي قد جو ملئي بينوهو جيڪو سيني همراهمن جو انچارج ٿي لڳو تنهن سان ذوالفقار صلاح ڪئي ته اسان کي ڪا اهڙي ٽئڪسي وٺي ڏي جيڪا هتان سڌو سنگاپور تائين هلي. هن چيو ته هيءُ سڀ ٽئڪسيون جوهوربارو تائين هلنديون سنگاپور لاءِ ٽئڪسي وٺڻ لاءِ اسان کي ملاڪا شهر وڃڻو پوندو."پرڪجهه وقت ترسو ته آئون ڪنهن پرائيويٽ ٽئڪسيءَ واري کي وٺي ٿو اچان."

صبح جا اٺ ٿي ويا هئا ڏياريءَ ڪري سيني کي موڪل هئي سو اسڪولن، آفيسن ۽ فيڪٽرين جون بسون يا ٻارن ۽ ماڻهن جي اچ وڃ گهٽ هئي. هڪ ٻه ملبارين ۽ چينين جون هوٽلون کلي چڪيون هيون. جن مان هڪ تان ٽي گلاس چانهه جا وٺي پيئڻ لڳاسين. هتي چانهه نه کير پتي ٿئي، نه اسپيشل نه ڪڙڪ. نه سنگاپوري - هتي چانهه جو هڪ ئي نمونو ٿئي. چوٿون گلاس دٻي جي گهاٽي مٺي Condensed کير سان ڀري مٿان چانهه جي پتيءَ وارو چاٽيل پاڻي وجهي ڏيندا آهن. کيرٽڏي ۾ گهاٽي هجڻ ڪري هڪ ته چانهه ٽڏي ٿيو پوي ۽ ٻيو ته هيڪاندو کير مٺو هجڻ ڪري چانهن ايتري ته مٺي ٿيو پوي جو اسان جهڙن مناڻ ڪائڻ وارن جي ٻه ايتري مٺي چانهه پي، دل پئي ڪچي ٿيندي آهي. اها هڪ ئي نموني جي چانهه ملائيشيا جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين ساڳي هلي. جوهر کان ڪيڊاح تائين ۽ ترگانو کان سلينگر رياست تائين، نه فقط ملائيشيا ۾ پر سنگاپور ۾ پڻ ساڳي چانهه هلي.

بحرحال بيني بيني چانهه جون چسڪيون ڀرڻ لڳاسين. ايتري ۾ ڊرائيورن جو شريف انچارج اچي نڪتو ۽ اچي چوڻ لڳو ته اسان ڪنهن ٽئڪسي واري سان سنگاپور وڃڻ جو وعدو ته نه ڪيو هو. اسان جي هائو ڪار تي ٻڌايائين ته هتي جو هڪ ڊرائيور توهان کي اڪيڊميءَ ۾ ڳولڻ ويو آهي. سندس ياءُ ٻڌايو آ ته اجهو ته موٽيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## نورالدين ڊرائيور

ٿوري دير بعد هڪ همراهہ مرسڊيز ڪار ۾ آيو ۽ اچي ٻڌايائين تہ جنهن ڊرائيور کي توهان چيو هو ان مونکي موڪليو آهي. پر مونکي ڇهين جي بدران ستين جو وقت ٻڌاياڻين. ۽ مونکان ٿوري دير ٿي وئي. اسان وڌيڪ بحث ڪرڻ بنا سندس ٽئڪسيءَ ۾ چڙهي ويناسين ۽ هي ملئي ڊرائيور نورالدين نالي جلدي برانچ روڊ لتاڙي هاءِ وي تي اچي چڙهيو. جيڪو سڄو جوهور بارو تي ويو. ان وقت صبح جا ساڍا اٺ ٿيا هئا ۽ اسان جي ٽئڪسي هوا ۾ تہ نہ پر رستي تي ضرور اڏامي رهي هئي. هميشہ ڪراچيءَ کان حيدرآباد واري سنسان رستي جا عادي سو هتي، جهڙاليءَ موسم ۾ چوڏاري ساوڪ ئي ساوڪ مان لنگهندي مزو اچي رهيو هو.ڊرائيور سان خبرون ڪيون سين تہ معلوم ٿيو تہ ڊرائيور تہ بيحد دلچسپ ۽ دلبرماڻهو آهي.پاڻ ٻڌاياڻين تہ سندس پنج پٽ سنگاپور ۾ رهن ٿا. سو اڪثر انهيءَ بهاني سنگاپور ويندو رهي ٿو پاڻ بہ جوانيءَ جا ڏينهن سنگاپور ۾ گذاريا هئائين. شادي بہ سنگاپور مان ڪيائين، سندس سس ملئي مسلمان هئي ۽ سهري انڊو نيشيا کان اچي سنگاپور رهائش اختيار ڪئي هئي. پاڻ انگريزي سني ڳالهاياڻين ٿي ۽ ڪيترائي جملا اڙدوءَ ۾ پڻ ڳالهاياڻين ٿي.جيڪي هن ٻيءَ وڏيءَ جنگ ۾ ننڍي کنڊ جي سپاهين سان گڏ رهي سکيا هئا.

”اسان پڇيس نورالدين تون آرميءَ ۾ بہ هئين ڇا؟“

”نہ نہ آئون تہ شهري ماڻهو هوس. هڪ ڏينهن جاپاني فوج ڳوٺ ۾ آئي جيڪي بہ مرد هئا تن کي بندوقن جي زور تي برما وٺي هليا تہ هلي انگريزن جي فوج خلاف وڙهو.“

هو پنهنجون خبرون بہ ڪندو هليو تہ ڊرائيونگ بہ ڪندو رهيو. جوهور رياست ۾ ڪافي وقت کان گهڙي چڪا هئا سين. جو ملاڪا رياست تہ تمام ننڍي آهي ۽ جلد ئي ختم ٿي چڪي هئي. جوهور رياست اتر ۾ ملاڪا ۽ بهانگ رياست کان شروع ٿئي ٿي ۽ هيٺ ڏکڻ ۾ سنگاپور ٻيٽ سان پل ذريعي ڳنڍيل آهي. ايڏي وڏي رياست تہ نہ آهي، پر تہ بہ ملاڪا، نگيري، سيمبيلان، سيلينگر، پيرلس، ڪيڊاح ۽ پنانگ، رياستن کان وڏي آهي. پکيڙ ۾ ست

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هزار تي سؤ ڪن چورس ميل ٿيندي. سنڌ جو صوبو پڪيڙ ۾ جوهور رياست کان ستوٽو وڏو آهي.جوهور شهر جي آدم شماري سورنهن لک آهي. ۽ سنڌ جيتوٽيڪ جوهور رياست جهڙو سرسبز ناهي، پر آدمشماريءَ جي لحاظ سان جوهور جي آدمشماري ڪان تيرهن دفعا وڏيڪ آهي_ يعني اٽڪل ڪروڙ ڪن آدم آهي.

جوهور رياست جو پهريون وڏو شهر ”موئر“ ٽپڻ بعد ڊرائيور نورالدين ڪي چيو سين تہ گهران بنا نيرن پاٽيءَ جي نڪتا آهيون. مانيءَ لاءِ ڪنهن هنڌ ضرور ترسجانءِ.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# آير حطام

ملاڪا ۽ سنگاپور جي وچ تي جوهور رياست جو هڪ ٻيو وڏو شهر آير حطام نالي آهي. جنهن ڪانپوءِ سنگاپور باقي سٺ ميل. (هڪ سؤ ڪلوميٽرن )ڪن تي آهي. ( Air Hitam ) ملئي زبان جو لفظ آهي. آير معنيٰ پاڻي ۽ حطام معنيٰ ڪارو ــ ڪارو پاڻي. دراصل هتان پر ۾ جيڪو درياءُ وهي ٿو ان جي پاڻيءَ ۾ رڍ يا مٽي هجڻ ڪري ميرانجهڙو رنگ اٿس ان ڪري هن شهر جو نالو ميرانجهڙو ــ ڪارو پاڻي پيو آهي ــ شايد.

سنگاپور کان ملاڪا يا ملاڪا کان سنگاپور ويندي هر ڪو آير حطام تي ترسي ٿڪ پٽي ٿو. هن شهر جي بيهڪ ائين آهي جيئن سکرنڊ شهر جي. جتي نه فقط ڪراچي ۽ لاهور جو نيشنل هاءِ وي پاسي کان اچي ٿو. پر نواب شاهه پاسي کان پڻ اچيو رستو پوي يعني ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن وانگر جنڪشن جو ڪم ٿو ڏئي. ٻي ڳالهه ته آير حطام شهر جي بس اسٽاپ واريون هوٽلون روڊ تي ئي آهن. ۽ پارڪنگ جي به ڪافي جاءِ آهي. ان ڪري ڪو به شهر ۾ اندر وڃڻ تي وقت ضايع نه ٿو ڪري پر اتي ئي بيهي ماني ٽڪي ڪائي روانو ٿيو وڃي. جيئن پاڻ وٽ بس اسٽاپ واريون هوٽلون وڏيڪ هلن ٿيون.

ان کان علاوه آير حطام شهر واري بس اسٽاپ تي اندين، ملئي هندو ۽ مسلمانن جي سوادي کاڌن جون هوٽلون آهن ته چيني کاڌن جون پڻ. وڏي ڳالهه ته هي هوٽلون چوويهه ئي ڪلاڪ کليون پيون آهن. ان ڪري هاءِ وي تان لنگهندڙ کي ڪنهن وقت به ڪٽڪو ناهي ته آير حطام شهر ۾ هوٽل کليل هوندي يا نه. ماني چيني يا ملئي قسم جي هوندي يا نه. ڪار بيهارڻ لاءِ چڱي خاصي جاءِ هوندي يا نه.

اسان جنهن هوٽل تي اچي ڪار بيهاري ان تي انگريزيءَ ۾ Islamic Restorant لکيل هو. ان جي هيٺان لکيل هو.Selamat Detang بلڪ اهئي لفظ انگريزيءَ جا ته نه ٿا چئي سگهئون، پر ملئي ٻاشا جا ٿيا. جو ملئي به انگريزيءَ وارن اکرن اي بي سي ڊي سان لکي ويندي آهي.ملئي زبان ۾ ريسٽورنٽ کي ريسٽوران چئبو آهي. (جيئن پاڻ بس اسٽاپ کي بس

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

استان سڏيون ۽ استيشن  کي ٽيشن.) سلامت داتنگ معنيٰ ڀلي ڪري آيائو. ڀر ۾ نيو ڪئنٽي نالي هڪ  ٻي هوٽل چينين جي هئي ۽ ان کان ٿورو پريرو D&D Restoran نالي هوٽل_ ٻئي پاسي بانس ڪاٺ ۽ ککن مان هٿ جا ٺهيل رانديڪا ۽ ٻيون هٿي جون شيون دڪان ۾ هيون_ جيڪي ڊارين تي خريد ڪيون_خاص ڪري آستريليا ۽ نيوزيليند کان آيل ٽوئرسٽن. اهي شيون ائين هيون جيئن هالا يا ملتان جي بس اسٽاپن جي دڪانن تي جنڊيءَ، ڪاشيءَ يا اٺ جي کلن جا ٽيبل لئمپ ۽ گلدان رکيل هوندا آهن..

اسان اسلامڪ ريسٽورنٽ ۾ اندر گهڙيا سين جنهن جي ٻمپي وٽ ساڄي پاسي کان پئسن وصول ڪرڻ جي دخل پوبان ڪيرالا_ ڏکڻ هندستان جو عبدالله بن ورين ڪوٽي _ هوٽل جو مالڪ وينو هو. ۽ کاٻي پاسي هڪ وڏي تئي_ اٽڪل چار فٽ ڊايا ميٽر ۽ اڌ انچ کن ٿلهو _ تي سندس ٻيو نمبر پٽ عبدالرزاق مئدي جا ست پڙا اڦراٽا پچائي رهيو هو. اٽي جي پيڙي کي ڪاٺ جي ٽيبل تي پکيڙي اخبار جي اڌ جيتري سنهي چادر تي ٺاهيائين. پوءِ ان کي رومال وانگر ويڙهي سيڙهي چورس اڦراٽا ناهي تئي تي پکيڙيل تيل مٿان پچڻ لاءِ ٽي وڌائين. تئي جي ٿولهه ۽ گيهه جي ڪري اوڦراٽو سڙيو نہ ٿي.پرسان کليل ديگڙين مان ڪن ۾ رڌل ڪڪڙ هو ڪن ۾ ڀاڄي، ڪنهن ۾ ڳائو يا ٻاڪرو گوشت, اونهين ٿالين ۾ تريل ڀاڄيون، قسمين قسمين مڇيون ۽ بيضا هئا. ڪجهه مناين جا قسم پڻ رکيل هئا جيڪي سپ ناريل ۽ ڏونگهيءَ مان ٺهيل ٿي لڳيون. ڪجهه سڪل مڇيون پٽاٽن جي چپس وانگر پڻ تريل هيون ۽ ڪجهه گانگٽن جا ٻوڙ پڻ.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# هن پاسي جون هوٽلون

هن پاسي، ڏکڻ اوڀر جي ملڪن: ملائيشيا، سنگاپور، انڊونيشيا، ٿائيلينڊ ــ ويندي مٿي هانگ ڪانگ، جاپان ۽ ڪوريا ۾ اهو عام آهي ته هوٽل ۾ جيڪو به کاڌو کائيندو آهي سو ديڳڙين ۾ در وٽ ئي رکيل هوندو آهي. جيئن گراهڪ ان جي شڪل ۾ نمونو ڏسي آرڊر ڪري. ان ڪري اندر بئرو چاهي مينو آڻي يا نه ۽ مينوءَ تي کاڌن جا نالا چاهي ملئي زبان ۾ لکيل هجن يا جاپانيءَ ۾، ڏاريو ماڻهو ٻوڙن جي ديڳڙي ڏي اشارو ڪري بئري کي اها شيءِ آڻڻ لاءِ چئي سگهي ٿو. جاپان ۾ ايترو سو سڌارو آيو آهي ته ٻاهر در وٽ اصلي ٻوڙ يا پٽ رکڻ بدران ساڳي رنگ ۽ نموني جا پلاسٽڪ جا ٺهيل ٻوڙ ۽ قيمتون لکيل هونديون آهن.

سو آير حطام شهر جي هن هوٽل ۾ به ڪرسين تي ويهڻ کان اڳ ديڳڙين جا ڍڪ لاهي ٻوڙ جو ديدار ڪري پوءِ سائي رنگ جي فارميڪا جي ڪرسين تي وڃي ويناسين. ٽيبلن جون ٽي قطارون هيون وچ واري قطار ۾ ڪا ڇهه کن ٽيبل هڪ ٻئي سان ملائي هڪ وڏي ٽيبل ٺاهي وئي هئي. جنهن جي ٻنهي پاسي ويهه ٻاويهه کن ڪرسيون پيل هيون. ٽيبل پڻ سائي رنگ جي فارميڪا جا ٺهيل هئا.ڪائٽر واري هن حصي جي ڊيگهه سٺ ستر فٽ کن ٿيندي، ۽ ويڪر پنجويهه فٽ. هال جي پاسن کان ــ پٽين پرسان الڳ الڳ ٽيبل رکيل هئا، جن جي چوڌاري چار چار ڪرسيون هيون. اسان وچ واري ٽيبل تي ٽئي ڄڻا هڪ پاسي قطار ۾ ٿي ويناسين جو سامهون ٽي وي رکيل هئي جنهن تي ديپاولي (ڏياريءَ) جو پرو گرام هلي رهيو هو. ٽي چار ڏکڻ هندستان (مدراسيءَ جون ڇوڪريون نچي به رهيون هيون ته تامل يا مليالم زبان ۾ ڳائي به رهيون هيون.سندن راڳ نه اسان کي سمجهه ۾ ٿي آيو نه ئي وري ڊانس وٽندڙ هئي،پر ڇوڪريون وٽندڙ هيون. رنگ جون ڪاريون هيون پر ليمڪ هين، ساڙهين جا واڳٽائي، لاڪي ۽ چتونءَ جي پرن جهڙن ڇهچ ساون رنگن جيتوڻيڪ سندن ڪاري رنگ تي مئچ نه پئي ڪيو پر نچڻ وقت اهي سڀ رنگ عجيب جڳ مڳ لاهيو بينا هئا.

ڪاڏي جي هن وڏي ڪمري بعد هڪ ڏاڪو کن هيٺ واري حصي ۾ عبدالله جي زال،

ڏيءَ، ننهن ۽ هڪ پٽ رڌ پچاءَ لاءِ ڀاڄيون ۽ گانگٽ مڇيون صاف ڪري رهيا هئا. هيءَ ڄڻ هنن جي ڪچن هئي جنهن جي اڳيان ٺڌيون بوتلون ۽ ڪير رکڻ وارو ڊيپ فريزر هجڻ ڪري گراهڪن کي چٽيءَ طرح ڪچن نظر نٿي آئي. ڪچن جي ڪاٻي پاسي کان ڏاڪڻ مٿي ماڙيءَ تي ٿي ويئي ۽ پويان ڪاڪوس ۽ وهنجڻ جاءِ هئي. يعني هيءَ هوٽل هنن جي فيملي هوٽل هئي ۽ چينين وانگر اڳيان دڪان ۽ پويان گهر هو. ۽ گهر جي سيني ڀاتين اتي ئي هڪ هنڌ ڪم ٿي ڪيو ۽ مٿي ماڙيءَ تي هنن جي رهائش هئي. هن قسم جون فيملي هوٽلون هتي جام آهن. اسان ڪو ٻوڙ وغيره نہ گهرايو. رڳو اوڦراٿا ۽ چانهہ گهرائي، ٿلهن اوڦراٿن سان گڏ هتي چٽن جي چِڊي دال پڻ ڏين. ان ڪري ان کي چون ٿي ”روتي چنائي“ ملئي زبان ۾ روتي اوڦراٺي کي بہ چون تہ ڊبل روٽِيءَ کي چنائي معنيٰ اها دال _ جنهن جا پئسا نہ وٺن. ان کي روتي چنائي کان علاوه ملئي لفظ ”ڪوسونگ“ روتي ڪوسونگ بہ چون، ڪوسونگ معنيٰ ٿلهي يا خالي، يعني فقط اوڦراٺو جو تمام وڏو واهپو آهي جو گهٽن معنائن ڪري تمام گهڻو استعمال ٿئي ٿو. ڪوسونگ معنيٰ ڪجهہ بہ نہ خالي وغيره پڻ. ڪنهن نوڪريءَ جو اشتهار هوندو تہ بہ ان جي مٿان ڪوسونگ جو لفظ نظر ايندو معنيٰ ان نوڪريءَ ۾ جڳهہ آهي. اڻ پريل گلاس يا ٿالهيءَ کي بہ ڪوسونگ گلاس چئي سهگجي ٿو. ”ائمبل ساتو گلاس سوسو، ساتو گلاس ڪوسونگ“_ معنيٰ هڪ گلاس کير جو ۽ هڪ گلاس خالي آڻ.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## مرتباڪ ـ قيمي وارو اوڦراٿو

روٽي چنائي ــ ياوري روٽي ڪوسونگ کان علاوه ٻي روٽي تيلور مشهور آهي، جنهن اوڦراٿي ۾ بيضو وجهي پچائين. اهي ٻئي اوڦراٿا سڄي ملائيشيا ۾ نيرن وقت هوٽلن ۾ عام هلن، ۽ ملئي، چيني، انڊين ۽ فارينر شوق سان کائين. هتي ملائيشيا ۾ هڪ ٻيو به اوڦراٿو مشهور آهي. جيڪو وري شام جو هوٽلن ۾ وڪامي. هن ۾ بصر جي ڪاتر، قيمو ۽ گوبيءَ جي ڪاتر پڻ ملائين ۽ هن اوڦراٿي کي مرتباڪ سڏين مرتباڪ سنگاپور ۾ڏکڻ ٿائليند جي شهرن: حاديا، سونگڪلا ـ ويندي پٽاني تائين (جتي ڪافي ملئي ماڻهو رهن ٿا.) تمام مشهور آهي.

هڪ بک ڪري، ٻيو نواڻ ڪري، هي اوڦراٿا اسان کي ڏاڍا وڻيا.پهرين هڪ هڪ گهرايو سين ۽ پوءِ هڪ ٻئي پوبان ٽي ٽي کائي ويا سين. جيڪي عبدالله جو وڏو پٽ عبدالرزاق آڻيندو ويو. هٿ ڌوئڻ مهل سندس گهرجي ياتين ۽ ڪاروبار جو احوال ورتم.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# پٽن لاءِ ماءُ ڪنوار ڳولي

عبدالقادر جنهن جي عمر چويهه سال کن ٿيندي، تنهن ٻڌايو ته سندس پڙ ڏاڏو يا شايد ان جو به ڏاڏو پڙ ڏاڏو ڏکڻ هندستان کان لڏي هتي ملائيشيا ۾ اچي رهيو هو ۽ هيءَ هوٽل ۽ رڌ پچاءُ سندن فيملي بزنس آهي. سندس به چاچا پڻ ملائيشيا ۾ هن قسم جون هوٽلون هلائن. هڪ پهانگ رياست ۾ آهي ۽ ٻيو ڪافي عرصو سنگاپور ۾ هو پر هاڻ هو ترنگانو ۾ آهي. پاڻ ۾ ڇهه ڀائر آهن ۽ هڪ ڀيڻ اٿن ـ ۽ سڀئي هتي هوٽل جي مٿان رهن. منجهائن اڌ ماڻهو ڏينهن جو ڪم ڪن ۽ اڌ رات جو چاڪاڻ جو هيءَ هوٽل هاءِ وي تي هجڻ ڪري سڄي رات کليل هوندي آهي. ۽ مسافرن جي هروقت اچ وڃ هوندي آهي_ خاص ڪري موڪل واري ڏينهن تي. (ڇنڇر آچر ۽ سومر ڏينهن.) هڪ ڪمزور، سنهڙي ۽ سادي شڪل صورت جي ايڪيهه سالن کن جي ڇوڪري ٽيبل تان خالي ٿانوَ کڻڻ لڳي. سندس وڃڻ بعد عبدالقادر کان ڇوڪريءَ بابت پڇاڪيم ته آيا اها سندس ڀيڻ آهي.

”نه منهنجي ڀيڻ جي ڊيوٽي هن هفتي رات جو آهي. سا ۽ ٻيا ٽي ڀائر هن وقت ننڊ ڪري رهيا آهن.“عبدالقادر ٻڌايو ته ” هيءَ منهنجي زال آهي.“

”نالو پڇي سگهان ٿو؟“

”ياطما.“

”ياطما؟ “ ـ مون پڪ ڪئي .

اسان جي آصف چيو پڪ فاطمه نالو هوندس، پر هتي جيئن ته ڪي اکر ملئي يا تامل ٻولين ۾ نه آهن. ان ڪري عربي لفظ صحيح نه ٿا اچاريا وڃن. جيئن ملئي ف ک پ ٿا چون سو هي نالو فاطمه به پاطما مان ڦري ياطما تي ويل ٿو لڳي. يا هونءَ به ڪيترائي عربي نالا ڦريل آهن. جيئن پنهنجي آفيس جي ڪلئرڪ ڇوڪريءَ نوريشا جو پڪ صحيح نالو نورالنساءِ هوندو. جيئن بنگالي زبان ۾ غ اکر ناهي ان ڪري غلام محمد کي گولام محمد چون ۽ انگريزيءَ ۾ به ائين ئي لکن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”خير اهو تہ نهيو.“ مون آصف کي ورندي ڏني، عبدالقادر کان پڇيو تہ هن ياطما ساپيار جي شادي ڪئي يا مائٽن طئي ڪرائي.

”مائٽن مئچ ميڪنگ ڪئي.“ عبدالقادر ٻڌايو.

”ڇو ڀلا؟“ مون اجايو وڌيڪ کوٽڻ شروع ڪيو.

”بس. گهڻو ڪري اسان مسلمان ۽ هندو تامل ماڻهن ۾ ائين هلي ٿو.

ڀٽن لاءِ مائٽ ڪنواريون ڳولين. ماءَ هلي پنهنجي حساب ۽ مرضيءَ سان ننهن ڳوليندي آهي، جيڪا هن سان گڏ ڪم ڪار کي منهن ڏيئي سگهي.“

”عبدالقادر“ مون پڇيو مانس، ”هتي تہ هونءَ پردو وغيره صفا ناهي. تو شاديءَ کا اڳ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي زال کي تہ چڱيءَ طرح ڏٺو وائٺو هوندو.“

عبدالقادر جي جواب کان اڳ آصف اردوءَ ۾ ڇيو:

”اهو تہ پڇڻ ئي اجايو آهي. ڏٺو ڏوڙجو هوندائين.“

”ڇو ڀلا؟“

آصف کلندي وري اردوءَ ۾ وراڻيو (جيئن رڳو آئون سمجهي سگهان ٿو)، ”ڇو ڀلا! عقل جي ڳالهہ آهي. جي ڏسي ها تہ اهڙو ڦاهو کائي ها“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ٽئڪس پورو ڏيون

”آصف پليز! منهنجو پڇڻ مان مطلب اهو هرگز ناهي تہ هن جهڙي سمارٽ نوجوان همڙيءَ واديءَ چوڪريءَ سان شادي چو ڪئي. پر آئون هنن ڏڪڻ هندستانين (مدراسي مسلمانن توڙي هندو بئنگلورين) بابت اها حقيقت واضح ڪرائڻ ٿو چاهيان تہ هي تامل ۽ ٻيا ڏکڻ هندستاني سڄي ڏکڻ اوڀر ايشيا جي ملڪن ۾ پکڙيا پيا آهن. آهن تہ سهڻا پاڻ بہ ڪونہ. پر سندن عورتون ڪيترين تہ ڪاريون ڪوجهيون ۽ ٻي ٻوليءَ شڪل جون آهن. پر تہ بہ هو انهن پنهنجين کي ئي پسند ڪن ٿا. جيتوڻيڪ سندن چوڌاري چيني، انڊونيشي، ٿائي ۽ ٻيون پالي نيشين ٻيٽن جون سهڻيون چوڪريون ڦرنديون رهن ٿيون. اهي تہ ٺهيو پر ملئي چوڪريون بہ ڪانئن وڌيڪ سهڻيون آهن. پر اهو ڪمال آهي تہ تامل هندو هجي يا مسلمان، يا ڪٽي ڪرسچن هجي، پر شادي پنهنجين ڏکڻ هندستاني چوڪرين سان ئي ڪندو. سنگاپور، هانگ ڪانگ، سريلنڪا - جتي ڪٿي اهڙا مثال جام ملندا. هڪ تہ مسٽر رينگانير نالي تامل هندو اسٽيشن ماسٽر جو پڻ هيٺ احوال ڏنو اٿم. ان جي ڪهاڻي ۾ بہ اها ساڳي نظر ايندي. سنڌي هندوءَ ۽ پنجابي سک کي بہ پنهنجي قوم مان شادي ڪرڻ جو گهٽو احساس آهي، پر تہ بہ ڪيترائي اهڙا مثال ملندا جن ۾ سنڌي هندوءَ، پنجابي سک، هندي ڳالهائيندڙ هندوءَ يا اردو ڳالهائيندڙ مسلمان ڪنهن چينياڻيءَ، جپانڻ يا آسٽريلين چوڪريءَ سان شادي ڪئي هوندي. ياهنن هڪ ٻئي جي قومن مان شادي ڪئي هوندي. پر تامل ورلي ڪو ڪنهن ڌارئين ذات جي زال سان گڏ نظر ايندو.“

”توهان اخبار ۾ لکڻ لاءِ سوال پُڇي رهيا آهيو؟“ عبدالقادر پڇيو.

”شايد. چو تو کي ان ڳالهہ لاءِ اعتراض هجي تہ آئون نالا ۽ جاءِ بہ بدلائي لکان؟“

” نہ نہ. اهڙي ڳالهہ ناهي.“

” ڀلا اهو ٻڌاءِ، توهان ڪيترا ڪلاڪ ڊيوٽي ڪريو؟“ مون پڇيومانس.

” ٻارهن ٻارهن ڪلاڪ. ڪڏهن ڪڏهن ڏياري، عيد، ڪرسمس جهڙي ڏينهن تي گهٽ

مسافرن اچڻ کري چوڏهن پنڌرهن ڪلاڪ بہ ٿي ويندا آهن.“

” پلا توهان کي توهان جو پيءُ پگهار گهڻو ڏئي؟“

” ڪو حساب ناهي.“

” تڏهن بہ ؟“ مون معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

” ٻڌايم نہ تہ ڪو حساب ناهي. جيڪي گهرندا آهيون اهو پنهنجي خرچ لاءِ ملي ويندو آهي.“

” ڪهڙو خرچ مثال طور؟“

” بس ڪڏهن واچ ورتي، ڪڏهن ڪپڙو گندي. ٻيو تہ ڪو اسان جو خرچ ناهي.

” پر تڏهن بہ هرڪو چاهي ٿو هن کي ڪجهہ روڪ ملي جنهن مان هو آزاديءَ سان خرچي ۽ مستقبل لاءِ بچت ڪري سگهي.“

” اهو اسان لاءِ بابو ڪندو رهي ٿو. هن اسان سيني نالي بئنڪ ۾ ڊار ڊار اڪائونٽ کولي ڇڏيا آهن. ۽ انهن ۾ هر مهيني ڪجهہ نہ ڪجهہ رکندو اچي. اهو هڪ قسم جو پراويڊنٽ فنڊ يا گريجيوئٽي سمجهو. جيئن ئي ڪجهہ ڳپل پئسا ٿيندا تہ بابو هر هڪ پٽ کي الڳ الڳ هوٽل نهرائي ڏيندو.“

” هونءَ مهيني ۾ گهڻو تا ڪمايو؟“ مون آهستي پڇي چيومانس،

” تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ ئي آهي. اخبار يا ڪتاب ۾ هيءَ ڳالهہ آئي تہ بہ توهان جا ملئي ۽ چيني انڪم ٽئڪس آفيسر پڙهي نہ سگهندا.“

ڪلي چيائين:”نہ اهڙي ڳالهہ ناهي. اسان پائي پائي جو حساب رکي ان جو پورو پورو ٽئڪس ڏيندا آهيون. چاهي ڪو گراهڪ رسيد نہ وٺي، پر اسان رسيد ڪٽي ڇڏيندا آهيون. ٽئڪس جي حساب ڪتاب لاءِ هڪ چارٽرڊ اڪائونٽنٽ بہ رکيو اٿئون. هونءَ سال ۾ هڪ لک ستر هزار ڊالر ڪمائي ٿئي. (يعني پاڪستاني ناڻي ۾ نَوَ ڏهہ لک رپيا ٿيا.) جنهن مان ٻارهن هزار ڊالر کن ٽئڪس ڀياريون (يعني منو لک رپيا کن.)“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# داتنگ لاگي

”يلا هندستان ۾ توهان جو ڪو مٽ مائٽ اچا آهي؟“ مون پڇيومانس.

”نه. اسان جو ڪو مٽ مائٽ اتي ناهي. سڀ سالن کان هتي رهن. ڪو ڏورانهون هوندو ته به اسان کي خبر ناهي.“

”يلا هندستان گهمڻ جو شوق اٿئي؟“

”ها. دل چوندي آهي ته هڪ دفعو انڊيا وڃي ڏسي اچان. ڪيڏي افسوس جي ڳالهه آهي جو اسان انڊين سڏجون ٿا. پر انڊيا نه اسان ڏٺي آهي، نه ئي اسان جي ماءُ پيءُ.“

”يلا توهان جي مرضي پڇي وڃي ته ملايا ۾ رهڻ پسند ڪندين يا هندستان ۾ ته ڇا جواب ڏيندين؟“

”ڪجهه ڏينهن لاءِ هندستان گهمڻ پسند ڪندس باقي رهڻ هر گز نه.“

”ڇو يلا؟ هندستان به دنيا جي مشهور ملڪن مان آهي.“مون چيومانس:

هوندو. پر ان ۾ اها آزادي ناهي جيڪا هتي ملائيشيا ۾ آهي. I Love Malaysia اسان هتي هر طرح سان آزادي محسوس ڪريون ٿا. جيئن وڻي تيئن ڪريون. عبادت جي آزادي، ڳالهائڻ جي آزادي، گهمڻ ڦرڻ جي آزادي، نوڪري واپار جي آزادي، کائڻ پيئڻ جي آزادي وغيره وغيره. توهان ته دنيا ڏٺي هوندي توهان ڇا ٿا سمجهو؟ هندستان کان مشهور ته چين آهي، پر ڇا ڪو ئي اتي رهڻ پسند ڪندو.؟“

”خبر ناهي. آئون ته تنهنجا خيال معلوم ڪرڻ ٿو چاهيان_يعني هڪ ڏکڻ هندستاني نوجوان جا جيڪو ملائيشيا ۾ ڄائو نپنو ۽ اتي جو رهاڪو آهي.“ ذوالفقار چيو.

”سائين هاڻ هلڻ کپي. هرهڪ چار چار اوڦراتا کاڌا آهن. ڊرائيور سميت ۽ هڪ هڪ گلاس چانهه جو پڻ، اٺ ڊالر بل ڏنو اٿم. (اٽڪل پنجاهه روپيا ڪن) _ڪامن خرچ جا ٿي حصا واپسيءَ تي ڪندا سين، في الحال آئون ڀريندو ٿو هلان.“ هوٽل جي اندرين پٽ تي ”داتنگ لاگي“ لکيل هو. يعني وري اچجو. عبدالقادر کي چيم ته ضرور وري ايندا سين. هن رستي تان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

لنگھندي وقت تنھنجا ٽن ٽن روپيين وارا اوقراتا نہ ڪاٺ پاڳ کي لت هڻڻ آهي.

# ملائيشيا جي ريلوي اسٽيشن

عبدالقادر جو مٿيون ذڪر لکڻ وقت هتي هڪ ٻئي ڏکڻ هندستاني تامل هندو مسٽر رينگانير جو احوال لکڻ ضروري ٿو سمجهان. جنهن جي ڪهاڻي پڻ ساڳي آهي-يعني لڳاتار محنت ۽ جدوجهد جي. ٻين ڏکڻ هندستانين وانگر مسٽر رينگا جا پڻ وڏا اڻويهين صديءَ ۾ هندستان ڇڏي ٻاهر جي ڏورنهين دنيا ۾ نڪري پيا. اڄ رينگا جينوٽيڪ شڪل ۾ خاندان جي لحاظ کان انڊين آهي، پر شهريت (Citizenship ) ۽ پاسپورٽ ملائيشيا جو اٿس. جنهن لاءِ مال جان به قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهي ۽ ملائيشيا جي ڌرتي، زبان، رسم، رواج _ هر شيءِ سان پيار اٿس.

مسٽر رينگانير سان منهنجي ملاقات عجيب نموني سان ۽ اوچتو ٿي. اسان جي شهر ملاڪا کان اٽڪل چاليهه ميل پري_ڪوالا لمپور ڏي هڪ ٻيو وڏو شهر سيريمبان Seremban نالي آهي.جيڪو ملاڪا ۽ جوهور بارو جي وچ ۾ هي شهر آير حطام آهي. آير حطام جوهور رياست ۾ آهي پر سيريمبان ملائيشيا جي هڪ ٻي رياست نيگري سيمبيلان Negre Sembilan جي گاديءَ جو هنڌ آهي.جيئن ڪوئيٽا بلوچستان جي گاديءَ جو هنڌ آهي ۽ پشاور سرحد جو.

هڪ دفعي پنهنجي ورتل سيڪنڊ هئنڊ ڪار کي آزمائڻ لاءِ سيريمبان تائين يڪ ساهيءَ هلائي ويس. رستي تي سڪرنڊ، سعيد آباد، شهداد پور نموني جا ننڍا شهر: لوبڪ چينا، لنگي، رنتائو نالي ستن اٺن ميلن جي فاصلي تي ايندا رهيا.

سيريمبان پهچي اندر گهڙڻو ته نه گهميس پر شهر جي ٻن مکيه رستن تي اچ وڃ ڪيم جيڪي ائين آهن جيئن حيدرآباد جو اسٽيشن روڊ ۽ رسالا روڊ (فرق فقط اهو آهي جو سيريمبان ۾ يا ملائيشيا جي ٻين شهرن ۾ ڪٿي به انڪروچ مينٽ ناهي ،جيڪا اسان جي ملڪن ۾ عام آهي _ پوءِ چاهي ڪراچي ڪشمور هجي يا ڪولمبو ڪئنڊي. بمبئي بڙودا هجي يا باريسال باريپور. اها پڪ اهڙي آهي جو سڄي شهر جي به سونهن ناس ڪري ڇڏي ته

پيادن ۾ سوارين وارن لاءِ بہ مصيبت ڪريو ڇڏي)سيريمبان جي سهڻي شهر جي هڪ ڪنڊ وٽ هڪ چيني عورت ڪي ڪمند ۽ ناريل جو رس وڪڻندو ڏسي ڪار بيهاريم.

تيهن سينٽن (پوڻي ٻي رپئي) ۾ نوٽ جيڏو گلاس. ڪمندجي نج رس جو ڏيئي رهي هئي– سو بہ برف بنا. گاڏيءَ کي پاسي تي پارڪ ڪري رس جو گلاس وٺي پيئڻ لڳس. تہ سامهون چوراهي وٽ هڪ عمارت نظر آئي جنهن جي شڪل شبيهہ ۾ نمونو ڏنل وائنل ٿي لڳو ۽ سمجهي ويس تہ پڪ ريلوي اسٽيشن هوندي جو انگريزن ريلوي اسٽيشن جو نمونو ڪراچي، ڪولمبو ڪئنڊي، لاهور، ڍاڪا، دهلي، سنگاپور ۽ ڪالا لمپور وغيره جتي ڪٿي ساڳيو ئي رکيو آهي. سو وري شهر ڏي ويندڙ رستي تي مڙي ڪار اچي ريلوي اسٽيشن اڳيان پارڪ ڪيم. اسٽيشن جي در اڳيان اس ۽ مينهن کان بچاءَ لاءِ ٺهيل ڪماني پورچ ۾ پوليس ڪاتي جي ڪار بيٺي هئي ۽ پر ۾ بورڊ تي ملئي زبان ۾ لکيل هوتہ سواءِ پوليس ۽ ريلوي عملدارن جي ٻين کي هت ڪار بيهارڻ جي اجازت ناهي.

ڪار پورچ جي مٿان ريلوي اسٽيشن جو " ڪلاڪ ٽاور" (گهنٽا گهر ) هو جنهن جو گهڙيال انگريزن جي ڏينهن ۾ تہ پڪ وقت ٻڌائيندو هوندو پر هاڻ ڪٻرن جو "مئٽرنٽي هوم" هو – جو رکي رکي هڪ ڪٻر پٽ تي پوڪيل گاهہ مان ڪجهہ ڪٽي پنهنجن ٻچن کي کارائي رهي هئي– يعني Feed ڏئي رهي هئي – سندس ٻچا فقط کائڻ مهل ماٺ ۾ هئا باقي وقت چر پر ڪري رهيا هئا.

ريلوي اسٽيشن جي اندر منهن وٽ هڪ روايتي قسم جي لوهي شيخن واريءَ دريءَ سان ننيڍڙوٽڪيٽ گهر هو جنهن جو واندو ڪلارڪ اپاسيون کائڻ سان گڏ رکي رکي ايندڙ گراهڪ کي ٽڪيٽون بہ ڏئي رهيو هو. گراهڪن جي اڻ هوند مان اندازو لڳائڻ سولو هو تہ اسان جي ملڪن وانگيان هتي بہ اڄڪلهہ گهڻا ماڻهو ٽرين بدران بس ٽئڪسين ۾ چڙهن ٿا.۽ هتي ويتر گهڻي پئسي ڪري هر ماڻهوءَ وٽ ڪار آهي يا هوائي جهاز ۾ سفر ڪرڻ چاهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ڏسندي ئي ڏسندي پينانگ. ڪوالا لمپور. اپوح. الور اسٽار. ملاڪا. جوهور بارو. ڪوٽابارو ۽ ملائيشيا جي ٻين شهرن ۾ هوائي اڏا ٺهي ويا آهن. ۽ روز بروز اڏامن جو نمبر بہ وڌندو پيو وڃي. ڪوالا لمپور کان سنگاپور تہ هاڻ هر اڌ ڪلاڪ کان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

بعد جهاز تو اڏامي ۽ بنهي پاسن کان ماڻهو ائين لهن چڙهن جيئن بس ۾

سيريمبان ريلوي اسٽيشن جو اندريون نمونو پڻ بلڪل پاڪستاني ريلوي اسٽيشن وانگر آهي. بلڪ ٽيبل ڪرسيون به اهڙي نموني ۾ ڊزائن جون رکيل هيون. ويٽنگ روم ۾ اهي ڏگهيون ۽ روايتي آرام ڪرسيون پڻ هيون. جيڪي ورهاڱي تائين پاڪستان ۽ انڊيا جي ريلوي اسٽيشن تي پڻ هيون. ٿي سگهي ٿو ته اجا به ڪنهن ڪنهن اسٽيشن جي ويٽنگ روم ۾ هڪ اڌ بچيل هجي جنهن جي ٻانهن هينان، هڪ هڪ وڏيڪ ڪاٺ جي پٽي، گول ڦري ٻاهر نڪري آئي، جن تي فرسٽ ڪلاس جا مسافر ٽنگون ٽيڙي بالم تي دير سان ايندڙ ٽرين جو انتظار ڪندا هئا.

ڪنڊ تي اسٽيشن ماسٽر جو ڪمرو (آفيس) هو جنهن سان لڳ ڪلف لڳل ڪاڪوس جنهن جي چاٻي سندس ٽيبل جي ساڄي پاسي مٿئين خاني ۾ فائيل هيٺان لڪل. آئون جيتوڻيڪ ان ڪان اڳ ئي موٽيس ٿي، پر وري دل چيو ته ليئو پائي ڏسان ته ڪير آهي. چاڪٽي ڏسان ته مارا! ريلوي اسٽيشن ته ساڳي پر ريلوي ماسٽر به ساڳئي ان نموني ۾ ويهڪ واو جيڪي انگريزن جي ڏينهن کان اسان وٽ هلندا اچن. آئون ڪا دير سندس آفيس جي چائنٽ وٽ پنڊ پهڻ تي کيس ڏسندو رهيس. ان بعد هن مرڪي مون کي هيلو ڪيو. ۽ مون وڏي ساٽس هٿ ملائي ڪجهه ڳالهائڻ خاطر ته پڇيو هتان ٽرين ڪيڏي مهل ويندي؟

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# مسٽر رينگانير

پاڻ شڪل مان ئي انڊين تامل لڳي رهيو هو. سخت ۽ ڦڙتيلو جسم ـ جيتوڻيڪ چڱو ٿلهو هو پر ڍيڍو هر گز نہ هو. اڇي رنگ جي ريلوي يونيفارم ۾ روايتي ريلوي بابو لڳي رهيو هو جنهن جهڙن ڪردارن بابت اڪثر جان ماسٽرس ۽ جم ڪاربيٽ جي ڪتابن: ڀواني جنڪشن، ماءِ انڊيا، لاآف جنگل وغيره ۾ پڙهبو آهي. چپن تي مرڪ آڻي چيائين: ”هي ٽرين تہ هاڻ شام جو ئي ويندي ـ پينانگ ڏي“

”پينانگ تائين ڪيترو وقت ٿو لڳي؟“ مون پڇيو مانس .

”ايڪسپريس ٽرين اٺ ڪلاڪ ٿي وٺي.“

”پلاٽرين ۾ سمهڻ لاءِ سجي سيٽ جو بندو بست آهي يا نہ؟“

”ڏينهن واري ٽرين ۾ ان جو بندو بست ناهي باقي رات جو هر مسافر لاءِ سجي سيٽ رزرو ٿئي ٿي.“

”پلا هن ٻئي پاسي ٽرين ڪيستائين وڃي ٿي؟“ مون پڇيو.

”هتان سريمبان ڪان ريل ٻئي پاسي جوهورٻارو بلڪ سنگاپور تائين وڃي ٿي.“

”واه!“ اها ڳالهہ منهنجي لاءِ تعجب خيز هئي جو مون کي ان وقت تائين خبر نہ هئي تہ سنگاپور By Train بہ وڃي سگهجي ٿو.

”توهان کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟“ هن پڇيو.

”دل ۾ نہ ڪندا. مون کي دراصل ڪيڏانهن بہ وڃڻو ناهي. بس ائين پنهنجي ملڪ جهڙي ريلوي اسٽيشن ڏسڻ سو گهڙي پيس.“

اتي پاڻ چانهہ لاءِ آفر ڪيائين تہ سندس سٺي موڊ ۾ پنهنجي دل جي خواهش کي سمجهي يڪدم وراڻيو مانس: ”چانهہ تہ نہ پر جيڪڏهن چند منٽ ڏئي سگهو تہ توهان کان ڪجهہ انٽرويو وٺان.“

هن ڪلندي بلڪل دوستاڻي نموني سان چيو: ”بلڪل ڀلي وٺو تہ سهي.“ ۽ آئون ڪرسي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ريڙهي ويهي رهيس کيسي مان پنو پينسل ڪڍي ٽيبل تي لکڻ لاءِ رکيم ۽ کيس پنهنجي نالي وارو ڪارڊ ڏيندي چيو مانس: ”هونءَ تہ ڏنڏي جي لحاظ کان جهازن جو چيف انجنيئر آهيان ۽ اڄ ڪلهہ هتي ملائيشيا جي انجنيئرن کي جهاز هلائڻ لاءِ سبجيڪٽ پڙهايان ٿو. پر لکڻ منهنجي وندر آهي. توهان جي پر ڪشش شخصيت متاثر ڪيو اٿم سو توهان کان بہ چار ڳالهيون توهان جي زندگيءَ بابت پڇڻ چاهيان ٿو.“

”يلي، موسٽ ويلڪم: هن ڪلي دل سان آڇ ڪئي ۽ مون کي جيڪي سوال ذهن ۾ آيا پڇندو ويس.

”توهان جو نالو؟“

”منهنجو نالو رينگانير آهي ۽ انڊين نسل سان تعلق رکان ٿو.“

”مسلمان، هندو يا ڪرسچن؟“

”هندو آهيان.“

”زبان ڪهڙي ڳالهايو؟“

”گهر ۾ تامل ڳالهايون.جيڪا مادري زبان اٿئون. مليالم بہ ڳالهائي سگهان ٿو جيڪا پڻ ڏکڻ هندستان جي مشهور بولي آهي. ان کان علاوه ملئي ۽ انگلش ڳالهايان.“

”توهان جي زبان تامل يلاهندي يا اردوءَ سان ملي ٿي يا نہ.“

”نہ اها بلڪل مختلف آهي. ايتري قدر جو هندي يا اردو فلمون ٽي وي تي اينديون آهن تہ اسان سمجهي نہ سگهندا آهيون. جڏهن اسان جون تامل فلمون اينديون آهن تہ اتر هندستاني گراهڪن کي سمجهہ ۾ نہ اينديون آهن_ جن جي زبان گجراتي، هندي، مرهٽي، پنجابي يا ڪشميري آهي.“

”يلا تامل هنديءَ وانگر لکي وڃي ٿي، يا اردوءَ وانگر.“

”نہ ڪي هنديءَ وانگر، نہ ڪو اردوءَ وانگر.“

”يلا ڪجهہ ڪجهہ بنگالي يا ٿائي ( سيامي) وانگر؟“

”نہ! ياڻ هندي ڪجهہ ڪجهہ بنگالي يا ٿائي سان ملي ٿي. پر تامل جي الف _ بي بلڪل مختلف آهي. جيتوڻيڪ لکڻ جو نمونو ٿورو گهڻو ڪٽي چئجي تہ هندي ۽ گجراتيءَ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سان ملي ٿو.“

”پلا ملائيشيا ۾ توهان آيا ئويا توهان جو پيءُ ڏاڏو؟“

”منهنجو ڏاڏو پر اهو پهرين ملائيشيا ۾ نہ آيو هو. پهرين ڏکڻ آفريڪا جي شهر نيتال ۾ ويو هو. هو 1880 ع يا 1890 ع ڌاري پنهنجي اباڻي ڳوٺ پودو ڪوتائي (ضلعومدراس) کان پاڻيءَ واري جهاز ۾ چڙهي سائوٿ آفريڪا پهتو.“

”ڇو ويو - ان جي توهان کي خبر آهي؟“

”بابو ڳالهہ ڪندو هو تہ عيال وڏو هو. ڳوٺ ۾ هارپي مان ايتري اپت نٿي ٿي جنهن مان سڄي عيال جي پورت ٿئي، سو اسان جي پڙ ڏاڏي اسان جي ڏاڏي کي پئسي ڏوڪڙ ڪمائڻ لاءِ هندستان کان ٻاهر موڪليو. انهن ڏينهن ۾ انگريزن کي آفريڪا جي بينڪن ۾ ٻني ٻاري ڪرڻ لاءِ ماڻهو ٿي کتا ۽ هندستان مان ماڻهن جا جهازن جا جهاز ڀرجي پورهئي لاءِ اوڏانهن وڃي رهيا هئا.“

”توهان جي ڏاڏي اتي پهچي ڪهڙو ڌنڌو ڪيو؟“

”منهنجي ڏاڏي - سندس نالو ڪپوپ پيوهس هو. نيتال (سائوٿ آفريڪا) ۾ پهچي پهرين گاڏي تي شيون رکي وڪڻڻ شروع ڪيون. بعد ۾ هن هڪ هٽڙو کوليو جنهن ۾ ٽڪيون، بسڪيٽ، داليون، چانور، گيهہ، مسالا ۽ ٿورو گهڻو پسارڪو سامان رکي وڪڻڻ لڳو.“

”توهان جي ڏاڏيءَ سان شادي اتي ٿي ٿيس يا هندستان مان ڪري ويو هو؟“ مون پڇيو مانس.

”نہ شادي اتان نہ ڪيائين. نہ اتي هميشہ لاءِ رهيو. هو ڏهہ پندرنهن سال نيتا (سائوٿ آفريڪا) ۾ رهڻ بعد ڪئنڊي (سريلنڪا) هليو آيو. اتي ڪپڙي جو دوڪان کوليائين. شادي بہ اتي ڪيائين.

”ڪنهن سان شادي ڪيائين؟“ ڪنهن سنهالي (سلوني) ڇوڪريءَ سان .

”نہ پنهنجي ذات جي تامل ڇوڪريءَ سان.“

”مائٽيءَ ۾ هئي يا ڌارئيي هئي؟“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”تي سگهي ٿو ته مائٽيءَ ۾ هجي. پر هوندي به ته ڪا ڏور جي مائٽياڻي هوندي. بحرحال اتي سلون (سريلنڪا) ۾ منهنجي ڏاڏي کي به پار چاوا. هڪ منهنجو پيءُ راماپا ۽ ٻيو منهنجو چاچو ـ جيڪو ننڍي هوندي کان ئي سلون ۾ آهي. ۽ مون کي سندس نالو ياد نه آهي. ڪجهه سال سلون ۾ رهڻ بعد منهنجو ڏاڏو سلون ۾ ڪمايل پئسو ڪٺي انڊيا ويو. اتي زمين ٽڪرو خريد ڪري اتي زميندارِي شروع ڪيائين. پر اهو ڌنڌو صحيح طرح هلي نه سگهيو ان ڪري ڪجهه سالن بعد جڏهن منهنجو پيءُ وڏو ٿيو ته هن وري هندستان ڇڏيو پر هن دفعي سائوٿ آفريڪا يا سلون وڃڻ بدران هيڏانهن ملايا هليو آيو. انهن ڏينهن ۾ ملايا ۽ سنگاپور تي به انگريزن جي حڪومت هئي جيئن هندستان سلون تي، بلڪ سنگاپور ته الڳ ملڪ نه هو پر مدراس پريزيڊنسي جوئي حصو هو. ان ڪري سنگاپور ۾ اڄ به مدراسي ( تامل نادو صوبي جا ماڻهو) گهڻا آهن ۽ سنگاپور ملڪ/ٻيٽ جو نالو به چيني يا ملئي نه آهي پر تامل ٻوليءَ جو آهي. تامل ۾ سنگا معنيٰ شينهن آهي. هن سنگاپور ملايا ۾ اچي هن دفعي ڪو ڌنڌو شروع نه ڪيو پر، لئبر رڪروٽنگ آفيسر جي حيثيت سان انڊيا مان مزور گهرائڻ جو ڪم شروع ڪيو تن ڏينهن ۾ ملائيشيا جا جهنگل صاف ڪري ربڙ پوکڻ جو ڪم هلي رهيو هو جنهن لاءِ ڏکڻ هندستان جي تامل نادو ۽ ڪيرالا صوبن جي پورهيتن جي ضرورت هئي ـ جيڪي هتي جي مينهوڳيءَ واري مند ۽ مليريائي علائقي ۾ محنت سان ڪم ڪري سگهن.

”ڪجهه عرصي کان پوءِ منهنجو ڏاڏو ربڙ جي پوک Plantation جو اوورسيئر مقرر ٿيو. تيسين منهنجو پيءُ به وڏو ٿي ويو هو. ۽ هو به ربڙ جي پوک ۾ ئي ڪم ڪرڻ لڳو. پاڻ ملائيشيا مان ئي شادي ڪيائين.“

”ڪنهن ملئي ڇوڪريءَ سان؟“ مون پڇيو مانس.

”نه هن به ڏکڻ هندستاني تامل ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي.“

”يلا توهان ڪٿي ڄاوا ڪڏهن ۽ ڪهڙي سن ۾؟“

”آئون ملاڪا شهر ۾ ڄايس 1935ع ۾.“

”توهان ريلوي ۾ نوڪري ڪڏهن کان ڪئي؟“

”1956ع کان، پر ان کان اڳ آئون ڪجهه سال اسڪول ٽيچر به ٿي رهيس. ملاڪا ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هڪ انڊين اسڪول هو ان ۾ آئون پهرين تامل ٻولي پڙهائيندو هوس.پوءِ مون ريلوي ۾ هڪ ڪلارڪ جي حيثيت ۾ نوڪري شروع ڪئي، تن ڏينهن ۾ مونکي سوا سؤ ڊالر ڪن پگهار ملندي هئي پر هتي جي ڊالر جو مان اڄا مٿانهون نـ ٿيو هو. سمجهو تـ اها رقم تي سؤ روپين جي برابر هئي. پر انهن ڏينهن ۾ گهرجون گهٽ هيون. ۽ اهي پئسا گنج هئا ۽ ملاڪا ڇڏي سلينگر رياست جي شهر ڪلانگ ۾ اچي رهيس جنهن جي ريلوي اسٽيشن تي مونکي نوڪري ملي هئي. آهستي آهستي ڪلارڪ مان سينيئر ڪلارڪ ۽ سپرنٽنڊنٽ ٿيس ۽ پوءِ اسسٽنٽ ريلوي ماسٽر ۽ ماسٽر ٿيس. مون شادي بـ ڪلانگ شهر جي هڪ ڇوڪريءَ سان 1959ع ۾ ڪئي.

" ڇا پڇي سگهان ٿو تـ توهان ڪهڙي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي ـ ملئي چيني يا تامل ڇوڪريءَ سان يا اڄا بـ ڪنهن ڏورانهين ملڪ جي ڏارينءَ سان.؟"

مسٽر رينگا مرڪي چيو. " مون بـ پنهنجي تاملن مان شادي ڪئي ۽ هن وقت هوءَ ڇهن ٻارن جي ماءُ آهي. اسان کي چار پٽ ۽ ٻـ ڌيئون آهن.وڏو پٽ توهان وانگر مرچنٽ نيويءَ ۾ آفيسر آهي ـ پر هو ناٽيڪل برانچ ۾ آهي. اڄ ڪلهه سيڪنڊ ميٽ جو امتحان سنگاپور مان ڏئي هڪ نار ويجن جهاز تي روانو ٿيو آهي. توهان کان ٻاڻ اهو پڇڻ چاهيان ٿو تـ ڇا سنگاپور بدران اهو توهان وٽان ملاڪا مان اهو ڪورس ڪري سگهيو ٿي؟"

"ها.بلڪل. ٻاڻ اسان جي اڪيڊمي سمنڊ جي ڪناري تي ۽ شهر کان پري هجڻ ڪري پڙهڻ ۽ سکڻ جا وڌيڪ موقعا فرهام ڪري ٿي.پر جيئن تـ هو ڏارئين شپنگ ڪمپنيءَ مان آهي، ان ڪري ڪيس في ٻاڻ ڏيڍي پوندي جيڪا هزار کن ڊالر (ڇهه هزار روپيا) ماهانـ آهي. هاڻ جيئن ئي توهان جو پٽ سمنڊ جا ايڪيهه مهينا Sea_Time پورا ڪري تـ چيف ميٽ جي ڪورس لاءِ کيس اسان جي اڪيڊميءَ ڏي ملاڪا موڪلجو. سچ تـ مونکي اهو ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي آهي تـ توهان جو پٽ محنت ڪري ننڍي عمر ۾ ئي سٺي پوسٽ تي پهچي ويو آهي ۽ ناروي وارن جا جهاز پيو هلائي. ٻيا توهان جا ٻيا ٻار ڇاڪن؟"

"ٻيو نمبر پٽ هتي جي نيول فوج ۾ ليفٽيننٽ آهي. ٽيون نمبر پٽ، چوٿون نمبر ڌيءُ ۽ ٻيا ٻار ننڍا آهن. ۽ اڄا اسڪول ۾ آهن."

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”پلا تون ڏيئن کي ڇا پڙهائڻ جو ارادو رکين ٿو؟“ مون پڇيو مانس.

”سندن مرضيءَ تي ڇڏيل آهي. ان سلسلي ۾ آئون سيني پارن کي چوندو آهيان تہ جنهن کي جيڪا لائين پسند اچي اهو اها کڻي ۽ ان لاءِ محنت ڪري. هونءَ منهنجي ڌيءُ جو لاڙو انگي حساب ۾ گهڻو آهي. ۽ هوءَ ايڪنامڪس، ڪامرس جهڙا سبجيڪٽ کڻي اڳتي هلي اڪائونٽنسيءَ ۾ ڪم ڪرڻ چاهي ٿي.“

مسٽر رينگا کان چند منٽن جي موڪل وٺي پڪو ويهي رهيس. ان وچ ۾ رکي رکي چيني يا ملئي مسافر ٽڪيٽ بدلائڻ لاءِ يا ڪنسيشن ٽڪيٽ ٺهرائڻ لاءِ پئي آيا، تن سان هن ملئي ۾ ڳالهائي هر هڪ کي ڪجهہ وقت ٻاهر ترسڻ لاءِ چيو ٿي. جيڪي پوءِ رکي رکي در مان ليئا پائي رهيا هئا. ۽ مون کي نڪرڻ لاءِ اکين ئي اکين ۾ چئي رهيا هئا. سو نيٺ سريمبان ريلوي اسٽيشن جي انگريزن جي ڏينهن کان هلندڙ تامل ريلوي عملدار مسٽر رينگانير کان موڪلائي ٻاهر نڪتس.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# سنگاپور "سروس" تي جيئي ٿو

هي سڄو قصو هن آير حطام جي مالڪ عبدالله جي پٽ عبدلاقادر جو ذڪر ڪرڻ دوران ضروري سمجهيم تہ جيئن پڙهندڙن کي آئيڊيا ٿي سگهي تہ گذريل سؤسالن ۾ ننڍي ڪنڌ جي ماڻهن ۾ ايڪانامي ۽ ڪمائي، خرچ ۽ وڏندڙ گهرجن ڪيئن اٿل پٿل آندي آهي. جنهن کي منهن ڏيڻ ڪارڻ جيڪو جيڪو جيترو جلد گهر ڇڏي (بينل پاٽي ۽ دبي بدران) مٺي پاٽي ۽ جي ڳولا ۾ نڪري ويو . اهو وڏيڪ سکيو ستابو ثابت ٿيو. پوءِ ڪٽي اهو سنڌ ورڪي هندو واپاري هو يا ڪڇ پوچ جو کوجو بوري ۽ ميمڻ. ذڪڻ هندستان جو مسلمان تامل هويا سنڌي پڙهيل ڳڙهيل عامل.شاعر جي هن مشهور شعر ۾ شايد حقيقت ئي آهي تہ:

پهول وه سرها هوا, جو چمن سي نڪل گيا.

آير حطام شهر مان نڪرڻ وقت ساڍا ڏهہ ٿي رهيا هئا.ٻارهين بجي ڌاري جوهور بارو شهر پهتاسين. جوهور بارو شهر جيڪو جوهور رياست جي گادي ۽ جو هنڌ آهي. ۽ جوهور پرڳڻي ۽ ملائيشيا ملڪ جو پوڇڙ آهي. ان کان پوءِ سمنڊ آهي ۽ ٿورو پري کان سنگاپور ٻيٽ آهي. جنهن جو ڪنارو ۽ ڪناري واريون عمارتون جوهور بارو شهر کان صاف چٽيون نظر اچن ٿيون. سنگاپور جو ٻيٽ ملائيشيا جي ملڪ سان جوهوربارو ۽ وٽ هڪ پل Cause_ Way ذريعي ڳنڍيل آهي جتان بسون، موٽرون، ٽرڪون، ٽرينون، ۽ ماڻهو اچي وڃي سگهن ٿا. ڪراچي حيدرآباد سُپر هاءِ وي تي جيئن ٽول پالازا جا وڏ ا دروازا نهيل آهن تيئن هتي سورنهن کن دروازا آهن جن وٽان ڪارون قطارون ڪري لنگهن. دروازي وٽ ڪار بيهاري اتي جو اتي دروازن جي وچ ۾ ويٺل اميگريشن آفيسرن کي پنهنجو پاسپورٽ ۽ ويزا جو ڪارڊ ڏنوسين جن ان تي Exit نيوهنيو يعني ملائيشيا ملڪ کان ٻاهر نڪتاسين.

پوءِ دادو موري جيڏي ۽ جهڙي پل ٽپي سنگاپور پاسي ٽپي ساڳي قسم جي دروازن وٽ پهتاسين ۽ اتي وري پاسپورٽ ڏيکاري سنگاپور جي ويزا ورتيسين ۽ پاسپورٽ تي سنگاپور جي اميگريشن آفيسرن Inter جونپو ۽ تاريخ هنئي. يعني هاڻي اسين سنگاپور ۾ پهچي ويا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سين ۽ ان گهڙيءَ کان سنگاپور جو قاعدو قانون لاڳو ٿي ويو. پر ۾ هڪ ٻئي سنگاپوري آفيسر کان نورالدين ڊرائيور ڪار جي ”پرمٽ“ ورتي. نورالدين ٻڌايو ته اها تمام ضروري آهي. جو سنگاپور حڪومت نه ٿي چاهي ته هنن جي ملڪ ۾ گهٽيون ڪارون اچن جو سنگاپور ٻيٽ تمام ننڍو آهي. فقط ڇهه سؤ چورس ڪلوميٽر يعني ٻه سؤ چورس ميل سنگاپور جي ننڍڙي هجڻ جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته (سنڌ جي پکيڙ پنجونجاهه هزار چورس ڪلو ميٽر آهي. يعني سنڌ جيتري پٽ ما ٻه سؤ پنجهتر ڪن سنگاپور جيترا ٺهي سگهن ٿا.)۽ ملائيشيا ملڪ جي ڀيٽ ۾ ته سنگاپور هيڪاندو ننڍو آهي. ڇو جو ايسٽ ملائيشيا (سرواڪ ۽ صباح) ۽ ويسٽ ملائيشيا جي جملي پکيڙ اٽڪل سوالک چورس ميل آهي.يعني ملائيشيا جيتري پٽ مان ته سنگاپور جيترا ٻيٽ ڇهه سؤ ٽيهه ٽين پر سنگاپور جي ترقي ملائيشيا يا ڪنهن ٻئي ملڪ سان ڀيٽبي ته تعجب ٿو لڳي. هيترو ننڍڙو ٻيٽ جنهن ۾ ڪجهه ٻه ناهي ۽ ڏجهه سال اڳ تائين هڪ مهاڻن جو ڳوٺ هو جيئن بابا پٽ شاهه يا منهوڙو پر هاڻ جاپان بعد ٻئي نمبر تي سڄي ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ امير ۽ ماڊرن ملڪ آهي. سنگاپور ۾ نه ٻنيون ٻارا آهن نه ڪاٺيون نه جبل پر جاپانين وانگر هتي جا ماڻهو محنت، عقل ۽ ڊسيپلين سان رهي سڀ ڪجهه حاصل ڪري ورتو آهي. جاپاني ته وري ٻه هڪ قوم آهي پر هتي سنگاپور ۾ ته مختلف زبانن، مذهبن، رنگن جي ماڻهن جي ڪچٽي پڪي ڀيئي آهي. پر بقول اسان جي هڪ ڪليگ لئيٽن نندڪرجي، ڪين اهڙو ليڊر مليو آهي، جنهن ملڪ ۾ ماڻهن جي قسمت سڌاري ڇڏي آهي. سنگاپور ۾ ملئي ٻه رهن ٿا ته چيني ٻه انڊين تامل ۽ سنڌي سنڌ ورڪي ٻه رهن ٿا ته انڊونيشي، فلپيني، ۽ يورپي ٻه. پر ڇا مجال جو مذهب، ٻولي يا رسم رواج جهڙي ڳالهه تان وڙهن. هرهڪ ٻئي جي عزت ڪري ٿو ساڳيا ملئي۽ چيني ملائيشيا، ٿائلينڊ، ۽ چين ۾ ٻه رهن ٿا. پر سنگاپوري ”ملئي“ ۽ ”چيني“ ٻين کان وڌيڪ سمارٽ،منظم، باادب ۽ سمجهو هوندا. محنتي هوندا پڙهيل لکيل هوندا سنگاپور گڏريل ڏهن ٻارنهن سالن ۾ جيڪا ترقي ڪئي آهي. تنهن ڪيس اوسي پاسي جي مڙني ملڪن کان سڪيو ستابو ۽ الڳ ٿلڳ ٻڌايو آهي. هر قسم جي آزادي هوندي ٻه هيءُ ڇڙواڳ ناهن. هرقسم جي عياشي هوندي ٻه محنتي آهن. دنيا ۾ سڀ کان گهٽ موڪلون سنگاپوري ڪن ٿا. بقول سنگاپور جي هڪ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سنڌي واپاري سيٺ هرڪشن پوڄواڻيءَ جي- جنهن ڏياريءَ واري ڏينهن به سڄو ڏينهن موڪل نه ڪئي: ”سنگاپور قدرتي دولت ۾ غريب آهي. ان ڪري سنگاپوريءَ کي پئسي ڪمائڻ /سکيو ستابو رهڻ لاءِ محنت ڪرڻي ٿي پوي. سنگاپور Service (خدمت) تي زنده آهي. اسان آيل ٽوئرسٽن جي خدمت ڪري پئسو ڪمائي سگهون ٿا. ملائيشيا يا سعودي عرب جهڙن ملڪن جو مثال هڪ وڏيري/زميندار جيان آهي. جنهن وٽ سڀ ڪجهه آهي. مهينو به ننڊون پيو ڪندو ته به بک نه مرندو. ڌرتيءَ اندران تيل، سون، جست، پيو نڪري، ۽ زمين مٿان ناريل، ربڙ ۽ پام وغيره.سنگاپور جو مثال هڪ هاري، پورهيت يا ايراني هوٽل جي ڏهاڙيءَ تي رکيل پگهار دار نوڪر وانگر آهي. جيڪو هڪ ڏينهن به موڪل ڪندو ته ڏهاڙيءَ تان هٿ ڌوئيندو،يعني پورهيو ڪندو ڪمائيندو ته کائيندو نه ته بک مرندو. ان ڪري اسان گهٽي موڪل ڪرڻ بدران پورهيو ڪرڻ چاهيون ٿا. اهو ئي سبب آهي جو سنگاپور ۾ آچر (موڪل واري ڏينهن به) دڪان کليل آهن. بندرگاهه بازاريون کليل آهن.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# سنگاپورِ گهڻائي چينين جي آهي

ملڪ جو گهڻو واپار ۽ ترقيءَ جو مدار بندرگاهہ تي بہ آهي. سنگاپور جي بندرگاهہ ۾ هروقت_ هر ڏينهن توڙي رات_ جهازن کي سهوليت ملڻ ڪري هن پاسي سنگاپور جو بندرگاهہ بہ ايڏي ترقي ڪري ويو آهي، جو اڄ ڪلهہ سنگاپور جو بندرگاهہ دنيا جي ٻئي نمبر تي آهي.۽ صفائيءَ ۾ تہ ڪيترن ئي سالن کان پهرين نمبر تي آهي.سنگاپور جي ڪن ڪن چينين ۽ انڊين جا پنهنجا ذاتي گهر جاپانين جهڙاصاف سٿرا نہ هجن پر، سنگاپور جو شهر، گهٽيون، رستا چوڏاري پکڙيل باغ، باغيچا، ريلوي اسٽيشن ۽ ايئر پورٽ وغيره جو تہ ٽوڪيو بہ مقابلو نہ ٿو ڪري سگهي. مجال آهي جو ڪو ننڍو يا وڏو پني پور يا سگريٽ جو ٽوٽو_ رستي تي اڇلائي اتي جو اتي پنج سؤ روپيا ڪن ڏنڊ. ڪار کي غلط پارڪنگ ۾ بيهارڻ تي تہ هزار روپيا ڪن ڏنڊ آهي.پر زيبرا ڪراسنگ کان سواءِ ٻئي هنڌ تان رستو ٽپڻ تي پيادي کي پنج سؤ روپيا ڏنڊ ڀرڻو ٿو پوي ۽ اهي ۽ ٻيا انيڪ قاعدا قانون هر هڪ لاءِ ساڳيا آهن. غريب توڙي امير لاءِ ورڪر توڙي سياست دان لاءِ ملڪي توڙي ڌارئين ماڻهوءَ لاءِ.

بحرحال سنگاپور حد کان وڌيڪ سکيو ستابو ۽ سهڻو ٿيندو وڃي. ان جو اندازو ملائيشيا ڇڏي سنگاپور گهڙڻ سان ئي ٿئي ٿو. وچ ۾ وقت جو فرق رڳو پنج منٽ ۽ مفاصلي جو فرق بہ ٽي ميل آهي. هونءَ تہ ملائيشيا بہ سکيو ستابو صاف سٿرو سهڻو ۽ امير ملڪ ٿيندو وڃي، پر سنگاپور جي ڳالهہ ئي ٻي آهي.سنگاپور گهڙڻ سان ئي محسوس ٿئي ٿو تہ ڪا وڏي تبديلي اچي ويئي آهي. سنگاپور بہ ملائيشيا وانگر سرسبز ۽ سائو آهي، پر اتي هروڻ هرٻوٽو پنهنجي جاءِ تي پيو سونهي. ڪٿي بہ گاهہ وڌيل نظر نہ ٿو اچي.ڏکڻين ۽ آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ عمارتن جا شيشا چمڪندا رهن ٿا. رستا صاف سٿرا ۽ لسا، ڦٽ پاٿن تي رستن ۽ بسن جا نالا ۽ نمبر لڳل. مسافرن جون قطارون ۽ ويهڻ لاءِ اڏاوتون. چپي چپي تي پبلڪ فون ۽ ويجهڙائيءَ جون مشهور جايون ڏسڻ لاءِ نالا ۽ تير لڳل. وڏو توڙي ننڍو باادب ۽ ڊسيپلينڊ_ جنهن بابت مٿي بہ لکي چڪو آهيان. جيڪو ماڻهو چين، هانگ ڪانگ،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

تائيوان، ملائيشيا ۽ ٻين ڏکڻ اوڀر ايشيا جي ملڪن ۾ رهيو هوندو ان کي خبر هوندي ۽ ان ڳالهه جو قدر ڪندو تہ چيني ماڻهن کي ائين ڪنٽرول ۾ رکڻ واقعي سنگاپور حڪومت جو ڪمال آهي_يعني ڏندي بنا! موچڙي بنا چيني ماڻهوءَ کي ڪنٽرول ۾ رکي نہ سگهيو.

ملائيشيا وانگر سنگاپور ۾ بہ سڀني مذهبن، زبانن ۽ ماڻهن جي عزت ڪئي وڃي ٿي. حساس عنوانن تي بحث ڪرڻ تي بندش وڌل آهي- جيئن ڪنهن کي بہ رنج نہ پهچي. هر هڪ آزاد آهي تہ ٻارن کي انگريزي پڙهائي يا تامل،چيني پڙهائي يا ملئي. مندر ۾ وڃي يا مسجد ۾. گوردواريءَ ۾ وڃي يا پگوڊا ۾ پر ملڪ جي ڊاهہ ڊوهہ نہ ڪري.

ڪيترائي يورپي ۽ مغربي ماڻهومختلف عبادت گهرڏسڻ جي لاءِ سنگاپور ۾ اچن ٿا.جن کي حڪومت جي طرفان اهي ڏسڻ جي اجازت ڏني وئي آهي_بشرطيڪ ان مذهب جون ضروري اخلاقي ۽ رسمي ڳالهين جو خيال رکن_جن بابت حڪومت طرفان ڇپيل گائيڊ بڪ ۾ واضع طور لکيل ٿئي ٿو.جيئن مسجد لاءِ لکيل آهي تہ اندر وڃڻ کان اڳ ٽوئرسٽن لاءِ ضروري آهي تہ بوٽ ٻاهر لاهين. سگريٽ ڇڪڻ يا ڏاڍيان ڳالهائڻ کان پرهيز ڪن. اسڪرٽ يا ٻانهن بنا بلائوز پاتل عورتون پنهنجي سڄي جسم کي ڍڪي پوءِ اندر وڃن ۽ اها عورت جيڪا حيض وارن ڏينهن _Periods Menstrual ۾ آهي.اها اندر نہ وڃي - وغيره وغيره.

سنگاپور ۾ گهڻائي چينين جي آهي.ڪي ڏهہ سيڪڙو کن ملئي ۽ هندستاني ٿيندا. پر ماڻهن جي حساب سان مسجدون تمام گهٽيون آهن. ملائيشيا ٽپي سنگاپور اچڻ شرط ئي هڪ تمام وڏي خوبصورت مسجد کاٻي پاسي نظر اچي ٿي. جيڪا شايد هن سال نهي راس ٿي آهي. جو هن کان اڳ هتان لنگهندي نظر نہ آئي. ان کان علاوه شهر ۾ ٻيون بہ ڪيتريون ئي ننڍيون وڏيون مسجدون آهن. وڪٽوريا ۽ جالان سلطان تي ملباري مسجد، عرب اسٽريٽ وٽ سلطان مسجد ۽ ٻيچ روڊ جي چيڙي وٽ حاجاٽي فاطمہ مسجد، وڏين مسجدن مان ڪجهہ آهن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# سنگاپور ۾ ڪو بہ رستو پري ناهي

ملائيشيا مان نڪري سنگاپور ۾ داخل ٿيڻ جو ٺپو سنگاپور اميگريشن وارن کان پنهنجن پاسپورٽن تي هڻائي پوءِ "مئرينرس ڪلب" ڏي روانا ٿياسين_ جتي اسان جي ٽڪڻ جو بندو بست ڪئپٽن ظهور ڪرايوهو. مئرينرس ڪلب تنجنگ پگار_ سنگاپور جي مشهور شاپنگ سينٽرن مان هڪ، جي پرسان ۾ زري گهٽ شهر ۾ آهي. ڪراچيءَ جي ميڪلوڊ روڊ يا نيويارڪ جي وال اسٽريٽ وانگيان شينٽن وي (روڊ) پڻ ويجهو اٿس، جنهن تي سڀ کان گهڻيون بئنڪون ۽ ڏيتي ليتيءَ جون آفيسون آهن. هونءَ تہ سجو سنگاپور جو ملڪ هڪ شهر آهي ۽ شهر بہ اهڙو جهڙو هانگ ڪانگ، ڪولمبو ڪنهن زماني جو بيروت ۽ عدن، پينانگ يا ڪجهہ ڪجهہ ڪراچي جنهن جي هر هڪ گهٽي دڪانن ۽ شاپنگ سينٽرن سان ٽب هجي ۽ دڪان ڏينهن رات کليل هجن، جيئن ڪنهن بہ وقت آيل مسافر خريداري ڪري سگهن پر اهو آهي تہ ڪراچي پکيڙ ۾ تمام گهڻو وڏو آهي. رڳو ملير لانڍي کان ٽاور ڪيا ماڙي تائين ويهہ ميل ڊگهو ٿيندو ۽ سائيٽ مارپپور کان نيو ڪراچي يا ڪورنگي تائين بہ ويهہ ميل کن ويڪر ۾ ٿيندو. پر سنگاپور جو شهر بلڪل سجو بيٺ ڊيگهہ ۾ چوويهہ ميل آهي ۽ ويڪر ۾ تيرنهن ميل. سو سنگاپور رڳو ڳتيل گهڻو آهي ان ڪري تمام وڏو ٿو لڳي ۽ ماڻهو پلجيو وڃي.

هڪ دفعي ڪيپل روڊ تي بس لاءِ بينو هئس (جتي سنگاپور جو مشهور ڪيپل نالي شپ يارڊ پڻ آهي) اتان آرچرڊ روڊ وڃڻو هوم پر ۾ بينل هڪ سنگاپوري انڊين چيو: "توهان کي جلدي هجي تہ بس لاءِ انتظار ڪري وقت ضايع نہ ڪريو ٽئڪسي ڪرائي هليا وڃو" ٽئڪسي ۾ ويهڻ وقت هڪ دم خيال آيو تہ ڪٿي ٽئڪسيءَ وارو مون کي ڌاريو سمجهي ڏورانهن رستن کان نہ وٺي هلي سو بس اسٽاپ تي بيٺل سنگاپوري انڊين کان پڪ ڪرڻ خاطر پڇيم "ياٺو آرچرڊ روڊ ڪيترو پري آهي؟

کلي وراڻيائين: "هتي تہ ڪابہ شيءِ پري ناهي. سنگاپور آهي ئي ڪيترو بيٺ!"

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سو واقعي سنگاپور کو ايڏو وڏو بيٺ نہ آهي ۽ ٽئڪسين جا ڀاڙا بہ ٻين ولايتي ملڪن جي ڀيٽ ۾ هتي واجبي آهن ۽ اهئي سرڪار طرفان مقرر ٿيل آهن. مقرر تہ گهڻو ڪري سڀني ملڪن ۾ هوندا آهن. پر سنگاپور جا ٽئڪسي ڊرائيور ان تي عمل ڪن ٿا. ۽ سنگاپور جي پوليس ان معاملي ۾ مٿس ڪرڙي اک رکي ٿي. سنگاپور ۾ پهرين ڏيڍ ڪلو ميٽر جو ڀاڙو هڪ سنگاپوري ڊالر آهي ـ يعني ساڍا ڇهہ روپيا ڪن ۽ جي ٽئڪسي ايئر ڪنڊيشنڊ آهي تہ هڪ ڊالر ويهہ سينٽ. ان بعد هر چار سؤ ميٽرن بعد ڀاڙو ويهہ سينٽ وڌي ٿو. انتظار لاءِ هڪ منٽ جا ڏهہ سينٽ آهن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# سنگاپور جو سُهڻو آهي

سنگاپور ۾ ماڻهو هوائي جهاز، سامونڊي جهاز ۽ خشڪي رستي ملائيشيا کان اچي سگهي ٿو هن کان اڳ اسان جو هميشہ سمنڊ رستي اچڻ ٿيندو هو. ۽ جهاز ايسٽ ڪوسٽ (اوپرڪناري) ڪلفرڊ پيئر جي پرسان اچي بيهندو هو. جتان ٻن منٽن جو پنڌ ڪندا هئا سين. رستي جي ٻئي ڪپر تي چئينج ايلي (ڪراچيءَ جهڙي بوهري بازار)، رئفل روڊ، هاءِ اسٽريٽ، (ڪراچيءَ جي جامع ڪلاٿ مارڪيٽ_بلڪ حيدرآباد جي شاهي بازار) هل اسٽريٽ، نارٿ برج روڊ، جهڙا مشهور روڊ، رستا ۽ بازاريون، سامهون هوندا هئا . يا جهاز ويسٽ ڪوسٽ پاسي اچي بيهندو هو. جتان پوءِ ٻيڙي (لانچ) ٽئڪسيءَ ذريعي عرب اسٽريٽ، تنجم پگار يا پيلس پارڪ جهڙن شا پنگ سينٽرن ۽ بازارين ۾ اچي نڪرندا هئاسين. اهي رستا سالن کان ڏٺل وائٺل ۽ ياد هئا. بلڪ ڪيترا رستا ۽ عمارتون اسان جي اکين جي اڳيان گذريل ڏهن يا پندرنهن سالن ۾ نهيون. سنگاپور جو ايئر پورٽ ۽ ملائيشياڏي ويندڙ رستي واري علائقي ووڊ لئنڊس Wood lands پاسي لاءِ ٻڌبو پيو هو تہ اتي بہ تبديلي اچي رهي آهي. سرڪار جهنگ ويرائي باغ، ۽ بنگلا، رستا ۽ روڊ نهرائي رهي آهي، پر ان پاسي ڪڏهن بہ وڃڻ جو وقت ۽ ضرورت پيش ڪونہ آئي. پر هاڻ جيئن تہ اسان ملائيشيا کان باءِ روڊ اچي رهيا هئاسين سو سنگاپور جو اهو سڄو پنيون پاسو ڏسڻ جو وجهہ ملي ويو ۽ ساڳئي وقت ڪراچيءَ کان ملائيشيا هن دفعي هوائي جهاز ۾ ويندي وقت سنگاپور جي هوائي اڏي تي لهڻ ڪري چانگي وارو علائقو پڻ ڏسڻ جو سٺو موقعو ملي ويو. ڪنهن زماني ۾ بس رستي چانگي وڃبو هو تہ اهو هڪ ننڍڙي ڳوٺ خانوٺ پاڻوٺ يا سيڪاٽ جهڙو الڳ ٿلڳ لڳندو هو. پر هاڻي سڄو ملڪ هڪ ٿي ويو آهي. جيئن ڪراچيءَ جا ڏورانهان علائقا، ملير، لانڍي، لسٻيلو منگهو پير، ڪورنگي، اورنگي، شهر سان ملي هڪ ٿي ويا آهن. يا حيدرآباد ۾ ٽنڊو آغا، ٽنڊو ولي، محمد چنڊ جو ڳوٺ، جاني شاهہ ڪچو قلعو وغيره سڀ وڏي وڏي هڪ يڪو حيدرآباد شهر ٿي ويو آهي. اهو ضرور آهي تہ سنگاپور شهر وڏيو آهي. پر حساب ڪتاب سان ڪٿي بہ

گهر دوڪان يا هوٽل ناهي وئي آهي تہ ان ڪان اڳ پهرين پڪا رستا، گٽرسسٽم، پاڻيءَ جاپائيپ، مينهن جي پاڻيءَ جي نيڪال جون ناليون، اليڪٽرڪ ۽ ٽيليفون جا ٿنڀا ۽ تارون، ڪارين بيهارڻ لاءِ پارڪنگ جا بندوبست پهرين ڪيا ويا آهن. ويندي ٻهراچلائڻ لاءِ دٻا ۽ آهر، ٻارن لاءِ پارڪ ۽ پيينگهون، اسڪول ۽ اسپتالون، عورتن ۽ پوڙهن لاءِ اس ۽ مينهن جي بچاءَ لاءِ اڏاوتن وارا بس اسٽاپ ۽ بينچون ـ پهرين مهيا ڪيا ويا آهن. اهو ئي سبب آهي ۽ اها ئي اڳ جي پلاننگ ۽ سوچ آهي جنهن ڪري سنگاپور سهڻو شهر ٿي پيو آهي. سنگاپور نہ فقط صاف ۽ سهڻو شهر آهي، پرسندس رهاڪوءَ لاءِ هر سک ۽سهولت موجود آهي. هيڏو ڳتيل ۽ آباد شهر هوندي بہ هر عمارت جي هر فليٽ ۾ رهندڙ کي فون جهڙي عياشي ايترو آسانيءَ سان ملي تي وڃي جيترو پوسٽ آفيس تي وڃي ٽڪليون وٺڻ، يا پساريءَ جي دوڪان تان سڪاڪائي، يا ڏوڏي، پست جي ڪڻ، يا مني ڪاني، وٺڻ. پر جيڪا شيءِ سنگاپور ۾ آسانيءَ سان نہ ٿي ملي سگهي اها آهي موٽر ڪار. حڪومت طرفان ان ڳالھ تي سختيءَ سان زور وڌل آهي تہ سنگاپوري گهٽ کان گهٽ ڪارون خريد ڪن.   ان جوسبب اهو ناهي تہ ڪو سنگاپور چاهي ٿي تہ سنگاپوري پيدل هلن. پر ان ڪري جو سنگاپور تمام ننڍڙو ملڪ/ شهر آهي ۽ ماڻهو تہ ڏينهون ڏينهن امير ٿيندا وڃن. سو جيڪڏهن هرهڪ ڪار وٺڻ شروع ڪندو تہ رستا ۽ فٽ پاٿ سڀ ڪارين سان پرجي ويندا پوءِ پنڌ هلڻ وارن لاءِ مصيبت ۽ ڪمن ڪارين ۾ رنڊڪ پئجي ويندي. ان ڪري گهٽ کان گهٽ ڪارون هجڻ شهر جي سونهن ۽ سهولت لاءِ فائديمند آهن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# سنگاپور ۾ ڪار رکڻ وڏو شان آهي

جيستائين سواريءَ جو سوال آهي حڪومت طرفان بسون ايتريون ته گهڻيون ۽ آرامده هلن ٿيون جو بس ۾ سفر ڪرڻ وڏيڪ سستو آسان ۽ سلامتيءَ وارو ٿي پيو آهي. سنگاپور ۾ پنهنجي ڪار رکڻ مان ڪو گهڻو فائدو ناهي.ڇو جو هڪ ته لکا روپيا سيڙائي ڪار وٺجي جو هتي جي حڪومت سنگاپورن کي دلشڪستو ڪرڻ لاءِ ڪار جي قيمت، روڊ ٽئڪس، رجسٽريشن في، ڪار پارڪنگ چارجز وغيره تمام ڳري ڪري ڇڏي آهي. مثال طور اها ٽويوٽا ڪار جيڪا جاپان ۾ چاليهه هزار روپئي کن ملي ٿي ۽ پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ تمام گهڻو ٽئڪس لڳڻ کان پوءِ به سوا لک روپئي کن وڃيو پوي پر هتي سنگاپور ۾ ان جي قيمت اجا به ڳري رکي ويئي آهي _ اٽڪل به سوا به لک کن. جيتوڻيڪ جنهن حساب سان ريڊيو، ٽي وي، ۽ واچون وغيره سنگاپور ۾ سستيون آهن. ان حساب سان ڪار جي قيمت به سستي هئڻ کپي جيتري جاپان ۾ آهي. پر سنگاپور ۾ ڪارون جاٽي واٽي مهانگيون ڪيون ويون آهن. مثال طور: رجسٽريشن في ۽ روڊ ٽئڪس جيڪو پاڪستان ۾ گهٽي ۾ گهٽو ته به ساليانو ڇهه سؤ يا وڏين ڪارن جو اٺ سؤ روپيہ آهي. پر هتي سنگاپور ۾ اهو ڏهه ويهه هزار کن (ڪار جي وڏائيءَ موجب) آهي. پر هن سال کان ته هن کي به ٻيڻو ٽيڻو ڪري ڇڏيو اٿن. بلڪ ڪار وٺڻ جي ان کي ئي اجازت ڏين ٿا جيڪو اڳهين ڪار جو خريدار آهي ۽ پنهنجي پراڻي ڪار جنڪ يارڊ (ڪارن جي قبرستان ) ۾ وڃي جمع ڪرائي. يعني ان ڪار کي ردي سمجهي ڦٽو وڃي ڪري. (جنهن کي حڪومت پوءِ رجائي لوهه جي ڪم ۾ آڻي ٿي) ۽ مالڪ پوءِ ان جي بدلي ۾ نئين ڪار وڃي وٺي _ پنهنجن پئسن سان.

ڏٺو وڃي ته سنگاپور ۾ ڪار رکڻ جي ڪابہ ضرورت ناهي جو ماڻهو سنگاپور ۾ ڪٿي به هجي ته هو بس اسٽاپ کان پري ناهي. ڪيتريون ڪمپنيون آفيسون ڪارخانا پنهنجن ماڻهن کي گهر کان آفيس آڻڻ ۽ پهچائڻ لاءِ مني بسون هلائن ٿا. ٽئڪسيون عام جام آهن يا ٽئڪسيءَ جي لاءِ ڪٿان به مفت ۾ فون ڪري سگهجي ٿو. سو اهڙِي حالت ۾ پنهنجي ڪار

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

رڪڻ انگريزيءَ جو مثال ”اڇو هاٿي پالڻ“ آهي. جنهن تي رڳو خرچ ئي خرچ آهي. پر تنهن هوندي بہ سنگاپور ۾ ڪار رکڻ وڏ ماڻهپي جو نشان _Status Symbol آهي. ڪنهن ماڻهوءَ جو بئنڪ بئلنس ڪٽي لکا روپيا هجي . گهر ۽ آفيس ۾ ڪٽي ٽيليفون ۽ ٽئڪسيون هجن. هرڪمري ۾ ٽي وي، وي سي آر هجيس. پر تيسين هو پاڻ کي غريبڙو محسوس ڪري ٿو جيسين ڪار نہ وٺي. ۽ جيڏي وڏي ڪار اوڏو وڏو ماڻهو. ڪيترا اهڙا بہ وڏا ماڻهو آهن جن وٽ وڏيون ڪارون ائين بيٺيون آهن. جيئن ڪن جاپاني وڏن ماڻهن وٽ گيشائون (رکيلون يعني رڳو رکڻ لاءِ _ پلي استعمال نہ ڪن. ۽ جاپانين وانگر ڪيترائي سنگاپوري دولتمند خاص ڪري چيني، ڪارون فقط ان لاءِ وٺن ٿا تہ جيئن ماڻهن تي رعب ويهي تہ هو ايڏي وڏي ڪار رکي سگهن ٿا. ان جو خرچ ادا ڪري سگهن ٿا. ڪيترا اهڙا بہ سنگاپور جا واپاري هاءِ اسٽريٽ ۾ پنهنجن پڌي واپار جي ايئرڪنڊيشنڊ آفيسن ۾ ٽيليفونن جي وچ ۾ ويٺل نظر ايندا جن جو گهر آفيس کان فقط فرلانگ کن پري هوندو. ۽ هو سڄو ڏينهن آفيس ۾ وهڪ ڪري گهر پنڌ وڃڻ پسند ڪندا پر ڊرائيور ڊيوٽيءَ موجب صاحب/ سيٺ جي ڪار گهر کان آفيس ۽ آفيس کان گهر آڻيندو نيندو رهندو. جيئن اوڙي پاڙي خاص ڪري واپاري پارٽيءَ کي خبر پوي تہ سيٺ جو ڪيڏو رتبو شان، ۽ ساک آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# سنگاپور ۾ ڪارون گھٽائڻ جا اپاءَ

سنگاپور حڪومت پنهنجي ملڪ جي ماڻهن کي ڪارون وٺڻ کان تہ ڪافي جهل پل ۽ دلشڪستو ڪري ٿي پر پر واري ملڪ ملائيشيا کان ايندڙ ڪارن جي ٻوڏ کي ڪيئن جهلي؟ صفا جهلي ڇڏڻ تہ معنيٰ پنهنجي پير تي ڪهاڙو هڻڻ. ڇو جو سنگاپور وارن جو گذران ٻاهران آيل ماڻهن تي آهي ۽ هو جيترو يورپ آمريڪا کان آيل ماڻهن مان ڪمائن ٿا اوترو ئي ملائيشيا جي ماڻهن مان. ملائيشيا جا ماڻهو بہ ڪافي امير آهن ۽ سنگاپور ڏي تہ امير توڙي غريب خرچڻ لاءِ پهچي ٿو. غريب اهو سوچي سنگاپور اچي ٿو تہ گهر لاءِ سستي شيءِ وٺان: ڪپڙا، گنديون، ٿانوَ ٿپا، اليڪٽرڪ جو سامان وغيره ۽ امير ماڻهو جنهن وٽ گهر ۾ هر شيءِ موجود آهي. سو عياشيءَ لاءِ سنگاپور پهچي ٿو. خاص ڪري اها جاءِ جيڪا ملائيشيا ۾ موجود ناهي. يا جيڪا عياشي هو آزاديءَ سان پنهنجي ملڪ ۾ نٿو ڪري سگهي. جو پنهنجن ۾ هن ڪجهه پيو ئي اميج ڏنو آهي. جيئن ڪيترا ئي هند، سنڌ ۽ عرب دنيا جا "معزز ماڻهو" جيڪي پنهنجن ڳوٺن، قومن ۽ قبيلن ۾ تہ پرهيزگار، متقي ۽ خبر ناهي ڇاڇا سڏائين ٿا، سي ٻاهر جي دنيا ۾ جيڪي ڪم اچي ڪن ٿا، تن جو ذڪر جيڪر سندن مريدن يا قوم جي ماڻهن سان ڪجي تہ هو پاڻ خودڪشي ڪن يا ٻڌائڻ واري جو انت آڻين. بحر حال سنگاپور سڃاڻپ ڪري انسان جي انهن ڪمزورين جو پورو فائدو وٺي رهيو آهي ۽ جيڪا سروس ڪنهن زماني ۾ بيروت، ڪولمبو ۽ ڪجهه ڪجهه ڪراچيءَ تي ڏني سا هاڻ بئنڪاڪ، بمبئي ۽ سنگاپور ڏئي رهيو آهي. ۽ سنگاپور ڪڏهن بہ نہ چاهيندو تہ ملائيشيا جا مال دولت وارا ماڻهو نہ اچن. باقي سندن ڪارن جي اچڻ تي ٿورائي ڪرڻ لاءِ "سنگاپور حڪومت" ڪجهه اپاءَ ورتا آهن، جن ڪري هن ملڪ ٽرئفڪ کي ڪنٽرول ۾ رکي ورتو آهي: هڪ تہ سنگاپور ۾ ڪار بيهارڻ جي پارڪنگ في ڳري رکي وئي آهي ۽ وچ شهر ۾ گاڏي بيهارڻ جي في ڪلاڪ جا ٻہ ڊالر آهي. سو بہ ڪلاڪ يڪو هڪ جڳهه تي بيهي تہ، نہ تہ جي ڪلاڪ ۾ ٽي چار هنڌن تي بيهي تہ اوترا دفعا ٻہ ٻہ ڊالر پوءِ چاهي ڪنهن هنڌ چاهي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پنج منٽ بيهي. سو توهان فقط ڏينهن جا ٻارنهن ڪلاڪ شهر ۾ مختلف هنڌن تي بيهاري ته به چوويهن ڊالرن کان ٽيهه چاليهه ڊالر پارڪنگ في تي سگهي ٿي يعني به ادائي سؤ روپيه اهي ٿي ويا. ۽ اها في ان ئي ڏينهن ڀرڻي آهي.جي هفتو کن دير ٿي وئي ته معنيٰ ڀيڻ ٽيڻ ۽ ٽئان ڏنڊ پڻ. (اهو قائدو ملائيشيا ۾ پڻ آهي.) ٻي ڳالهه ته سنگاپور جي شهر ۾ اچ وڃ گهٽائڻ لاءِ ڪيترن ئي رستن تان لنگهڻ جا به ڊالر في رکي وئي آهي. جيئن مثال طور حيدرآباد ۾ رسالارو ڊ, اسٽيشن روڊ, ۽ فردوس سينيما, ڏي ويندڙ رستي تان لنگهڻ جا به به ڊالر في هجي ته اهو ماڻهو جيڪو گورنمينٽ اسڪول وٽ بيٺو هجي ته ان کي فردوس سينيما ويندي وقت رسالا روڊ چڙهي گول بلڊنگ وٽان ڦري, اسٽيشن روڊ. ڏئي سلطان هوٽل, وٽان مڙي, ٽنڊي سڙڪ تي اچي, سامهون فردوس سينيما اچڻو پوندو جيڪو ڪل رستو اڌ ميل به نه ٿيو ۽ وقت ڏهه منٽ به نه پر ون وي جي ڪري هن کي ٽن رستن; رسالا روڊ, اسٽيشن روڊ, ٽيپي پوءِ ٽنڊي سڙڪ تي اچڻو پيو. معنيٰ هن تي انهن ٽنهي رستن جا ڇهه ڊالر ٿي ويا جيتوڻيڪ ان کان ته بهتر هو ته هو وچان ئي وچان پنڌ هليو وڃي ها. اتي ته فقط ٽي رستا ٿيا پر سنگاپور ۾ ڪڏهن ڪڏهن ون وي ڪري ڪيترا ئي رستا ٽپڻا پون ٿا جن جي به به ڊالر في آهي. سو سڄي ڏينهن ۾ فقط پنجن ڇهن ڪمن لاءِ ويهه ٽيهه ڊالر اهي ٿي ويا. ان کان ته بس ۾ گهٽ خرچ بلڪ نه برابر اچي ٿو. سو پنهنجي ڪار ڪري رستن ٽپڻ جي في الڳ ته پارڪنگ جي الڳ. ان کان علاوه پيٽرول جو خرچ ۽ پاڻ هلائڻ جو مٿي جو سور ڏار. ان ڪري ان خفي کان گهٽي قدر ماڻهو پنهنجي ڪار گهر ۾ ئي بيهارين.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## سنگاپور ۾ ملائيشيا کان ڪار آڻڻ

مٿين ڳالهين کان علاوه ٻيا به ڪيترا ئي ننڍا ننڍا مسئلا آهن. جي پرائيويٽ ڪارن وارن لاءِ مونجهارو آهن. مثال طور رستن تي هلڻ جا هڪ ته به ڊالر في آهي ۽ ٻيو ته اڪيلي سر وچڻ جي اجازت ناهي. يعني ان رستي تان لنگهڻ لاءِ به ٽي ٻيا پيادا پنهنجي ڪار ۾ کڻو_ پيادا سواريءَ وارن کي منٿون ڪن ان بدران سواريءَ وارن کي پيادن کي منٿون ڪرڻيون پون ٿيون. يعني تلڪ چاڙهيءَ کان اڳ ئي توهان پنڌ ويندڙن کي منٿون ڪرڻ شروع ڪيو ته بيلي ڏاها ٿيو جي اسٽيشن تائين وڃو ٻيا ته ٽئڪسيءَ ۾ وڃڻ بدران منهنجي ڪار ۾ سوار ٿي هلو جيئن آئون پوءِ اڳتي گڊس ناڪي ڏي هليو وڃان. جي توهان به ماٺهو نه ويهاريا ته به ڊالر رستي جي فيءَ کان سواءِ پنج ڊالر ان ڳالهه جو ڏنڊ ته اڪيلا ڇو وياٿو. اهو ان ڪري ڪيو ويو آهي ته جيئن ٿورين سوارين ۾ گهٽي کان گهڻا ماڻهو سفر ڪن. ٻين لفظن ۾ ٻئي ڏينهن پنهنجي ڪار ڪيڻ بدران بس ۾ يا ٻئي ڪنهن کان لفٽ وٺڻ جو توهان به سوچيو ۽ پنهنجو خرچ ۽ سنگاپور جي رستن کي ڪارين جي پيهه کان بچائي سگهو.

هڪ ٻي ڳالهه يا قائدو جيڪو سنگاپور سرڪار ڪار وارن لاءِ مقرر ڪيو آهي. خاص ڪري ملائيشيا وارن لاءِ اهو اهو ته ملائيشيا ۾ رجسٽر ٿيل ڪار يعني ملائيشيا ملڪ مان آندل ڪا ر سنگاپور ۾ فقط نوي ڏينهن لاءِ رهي سگهي ٿي. ۽ هن سال کان ته ٻڌجي پيو ته اهي نوي ڏينهن گهٽائي پندرنهن يا ويهه ڪرڻ وارا آهن. پوءِ چاهي ڪو اهي سمورا ڏينهن هڪ ئي وقت سنگاپور ۾ گذاري يا ٿورا ٿورا ڪري گذاري. سندس ڪار جو سنگاپور ۾ هجڻ جو حساب بارڊر وٽ آٽوميٽڪ ٿيندو رهي ٿو. اهو حساب ڪتاب ڪيئن ٿو ٿئي؟ اهو هن ريت آهي:

جيئن ئي ملائيشيا کان ڪار پل Way _ Cause ٽپيو سنگاپور جي سرحد تي پير / ڦيٿو ٿي رکي ته ڊيوٽي تي ويٺل ڇوڪريون ان ڪار جو نمبر ڪمپيوٽر ۾ وجهن ٿيون. پوءِ اها ڪار سنگاپور ۾ ڏينهن به يا وڌيڪ رهڻ بعد وري جڏهن موٽي ٿي ته بارڊر وٽ وري ان ڪار

جو نمبر ڪمپيوٽر ۾ فيڊ ڪيو وڃي ٿو جنهن کي ڪئلڪيوليٽر ۾ ٽائيپ رائيٽر وانگر چاٻيون/ بٽڻ آهن جن کي دٻائين ٿيون. ڪمپيوٽر جي حساب ڪتاب واري خاني ۾ ان نمبر واري ڪار جو حساب ٿيو وڃي ته فلاڻي تاريخ سنگاپور وئي ۽ فلاڻي ڏينهن موٽي پئي ـــ يعني هيترا ڏينهن هينئر سنگاپور ۾ رهي. پوءِ اهو حساب ڪمپيوٽر جي ياداشت ۾ گدام Memory & Storage واري دماغ ۾ وڃي ٿو. جتي پهرين جي حساب ۾ جوڙتي يادگيريءَ ۾ رهي ٿو جيئن وري به ڪڏهن ان سال سنگاپور اچي ته پراڻي حساب ۾ جوڙتي سگهي. پوءِ ساڳي ڪار سال ۾ ڪٽي ويهه دفعا اچي هر دفعي سندس سنگاپور ۾ رهائش جو حساب ٿيندو گڏريل حساب ۾ جوڙ ٿيندو رهي ٿو. جيسين اهي مقرر ڏينهن پوراٿين. جيئن ئي مقرر ڏينهن پورا ٿين ٿا مثال طور نوي ڏينهن ته پوءِ اها ڪار جهڙو پل (سرحد) وٽ پهچي ٿي ته ان جو نمبر ڪمپيوٽر ۾ وجهڻ سان ڳاڙهي بتي ٻري ٿي ۽ الارم وڄي ٿو پر اليڪٽرڪ ذريعي ڪمپيوٽر ان ڪار جو رستو روڪي ڇڏي ٿو جيسين ڪار وارو مقرر ٿيل ڏنڊ ڏئي يا واپس موٽي وڃي. ان ڊپ کان هر ڪو خيال ٿو ڪري ۽ سنگاپور ۾ پنهنجي ڪار حساب سان ٿو آڻي. جيئن اسان جو ڊرائيور نورالدين ۽ هڪ ٻيو سندس دوست ڊرائيور ابراهيم آهي. پوءِ هڪ جي ڪار جا نوي ڏينهن پورا ٿيڻ تي ٻيو پنهنجي ڪار آڻي ٿو. يا ٻه چار دوست گڏجيو هڪ ڪار ۾ اچن ٿا، جيئن هڪ ئي ڪار جا ڏينهن ڳڻجن ۽ سنگاپور جي ٻه ان ۾ ئي دلچسپي آهي ته ماڻهو گهٽا اچن ۽ ڪارون گهٽ.

# سنگاپور جو جنگل ووڊلئنڊ

ملائيشيا کان اچڻ مهل سنگاپور جي جنهن پهرين علائقي ۾ گهڙجي ٿو اهو ووڊ لئنڊس آهي. Wood Lands هينئر تازو تهيل علائقو آهي جتي گهڻائي ملئي ماڻهن جي آهي. کين اتي رهڻ ۾ اها سهولت آهي جو هو هڪدم ملائيشيا خاص ڪري ملائيشيا جي جوهوربارو شهر ۾ ، پهچيو وڃن. انهن ۾ گهڻائي انهن ملئي ماڻهن جي آهي، جيڪي سنگاپوري آهن پر نوڪري ملائيشيا جي شهر جوهوربارو ۾ ڪن ٿا، ڇو جو انهن لاءِ آساني آهي. مثال طور اسان جو هڪ ملئي آفيسر موسيٰ آدم جو پياءُ سالن کان سنگاپور ۾ رهيل آهي _ جڏهن سنگاپور ملايا جي هڪ رياست هوندو هو جيئن جوهور، ملاڪا، سريمبان وغيره آهي. پوءِ 1963ع ڌاري سنگاپور الڳ ملڪ ٿيو ته هو اتي ئي رهيو. سو ظاهر آهي ته هو ڳالهائي ته ملئي پيو پر سندس قوميت سنگاپوري ٿي. يعني هڪ پاءُ ملائيشيا ۾ رهڻ ڪري ملائيشين ٿيو ۽ پيو سنگاپوري. سو سنگاپوري پاءُ جو پٽ نوڪري جوهورباروءَ جي بئنڪ ۾ ڪري ٿو. يعني هو روز صبح جو سنگاپور کان ملائيشيا جي شهر جوهورباروءَ ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ وڃي ٿو. جتي (ووڊلئنڊس ۾) هو رهيل آهي اتان جوهوربارو فقط ڏهن منٽن جي پنڌ تي آهي. ڪيس جيتوڻيڪ ساڳي بئنڪ جي سنگاپور برانچ ۾ نوڪري ملي ٿي جيڪا آرچرڊ روڊ تي آهي. پر آرچرڊ روڊ تي پهچڻ ۾ هن کي اڌ منو ڪلاڪ لڳي ٿو ۽ هوڏانهن جوهوربارو شهر فقط ڏهه پارهن منٽ پري آهي. ان ڪري هو پنهنجي ملڪ سنگاپور ۾ نوڪري ڪرڻ کان ملائيشيا روز اچڻ وڃڻ بهتر سمجهي ٿو. هي حساب ائين آهي جيئن ڪو ڪوٽڙيءَ جو رهاڪو پنهنجي ضلعي جي شهر سيوهڻ جي حبيب بئنڪ ۾ نوڪري ڪرڻ کان وڌيڪ ڏارئين ضلعي حيدرآباد جي شهر گدوءَ ۾ نوڪري ڪرڻ بهتر سمجهندو جو ڪوٽڙيءَ کان گدو اچڻ ۾ فقط چند منٽ لڳن ٿا ۽ هوڏانهن پنهنجي ضلعي جي سيوهڻ ۾ ڪلاڪ ڏيڍ!

بهرحال سنگاپور ۾ گهڙڻ سان پهرين ووڊلئنڊس جو علائقو اچي ٿو جيڪو ڪجهه سال

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اڳ گهاٽو جهنگ هو ۽ پولڙا پيا گهمندا هئا. پوءِ ماڻهن جي رهائش، رستن، آفيسن، جو مسئلو حل ڪرائڻ لاءِ سرڪار هڪ ته هي جهنگل ويڙائي گهر، دڪان، ۽ آفيسون ٺهرايون ۽ ٻيو ڪلفرڊ پاسي واري سمنڊ جو چڱو حصو مٽيءَ سان پرائي شهر جي ٻاهران ان تان وڏا رستا ٺهرايا جيئن هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين وڃڻ لاءِ شهر جي اندران لنگهڻ بدران ٻاهران هنن رستن تان تکو پهچي سگهجي.

ٿورو اڳتي وڃ شهر ڏي وڌڻ سان سيمباوانگ جو علائقو اچي ٿو _ جيڪو هونءَ پاڻيءَ جي جهاز ۾ ڪلفرڊ پيئر پاسي اچبو هو ته پري لڳندو هو. هن علائقي جي پر ۾ سنگاپور جو چڙيا گهر (Zoo ) آهي. سنگاپور جو زو تمام وڏو ۽ سهڻو آهي. اهڙو ملائيشيا ۾ به نه آهي. بلڪ ملائيشيا ۾ نه هجڻ ڪري سنگاپور حڪومت وڏو خرچ ڪري سنگاپور ۾ هي چڙيا گهر وڌايو آهي. جيئن ملائيشيا جا ماڻهو به هتي اچي ڏسن. ملائيشيا جي اخبارن ۾ هر هفتي خميس ۽ جمعي ڏينهن سنگاپور جي چڙيا گهر جو اشتهار ايندو آهي. جنهن ۾ هاٿيءَ اڳيان ٻار هوندا آهن يا گوريلا ٻارن کي چوندو آهي ته مونکي سنگاپور جي زو ۾ اچي ڏسو. اهي اشتهار ملائيشيا ۾ ٻار ڏسي خميس ۽ جمعي جي ڏينهن کان مائٽن کي سُر ڪٽائيندا آهن ته سنگاپور هلو اسان زو ڏسندا سين. ڇنڇر يا آچر ڏينهن موڪل تي، مائٽ چاهين يا نه پر ٻارن ڪري سنگاپور ضرور هلن ۽ پوءِ ڪيترو به پاڻ کي جهلين ته به ڪجهه نه ڪجهه شاپنگ ته ضرور ٿي ويندي آهي.يا ٻيو نه ته سنگاپور جي ڪنهن هوٽل ۾ ٽڏو پيئن يا ماني کائين. نتيجي ۾ ڪنهن سنگاپوريءَ جي ڪمائي يعني ملڪ جي خوشحالي!

سنگاپور ۾ گهڙڻ سان ووڊلئنڊ جي علائقي ۾ جيڪا تمام وڏي ۽ سهڻي مسجد نظر اچي ٿي اها ٺهرائي ته سرڪار آهي، پر چندا ماڻهن ڏنا آهن. سنگاپور ۾ هر مسلمان جي پگهار مان سرڪار هر مهيني هڪ ڊالر ڪٽيندي آهي جنهن کي M.B.F (ماسڪ بلڊنگ فنڊ) سڏجي ٿو. هن فنڊ مان سنگاپور جي سرڪار هر نئين رهائشي علائقي ۾ پنهنجي نظرداريءَ هيٺ تمام سهڻيون ۽ وڏيون مسجدون ٺهرائي رهي آهي. ووڊلئنڊ واري هن مسجد لاءِ ته اهو به مشهور آهي ته سنگاپور حڪومت ڄاڻي واڻي اها ٻارڊر وٽ ٺهرائي آهي. جيئن ملائيشيا جي شهر جوهورٻاروءَ کي تمام ويجهو هجڻ ڪري اتي جا ماڻهو به سنگاپور ۾ نماز پڙهڻ اچن ۽ پوءِ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

واپسيءَ تي ڪجهه خريداري ڪندا وڃن. ملائيشيا جي ملڪ ۾ آچر جو سڄو ڏينهن موڪل ٿئي ٿي ۽ ڇنڇر جو اڌ ڏينهن. جمعي جي ڏينهن نماز پڙهڻ لاءِ ٻارهين کان ٽين بجي تائين ٽي ڪلاڪ موڪل ٿئي. سو نماز پڙهڻ بعد به ڪافي وقت بچي ٿو. وقت گذارڻ لاءِ جوهور جي آفيسن جا ماڻهو سنگاپور هليا وڃن. پوءِ نماز به اتي پڙهن ته خريداري به اتي ڪن. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ان مسجد ۾ هر جمعي تي سنگاپوري مسلمانن کان وڌيڪ ملائيشيا جا مسلمان هوندا آهن ۽ ڏسندي ئي ڏسندي مسجد جي اوسي پاسي واري علائقي ۾ دوڪانن جون قطارون ۽ خريدارن جا ميڙ وڌندا وڃن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# سنگاپور جو ٺاهيندڙ رئفلس

ووڊلئنڊس ۽ سيمباوانگ جو علائقو لتاڙي شهر جي وچ ۾ مئرينرس (Mariners) ڪلب ۾ پهتاسين. هونءَ ته سنگاپور جو سڄو ملڪ / ٻيٽ شهر آهي ـ هاڻ ڪاٻه ٻهراڙي يا جهنگ نه رهيو آهي. پر شهر مان مراد سنگاپور شهر جو اهو حصو آهي جيڪو انگريزن جي ڏينهن ۾ ٻه ٻلي ٻلي هو. جيڪو اڄ به انگريز سلطنت جي دل (Colonial – Heart) سڏيو وڃي ٿو. اڄ جو ماڊرن سنگاپور 1819 ع ۾ سر اسٽئمفورڊ رئفل جي اچڻ کان پوءِ وڌڻ شروع ٿيو. هتي رئفل جو مختصر ذڪر ڏيڻ بيجا نه ٿيندو.

مسٽر رئفلس ـ سرٿامس اسٽئمفورڊ رئفلس جيتوڻيڪ پنهنجي زندگي انگلينڊ جي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ۾ ڪلارڪيءَ سان شروع ڪئي ۽ ان خيال کان تمام اهم شخصيت ٿي گذريو آهي، جو اڳتي هلي هن انگريزن جي سلطنت کي وڌايو ويجهايو ـ خاص ڪري ڏور اوڀر جي ملڪن ۾.اهو رئفلس ئي هو جنهن 1918 ع ۾ سنگاپور جي ٻيٽ کي انگريز حڪومت لاءِ هٿ ڪيو ـ جتان انگريز سرڪار کي چين ۽ اوسي پاسي جي ملڪن جي واپار وڙي تي ڪنٽرول رکڻ ۾ سولو ٿي پيو.

رئفلس 1781 ع ۾ سمنڊ تي ئي ڄائو. سندس پيءُ مرچنٽ نيويءَ جي جهاز جو ڪئپٽن هو. هڪ دفعي هو پنهنجي زال سان گڏ ويسٽ انڊيز کان انگلينڊ موٽي رهيو هو ته رستي تي ڪين هو رئفلس ڄائو. ريفلس جا ماءُ پيءُ ايترا امير نه هئا. سندن مٿان ايڏا قرض چڙهيل هئا جو هن جو ٻاروتڻ ڪو سک جي زندگيءَ ۾ نه گذريو.

چوڏهن سالن جي عمر ۾ پهچي رئفلس کي اسڪول ڇڏڻو پيو ۽ پنهنجي ماءُ ۽ چئن ڀيڻن جو پيٽ پالڻ لاءِ کيس ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي انگلينڊ واري آفيس ۾ ڪلارڪ ٿي ڪم ڪرڻو پيو. جيتوڻيڪ رئفلس جي بنيادي تعليم ڪجهه به نه هئي، پر پوءِ واندڪائيءَ ۾ سائنس ۽ تاريخ جا ڪتاب پڙهي پڙهي بيحد قابل ٿي ويو. ان کا علاوه ڪيترين ئي زبانن تي عبور حاصل ڪري ورتائين. آفيس اندر توڙي آفيس کان ٻاهر هن جو نالو ايڏو روشن ٿيو جو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٽيويهن ورهين جي ڄمار ۾ کيس پينانگ _ انگريزن جي نئين نهيل حڪومت ۾ اسسٽنٽ سيڪريٽري ڪري رکيو ويو.(پينانگ ملاڪا نار ۾ هڪ اهم ٻيٽ آهي، جنهن تي انگريزن جو قبضو گهڻو وقت اڳ ٿي چڪو هو.)

پينانگ ۾ پهچي رئفلس هتي جون مقامي زبانون سکڻ جي مهم قائم رکي ۽ ان سان گڏ هن ملايا جي ماڻهن ۽ رهڻيءَ ڪهڻيءَ جو تمام ڳوڙهو اڀياس ڪيو. هي جي ان قابليت جي خبر لارڊ منٽوءَ کي پيئي، جيڪو ان وقت انڊيا جو گورنر هو. هي اهو وقت هو جڏهن فرانس جي نيپولين بونا پارٽ ڊچن جي قبضي هيٺ آيل انڊونيشي ٻيٽ جاوا کي استعمال ڪري، چين ڏي ويندڙ انگريزن جي جهازن کي نقصان پهچائي رهيو هو. ڊچن جي قبضي ۾ آيل ٻيٽ جاوا کي فرينچن جي اثر مان ڪيڻ ڪارڻ لارڊمنٽوءَ رئفلس کي ملاڪا ۾ رهي الڳ ڪم ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ۽ سندس ڪم مان ايڏو متاثر ٿيو. جو جاوا تي قبضو ڪرڻ وقت هن کيس ساڳي جهاز تي پاڻ سان گڏ رکيو. هيءَ 1811ع جي ڳالهه آهي.

لارڊ منٽو جي نظرن ۾ رئفلس هوشيار، چست،۽ انصاف پسند ته اڳهين هو هاڻ جهاز تي گڏ رهڻ بعد هن ڏٺو ته رئفلس انتظامي ۽ حڪومتي ڪاروبار هلائڻ ۾ تمام ذهين آهي. ان ڪري بعد ۾ هن کي جاوا ٻيٽ جو ليفٽيننٽ گورنر مقرر ڪري پاڻ واپس ڪلڪتي (هندستان) موٽيو.

رئفلس جاوا ۾ چار پنج سال رهيو. جتي هن مقامي ماڻهن جي ڏاڍي خدمت ڪئي، جيتوڻيڪ اتي سندس صحت ڏاڍي خراب ٿي پئي ۽ ان دوران زال جي مري وڃڻ جي ڪري پڻ کيس صدمو رسيو. انهن ئي ڏينهن ۾ لارڊ منٽو به مري ويو جنهن جو کيس وڏو ڏڪ هو. آخر 1816ع ۾ (ان وقت هو پنجٽيهن سالن جو هو) کيس انگلينڊ واپس سڏايو ويو. اتي کيس ڪجهه سرڪاري ۽ شهنشاهي خطاب ڏنا ويا. ڪجهه سالن بعد کيس وري ڏور اوڀر ڏي موڪليو ويو. هن ڀيري کيس سماترا جي پر ۾ هڪ ننڍڙي ٻيٽ Bengkulu تي ليفٽيننٽ گورنر ڪري رکيو ويو. جيڪو هڪ گهٽ اهميت وارو بندرگاهه ڪارن مرچن جي واپار ڪان مشهور هو.

# سنگاپور جو نالو سيونان بہ هو

رئفلس اوڏانهن ويندي وقت، ڪلڪتي ۾ ان وقت انڊيا جي گورنر، جنرل لارڊ هئسٽنگس سان ملاقات ڪئي ۽ کيس ڏور اوڀر ۾ ڏينهون ڏينهن انگريزن جي طاقت ۽ واپار جي گهٽجڻ کي روڪڻ لاءِ اپاءَ سمجهايا ۽ کيس اهو پڻ ٻڌايائين تہ ڪين ڪو اهڙو هنڌ ڳولي قبضي ۾ ڪرڻ گهرجي جتان چين پاسي توڙي هندستان ۽ جاوا سماترا وارن علائقن تي نظر رکي سگهجي، جيئن انهن پاسن وارا تڙ، گهاٽ ۽ سامونڊي رستا انگريزن جي واپار وڙي لاءِ صحيح ۽ سلامتيءَ وارا آهن. گورنر جنرل لارڊ هئسٽنگس ان ڪم لاءِ رئفلس کي هڪدم اجازت ڏني. ان بعد رئفلس ملايا پهچي اهڙي ڪنهن جاءِ جي ڳولا ۾ لڳي ويو. آخر ڪار سن 1819ع ۾ ملاڪانار جي پوڇڙ وٽ هن کي هڪ ننڍڙو ٻيٽ ان ڪم لاءِ بهتر لڳو جتي ان وقت ڪي چند ملئي مهاڻا سمنڊ جي ڪناري وٽ رهيل هئا. هي ٻيٽ اڄ وارو سنگاپور هو.

رئفلس سڄي ڏور اوڀر تي نظر رکڻ لاءِ هن ٻيٽ سنگاپور کي مرڪز مقرر ڪيو. جيتوڻيڪ پاڻ بينگڪولو Bengkulu پڻ ويو. جنهن لاءِ انگلينڊ کان مقرر ٿي آيو هو. پر اتي ٿي سال رهي 1822ع ۾ وري سنگاپور جي بندرگاهہ کي سڌاريائين.

1824ع ۾ رئفلس هميشہ لاءِ انگلينڊ موٽي ويو. پاڻ ملايا جي تاريخ ۽ تهذيب جي لڪٽين ڪري بہ مشهور آهي ۽ لنڊن واري چڙياگهر ٺهرائڻ کان پڻ مشهور آهي جيڪو هن انهن ڏينهن ۾ لنڊن پهچي ٺهرايو ۽ جنهن جو پاڻ پهريون چونڊيل صدر ٿي رهيو.1925ع ۾ برين ٽيومر ڪري مري ويو.

سنگاپور جو اهم حصو اهو آهي، جتي رئفلس اسڪوائر، سپريم ڪورٽ بلڊنگ، وڪٽوريا ميموريل هال، سينٽ انڊريو جو گرجا گهر وغيره آهن. مسٽر رئفلس جي اچڻ کان اڳ سنگاپور هڪ سامونڊي ننڍڙو شهر هو ۽ تيماسيڪ Temasek جي نالي سان سڏبو هو.

سنگاپور جي سپريم ڪورٽ _ هتي جو سڀ کان وڏو انصاف ڏيندڙ گهر، ڪنهن زماني ۾ "يورپ هوٽل" هوندو هو. جنهن ۾ هتان هُتان ايندڙ جهازن جا خلاصي اچي ڪچهريون

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪنداهئا _ ٻين لفظن ۾ ٻيئر جي گلاس تي پنهنجن ڏنڊن، ڪوڙن سچن معاشقن ۽ ڦڏن جا اگهاڙا چرچا ٻڌائيندا هئا. هيءَ اها هوٽل هئي جنهن ۾ مشهور ليکڪ جوزف ڪونارڊ جي ڪافي عرصو اچ وڃ رهي، جنهن دوران جهازين کان پنهنجي ناول لاءِ ڪهاڻيون ٻڌي لکيون.

ڪلفرڊ پيئر جي پرسان سهڻو پارڪ "ايلزبيٿ واڪ" نالي آهي، جيڪو سنگاپور کي سونهن بخشي ٿو. هن ۾ اڳ وانگر اڄ بہ سڄو ڏينهن جوڙا واڪ ڪن ٿا يا ڪنڌ پاسي ۾ ويهي من جون رهاڻيون رچائين ٿا. پارڪ ۾ جيڪو ڦوهارو نظر اچي ٿو اهو تان _ ڪم _ سنگ جي ياد ۾ ٺهيل آهي. تان ڪم سنگ هڪ امير چيني ماڻهو هو جنهن سنگاپور جي چائنا ٽائون علائقي ۾ مٺي پاڻي آڻڻ لاءِ پنهنجي هڙان ڏهہ هزار ڊالر خيرات طور ڏنا هئا . هينئر جيڪو سنگاپور جو سٽي هال سڏجي ٿو اها عمارت انگريزن جي ڏينهن ۾ ميونسپالٽي هوندي هئي. جنهن جي ڏاکڻين تائين جپاني فوجي 1942ع ۾ (ٻي وڏي لڙائي دوران) چڙهي آيا هئا. انهن جپاني فوجين سنگاپور تي قبضي ڪرڻ بعد هڪ تہ ان ۾ لڳل بگ بين گهڙيال جو سنگاپوري وقت ڦيرائي جپاني ٽائيم ڪيو ان سان گڏ سنگاپور جو نالو پڻ بدلائي نئون نالو سيونان Syonan رکيو. جپانين جو سنگاپور تي ٽي سال قبضو رهيو. جيسين ناگاساڪي ۽ هيروشيما تي آمريڪن بم ڪيرايو ۽ جپانين کي آڻ مڃڻي پيئي. بهر حال انهن ٽن سالن اندر جپانين جيڪي ياد گار ٺهرايا اهي پڻ اڄ ڏينهن تائين سنگاپور حڪومت قائم رکندي اچي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## سنگاپور شينهن جوشهر

ايلزبيٿ واڪ واري علائقي ۾ جيڪي مقبرا ۽ ياد گار تهيل آهن. اهي هڪ ته ٻي وڏي لڙائيءَ جي ياد ڏيارن ٿا. ۽ ٻيو نوجوان اڳواڻ لم _ بو _ سينگ جي _ جيڪو ملڪ جي بچاءَ لاءِ جپانين جو بهادريءَ سان مقابلو ڪندي مارجي ويو هو. سڀ کان ڏکهو يادگار انهن غريب شهرين جي ياد ۾ آهي. جيڪي هن لڙائيءَ ۾ اجل جو شڪار ٿي ويا. ان يادگار کي The Four Chopsticks ”چار تيلين“ جي نالي سان سڏجي ٿو. سو سنگاپور جو هي حصو تواريخ ۾ وڏي اهميت رکي ٿو.

ان علائقي جي ڪولمئن اسٽريٽ ۾ پدانگ کان فورٽ ڪئننگ روڊ ڏي ويندي سنگاپور جي هڪ تمام پراڻي ۽ اهم ٽڪري نظر اچي ٿي جنهن جا نالا مختلف دورن ۾ متجندا رهيا آهن. مثال طور: سراسٽئمفورڊ رئفل جي اچڻ تائين هيءَ ٽڪري Forbidden Hill _ ”ڏڪاريل ٽڪري“ سڏبي هئي. رئفلس صاحب پنهنجو بنگلو ان ٽڪريءَ تي اڏائي ان جو نالو Government Hill سرڪاري ٽڪري رکيو.

اها ٽڪري اڳتي وڃيو سلطان سڪندر شاهه جي مقبري سان ملي ٿي، جيڪو سنگاپور جو آخري حاڪم هو. ان ڳالهه جي اجا تائين پڪ نه ٿي سگهي آهي يا آيا سلطان سڪندر شاهه اتي ئي دفن آهي يا نه چو جو اهي افواهه به مشهور آهن ته سنگاپور جي 1391ع ۾ تباهيءَ ٿيڻ کان اڳ هو اتان ڀڄي ويو هو. ڪجهه سال اڳ ان راز کي کولڻ لاءِ سرڪاري کوجنائي کاتي ان قبر جي کوٽائيءَ جو ڪم شروع ڪرائڻ چاهيو پر ڪنهن هڪ مزور به کوٽائيءَ لاءِ ها نه ڪئي جو هندو توڙي مسلمان، ڪرسچن توڙي چيني مزورن ان ڪم ۾ هٿ وجهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته اهو پاپ جو ڪم آهي ۽ اهو مشهو ٿي ويو آهي ته ان ڪم ۾ جيڪو هٿ وجهندو ان جو گهر بدبختيءَ جو شڪار ٿيندو. نتيجي ۾ اهو راز اجا تائين فاش نه ٿي سگهيو آهي.

پر ۾ جيڪو عيسائين جو قبرستان هو اهو هاڻ پارڪ ٿي ويو آهي. ۽ اجا منجهس

ڪجهه قبرون موجود آهن. قبرن جي سيرانديءَ کان لڳل ڪتبا هن ٻيٽ تي آيل شروعاتي ماڻهن جي جدوجهد جون ڪهاڻيون ٻڌائين ٿا.

ڪولمئن Coleman اسٽريٽ تان لنگهڻ مهل توهان کي سنگاپور جو سڀ کان پراڻو گهر _ آرمينين چرچ آف سينٽ گريگري نظر ايندو. ان چرچ جو نقشو سنگاپور ۾ ٺڏهن رهندڙ فقط ڏهن ٻارهن آرمينين ڪٽنبن جي چوڻ تي ڪولمئن 1835ع ۾ تيار ڪيو هو.

ڪولمئن اسٽريٽ جي ساڄي پاسي سينٽ انڊريو نالي ڪئٿڊرل آهي، جيڪو پڻ پراڻي زماني جو آهي ۽ ان کان علاوه هڪ ٻيو گرجا گهر ڪوئين اسٽريٽ ۾ هڪ سؤ ٽيهه سال پراڻو Cathedral of Good Shepherd آهي.

سنگاپور ۾ انهن گهٽين ۾ هلندي ايترو ضرور چوندس ته توهان به هتان اچي نڪرو ته چانهه يا ٿڌو پيئڻ لاءِ بيچ روڊ ۽ براس باساهه روڊ (Baras Basah Road) تي هتي جي تواريخي هوٽل _ Raffles Hotel ۾ ضرور وڃجو. خاص ڪري جيڪڏهن توهان ليکڪ آهيو يا ڪتابن سان لڳاءُ اٿوَ. چو ته هن ۾ گذريل سؤ سالن ۾ ڪيترائي دنيا جا نامور اديب ڪهاڻين جي ڳولا ۾ اچي وينا. جن مان ڪن جا يادگار فوٽو سندن آٽو گراف سان گڏ هن هوٽل ۾ اجا تائين رکيل آهن. انهن مان ڪجهه: سمرسٽ ماهام، نول ڪاورڊ، جوزف ڪونراڊ ۽ رڊيارڊ ڪپلنگ وغيره جا آهن. هن هوٽل مان رئفلس جو وڏو مجسمو (Statue) صاف نظر اچي ٿو. هيءَ اُها هوٽل آهي جنهن ۾ ويهي سمرسٽ ماهام هڪ دفعي چيو هو:

" Raffles Stands for all the Exotic Tales of the East." ٻڌل ڪهاڻين مطابق، هندستان پاسي کان آڳاٽي شهنشاهيت سري وجايا جي هڪ شهزادي هتي هڪ شينهن جهڙي عجيب جانور کي ڏسي هن ٻيٽ جو نالو سنگاپور رکيو _ معنيٰ "شينهن وارو شهر" شينهن ان وقت کان سنگاپور جي نشاني هلندو اچي. هڪ اهڙي شينهن جو وڏو مجسمو جنهن مان ڦوهاري جيان پاڻي نڪري رهيو آهي، ميرلائن Merlion پارڪ جي ڪنڊ تي سمنڊ جي ڪناري پڻ رکيل آهي. ان جانور جو مٿيون حصو شينهن (Lion) وانگر آهي ته هيٺيون حصو جل پريءَ (Mermaid) جي هيٺين ڌڙ جيان.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# اميرءَ غريب خريدار

بهر حال هن شهر جو مئرينرس ڪلب جنهن ۾ اسان جي ٽڪڻ جو بندو بست هو اهو بہ ان علائقي جي پاسي کان هو جتي پهچڻ سان جڏهن ڊيسڪ ڪلارڪ ڇوڪريءَ کان پڇيوسين تہ ڪلب ۾ رهائش لاءِ ڪي ڪمرا خالي ملي سگهندا تہ هن منهن پيلڙو ڪري ٻڌايو:

”نہ سڄو ڪلب فل ٿيو پيو آهي.“

”اهو ٻڌي اسان جا تہ طاق لڳي ويا. پر پوءِ يڪدم ڌيان ۾ آيو تہ پڪ ڪئپٽن ظهور نالي ڪمرا رکيل هوندا. سو اسان پڇيس تہ ڀلا فائيل ۾ ڏسو تہ ڪئپٽن ظهور نالي ڪمرا بڪ ٿيل آهن؟“

”نہ“

ڏاڍي ٻڌايائين. ”اسان دل ئي دل ۾ ڇيو. هاڻ ڪئپٽن ظهور کي فون ڪرڻ وارا ئي هئاسين تہ چيني ڇوڪريءَ اسان جا نالا پڇيا.

نالا ٻڌي هن هڪ دفعو وري فائيل کوليو ۽ اسان کي خوشخبري ٻڌائي تہ انهن نالن تي ٻارهين بجي کان ڪمرا واقعي رکيل آهن. ۽ انهيءَ خوشخبريءَ سان گڏ هن ڪمرن جون چاٻيون اسان جي هٿن تي رکيون. منهنجو ڇهين فلور تي ڪمرو هو ۽ ذوالفقار ۽ آصف جو ٽي ماڙ تي. ڪمرن جا پڙدا سوميرا هئا. ”پر نيور مائينڊ“ دل ۾ سوچيو سين. گهٽ ۾ گهٽ ڪمرا ايئر ڪنڊيشنڊ تہ آهن.

سنگاپور جي مئرينرس ڪلب ۾ رهندڙ کي هڪ ڳالھ البت ضرور ذهن ۾ رکڻ کپي تہ روز جي مسواڙ ۾ ڪمرو تہ سڄو سندن ٿيو پر ڪاڪوس /وهنجڻ جاءِ تي ٻہ واري ڪمري ۾ رهندڙ جو بہ اوترو ئي حق آهي، ڇو جو هن ڪلب ۾ ٻن ڪمرن کي هڪ ڪامن (ساڳيو) Toilet آهي. جنهن جا در ٻنهي ڪمرن ۾ کلن ٿا.

ان وقت سامان رکي هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ باٿ روم ۾ اندر ويس تہ ڪنهن جا ڪپڙا ٽنگيل

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هئا. سوچيم تہ هيٺ لهڻ وقت دخل تي پڌائيندو ويندس تہ مون کان اڳ هن ڪمري ۾ رهندڙ شايد وساري ويو آهي. پر ڳالهہ ياد نہ رهي سنگاپور جو چڪر هڻي رات جو موٽيس تہ باٿ روم خالي هو. سمجهي ويس تہ هوٽل وارن منهنجي غير موجودگيءَ ۾ صفائي ڪرڻ وقت باٿ روم بہ ٺيڪ ڪري ڇڏيو آهي. اها تہ خبر صبح جو پئي جڏهن آصف منهنجو باٿ روم استعمال ڪرڻ لاءِ ڊوڙندو آيو ۽ بنا ڪنهن کيڪارڻ جي سڌو اندر گهڙي ويو. واندو ٿي جڏهن ٻاهر نڪتو تہ پڇيو مانس تہ خدا جا بندا تون ڇهين طبقي تان هتي منهنجو باٿ روم استعمال ڪرڻ آيو آهين. پنهنجو عوام جي استعمال لاءِ ڇڏي آيو آهين يا مسواڙ تي؟

تنهن تي ڪلي حقيقت کان آگاهہ ڪيائين ۽ مون دل ئي دل ۾ شڪر ڪيو تہ اجا مونکي ۽ منهنجي پر واري ڪمري ۾ رهندڙ فلپينو جهازيءَ کي ساڳي وقت  باٿ روم جي ضرورت محسوس نہ ٿي. ٻيو تہ چڱو جو اسين ٽي ڄڻا پاڻ ۾ آهيون جيئن ايمر جنسيءَ ۾ هڪ ٻئي جي ڪمرن جو باٿ روم استعمال ڪري سگهياسين ٿي. بهرحال سنگاپور، شنگهائي، يوڪو هامايا هانگ ڪانگ جهڙن مهانگن شهرن ۾ جهازين لاءِ مئرينرس ڪلب زندهہ باد.نہ فقط هنن ڏور اوڀر جي شهرن ۾ پر انگليند، آسٽريليا، ۽ آمريڪا جي پڻ ڪيترن ئي بندرگاهن ۾ جهازين لاءِ سرڪار طرفان يا رٽائرڊ جهازين طرفان ڪلب _ مئرينرس ڪلب نالي _ يا سي مئن ڪلب  .فلائنگ ائنجل ڪلب ( Flying Angels Cub ) نالي ٺهيل آهن. جن ۾ سستي اگهہ تي جهازن جا خلاصي يا عملو رهي ٿو. بلڪ اهڙن هنڌن تي اسا جهڙا ماڻهو وڏيڪ ئي هو ملي محسوس ڪن ٿا. جو هتي ذات ذات جا سيلر (جهازي) نظر اچن ٿا، جن سان مختلف جهازن، جهازران يا جهاز ساز ڪمپنين، شپ يارڊن، ايجنٽن، سامونڊي رستن، ۽ بندرگاهن. بابت ڳالهيون ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪري سگهجي ٿي _ بلڪ ڪجهہ آزاد نموني سان ٿي. شام جو خريداريءَ لاءِ آصف ۽ آئون پيپلس پارڪ peoples park وياسين ۽ ڪئپٽن ذوالفقار تنجم پگار ۾. سنگاپور ۾ ڪراچيءَ جي محبوب ڪلاٿ مارڪيٽ، گلئمر ون ۽ عظما سينٽر جيان سوين شاپنگ سينٽر آهن. جتي هر ملڪ ۽ طبيعت جا ماڻهو پنهنجي مرضيءَ موجب خريداريءَ لاءِ وڃن ٿا. پيپلس پارڪ بہ هڪ تمام سهڻو ۽ وڏو شاپنگ سينٽر آهي. جتي ڏيڍ سؤ کن وڏا دڪان ڊپارٽمينٽل اسٽور ۽ سپر مارڪيٽون آهن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اهڙي نموني سان تنجم پگار ڪامپليڪس آهي، جيڪو پڻ پيپلس پارڪ وانگر ٺماڙ آهي. پر تنجم پگار ۾ گهٽا دڪان ننڍي کنڊ جي ملڪن جا ؛ سنڌي، هندو گجراتي، کوجا ۽ بوري آهن، جيڪي اسان جهڙن جهازين سان اگهه تي ريڙهه پيڙهه نه ٿا ڪن ۽ ٿورو مناسب فائدو رکڻ ۽ گراهڪ کي هميشه پنهنجو ڪرڻ جي اصول تي يقين رکن ٿا. باقي پيپلس پارڪ ۾ اسي نوي سيڪڙو چيني آهن. جيڪي اگهه تي هڪ ته گهٽي ريڙهه پيڙهه ڪن ٿا. سؤ رپين جي شيءِ جا ٻه سؤ يا اجا ٻه اڍائي سؤ ٻڌائيندا. پوءِ ڪنهن کي وقت هجي ته ويهي مغز ماري ڪري .۽ ٻيو ته چيني دڪاندار اسان جهڙن غريب ملڪن جي ماڻهن کي گهٽي لفٽ نه ٿا ڪرائين. خاص ڪري پيپلس پارڪ جا نه انڊين، پاڪستاني دڪاندار به گهٽي لفٽ نٿا ڪرائين، جو پيپلس پارڪ شهر جي وچ ۾ صاف سٿرو ۽ سهڻو آهي، سو اتي دنيا جا سڀ ماڻهو _ خاص ڪري آمريڪن، آسٽريلين، گلف جا عرب وغيره ليئو ضرور پائين ٿا. اهي امير ماڻهو آهن سو ظاهري آهي ته دڪاندار انهن ڏي گهڻو ڌيان ۽ وقت ڏين ٿا. غريب جي ٻار وانگر اسان جو سندن دڪان ۾ گهڙڻ به ڪڏهن ڪڏهن کين سٺو نه ٿو لڳي. بقول هڪ چينيءَ جي: آمريڪن يا يورپي گراهڪ آيل هجي ته پاڪستاني، هندستاني يا بنگالي گراهڪ کي اهڙو رخ ڏجي جو هليو وڃي ته اهو وقت به امير گراهڪ کي ڏجي. جو غريب ملڪ جو گراهڪ هر شيءِ ايتري سستي ڪري وٺندو جو زري گهٽ مور ئي مس حاصل ٿيندو. وري هر شيءِ لاءِ پلاسٽڪ جي ٿيلهي به الڳ سڪڻ وانگر پيو وٺندو جيڪو پڻ وڏيڪ نقصان ۽ آخر ۾ نوٽ به اهڙا چباسبا ۽ پگهريل ڏيندو جو دل پئي ڪچي ٿيندي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## سنگاپور ۽ بيلجم ۾ نانيءَ جو دڪان

خير اهي زندگيءَ جو تلخ حقيقتون آهن جن کان اسان جهڙا هتي آيل چڱيءَ طرح واقف آهن. پر اڄ اسان ان ڪري پيپلس پارڪ ۾ اچڻ جو ڦاهو ڪاڏو جو هڪ ته ڏياريءَ جي ڪري تنجم پگار جي هندو واپارين جا دڪان بند هئا. ٻيو ته ڪيترن دڪاندارن ڪي تنجم پگار ڪامپليڪس ۾ آفيسون ٺهڻ ڪري ٻئي هنڌ شفٽ ڪيو ويو هو. ٽين ڳالهه ته پيپلس پارڪ ۾ ڪي ڪي ”چائنيز امپوريم“ جهڙا دڪان آهن. جن ۾ قيمتون مقرر آهن جيڪي هندستاني دڪاندارن کان به سئيون آهن ۽ شين جي ورائٽي وڌيڪ آهي. چوٿين ڳالهه ته بک لڳي هئيسين ۽ ڪنهن ملئي يا تامل هوٽل ۾ مرچن مسالن وارو ٻوڙ کائڻ بدران مئڪڊونالڊ تان هئم برگر ۽ ملڪ شيڪ پيئڻ ٿي چاهيوسين. ان ڪري اسان پيپلس پارڪ ۾ وياسين ۽ ڪئپٽن ذوالفقار جنهن جي پيٽ ۾ پيل آير حطام شهر واري ماني اڃا هضم نه ٿي هئي سو تنجم پگار ويو.

تنجم پگار جا ڪجهه دڪان هاڻ اسٽريٽ ڪامپليڪس ۽ پلازا ۾ شفٽ ٿي ويا هئا ۽ ڪجهه واقعي ڏياريءَ ڪري بند ٿيل هئا جيڪو اهڙو ڏينهن آهي. جنهن تي ۽ فقط جنهن تي سنگاپور جا هندو واپاري سڄي سال ۾ هڪ ڏينهن دڪان بند رکن ( اهڙي طرح مسلمان رمضان جي عيد تي ۽ چيني، چينين جي نئين سال تي) ڪئپٽن ذوالفقار هڪ چيني جي دڪان تان تنجم پگار ۾ خريداري ڪئي _ جيڪو هاڻ نئون کليو هو. بلڪ ان نالي ڪري ئي ڪئپٽن ذوالفقار ان ننڍڙي دڪان ۾ ويو ۽ ٻيا سوين هزارين جهازي پڻ ان دڪان ۾ هڪ دفعو ضرور جهاتي پائيندا.

”ناني ڪي دڪان“ بيلجم جي اينٽروپ شهر وارو دڪان. دنيا جي جهازين لاءِ (خاص ڪري پاڪستان. هندستان. بنگلاديش. سلون. انڊونيشيا. ۽ ٻين ڪيترن ئي آفريڪي ۽ ايشيائي ملڪن جي خلاصين لاءِ) ائين مشهور آهي. جيئن سنڌ جي ماڻهن لاءِ ڪنهن زماني ۾ ڪراچيءَ جو مولو مسافر خانو هو يا اڃا تائين حيدرآباد جي بمبئي بيڪري آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اڄ کان ويهه ٽيهه سال اڳ جڏهن جهازين جي خريداري جا ڊيوٽي فري بندرگاهه فقط ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن ۾ عدن، ڪولمبو هانگ ڪانگ، دبئي، بيروت، ممباسا وغيره هئا، تڏهن يورپ جي ٻن شهرن: بريمن (جرمني) ۽ ائنٽورپ (بيلجم) ۾ به ڊيوٽي فري دڪان کليا، جن تان جهازي عدن، هانگ ڪانگ، ڪولمبو وغيره جي سستي خريداريءَ جون سڪون پوريون ڪرڻ لڳا. جيتوڻيڪ يورپ ۾ پوءِ ٻين به ڪيترن ئي شهرن ۾ اهڙا دڪان کلندا رهيا، پر هنن ٻن جا نالا تمام مشهور ٿيا هڪ حديديءَ نالي عرب جو دڪان مغربي جرمنيءَ جي بريمن شهر ۾ جنهن جو نالو ”حديديءَ جو دڪان“ مشهور ٿي ويو هو ۽ ٻيو هڪ بيلجق عورت پنهنجو دڪان ائنٽورپ (بيلجم) ۾. هن پوڙهي عورت پنهنجي دڪان جو نالو ”ناني ڪي دڪان“ رکيو_ شايد اهو سوچي ۽ صحيح سوچي رکيو ته سندس خريدار ننڍي ڪنڊ جا ماڻهو ٿيندا جو نت نين نڪرندڙ ريڊين، ٽرانسسٽرن، ٽي وي، واشنگ مشين، استرين ۽ ڪپڙن جي ضرورت انهن کي گهٽي پوندي اهي شيون انهن ملڪن ۾ ته نهڻ ڪري ۽ گهٽي ٽئڪس لڳڻ ڪري، اتي جا ماڻهو پنهنجن ملڪن مان خريد ڪرڻ بدران ٻاهران ئي وٺندا ۽ ان ۾ ڪوشڪ ناهي ته اڃا تائين ته وٺندا رهن ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# نانيءَ جا اصول

جيئن متي لکيو اٿم تہ جيتوڻيک يورپ جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ اهڙا دڪان ڪليا خاص ڪري اڳتي هلي جيئن جيئن ڪولمبو عدن ۽ ممباسا جهڙا بندرگاهہ سياسي يا معاشي حالتن ڪري مهانگا ٿيندا ويا تيئن تيئن هنن دڪانن جو وڪرو خوب هلڻ لڳو پر هر دور ۾ ”ناني ڪي دڪان“ Nani ki Dokan جي ساک ۽ ڪارپت چاڪٽي چئجي تہ ملڪان ملڪ _ يا جهازان جهاز ۽ سمنڊان سمنڊ سيني ڪان وڌيک ۽ سٺي رهي آهي. ان جوسبب اهو بہ هو تہ ”ناني ڪي دڪان“ جي پوڙهي مالڪڻ جنهن کي جهازي ناني سڏين (۽ سندس مڙس کي نانو) _ جا شروع ڪان ڪجهہ پڪا اصول هئا. مثال طور: شيءِ هميشہ سٺي ڏيندي هئي ۽ ان جي ڪجهہ عرصي لاءِ ذميواري بہ کڻندي هئي. ٻئي سفر ۾ واپس ڪرڻ تي واپس بہ وٺندي هئي. اگهہ ايترو گهٽ جو ٻئي دڪان دار لاءِ ان تي وڪڻڻ ناممڪن ٿي پوي _ ٻين لفظن ۾ فائدو تمام گهٽ رکندي هئي. ڪڏهن بہ لالچ ۾ اچي قيمت ڳري رکڻ جو نہ سوچيائين. چو جو پاڻ چوندي هئي تہ جي هڪ گراهڪ بہ شڪجي پيو تہ ناني مهنگي شيءِ ٿي ڏئي. معنيٰ سؤ کن گراهڪ چٽ _ جو بدنامي تمام جهٽ دنيا ۾ پکڙجي ٿي. جهاز اچڻ تي ان جي عملي کي پنهنجي وٽن ۾ پنهنجي دڪان تائين وٺي ايندي هئي، پوءِ چاهي ڪو خريداري ڪري يا نہ ۽ دڪان ٻاهران ئي شهر روانو ٿي وڃي. خريداري ڪرڻ تي هر هڪ گراهڪ جو سامان جهاز تائين ڇڏي ايندي هئي ۽ شهر کان موٽيل جهازين کي پڻ. اهڙيءَ طرح جهازي ائنتورپ جهڙي مهنگي يورپي بندرگاهہ ۾ _ جتي جهاز شهر کان ڏهہ ڏهہ ميل پري بيهندو هو شهر وڃڻ لاءِ نانيءَ جي وٽن ۾ چڙهي ٽئڪسيءَ جو ڀاڙو بچائيندا هئا.

نانيءَ جي دڪان ۾ نہ فقط شيون ڊيوٽي فري (ذري گهٽ ڪارخاني جي اگهہ تي) هيون، پر شين جي ورائٽي بہ تمام گهڻي هئي. ڪنهن بہ جهازيءَ جو جهاز ڪٽي آمريڪي يا جپان نہ وڃي پر هڪ دفعو ائنتورپ اچي ويو تہ معنيٰ جهازيءَ کي انهن ملڪن جون بہ شيون سستي اگهہ تي ”ناني ڪي دڪان“ تان ملي ويندي‌يون هيون.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”ناني ڪي دوڪان“ جي نانيءَ جو سڄو زور شيءِ جو اگهه گهٽ رکڻ تي هوندو هو پوءِ ان لاءِ چاهي هن کي ريڊيو ۽ ٽي وي ڪمپنيءَ سان وڙهڻو پوي يا پنهنجي دڪان ۾ پاڻ کي سادو رکڻو پوي. دڪان کولڻ بعد ڪي سال ته ناني جي دڪان جون شيون عام رواجي ڪاٺ جي تختن تي رکيل هونديون هيون. پوءِ 1969ع يا 1970ع ڌاري هن پنهنجي دڪان کي ڪجهه بهتر بڻايو جو انهن سالن ڌاري جڏهن منهنجو پهريون دفعو بيلجم وڃڻ ٿيو هو ته هڪ بنگالي ٿرڊ انجنيئر رشيد نانيءَ جي دڪان تان اچڻ تي اسان کي ڪلي ٻڌايو: ”يار نانيءَ پنهنجو دڪان آٽوميٽڪ ڪيو آهي.“

اسان پڇيس ته اهو ڪيئن؟

خبر اٿو ڪيئن هن ٻڌايو ”نانيءَ سڄي دڪان ۾ شيشي جا ڪٻٽ ٺهرايا آهن. جنهن ۾ ننڍيون ننڍيون شيون: پاڪيٽ ريڊيا، استريون، هيئر ڊرائر، سئچ، بلب، عطر، واچون، گهڙيال سينگاري رکيا آهن. هاڻ نانو ۽ ناني هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي چڪاس ڪرڻ بدران ته ڪو چوري ته نه ٿو ڪري هڪ هنڌ آرام ڪرسيءَ تي ويٺا آهن. جيئن ئي ڪو اندر گهڙي ٿو ته هن کي ويٺي ويٺي اسلام عليڪم يا نمستي چئي خبرچار پڇن ٿا.(اها ڳالهه لکڻ وسري ويئي ته ”ناني ڪي دڪان“ جي ناني ٿورو گهڻو اردو/ هندي به ڳالهائيندي هئي.)

اڄڪلهه خبر ناهي ته اها بيلجق پوڙهي ناني اڃا جيئري آهي يانه جو ڪجهه سالن کان بيلجم وڃڻ نه ٿيو آهي. پر سنگاپور جي هن پوڙهيءَ چينياٽيءَ ناني ضرور ان بيلجم جي رهاڪو نانيءَ کان متاثر ٿي پنهنجي دڪان جو نالو ”ناني ڪي دڪان“ رکيو آهي. ان نانيءَ وانگر هن به نه فقط نالوساڳيو رکيو ۽ گراهڪن سان اردو ڳالهائي ٿي، پر ساڳي سستي اگهه تي ڏئي ٿي. يعني في الحال ته گهٽ اگهه تي ڏيئي رهي آهي. ان ڪري نالي ۾ سستي اگهه ڪري سندس دڪان ضرور ڪامياب ويندو جيتوڻيڪ کيس بيلجم جي نانيءَ کان وڌيڪ محنت ڪرڻي پوندي، ڇو جو بيلجم جهڙي مهنگي شهر ۾ ٿوري گهٽ اگهه ڪرڻ تي به شيءِ سستي پيئي لڳندي هئي، پر سنگاپور جهڙي شهر ۾ جتي هر وکر جا هزارين ۾ سستا دڪان آهن، اتي اگهه اڃا به گهٽ ڪرڻ لاءِ محنت ڪرڻ ۽ جدوجهد جي ضرورت آهي.

# هيئر ڪٽ يا شيو

ذوالفقار کي ٿانون جي ضرورت هئي، سو هن چيني نانيءَ جي دڪان تان يڪو پنجيتاليهن نگن جو ڊنر سيٽ وٺي آيو جيڪو ڪيس فقط پنجاهه ڊالرن (ساڍن ٽن سؤ روپين ۾ پيو.) هن قسم جا شيشي جهڙا ناسي رنگ جا فرانس جا ٺهيل ٿانو ڪيترن هنڌن تي عام آهن. ٻين اوچن ٿانون کان هي چڱا سستا آهن. جيتوڻيڪ شڪل ۾ مٽيريل ۾ به اهڙا خراب نه آهن. ۽ هن مائيءَ ته واقعي ايتري سستي اگهه تي ڏنو جو اسان کي شڪ ٿيو ته هن پنهنجي دڪان جي مشهوريءَ لاءِ پنهنجو پاڻ کي گهٽ فائدي ۾ ته ڇاپر نقصان ۾ نه رکيو هجي. پر لڇمڻ مير چنداڻي ۽ موهن جهڙن سنڌي سنگاپوري دڪاندارن جا گفتا به ياد اچن ٿا، ته دڪاندار/واپاري ڪڏهن به پاڻ کي نقصان ۾ نه رکندو.

پيپلس پارڪ Peoples Park ۾ پهرين ته اسان وڃي ماني کاڌي پوءِ آصف ٽئاليٽ ۾ گهڙڻ جي في ڏهه سينٽ در تي ويٺل پوڙهي چينيءَ کي ڏيئي اندر اسهيو ۽ آئون اهو اڌ ڪلاڪ ڪن پاس ڪرڻ لاءِ هڪ باربر شاپ ۾ هليو آيس، ان لاءِ نه ته ڪو منهنجي گنج تي رهيل چند وارن کي استري يا ڪٽائيءَ جي سخت ضرورت هئي، پر بس اهو ئي هڪ هنڌ بهتر لڳو جتي اکيون پوري نرم ڪرسيءَ تي ويهي ٿوري دير ٽڪ پيچي سگهيس ٿي، ڇو جو اجا تائين رڳو هل هلان ۾ هئا سين. مئڪڊونالڊ دڪان / هوٽل ۾ به ويهڻ جي جاءِ نه ملڻ ڪري ماني بيهي کاڌي هئيسين.

جنهن حجام جي دڪان ۾ آئون گهڙيس اهو آهي ته ڪافي سالن کان ۽ پهرين به گهڻو ڪري ان ۾ اچڻ ٿيو آهي، پر هن دفعي اندر گهڙي ڏٺم ته دڪان جي مالڪ _ يا مالڪڻ هن کي وڏيڪ سهڻو بنائڻ لاءِ سڄي دڪان کي پٽ کان پٽ تائين غاليچن سان پري ڇڏيو آهي. ايئرڪنڊيشنڊ ته اڳهين هئو پر هاڻ وري چوڌاري سهڻا پردا ۽ ٽنٽيڊ شيشا هڻائي ايئرڪنڊيشن جي ٿڌ برقرار رکڻ جو جوڳو بندو بست ڪيو اٿس ۽ سيني گراهڪن کي هڪ قطار ۾ ڪرسين تي ويهارڻ بدران ننڍڙين پٽين وارا ننڍڙا ڪمرا (Cubicles) ٺهرائي

ڇڏيا آهن. جيئن انهن ۾ هرهڪ الڳ سانتيڪو ويهي وار نهرائي يا شيو شيمپو ڪرائي. وار ٺاهڻ لاءِ حجامن بدران ”حجام ڇوڪريون“ ۽ تمام سهڻيون ۽ نوجوان ڇوڪريون رکيون اٿس _ يعني پنهنجي پر ۾ دڪان جو معيار هيٺين ماڙ تي ٺهيل ٻين حجامڪن دڪانن کان بلند ڪيو اٿس _ ۽ هاڻ وار نهرائڻ جي في به گهٽي ٿي ته ٽپ به. بحرحال اهو احساس اندر گهڙڻ بعد ٿيو. ”ڦاٿو ته ڦٿڪڻ ڪهڙو“ چواڻيءَ تي عمل ڪري دخل تي ويٺل عورت جي اشاري سان ساڄي پاسي واري هڪ خالي ڪيو بيڪل ۾ وڃي ويٺس سندس پر ۾ ويٺل ٻن ٽن چيني حجام ڇوڪرين مان هڪ کي مون ڏي موڪليائين. جنهن نيلان جو اڇو ترڪٽو ڪپڙو منهنجي ڳچيءَ جي چوڌاري ويڙهي ڪلهن تي (منهنجن ڪلهن تي) هٿ رکي پڇيو. ”وار نهرائڻا آهن ياشيو.“

ايتري ۾ ٻاهرين هڪ چيني هوٽل جو بيرو سندس اڳ ڏنل آرڊر موجب هن لاءِ مانيءَ جو پيالو ۽ کائڻ لاءِ ٻه تيليون (Chop Stics) کڻي اندر گهڙيو. هن کائنس ماني ورتي ۽ مونکان کائڻ جي اجازت وٺي منهنجي اڳيان پلاسٽڪ جي صندليءَ تي ٿي ويٺي. اهڙيءَ طرح مون کي سندس پڇيل ڏکيو سوال سارڻ جو موقعو ملي ويو ته مون کي واقعي ڇاڪرائڻو آهي. شيو يا هيئر ڪٽ!يا ڪي ڪجهه ٻيو. شيو جي ٻنهه ضرورت ان ڪري ڪانه هئي جو تازو صبح جو اجان ڪئي هيم ۽ ساڳيءَ ريت هيئرڪٽ جي به ڪا اهڙي ضرورت نه هئي _ جو ايترن ٿورن وارن جي ايتري گهٽ وقفي بعد ڳوٺ جي ٻچل حجام کان پنج روپيا ڏئي هيئر ڪٽ ته ڪرائي سگهجي ٿي، پر ولايت ۾ فارين ايڪسچينج ۾ پئسا ڏئي، اهڙن وارن پٺيان انويسٽ مينٽ ڪرڻ اجايو ڪم هو _ جيڪي حجامت کان اڳ به ڪٽيل لڳي رهيا هئا. بحرحال شيو کان هيئرڪٽ ڪرائڻ جو فيصلو هن وقت مناسب لڳو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# چينين لاءِ آئيڊيل ڪنوار

نرس جهڙن ڪپڙن ۾ ٺلهي ــ پر سهڻي حجام چينياڻيءَ رس سان ڀريل پيالي ۾ ڪاٺ جون تيليون ٽنبي منجهائس گوبيءَ جا ٽڪر، ساڻو ٻصرڻ گول اُس چٽيءَ جهڙيون ڪنيپون Mush Rooms ڪڍي کائيندي رهي. ان سان گڏوگڏ سرڪات ڪري رس جا ڍڪ پڻ ڀرڻ لڳي.

پيالو خالي ٿيڻ تي هن ٽشو پيپر سان چپ اگهيا ان بعد ڪبٽ مٿان رکيل ٽرپل فائوِ جي پاڪيٽ مان سگريٽ ڪڍي لائيٽر سان دکائي ڀرين موالين وانگر ڊگهو ڪش هڻي دونهين جي لار کي ٻاهر ڪڍيو پوءِ ڪئنچي کڻي منهنجن وارن تي ڪم شروع ڪيو. حجامڪي پر پوري ڪرڻ لاءِ خبر چار ڪرڻ لڳي. منهنجو مختصر حال احوال وٺي بس ڪيائين ته مون کانئس پڇيو ته آيا هوءَ هتي جي (سنگاپور جي) چينياڻي آهي يا ڪنهن ٻئي ملڪ جي.

هن سگريٽ جو ڦلو ائشٽري ۾ ڇنڊي چيو: ”تون ٻڌاءِ؟ هوءَ سنگاپور جي نه آهيان.“

”انگريزي سٺي ڳالهائين ٿي سو ٻڪ هانگ ڪانگ يا تائيوان جي هوندينءَ.“ مون وراڻيو مانس.

”نه ملائيشيا جي ئي آهيان. هتي ڏهاڙيءَ جي حساب سان نوڪري ڪريان ٿي.“

”پگهار ته هتي چڱو ڀرو ملندو هوندءِ؟“

”نه دڪان جي مالڪن پاڻ ته گهڻو ئي ٿي ڪمائي، پر ظاهر آهي دڪان تي هن لک ڪن خرچ ڪيا آهن، اسان پورهيتن کي ايترو ته نه ڏيندي.“ سندس لهجي ۾ ايئر هوسٽس ٽائيپ مرڪ بدران نهنائي ۽ مايوسي هئي. ڪانئس پڇيم ته ڪمايل پئسن مان پنهنجو دڪان ڇو نه ٿي کولين ته ٻڌائين ته هوءَ نه ته سنگاپور جي شهري آهي. نه پاسپورٽ رکي ٿي ۽ نه سنگاپور جي پي. آر (مستقل رهائش) اٿس. ان ڪري هتي پنهنجو دڪان نه ٿي کولي سگهي ۽ نه ئي وري پنهنجي ملڪ ملائيشيا ۾ دڪان کولڻ جيترا پئسا اٿس.

”هوءَ ڪٿي ملائشيا ۾ ڪتي دڪان کولي به وجان.“ هن ٻڌايو: ”پر في الحال اوڏانهن واپس وڃڻ نه ٿي چاهيان جو تازو مڙس سان جهيڙو ٿيو آهي ۽ طلاق گهري اٿم. سو جيسين

ڪورٽ ڪو فيصلو ڏئي تيسين وڪيل جي صلاح موجب هتي رهڻ چاهيان ٿي جيئن پنهنجو ۽ پنهنجي ٻن سالن جي ٻار جو ٻي خوف نيپاج ڪري سگهان.“ڪانئس سندس جهڳڙي ۽ طلاق جو سبب پڇيم.

”هو مون تي الزام ٿو هڻي ته آئون بدڪردار آهيان. پر حقيقت اها آهي ته هن جو شروع کان ٻيءَ ڇوڪريءَ سان پيار آهي. مائٽي ۽ گڏيل واپار جي چڪر ۾ اسان جي واپاري مائٽن اسان جي شادي ڪٽي ڪرائي، پر ان ۾ ٻنهي واسطيدار ڌرين جي رضامندي نه هئي.“

”توهان چينين ۾ ڇوڪرو سپ ڪان گهٽي اهميت ڪهڙي ڳالهه کي ڏئي ٿو ڪنوار جي سونهن کي، تعليم کي، قدبت کي، خانداني رتبي کي، يا مٽيءَ مائٽيءَ کي؟“ مون پڇيو مانس .

”انهن ڳالهين کي به ٿورو گهڻو ڌيان ۾ رکيو وڃي ٿو“ حجام چيني ڇوڪريءَ ٻڌايو ”پر گهڻو خيال ان جو رکيو وڃي ٿو ته ڇوڪري کي به واپار وڙي جي سڌ سماءُ آهي يا نه. مڙس يا سهري جي دڪان تي ڇوڪري سٺي سيلز گرل جا فرائض سرانجام ڏيئي سگهندي يا نه. ڪنوار جي اچڻ ڪري گهوٽ جي گهر جي مالي حالت ۾ واڌارو ايندو يا نه _ وغيره وغيره

اسان جون ڳالهيون اجا وڌيڪ هلن ها پر هڪ ته منهنجي مختصر هيئر ڪٽ اختتام تي پهچي وئي ٻيو ته آصف به پچائيندو اچي ان حصي ۾ نڪتو جتي اسين هئا سين، ۽ هاڻ هڪ منٽ به وڌيڪ ترسڻ لاءِ تيار نه هو. هيئرڪٽ جا ڏهه ڊالر ۽ هڪ ڊالر ٽپ ڏيئي ٻاهر نڪتاسين جيڪو ان دڪان جي ماڊرن ٽيڻ ڪري آخري دفعو هو ۽ فيصلو ڪيم ته آئينده اهڙي آرام ۽ هيئرڪٽ لاءِ پيپلس پارڪ جي گرائونڊ فلور وارن دڪانن ۾ ئي وڃڻو پوندو. جتي هيئر ڪٽ جا پنج ڊالر آهن يا اجا به ٻاهر عام دڪانن ۾ جتي فقط ٽي ڊالر (ايڪيهه رپيا) ٿا وٺن _ پرواهه ناهي جي اهي دڪان ڪٽي ايئر ڪنڊيشنڊ نه آهن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# مئرينرس ڪلب ڏي واپسي

پيپلس پارڪ مان جيڪا هلڪي ڦلڪي يا وڏي خريداري ڪئيسين سا چڱي طرح تہ ياد نہ آهي، پر هڪ دڪان تان آصف سئنڊوچ ٺاهڻ لاءِ اليڪٽرڪ سئنڊوچ توسٽر ورتو جيڪو جپان جو هوندي بہ جپان کان هتي سستو ــ اٽڪل پنجاهہ کن ڊالرن ۾ مليو. ڇو جو جپان ۾ "لوڪل مارڪيٽ ٽئڪس" ۽ ٻيا ٽئڪس هجڻ ڪري ٻين شين وانگر مهنگو آهي. پر سنگاپور ۾ فقط شيءِ جي قيمت ورتي وڃي ٿي ۽ مٿان هلڪو فائدو. ۽ جي ڪن شين تي ٽئڪس آهي تہ بہ نہ برابر.هن اليڪٽرڪ سئنڊوچ توسٽر ۾ ڊبل روٽي جا ٻہ پڙ رکي وچ ۾ رڌل ڀاڄي يا قيمون وجهڻ سان سمبوسي وانگر ڪڙڪ سئنڊوچ ٺهيو وڃي. اها هڪ اهڙي شيءِ آهي جيڪا مشغول شهرن جي گهرن ۾ ڏينهون ڏينهن مشهور ٿيندي وڃي. ڪراچيءَ ۾ ان جو آسان نسخو بوري بازار ۾ پندرهين ويهين رپئي ملندو جيڪو ٽين جي ٻن پڙن ڪي ڍڳهين لوهي ڏنڊين سان ڳنڍي ٺاهيو ويو آهي ۽ اهيو اليڪٽرڪ بدران ٻاهہ تي گرم ڪرڻ سان اندر سئنڊوچ ٺهيو وڃي. ڪراچيءَ مان جي اهوڪٽي اچئون ها تہ هن اليڪٽرڪ سئنڊوچ توسٽر پنيان خرچ ڪيل پنجاهہ ڊالر (ٽي سؤ رپيا) بہ بچي پون ها. (پر پوءِ اها خبر معلوم ڪري ويتر افسوس ٿيو تہ ملاڪا شهر ۾ پڻ اها ساڳي بوري بازار واري شيءِ لئان فاٽ ڊپارٽمينٽ اسٽور جي سامهون واري گهٽيءَ ۾ ملي پئي.)

سنگاپور جي پيپلس پارڪ مان ڪجهہ قميصون، پتلون، چڊيون ۽ ٽوال بہ ورتاسين، گهڻي بحث بعد مدراسي دڪاندار گهٽ ڪري هڪ هڪ پتلون جا ٽيهہ ڊالر (ٻہ سؤ روپيا کن) ورتا.پر ٻئي ڏينهن هاءِ اسٽريٽ جي "هاءِ اسٽريٽ سينٽر" جي هڪ دڪان ۾ اها ساڳي پتلون ويهہ ڊالر پئي ملي. پيپلس پارڪ مان هڪ هڪ بيگ ۽ هڪ بريف ڪيس ورتوسين. بوٽن جا ڪشا ۽ شيونگ ڪريم ورتي سين جو اهي ٻئي شيون ملائيشيا ۾ ڏکيون ٿيون ملن. ملائيشيا ۾ هر گهر ۾ بوٽ ٻاهر لاهي وڃڻ جي عادت ڪري ماڻهو ڪشن (ڪهين) وارا بوٽ ئي ڪونہ پائين، جو ذري ذري ڪير لاهي ۽ ٻڌي. ان ڪري ملائيشيا ۾ ڪهين وارا بوٽ ۽

کهيون ورلي کو ملن. ملائيشيا ۾ شيونگ ڪريم يا صابڻ بدران فقط صابڻ جي گج Shaving lather استعمال ٿئي. جنهن سان ٻچي ڏاڙهي يا ڪنپ ڪنپ وارن وارا چيني ۽ ملئي ته آرام سان شيو ڪريو وجن. پر اسان جهڙن ڏاڙين لاءِ مشڪل آهي. جن جا ڏاڙهيءَ جا وار گهٽا ۽ کهرا آهن ـــ جن کي ڪوڙڻ کان اڳ نرم ڪرڻ لاءِ برش سان چڱي طرح صابڻ يا شيونگ ڪريم هڻڻ جي ضرورت آهي. آصف کي Diabetes (ذيابطيس) هجڻ ڪري هن ڪجهه ڪولڊ ڊرنڪس، بسڪيٽ، ڪيڪ ۽ چاڪليٽ اهڙا ورتا جن ۾ کنڊ بدران سيڪرين جهڙو مناڻ ٿئي ٿو. بحرحال اهڙيون ڪجهه شيون وٺي واپس رهائش گهر يعني مئرينرس ڪلب ڏي آياسين.

مئرينرس ڪلب جي ڊائننگ هال ۾ ان وقت تمبولا راند جيڪا جوا جو هڪ فئشن ايبل قسم چئي سگهجي ٿو هلي رهي هئي. نمونو ڏسڻ لاءِ اسين به اندر گهڙياسين. سڀ پنهنجا پنهنجا نمبر ڪٽڻ ۾ مشغول هئا. اسان هڪ ٽيبل تي ڪرسيون خالي ڏسي وڃي ويٺاسين. هيڏانهن هوڏانهن لوٽا هنياسين ته من ڪو چانهه جو آرڊر وٺڻ لاءِ اچي يا راند جو کيڏڻ لاءِ چوي، پر ڪا پهر نظر نه آئي. ٿوري دير بعد هڪ ويٽرس چوڪري اچي لنگهي تنهن کي ڪجهه آڻڻ لاءِ چيوسين. تنهن پٽ ۾ لڳل لڏڪٽي واري گهڙيال ڏي اکين سان اشارو ڪري چيو ته ڪافي دير ٿي ويئي آهي. حساب ڪتاب بند ڪري چڏيو اٿئون. هيءَ راند به آخري هلي رهي آهي. آصف چيو اهو ته پاڻ سنو. اسان ته هتي ويهڻ جي تڪلف ۾ ڪجهه گهرايو ٿي، جيئن ڪلب وارو اهو نه سمجهي ته بنا خرچ جي مفت ۾ اچي ويٺا آهيون.

# تمبولا لکي فارسم

هال ۾ ڏيڍ سؤ کن ماڻهو هئا ۽ ذري گهٽ سڀ تمبولا کيڏي رهيا هئا. کن جي اڳيان چانهه رکي هئي ته کن اڳيان کوکا کولا وغيره گهڻن اڳيان هتي جي سنگاپوري بيئر Anchor جاٽڏا دِٻا رکيا هئا، جن مان هو چسڪيون ڀري رهيا هئا.راند جاري هئي ۽ سڀ هٿن ۾ پينسلون جهلي پنهنجن نمبرن کي ڪٽي رهيا هئا. دخل تي ويٺل اناؤنسر دٻي مان گولا ڪڍي ان تي لکيل مختلف نمبر وڏي واڪ سان ائين ٻڌائيندو رهيو جيئن نيلام جو واڪ ڏيندڙ اگهه جو اعلان ڪندو آهي.

”ٻه ننڍيون بدڪون _ Two Small Ducks نمبر ٻاويهه ”دخل تي ويٺل همراهه گولي تي لکيل نمبر پڙهي اعلان ڪيو اسان جي ٽيبل تي ويٺل هڪ چيني ڇوڪريءَ پنهنجي ڪاغذ تي ڇپيل اهو نمبر ڪٽيو. سندس جهازي ٻوائِ فرينڊ خوشيءَ مان ڪيس ٺڦڪي ڏني.

”شينهن جو پنجو“ دخل تي ٻيٺل هڪ ٻئي همراهه نمبر ٻڌائڻ جي شروعات ڪئي ”نمبر پنج.“

جن جي پنن تي پنج جو انگ هو انهن اهو ڪٽيو ۽ ڪجهه همراهن اهو ڏند ڪڍي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ته سندن نمبر ڪٽجن پيا. چوجو جنهن جي پني جا سڀ نمبر ڀرجن ڪٽجندا ان لاءِ انعام هو ۽ تمبولا ۾ انعام چڱا ڳرا رکيا وڃن ٿا.

”ابتو سبتو نمبر سڪستي نائن“ اناؤنسر وري اعلا ڪيو.

تمبولا اند جهازين ۾ ڪناري تورڙي جهاز تي تمام مشهور راند/ جوا آهي، جو اها ٿورا ڇڻا ٻه ڪيڏي سگهن ٿا ته گهڻا ٻه. ان راند لاءِ فقط ننڍڙا پنا ڪتاب جي صفحي جي اڌ جيترا ڪپن. جن تي ويهه کن چونڪڙيون ٺين جن ۾ مختلف نمبر ڇپيل ٺين. اهي نمبر هڪ کان نوي تائين ڪي ٻه تي سگهن ٿا. هڪڙي پرچي ٻيءَ کان مختلف ٿئي يعني ڪو نه ڪو نمبر ٻئي ۾ مختلف رکندا آهن. مثال طور هڪ پرچيءَ جي متينءَ قطار ۾ نمبر آهن. ٻه، يارنهن، ٽيهه، پنجيتاليهه ۽ اسي، ته ٻيءَ پرچيءَ جي متينءَ قطار ۾ ضرور انهن نمبرن مان ڪو هڪ يا ٻه

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڦريل هوندا. يا مٿين قطار پنهي جي ساڳي هوندي تہ بہ يا ٽي قطار جو انگ ضرور ڦريل هوندو.

راند ڪيڏندڙ اها پرچي مقرر ٿيل قيمت ۾ وٺندو آهي. قيمت ڪيتري بہ رکي سگهجي ٿي، جيئن تہ روپيو ڏهہ روپيا يا هتي سنگاپور جي هن ڪلب هڪ پرچيءَ جي قيمت هڪ ڊالر رکي هئي. اناؤنسر وچان وچان نمبر چونڊيندو ويندو. گهڻو ڪري نوانوي بلور ٿين جن تي هڪ کان نوانوي تائين نمبر ٿين. اهي بلور برنيءَ يا پيالي ۾ رکي پوءِ هڪ هڪ ڪري ان نمبر جو اعلان ڪندو آهي ۽ ڪيڏندڙ اهي نمبر پنهنجي پرچيءَ تان ڪٽيندا ويندا آهن. پوءِ جنهن جي پرچيءَ جا نمبر سڀ کان پهرين ڪٽجن، ان کي انعام ملندو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن تہ هڪ وڏو انعام سڀ نمبر ڪٽجڻ تي هوندو آهي ۽ ان کان علاوه بہ ٽي ننڍا انعام پڻ رکيا ويندا آهن. جيئن تہ جنهن جي پهرين مٿين نمبرن جي قطار ڪٽجي، يا جنهن جا بارڊر وارا نمبر ڪٽجن، وغيره وغيره. پوءِ هڪ راند بعد وري ڪيڏڻ لاءِ ٻيون پرچيون وٺبيون آهن. ڪوچاهي تہ هڪ کان وڌيڪ پرچيون بہ خريد ڪري سگهي ٿو بشرطيڪ ان ۾ ايتري ڦڙتي هجي جو هڪ ئي وقت سيني پرچين جا نمبر جانچي ۽ ڪاٽي سگهي.

جهاز تي اڪثر ائين ڪندا هئاسين تہ هر راند ۾ جيترين پرچين جو وڪرو ٿيندو هو انهن پئسن جو چوٿون حصو رکي باقي پئسا انعام ۾ هلائيا هئا. پوءِ آخري راند ۾، هر دفعي جي راند مان بچيل پئسا بہ ملائي تمام وڏو انعام ڪري رکيو ويندو هو. جيڪو اڪثر ڪري SnowBall سڏبو آهي يا جئڪ _ پاٽ. خير هھڙن ڪلبن ۾ تہ هر راند مان هوٽل جو بہ حصو ڪڍيو ويندو آهي. بس پوءِ جنهن هارايو ان جا بہ چار ڊالر ويا. پر جنهن کي انعام مليو ان جو عيش ٿي ويو. هوٽل وارن جو ان فائدي کان علاوه شراب ۽ شربت جو وڪرو پڻ ٿيو.

اسان جنهن وقت اچي وينا سين ان وقت تمام وڏي انعام سنو بال جي آخري راند هلي رهي هئي ۽ اسان ڪيڏندڙن جي چهرن جا تاثرات پڙهندا رهيا سين تہ ڪير ڪير ڪٿڻ تي آهي. ڪي چيني هئا، ڪي ملئي، ڪي يورپين جهازي هئا، تہ ڪي انڊونيشي ۽ انڊين پاڪستاني ۽ سندن هتي جون چيني ملئي ۽ تامل ناڊو گرل فرينڊس هيون. هڪ همراهہ تہ بلڪل پاڪستاني انجنيئر جميل جهڙو لڳي رهيو هو. پاڪستان کان ملائيشيا بدلي ٿيڻ کان اڳ خالد جميل نالي هڪ سيڪنڊ انجنيئر امتحان لاءِ مون وٽ مئرين ڪاليج ۾ E.K

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

(انجنيئرنگ) پڙهڻ آيو هو. آصف کي چيمبر يار ڏس تہ سهي بلڪل هوبهو خالد جميل جهڙو پيو لڳي. اجا مهينو ڏيڍ ڪراچي ڇڏڻ وقت مليو هو. سندس امتحان ٿيڻ ۾ اجا ٿي مهينا دير هئي. ذوالفقار کي ٻڌايم تہ سامهون جيڪو ڪارن ڪپڙن ۾ ڳچيءَ ۾ سوني تار وارو چيني ڇوڪريءَ سان گڏ ويٺو آهي. ان جي شڪل منهنجي هڪ شاگرد خالد جميل سان ڪافي ملي ٿي. ان ئي وقت هن بيئر جو ڍڪ پي اسان ڏي نهاريو. ذوالفقار يڪدم چيو پراين ماڻهن کي وينا گهوري ڏسون اجايو ڦڏو نہ ٿي پوي. ۽ اسان يڪدم ڪٽي ٻئي پاسي منهن ڪيو. هال ۾ چوڌاري ويٺل پنهنجين پرچين تي ڪنڌ جهڪائي اعلان ٿيل نمبر ڪٽي رهيا هئا.

”ٽوفئٽ ليڊيز _ Tow Fat Ladies نمبراٺاسي“ دخل تي ٻيٺل همراه اعلان ڪيو ۽ جن جي پرچين ۾ 88 جو انگ هو انهن ڪٽيو. ان بعد ٻين نمبرن جو اعلان ٿيو.

”سيلرس ليگ legs _ Sailors نمبر يارهون.“

”لڪي فار سم Lucky for Some نمبرستون.“

”Un Lucky نمبر ٽرٽين _ ٽيرهون ۽ نمبر ٽين _ ڊائوننگ اسٽريٽ“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## مڙسي منجهس نہ، ڏوهہ ڪنوار جو

هال مان ڪنهن رڙ ڪري چيو ”هائوس“ معنيٰ هن جي پرچيءَ جا سڀ نمبر ڪٽجي ويا.هو پنهنجي پرچي کڻي دخل تي پهتو. انائونسر ان جا نمبر چيڪ ڪيا ۽ کيس انعام ڏنو ۽ راند ختم ٿي. پوءِ سڀ ڪپڙا چنڊي اٿي کڙا ٿيا. هڪ دفعو وري مون خالد جميل سان ملنڊڙ همرهہ کي ٿيڏي اک سان ڏٺو. جيڪو پڻ لڳاتار اسان ڏانهن نهاري رهيو هو.ايتري ۾ ذوالفقار جي ڏڪڻ ۽ ماڻهن جي پيهہ پيهان ۾ اچي ٻاهر نڪتاسين

جيئن ئي ٻاهر پهتاسين تہ رسيپشن وٽ ٻيءِ در ڪان آيل خالد جميل جهڙي همراهہ اچي اڙدوءَ ۾ ڪيڪاريو کلي چيو مانس: ”ميان اسان بہ چئون تہ بلڪل جميل جهڙو هتي ڪٿان اچي ويو؟“

”سر! مان تہ توهان کي پهرين سڃاڻي ويس جيتوڻيڪ ٿورو شڪ ضرور ٿيم تہ توهان ملائيشيا ۾ رهيل هتي سنگاپور ۾ ڪيئن؟“

”بس گهر لاءِ ڪجهہ سامان وٺڻو هو. ملائيشيا ۾ شيون مهنگيون آهن. ڏياريءَ جي موڪل هئي سو هيڏانهن سنگاپور هليا آياسين. تون ڪر خبر؟“

”بس سر امتحان ڏنم پهرين دفعي ئي سڀ سبجيڪٽ پاس ڪري ويم. ان بعد سوچيم تہ رهڻو تہ هونئي سمنڊ تي آهي، پوءِ چونہ ڪنهن اهڙي جهاز ران ڪمپنيءَ جا جهاز هلائجن جيڪا گهٽو پگهار ڏئي ـ پوءِ کڻي ان ڪمپنيءَ جا کهڙا بہ جهاز هجن. کهڙي بہ ملڪ ويندا هجن ۽ جهاز تي رهڻ جون حالتون کهڙيون بہ هجن. پنهنجي ملڪ جي ڪمپنيءَ کي جهازن جي مقابلي ۾ انجنيئر ايترا تہ گهٽا ٿي ويا آهن. جو پاس ڪيل عهدي کان بہ رئنڪون هيٺ نوڪري ٿا ڏين. يعني سيڪنڊ انجنيئر جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ مون کي فورٿ انجنيئر ٿا رکن ۽ پگهار بہ ايترو گهٽو نہ آهي. اهو سو فائدو ضرور آهي ـ ۽ هڪ خيال کان وڏو فائدو آهي تہ پنهنجي ملڪ جي جهاز ران ڪمپنيءَ کي نوان ۽ سنا جهاز آهن. عملو گهڻو آهي ان ڪري ڪم جو آرام آهي. ان کان علاوه هر سفر (Voyage ) بعد جهاز پنهنجي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ملڪ اچي ٿو سو هڪ تہ ماڻهو مائٽن مٽن سان مليو تازو ٿيو وڃي ۽ ٻيو پنهنجي لاءِ پڻ ٽي وي، فرج، واشنگ مشين جهڙي ڳري خريداري ڪري سگهي ٿو. پر آئون اڪيلو سر آهيان، اهو سوچي ولايتي جهاز ران ڪمپني اختيار ڪئي اٿم تازوگوڪل صاحب جي جهاز ران ڪمپنيءَ ”گلفايست“ جي هڪ جهاز تي سيڪنڊ انجنيئر جي ضرورت هئي، سو اشتهار ڏسي مون اپلاءِ ڪيو ۽ هنن مون کي هوائي جهاز جي ٽڪيٽ ڏيئي سنگاپور موڪليو آهي. ڪالهہ کان هتي هن ڪلب ۾ رهيل آهيان.جنهن جو بندوبست ايئرپورٽ تي پهچڻ سان گوڪل صاحب جي هتي جي آفيس وارن ڪرايو آهي. جنهن جهاز تي مونکي رکيو اٿن اهو پرينءَ يا ارينءَ بئنڪاڪ کان هتي پهچڻو آهي.“

منهنجي خيال ۾ تہ سنو ڪيئي، پنهنجي ملڪ جي ڪمپني بہ اهو ئي چاهي ٿي تہ هن وقت پلي ڪجهہ انجنيئر ۽ نيويگيٽر ٻاهر هليا وڃن، جيئن بار هلڪو رهي، ”مون چيو مانس.

”پر سائين مون ٻڌو آهي تہ جيڪو جهاز مون کي ملي رهيو آهي، اهو جهاز تمام پراڻو آهي. سندس انجڻ ۾ چڱا خاصا نقص آهن.“خالد جميل اداسيءَ مان چيو. سندس اهو خوف ليا پائي رهيو هو جيڪو ننڍي نيٽي ڪنوار جي چهري تي اڻ ڏٺل پوڙهي گهوٽ سان پرڻجي وڃڻ تي هوندو آهي. اهو خوف ڏارئين ملڪ جي جهاز تي تہ ڇا، پر پنهنجي ملڪ جي هڪ جهاز کان ٻئي جهاز تي ويندي وقت بہ ٿيندو آهي تہ خبر ناهي ٻئي جهاز جو ماحول ڪيئن هوندو، ماڻي ڪيئن هوندي، ڪهڙن ملڪن ۽ موسمن ۾ سفر ڪندو ويتر جي پراڻو جهاز آهي، تہ انجنيئر لاءِ هيڪاندو وڏيڪ خوف تہ آيا ان جهاز جي انجڻ ۾ ٿورا نقص آهن يا گهڻا. اوزار گنل اٿس يا منجهس اجا ڪڙ تيل آهي، ائين نہ ٿئي تہ سيان هلي ”پنهنجي مڙسيءَ سان نہ“ پر ڪمپني اوڙو پاڙو چوي تہ ڏوهہ انجنيئر/ڪنوار جو وغيره وغيره.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## وڏي پارٽ پنهنجا لچڻ آهن

”مڙيئي خير آهي يار. تو جهڙي محنتي ۽ نوجوان انجنيئر کي اهي ڳالهيو هرگز سوچڻ نه کپن. ڏينهن رات محنت ڪري سندس نقص دور ڪري ڇڏجانئس. پوءِ آرام ٿي آرام اٿئي.“مون کيس دلداري ڏيندي چيو ”خبر اٿئي انجنيئر جڏهن جونيئر هجي ته هن کي گهٽي کان گهٽو ڪم ڪرڻ کپي، جيئن هڪ ته هر قسم جو ڪم سکي وٺي ۽ ٻيو ته هڏ پورهئي تي هري وڃيس. پوءِ آخر ۾ جهاز جو چيف انجنيئر ٿي جيڪو به جهاز مليو ته مزو آهي _ جيڪڏهن نئون جهاز بنانقص جي مليو ته به آرام جي ننڊ. پر جيڪڏهن پراڻو جهاز گنل پيٺل مليو ته به هن لاءِ مڙيئي خير آهي. جو هن کي هر ڪم اچي ٿو. وچ سمنڊ تي اوچتو جهاز بيهي رهيو ته به هن جي دل بهادر آهي جو هر مسئلي کي منهن ڏيڻ سکيو آهي. وچ سمنڊ تي ڪوبه ڪناري جو مستري يا انجنيئر مدد لاءِ نه ايندو. جهاز جي انجنيئرن کي ئي هر خرابي دور ڪرڻي پوي ٿي. ۽ جڏهن ڪنهن به انجنيئر کان انجڻ صحيح نه ٿي ٿئي ته آخر ۾ چيف انجنيئر وٽ پهچن ٿا ته هاڻ ڪم زور آهي، تون سڀ کان پراڻو ۽ وڏو انجنيئر (مستري) آهين متڪو پانو کڻي هلي انجڻ کي منهن ڏي ته جهاز سامونڊي ڪن مان نڪري، نه ته سڀ ٿا مرون. پوءِ جيڪڏهن چيف انجنيئر جو نڌڙي هوندي کان ڪم ٿيل آهي ته ڪتابي علم ۽ تجربي جي آڌار تي وڏي اعتماد ۽ رعب سان اٿي انجڻ جو اهو پرزو ٺاهي عزت ماڻي ٿو ٻي صورت ۾ گلا ڪيائي ٿو.“منهنجيون اهي ڳالهيون ٻڌي خالد جميل مرڪڻ لڳو. اتي سندس پر ۾ ٽي ڄڻا ٻيا به اچي ويٺا جن جو پاڻ تعارف ڪرايائين ته هي به ساڳي جهاز لاءِ آيل آهن. ٻه ڄڻا رحيم يار خان جا هئا ۽ ۽ خلاصي طور جهاز ڀرتي ڪرڻ آيا هئا ۽ هڪ مدراس (هندستان) جو چيف آفيسر هو.

”گوڪل صاحب جا هي جهاز هانگ ڪانگ ۾ رجسٽر ٿيل آهن،“ خالد جميل ٻڌايو.۽ ”اسٽاف گهڻي ڀاڱي انڊيا، پاڪستان، فلپين، مالديپ، ٻيٽ سريلنڪا ۽ بنگلاديش جو اٿس. “

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”هامونکي خبر آهي.“ مون ٻڌايو مانس.

”منهنجا پڻ ٽي چار ڪلاسي دوست ڪافي عرصي کان گوڪل ڪمپنيءَ ۾ آهن ۽ خوش آهن. هڪ ته توهان جي جهاز جي مرمت مٿان سپرنٽينڊنٽ انجنيئر راشد ڪاظمي آهي. جتي به جهاز خراب ٿيندو آهي ته هانگ ڪانگ کان اوڏانهن هوائي جهاز رستي پهچي ويندو آهي، جيئن ان جي مرمت بابت فيصلو ڪري سگهي. ٻيو ڪلاسي قيصر اصغر هانگ ڪانگ آفيس ۾ چيف انجنيئر آهي. ۽ هڪ چيف انجنيئر اڇڪلهه ڏکڻ ڪوريا ۾ آهي، جتي توهان جي شپنگ ڪمپنيءَ جا نوان جهاز ٺهي رهيا آهن ۽ هو انهن جي نظر سانيءَ تي مقرر ٿيل آهي.“

”سائين انهن کي منهنجي پارت ڪرڻ جي ضرورت سمجهو ٿا يا نه؟“جميل چيو.

”جهازن جي نوڪريءَ ۾ ته خبر اٿئي ته وڏي پارت پنهنجا لڇڻ ۽ محنت آهي، ڪو ماڻهو ذاتي زندگيءَ ۾ ڪٽي دشمن هجي، پر جهاز جي ڊيوٽيءَ ۾ جي هو گهڻو محنتي آهي ته اهو سڀ کان گهڻو پيو وڻندو.“

”واقعي اها ڳالهه ته آهي ۽ اهو ئي سر منهنجو اصول آهي، اميد ته توهان جا دوست جڏهن توهان سان ملندا ته منهنجي ڪم جي ضرور تعريف ڪندا.“ خالد جميل چيو.

”اهائي تو جهڙي سني ماڻهوءَ ۽ لائق انجنيئر مان اميد رکي سگهجي ٿي.“ مون ڪلي ڪانئس موڪلايو ۽ سڀ الڳ لفٽن ۾ چڙهي پنهنجن ڪمرن وارين ماڙين ڏانهن روانا ٿي ويا.

## سنگاپور ـ ڪارڪردگيءَ ۾ سنو بندرگاهه آهي

ڪمري ۾ اچي ڪپڙا بدلائي سمهڻ جي تياري ڪيم، مرٽينگ ايئرڪنڊيشنر، ڪمري کي نه جهڙو ٿڌو ڪري رهيو هو. اٽي دريون کولڻ جو سوچيم. پردو ريڙهي ڏٺم ته سامهون ڪيپل شپ يارڊ ۽ بندرگاهه جي زردي رنگ جي تيز سوڊيم لائيٽن اکيو ٿي ڪڍيون ۽ ساڳئي وقت خط استوائي ملڪن ۾ ڪمري جون دريون کولڻ معنيٰ مڇرن ۽ جيتن جٽين کي گهر ۾ گهرائڻ. پر مٿاهين ماڙ هجڻ ڪري لانگهائو جيتن به اندر جو رخ نه ٿي ڪيو. بهر حال ٻاهر جي تکي روشني ۽ رکي رکي ڦڙين جي ڇاٽ اندر اچڻ ڪري وري دري بند ڪرڻي پئي. ٻئي نمبر نسخي موجب قميص لاهي فقط ڪڇي ۾ سمهڻو پيو ۽ ننڊ کي آڻڻ لاءِ رڊون يا هاٿي ڳڻڻ بدران سنگاپور شهر جو سوچڻ لڳس جتي گذريل ڏهن سالن کان ڪيترائي دفعا آيو هوندس. هن دفعي وقت نه هجڻ جي ڪري ڪيڏانهن به وڃڻ نه ٿي سگهيس نه ته سنگاپور جي حڪومت سنگاپور کي ڏينهون ڏينهن اهڙو بنائيندي وڃي جو ٻار کان وٺي وڏي عمر جو ماڻهو هتي وندريل رهي ٿو ـ گهمڻ ڦرڻ ۾، خريداريءَ ۾، راندين روندين ۽ فلمن ڊرامن ۾، مذهبي توڙي دنياوي مشغولي ۾.

سنگاپور ملڪ، ٻيٽ، شهر يا بندرگاهه جيڪي ڪجهه به سمجهيو وڃي ـ ان جي بنيادي اهميت بندرگاهه جي ڪري آهي ۽ جاگرافيائي طور اهڙي ٻيهڪ اٿس جو سندس پرسان جهازن جو تمام گهڻو لنگهه ٿئي ٿو ۽ اهڙي ٻيهڪ جيتوڻيڪ سلون (سريلنڪا)، عدن، پورٽ توفيق، پورٽ سعيد، لاس پاماس، ڪيپ وردي ٻيٽن جي بندرگاهن جي پڻ آهي، پر سنگاپور جي  حڪومت ايڏي ته ملڪ ۽ ماڻهن سان وفادار، گهڻي حد تائين ايماندار، هڏ ڏوکي ۽ محنتي آهي، جو هنن سنگاپور کي اهڙو ته ناهي چڏيو آهي، جو اڄڪلهه سنگاپور تمام گهڻو سهڻو مشهور ۽ امير ملڪ ٿي ويو آهي. جيتوڻيڪ ڪنهن زماني ۾ سلون، عدن جهڙن هنڌن تي وڏي لئه هوندي هئي ـ گهمڻ ڦرڻ کان وٺي واپار وڙي ۽ سونهن سوڀيا تائين، پر پوءِ حڪومتون ۽ انهن جا نمونا ڪجهه اهڙا ٿيندا ويا جو ان قسم جا بندرگاهه ور ي اڀري نه

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سگهيا آهن. سنگاپور جيتوڻيڪ اڄ کان ويهه سال کن اڳ تائين عدن، ڪولمبو جهڙن بندرگاهن کان گهٽ مشهور هو پر هاڻي ڏسندي ئي ڏسندي دنيا جو ٻيو نمبر مشغول ترين بندرگاهه ٿي ويو آهي. اڄ کان فقط ڏهه ٻارنهن سال کن اڳ سنگاپور ۾ چوري چڪاري ايتري ته هوندي هئي جو سرڪاري بسن تي به چئني قومي زبانن: چيني، انگريزي، ملئي، تامل ۾ لکيل هوندو هوته کيسو ڪترڻ وارن کان خبردار ٿجو ـــ جنهن جو ذڪر مون پنهنجن پهرين سفرنامن ۾ پڻ ڪيو آهي. پر هاڻي حڪومت ڏينهون ڏينهن سنگاپور کي هر لحاظ سان اهڙو ته بنائي ڇڏيو آهي جو ڌاريان ماڻهو هتي ئي سلامتي محسوس ڪن ٿا ۽ گهمڻ لاءِ اچن ٿا. ڌاريان جهاز پڻ هتان ئي سودو سامان وٺڻ اچن ٿا. مثال طور اسان جي ملڪ جي جهازن جو لنگهه ته ايشيا جي ٻين به ڪيترن ئي ٻيٽن ۽ بندرگاهن وٽان ٿئي ٿو پر ڪسٽم ۽ اميگريش جو ڊگهو طريقو واپارن ۽ ايجنٽن جي سستي ۽ بدامنيءَ ڪري ٻين ٻيٽن تان سيدو سامان وٺڻ کان لنواٽڻو پوي ٿو يا وري گهربل پنجن شين مان به ملنديون ته ٽي غائب! مصر هيڏو سارو ملڪ آهي ۽ پر ۾ ڪيترائي تيل پيدا ڪندڙ ملڪ اٿس. پر شل نه ڪنهن شيءِ جي ضرورت پوي. تيل وٺڻ لاءِ به پريشان ٿيڻو پوندو آهي. سلون، جبوتي، ممباسا، ويندي ڪراچيءَ جهڙن بندرگاهن ۾ پاڻيءَ جا به اڍائي هزار ٽن خريد ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪرڻي پوي ٿي ۽ جهاز کي ترسائي ايتري دير ڪرائي وڃي ٿي جو ماڳهين ٻيڻو نقصان. ياڪڏهن جهاز جا خلاصي بيمار هجڻ يا بدلي ڪرڻ لاءِ هوائي جهاز رستي ٻئي ملڪ موڪلڻو هوندو آهي ته هفتو هفتو اڏام جو بندو بست نه ٿيندو آهي ۽ اهو عرصو ترسڻ لاءِ ڪنهن چڱي هوٽل ۾ ڪمرو ئي نه ملندو آهي. ياڪمرو ملي ويو ته هفتي اندر چوري، کيسو ڪترڻ يا ڪاڏي ۾ زهريات ڪري بيماريءَ جهڙن وارداتن جو انديشو هوندو آهي. پر سنگاپور حڪومت ۽ عوام هر ڪم سليقي، سنائي ۽ اڳتائيءَ سان اڪلائڻ جو اهڙو ته سهڻو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي جو روزانو سوين جهازن جي اچ وڃ ٿئي ٿي. ۽ سنگاپور دنيا جو ٻيو نمبر مشغول بندرگاهه هجڻ جي باوجود به هر جهاز جي مالڪ کي ائين لڳندو ڄڻ سندس جهاز ڏي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي ۽ جهاز جي عملي زبان تان ڪنهن ڳالهه ڪم، مسئلي جو نالو ڪنيو ناهي ته ان جو تدارڪ ٿيو ناهي. جهاز تان سنگاپور پهچڻ کان به ڏينهن اڳ سنگاپور جي ايجنٽ کي جيئن ئي تار ڪبي آهي ته فلاڻي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڏينهن شام جو چئين بجي اسان جو جهاز سنگاپور جي پاٽيءَ ۾ پهچي رهيو آهي تہ جواب ملندو: "موسٽ ويلڪم پائليٽ پوڻين چئين ڪان توهان جو منتظر هوندو."

"چارسؤ ٽن ڪچو تيل، سؤ ٽن ڊيزل آئل، هزار گئلن ليوب آئل ۽ ٽي سؤ ٽن تازو پاڻي کپي." جواب ملندو: "بلڪل تيار ملندو."

"هڪ جهازي سخت بيمار آهي، ان کي اسپتال ۾ داخل ڪرڻو آهي ۽ مڙني جهازين کي سندن اڌ اڌ مهيني جي پگهار هتي جي سڪي ۾ کپي، ان لاءِ هيترا هزار ڊالر گهرجن. پر انهن ۾ هيترا سؤ جا نوٽ هيترا پنجاهہ جا هيترا ڏهين، پنجين ۽ هڪ هڪ جا هجڻ کپن." جواب ملندو: "بلڪل صحيح آهي اهو بہ ڪم ٿي ويندو. بي فڪر ٿي هليا اچو."

پوءِ بندرگاهہ ۾ شام جو پهچڻ ڪري جيتوڻيڪ آفيسون بند هونديون پر آفيس جو ايجنٽ ڪنهن بہ نموني سان بئنڪ کان اسپتال تائين. جهاز جي مرمت کان اسپيئر پارٽ خريد ڪرڻ تائين جي ڪم جو بندوبست ۽ اڪلاءُ ڪرائي وٺندو. بلڪ ڪيترين شيون ۽ مسئلا بندرگاهہ ۾ پهچڻ بعد ياد ايندا يا رونما ٿيندا تہ انهن جو بہ اڪلاءُ سنگاپوري ايجنٽ ڪرائي وٺندو.

## سنگاپور ۾ گهمڻ جي دلچسپي رهي ٿي

سنگاپور هڪ شهر جيڏو ننڍڙو ٻيٽ ۽ ملڪ آهي، پر منجهس ڏهاڪو کن ته رڳو شپ يارڊ آهن ــ جتي ننڍا وڏا جهاز نهن ۾ مرمت ٿين ٿا. موڪل واري ڏينهن تي به جهاز ۾ خرابي ٿئي ته وقت ضايع ڪرڻ بنا ڪم ضرور ڪري ڏيندا، نه ته دنيا ۾ ڪيترا ملڪ آهن جن ۾ سنگاپور جي شپ يارڊن کان وڏا ۽ پراڻا شپ يارڊ آهن. پر الله نه ڪري جي اتي جهاز خراب ٿي پوي پهرين ته وارو نه ملندو پر جي وارو ملي به ويو ته هڪ ڏينهن جي ڪم کي انگهائي ٽي ڏينهن ڪندا ۽ پوءِ اڌو اڌ چانس هوندو ته سمنڊ تي هلي ويلڊ ٿيل پليٽ وري ٽڙڪي نه پوي يا مرمت ڪيل بيرنگ وري نه گرم ٿي پوي يا وائنڊنگ ڪيل موٽر وري نه سڙي پوي. پر سنگاپور جي حڪومت ۽ ماڻهن ملڪ ۾ اينڊڙ جهازين ۽ ٽوئرسٽن کي ڌيان ۾ رکي، ۽ ٻين بندرگاهن جي ڪمزورين مان سبق ۽ فائدو حاصل ڪري پاڻ کي ايڏو ماڊرن ڪري ڇڏيو آهي جو پاڻ به پئسو ڪمائي سگهيا ستابا پيا ٿين ته اينڊڙ ويندڙ جهازي ۽ ٽوئرسٽ به منجهائن خوش آهن. مثال طور: جهاز سان واسطو رکندڙ هر هڪ ماڻهو ــ مالڪ کان وٺي جهاز جي ڪئپٽن ۽ چيف انجنيئر تائين اهو چاهيندو ته سندس جهاز جي مرمت سنگاپور ۾ ٿئي. جهاز جو سيدو سامان ۽ تيل پاڻي سنگاپور ۾ ورتو وڃي ان ڪري ڪڏهن ٻئي ملڪ وٽان لنگهندي جهاز کي ڪو مسئلو درپيش ايندو ته، جهازران ڪمپنيءَ جي هيڊ آفيس وارا يڪدم ٽيليڪس ذريعي جهاز وارن کان اهو پڇندا ته اڳيان سنگاپور تائين ڌڪيو سگهيو پهچي سگهيو ته اتان وڃي مرمت ڪرايو ۽ تيل پاڻي به اتان ئي ڪڻو.

جهاز کان علاوه جهازين ۽ ٻين مسافرن لاءِ به سنگاپور ۾ مزو آهي جو سنگاپور ۾ هر هڪ جي پسند جي هر هڪ شيءِ ملي ٿي ۽ گهٽ ڊيوٽيءَ ڪري چڱي سستي آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته گهٽي ڪپت ڪري دڪاندار ساڳيو فائدو بلڪ وڌيڪ حاصل ڪيو وڃي.پر خريدار لاءِ مزو ٿيو جو هن کي سنگاپور ۾ هر شيءِ سستي پوي ٿي.

ڪو خريداريءَ ۾ دلچسپي نٿو رکي ته هن جي وندر لاءِ سنگاپور ۾ ٻيون ڪيترين ئي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

شيون آهن. مندر مسجدن کان وٺي لئبرريون، جماعت خانا (ڪميونٽي سينٽر) آهن. شراب خانا، بار ۽ پبن کان وٺي مساج گهر، ناچ گاني جا گهر ۽ ٻيا عياشيءَ جا اڏا آهن. وڏن وڏن اميرن، شهزادن ۽ عرب پٽي عربن جي سڪون ۽ خاموشيءَ ۾ ننڊون ڪرڻ لاءِ شهر جي گوڙ گمسان اندر ماٿيٽيون هوٽلون آهن. جن جي ڪمري جي روزانا مسواڙ هزارين روپيا آهي ـــ جيئن ته ڊائنسٽي هوٽل، مينگ ڪورٽ هوٽل، فونيڪس، رئفلس، حايات ريجنسي، پيننشولا هوٽل وغيره.

ان کان علاوه هتي جي حڪومت ٻارن ٽوڙي وڏن لاءِ صحتمند وندر ۽ سٺو وقت گذارڻ لاءِ چڙيا گهر، پکين جا پارڪ، مانگرمڇن جا تالاب ۽ ڪيبل ڪار جهڙيون شيون اهڙي ته سهڻي نموني سان ٺاهي ڇڏيون آهن، جو سنگاپور ۾ جنهن کي به وقت ملي ٿو اهو اوڏانهن پڄي ٿو. انهن مان ڪجهه شيون هتي مختصر طور بيان ڪرڻ بي مقصد نه ٿيندو. جيئن هيڏانهن ايندڙيا نه ايندڙ کي ٿوري ڄاڻ رهي.

هونءَ ته سنگاپور جو سڄو ٻيٽ هالا يا ميهڙ تعلقي جيترو مس ٿيندو ۽ سڄو ٻيٽ هڪ ئي شهر سنگاپور آهي. پر حڪومت سنگاپور جي شهر /ٻيٽ جي مختلف هنڌن کي سجاڻڻ جي خيال کان کيس ننڍن ننڍن حصن ۾ ورهايو آهي ۽ هر حصي ۾ چڱاخاصا شاپنگ سينٽر، ماڻهن جي رهائش لاءِ تمام گهڻا ”گهڻ ماڙ “ فليٽ، ڪميو نٽي سينٽر، اسڪول، اسپتالون، راندين جا ميدان ۽ پارڪ ٺهرائي ڇڏيا آهن. جيئن هر هڪ جون گهرجون پنهنجي ئي رهائش واري حصي ۾ پوريون ٿي سگهن. اهڙيءَ طرح ملڪ جي آدم شماري سڄي ملڪ ۾ ٽڙيل پکڙيل رهي ۽ سڀ هڪ هنڌ رئفلس اسڪوائر، ڪلفرڊ پيئر، واري علائقي ۾ ڳهٽ ٿي نه رهي. مثال طور: ڪراچيءَ ۾ ڪورٽن کان وٺي بئنڪن، انشورنس ڪمپنين ۽ پوليس جي هيڊ آفيس، ميونسپالٽي، بندرگاهه، جنرل پوسٽ آفيس، وڏاڪاليج، جنرل ٽيليفونن ۽ تار گهر وغيره هڪ ئي هنڌ هجڻ ڪري، ڪراچيءَ جي سڄي شهر جو لوڊ فقط بندرگاهه ميڪلو روڊ وارن حصن تي آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# سنگاپور جا مختلف علائقا

هاڻ مڙيئي جيڪي نوان علائقا، گلشن اقبال، نارٿ ناظم آباد، ڊفينس سوسائٽي ٿيا آهن، انهن ۾ ڪجهه ڪجهه سهولتون ۽ رهندڙ جي گهرج مطابق ڪجهه شيون ٺاهيون ويون آهن. سو هتي سنگاپور ڪي مختلف حصن ۾ ورهائي هر حصي ۾ نئين ڪالوني ۽ ان جي ضرورت پٽاندر شيون ٺاهيون ويون آهن. سنگاپور جي سرڪار اهي نوان علائقا يا بستيون ڪجهه اهڙي اسٽائل ۾ ٺهرايون آهن. جيئن ڪراچيءَ جي شهر ۾ آغاخان (اسماعيلين) جا فليٽس: ڪريم آباد، نظاري، حسين آباد وغيره ۾ آهن. اهي هميشہ شهر کان پري جتي  اجا آبادي نہ هجي اڏاوت ڪري رهڻ شروع ڪندا آهن. پهرين ڪراچي جڏهن ناظم آباد ۾ لالو کيت تائين هئي ان وقت اڄ جو نارٿ ناظم آباد ۽ ڪريم آباد وارو علائقو ويران هو. آغاخانين اتي پٽ وٺي پنهنجن ماڻهن لاءِ ڪئين فليٽن واريون عمارتون ۽ دڪان ٺهرائي رهڻ شروع ڪيو. هڪ جماعت خانو اسپتال ۽ ڪميونٽي سينٽر پڻ. نتيجي ۾ اهي هنڌ هڪدم آباد ٿي ويا ۽ پوءِ انهن کي ڏسي ان علائقي ۾ بيا ماڻهو بہ رهڻ لڳا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ڪراچي شهر اندر اهي علائقا هاڻ ننڍا شهر ٿي ويا آهن ۽ ڪراچي جيڪا شروع ۾ فقط کياماڙي، چاڪيواڙه، کارادر، مينادر ۽ بولٽن مارڪيٽ هئي، سا هاڻ وچي سپر هاءِ وي سان لڳي آهي ـ يعني وچي ٿي حيدرآباد جي ويجهو ٿيندي. اهڙي طرح اصل سنگاپور شهر فقط ڏکڻ وارو سمنڊ جو پاسو آهي جنهن ۾ آرچرڊ روڊ کان وٺي هاءِ اسٽريٽ، رئفلس اسڪائر، سُرنگون روڊ جو ڪجهه ڏاڪٽو حصو شينٽن وي ڪلفرڊپيئر وغيره اچن ٿا. باقي ٻيٽ جو اتراهون حصو جيڪو اڳيان وچي ملائيشيا جي سرزمين پُل (Cause _ Way) ذريعي ملي ٿو سو جهنگل، ٽڪرين ۽ دلدل سان پريل هو. هاڻ ويجهڙائيءَ وارن سالن ۾ حڪومت هن ٻيٽ جي هڪ هڪ ٽڪر کي صحيح ڪرائي ان تي پنهنجي (سرڪاري) خرچ سان هزارين فليٽ ٺهرائي هر بي گهر سنگاپوريءَ کي تمام گهٽ قسطين تي رهائش لاءِ آڇ ڪئي آهي. اها قسط ڄڻ مسواڙ وانگر ٿي ۽ فليٽ جي قيمت جيترا پئسا پورا ٿيڻ تي اهو فليٽ ان حوالي. فليٽن جي هيٺ يا پر ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

دڪان، اسڪول، اسپتالون، ڪميونٽي سينٽر، وغيره پڻ سرڪار ٺهرائي ڇڏيا آهن جيئن اتي جا رهاڪو ضروري ۽ روزمره جي گهرجن لاءِ پري وڃڻ بدران اتي ئي پوريون ڪري وٺن. ساڳي وقت پراڻي شهر _ يا ڪٽي چئجي ته شروعاتي شهر واري حصي سان ڳنڍڻ لاءِ رستن جوڙڻ جار وڇائي ڇڏيو آهي جيئن ڪنهن کي اصلي شهر واري حصي ۾ وڃڻو به پوي ته وقت ضايع نه ٿئي. جو سنگاپورين جو اهو Moto آهي ته وقت پئسو آهي، سو پئسي وانگر وقت کي هر گز اجايو نه وڃائجي.

سنگاپورجي حڪومت پنهنجن ماڻهن لاءِ جتي ڀيون سهولتون مهيا ڪيون آهن. اتي هر علائقي جي ماڻهن جي مذهب ۽ زبان جو پڻ خيال رکيو آهي ايتري قدر جوهر علائقي ۾ جتي مسلمان گهڻا آهن. اتي خوبصورت مسجد ٺهرائي وئي آهي. ۽ جتي چيني يا هندو گهڻا آهن ته اتي انهن جو عبادت گهر _ مندر، پگوڊا وغيره ٺهرائي ڏنو آهي. نتيجي ۾ اهي نيون اپريل بستيون ايتريون ئي ماڊرن ۽ سهولت واريون آهن جيترو شهر جو پهريون / اصلوڪو علائقو آهي.

بهرحال انگ موڪيو، ووڊلئنڊس، تمپين، جورونگ ٽائون، بڪت بانوڪ، ٽوئا پايوه، تي سون وغيره سنگاپور جون نيو بستيون /علائقا /ڪالونيون /شهر Town آهن _ جتي هاڻ هر ڪو سهولت آهر شاپنگ ڪرڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ لاءِ وڃي ٿو. ووڊلئنڊس وارو حصو بلڪل ملائشيا جي پر وارو آهي جتي بيهي ملائيشيا جي سرزمين ۽ آخري شهر جوهورباروءَ جون ڏگهيون عمارتون ڏسي سگهجن ٿيون. اتي (ووڊلئنڊس ۾) ملائيشيا جا ماڻهو به اچن ٿا. هوائي جهاز رستي سنگاپور ۾ آيل مسافر گهڻو ڪري آرچرڊ روڊ، هاءِ اسٽريٽ، پيپلس پارڪ وارن پاسن ۾ شاپنگ ڪن ٿا. انڊيا، پاڪستان، يايورپ پاسي کان آيل پاڻيءَ جاجهاز ويسٽ ڪوسٽ پاسي بيهڻ ڪري جورونگ وارو حصو ڪين ويجهو پوي ٿو ۽ جپان، چين، ڪوريا کان ايندڙ پاڻيءَ جا جهاز گهڻو ڪري سنگاپور ۾ ايسٽ ڪوسٽ پاسي لنگر انداز ٿين ۽ انهن کي چانگي ٽائون ۽ ڪيبل وارو علائقو ويجهو ٿئي.

اڄ کان ڏهه ٻارهن سال کن اڳ چانگي هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو هو ۽ هاڻ نه فقط چانگيءَ ۾ پر سنگاپور جي هر علائقي ۾ جديد پٽو نظر اچي ٿو. سنگاپور ۾ پهرين ٽرئفڪ جام ٿيڻ جو وڏو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مسئلو رهندو هو بيٺ جي اوپر پاسي کان اولهہ ڏي ايندي ويندي وچ شهر /اصلوکي شهر مان لنگهڻو پوندو هو جتي ٽرئفڪ جي ڪري وقت ٿي لڳو. ان مسئلي کي منهن ڏيڻ جي لاءِ سنگاپور وارن گهڻن ئي ملڪن جا عالم انجنيئر گهرايا. آخر جپانين صلاح ڏني تہ سمنڊ جو ڪجهہ حصو مٽيءَ سان پري ان مٿان سپر هاءِ وي (ايڪسپريس وي) ٺاهيا وڃن. جيئن ٽرئفڪ شهر بدران تيز رفتاريءَ سان سمنڊ مٿان ٺهيل رستي تان هلي وڃي. لکت ۾ تہ اهو آسان هو پر سمنڊ کي ڪيئن پرجي. ان لاءِ پرپاسي ۾ هڪ بہ جبل هئا جن کي ڊاهي ان جي مٽيءَ سان سمنڊ کي پرٽو هو پر سمنڊ کان پري هجڻ ڪري اهو ڪم ٽرڪن ذريعي تہ سالن جا سال ڪائي ها. ان ڪري سمنڊ پرڻ جي اها ترڪيب سوچي وئي تہ مٽيءَ کي ٽرڪن بدران ربڙ جي ڊگهن بيلٽن ذريعي جبل کان سمنڊ تائين آڻجي. اهو جيتوڻيڪ وڏو پروجيڪٽ هو پر حڪومت ڏٺو تہ ان مان فائدو ئي فائدو آهي سو ڪروڙها ڊالرن جي خرچ سان اهو ڪم جپانين کان مڪمل ڪرايو ويو. جتي جبل هئا اتي هاڻ لسو پٽ ڪري رهائش لاءِ وڏيڪ نوان علائقا ٺاهيا ويا آهن. ووڊلئنڊس جهڙن علائقن ۾ تہ گهاٽو جهنگل هو جنهن کي ڪٽرائي ڪيس ماڊرن شهر جو روپ ڏنو ويو آهي. ڪن ڪن هنڌن تي سمنڊ اندر تائين آيو ٿي. اهڙن هنڌن کي پاهران بند ڪرائي خوبصورت ڍنڍون ٺاهيون ويون آهن جن ۾ اڄ ڪلهہ مينهن جو مٺو پاڻي گڏ ٿئي ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# سنگاپور ۾ پکين جو پارڪ

سنگاپور۾ ٻارن ۽ وڏن لاءِ ڪجهه ڏسڻ جون جايون هن ريت آهن: جورانگ برڊپارڪ (Jurong Bird Park) : پڃرن ۾ بند ٿيل مختلف قسمن جا جانور ۽ پکي ته هر هڪ ملڪ جي چڙيا گهر ۾ جام آهن. پر سنگاپور جي جورانگ برڊپارڪ ۾ فقط پکي ئي پکي آهن. ڪي پڃرن ۾ بند ته ڪي آزاد. دنيا جي چند سهڻن پارڪن مان هڪ، هي پارڪ. جورانگ ۾ احمد ابراهيم روڊ تي آهي. جورانگ سنگاپور ٻيٽ جو الهندو حصو آهي. آرچرڊ روڊ کان پارڪ تائين ٽئڪسي ڇهه ست ڊالر ڪن وٺي ٿي. پارڪ ۾ پکين جو تعداد ٽي هزار کن ڇيو وڃي ٿو جيڪي چار سؤ کن مختلف نمونن جا آهن. پارڪ جي پکيڙ ويهه کن هيڪٽر ٿيندي. پارڪ جوپٽ سڌو هجڻ بدران جبل ۽ ماٿرين وارو آهي ۽ نهايت خوبصو رت وڻن، ڇٻرن ۽ گلڪارين سان جهنججهيو پيو آهي. منجهس ڪي پکي وڏن پڃرن ۾ آهن ته ڪي ڌاتيرا طوطن جهڙا ڳرا ۽ گهٽ اڏام وارا ائين ئي وڻن جي ٽارين تي چڙيا ويا آهن. پينگوئن جهڙن ڪيترن ئي ناياب پکين کي هن پارڪ ۾ ڏسڻ جو موقعو ملي ٿو نه ته اهڙا پکي فقط ”نئشنل جاگرافڪ“ رسالي جي صفحن تي ڏسي سگهجن ٿا يا خواب ۾. اهڙا رنگين وڏاطوطا _ ڇهچ ڳاڙهي، اڇي، ڪارسري، رنن جا يا وري قسمين قسمين جيئرا جاڳندا عقاب، باز ۽ ٻيا پهاڙي پکي گهٽ ۾ گهٽ ڪڏهن آسمان ۾ يا باغن ۾ اڏامندي مون ته نه ڏٺا آهن. (ڪنهن اهڙي پکيءَ مونکي واٽ ويندي ڏٺو هجي ته اها ٻي ڳالهه آهي.) هي پارڪ ٻارن لاءِ نهايت ئي دلچسپ آهي ۽ ڪو ٻارن سان گڏ سنگاپور اچي ته ان کي هي پارڪ ضرور ڏسڻ کپي. پوءِ جي سندس دل پکي ڏسڻ تي نه چوي ته پلي نه ڏسي ۽ ٻارن ٻچن کي ڇڏي ڏئي ته اڏامندڙ پکي پيا ڏسن. پاڻ اسڪرٽن ۾ گوڏين ۾ چيني ۽ ملئي ڇوڪريون وينو ڏسي. هونءَ ٻاٽني ۽ زولاجي جي شاگردن کي هن پارڪ جا جهونا ۽ ناياب وڻ ٻوٽا پڻ پسند ايندا. پارڪ ۾ هڪ اهم شيءَ اها به آهي جو هن ۾ رات وارا پکي پڻ آهن. يعني اهي پکي جيڪي ڏينهن جو ته ڊنل جاين، اونداهين ڇرن ۽ پراڻن وڻن جي ڏارن ۾ لڪي ننڊون ڪن ٿا. پر سج لٿي کان پوءِ اونده ٿيڻ تي سندن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

چرپر شروع ٿئي ٿي.

مثال طور: چيرا، چڪور، چمڙا وغيره. انهن پکين جاڪيترائي نمونا هلڪي ميرانجهڙي روشنيءَ ۾ پڃرن ۾ رکيا ويا آهن ۽ ڏسندڙن واري پاسي انهن پڃرن اڳيان ٿلهو شيشو ڏنل آهي. جيئن ڳالهائڻ جو آواز بہ هنن تائين نہ پهچي. هنن پکين جو فوٽو ڪڍڻ تي بندش آهي ڇو جو ڪئمرا جي فليش تي هو ڊسٽرب ٿي سگهن ٿا. سج لٿي کان پوءِ جيئن ئي پارڪ بند ٿئي ٿو تہ انهن پکين جي پڃرن جو بتيون ٻاري ڏينهن ڪري ڇڏين ٿا.جيئن جو پڃرن ۾ اڏا مڻ بدران هڪ هنڌ ڪنڊ پاسي ۾ سُمهي رهن.

پارڪ کي بين الاقوامي ٽچ ڏيڻ لاءِ (Asean) ملڪن جي پکين کان علاوه بين ملڪن جا پکي پڻ رکيا ويا آهن. جيئن تہ اڇي ڪلنگيءَ وارو ڪلٽوپکي، آسٽريلين EMU، تائيوان جو مئگپائي پکي، پيڪنگي (چيني) ابابيل، برازيلي رابن، جپاني بنتام، نيو گني جا مختلف ڪاسووري پکي، ملئي عقاب ۽ چيرا ۽ ڏکڻ جا پنگئن پکي، وغيره وغيره. هڪ هنڌ ڳيرا بہ چڳي رهيا هئا، جن کي پاڻ بختيارپور يا بوبڪن جا ڳيرا چئي سگهون ٿا.

مون هي پارڪ گهٽوا اڳ ڏٺو هو جڏهن هڪ دفعي مرمت لاءِ جهاز کي سنگاپور آندو ويو هو. تڏهن هن پارڪ جي شايد ٽڪيٽ نہ هئي، پر هاڻ ٻڌجي پيو تہ وڏي ماڻهوءَ جي ٽڪيٽ ساڍا ٽي ڊالر ۽ ننڍي ٻار جي ڏيڍ ڊالر کن رکن ويئي آهي. فوٽوءَ لاءِ ڪئميرا ڪٽي وجڻ جي ڊالر يا اڌ کن ٻي آهي.

# سنگاپوري طوطا سڪرات ۾ هئا

ڪئميرا تان ياد آيو تہ هن پارڪ جو هڪ هنڌ سڄو جاريءَ سان ڍڪي هڪ وڏو پڃرو Walk in Aviary ٺاهيو ويو آهي جنهن ۾ ڪئين سوين وڻ پڻ اچي وڃن ٿا ۽ ماڻهن جي هلڻ لاءِ رستا ۽ پليون پڻ ٺاهيون ويون آهن. جاري بہ سؤ کن فوٽ مٿي لڳل آهي انڪري پکي آزاديءَ سان هن وڏي پڃري ي منجهہ اڏامي وڻن تي ويهن. بيضا لاهين ۽ ٻچا ڪن. هڪ وڏو هترادو هترادو آبشار پاڻيءَ جو واٽر ڪورس ۽ ڍنڍ پڻ ان پڃري اندر ٺاهي ويئي آهي جيئن پاڻيءَ جا پکي پڻ آزادي سان ان محدود ٽڪري ۾ هلي چلي سگهن. چوڌاري وڏو گاهہ ۽ گهاٽا ٻوٽا ۽ ٻوڙا پڻ آهن، جن ۾ ٽترن جهڙا پکي پنهنجائي محسوس ڪري سگهن. هن وڏي پڃري Walk in Aviary ۾ پکين جو ايڏو تہ وڏو تعداد آهي (رڳو مور ڍيلون ئي سؤ کن آهن) جوجتان لنگهہ رستي جي ڪپرن تي، وڻن تي، گاهن مٿان هڪ ئي وقت ڪيترن ئي قسمن جا پکي لاتيون لوندي نظر ايندا. سندن ڪاڏو خوراڪ ماڻهن جي لنگهڻ واري رستي پرسان ئي رکن ٿا، سو لنگهندڙ انهن پکين کي بلڪل ويجهڙائيءَ کان ڏسي سگهن ٿا. پکي بہ هري ويا آهن ۽ ماڻهن کي ڏسي اڏامن نٿا. سو اتي ان پکين جي پڃري Aviary ۾ ڏٺم تہ هڪ آمريڪن ڪئميرا تي وڏا وڏا لينس هٽي هڪ ڊگهي اسٽينڊ تي ڪئميرا ٻيهاري تمام سنجيدگي ۽ غور سان هڪ هڪ پکيءَ جو فوٽو ڪڍي رهيو هو. مون کي اوچتو ڌيان اچي ويو تہ نہ چاڻ هي ڪنهن رسالي جو فوٽو گرافر نہ هجي. نيٺ هڪ هنڌ پارڪ جي هوٽل ۾ چانهہ تي گڏ ويهڻ وقت پڇيومانس تہ ڪلي هائوڪار ڪيائين ۽ ان آمريڪن رسالي جو نالو ٻڌائي چيائين تہ هن کي ان رسالي وارن نيويارڪ کان هيڏانهن خاص ڪري ان لاءِ موڪليو آهي تہ وڃي ملائيشيا، برما، انڊونيشيا ۽ پاپئانيوگني جي جهنگلن ۾ اتي جي پکين جا فوٽو ڪڍي اچي. سو اتي جي جهنگلن ۾ ڀٽڪڻ بدران هن اتي جي پکين جو هتي فوٽو ڪڍڻ جو هي آسان طريقو ڪڍيو آهي. "باقي ڏينهن آئون هتي هوٽل ۾ آرام ڪندس. رسالي جي ايڊيٽر يا پڙهندڙن کي ڪهڙي خبر تہ هي فوٽا پڃرن ۾ رهندڙ پکين جا آهن يا برما جي جهنگلن جا."

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هن ٻڌايو.

پکين جو هي پارڪ ايڏو وڏو آهي جو جيڪو صبح جو جاگنگ نہ ڪري آيو هجي، اهوئي ويٺو ڪڙيون هڻي. سڄي پارڪ کي ڏسڻ لاءِ پارڪ طرفان ٽرام ڪارون پڻ هلن ـــ جن کي ٽريڪٽر ڇڪين. اهي "ٽرام ڪارون" ڊالر جي ٽڪيٽ تي سڄي پارڪ جو سير ڪرائين.

روزانو پارڪ ۾ شام جو ٽي بجي ڏاري پکين جو شو ـــ کليل تماشو مفت ڏيکارين. جنهن ۾ ڳرا ڳرا پکي هارن بل Horn _ Bill جهڙا ۽ ڳاڙهن اڇن پوڙهن طوطن جهڙا "ائڪٽر پکي" ڪرتب ڪري ڏيکارين. مثال طور طوطن ۾ ڪو باسڪٽ بال کيڏي، ڪو توب هلائي، ڪو سائيڪل جي سواري ڪري، ڪو جهنڊو چاڙهي، ڪو راڪٽ ذريعي چنڊ تي مٿي وڃي واپس ڏوپ ڇٽيءَ ذريعي موٽي، ڪو ڪيبل ڪار ۾ چڙهي ڏيکاري. ٽي سگهي ٿو تہ اڄڪلهہ اڃا بہ گهڻا ۽ نوان نوان ڪرتب ڏيکاريندا هجن جو بہ چار سال اڳ جڏهن مون اهو شو ڏٺو هو تہ ڪرتب ڪندڙ طوطن مان بہ چار ذري گهٽ سڪرات جي ويجهو هئا ۽ ايڏو وزني ۽ پوڙها ٿي چڪا هئا، جو ڪائن هنن کان اڏامڻ تہ ڪونہ ٿي پڳو پر هلڻ کان بہ هلاڪ هئا.

ڪرتب ڏيکاريندڙ همراهہ جي پهرين سڏ تي مجال آهي ڪو طوطو پڃري يا ڇڪي مان لهي اچي. پوءِ ٻئي يا ٽئي سڏ تي "جاني" (نر طوطي جو نالو) ۽"ملاڪا" (مادي طوطيءَ جو نالو) هڪ پراٺو رکيل ٽڙ جي ٻر مان نڪري پهرين ٽپ ڏيئي ٽيبل تي ٽي لٽا. پوءِ ڪرتب ڪندڙ همراهہ وٽ پهچڻ لاءِ اڏامڻ بدران ٻرانگون پري "واڪ" ڪري ٽي ويا. سو ظاهر آهي ٽي چار سال اڳ جا اهي پوڙها جاني ۽ ملاڪائون تہ هينئر تائين مرحوم ۽ مرحياتون ٿي چڪيون هونديون.

هي پارڪ صبح جو نائين کان ڇهين تائين کليل رهي ٿي ۽ سنگاپور جي بس نمبر 250 شهر کان پارڪ تائين وڃي ٿي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# سنگاپور ۾ ڪيبل ڪار جو ڪِرڻ

ڪيبل ڪار منهنجي خيال ۾ اهڙي تفريح آهي، جنهن ۾ نه فقط ايشيائي ملڪن جا پر يورپ، آمريڪا، آسٽريليا جا ٽوئرسٽ پڻ چڙهن ٿا. ڇو ته گذريل سال انهن ڪيبل ڪارن جو رسو (Cable) ٽٽڻ ڪري، ڪيبل ڪار جا جيڪي مسافر مري ويا هئا، تن ۾ اڌ کان وڌيڪ آمريڪن ۽ آسٽريلين هئا.

ڪيبل ڪار هڪ ننڍڙي ڏولي ڇهه کن ماڻهن جي ويهڻ جيتري ٿئي ٿي، جيڪا تمام مٿي بلنديءَ تي ڇڪيل لوهي رسي تي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين گهرڪي هلي. جن ملڪن ۾ جبل ٿين ٿا اتي هڪ جبل جي چوٽيءَ کان ٻئي جبل جي چوٽيءَ تائين اهي ڪيبل ڪارون هلن. جيئن جپان ۽ سئٽزرلئنڊ پاسي. پاڻ وٽ اسلام آباد ايوبيه ۾ آهي. هتي سنگاپور ۾ ڪيبل ڪار سنگاپور جي وڏي ٻيٽ کان مسافرڪٽي سمنڊ ٽپائي ٻئي پاسي سينتو سا نالي هڪ ننڍڙي ٻيٽ تي وڃي لاهي ٿي. سنگارپور پاسي هيءَ ڪيبل ڪار مائونٽ فيبر ـ فيبر جبل تان شروع ٿئي ٿي ـ جيڪا سندس پهرين اسٽيشن سڏجي ٿي. اها فيبر روڊ تي آهي. شهر کان ڏهه پندرهن منٽن جو مفاصلو آهي ۽ ٽئڪسي جو ڀاڙو پنج ڇهه ڊالر ٿئي ٿو. هونءَ شهر کان ڪيٽريون ئي بسون پڻ وڃن ٿيون. جيئن ته ڏهون، ويهون، ٽيهون، ايڪٽيهون ۽ هڪ سؤ پنجويهون نمبر بس. فيبر جبل جي چوٽيءَ تي فقط بيهي سڄي سنگاپور ٻيٽ ۽ پر پاسي سمنڊ جو نظارو ڪرڻ ئي هڪ دل لڀائيندڙ شيءِ آهي. پر ڪيبل ڪار ۾ ويهي سنتوسا ٻيٽ تائين وڃڻ ۾ اوسي پاسي جو ٻين ننڍڙن ٻيٽن ۽ چوڌاري سمنڊ جو نظارو غور سان ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو. هونءَ ته سنگاپور پاڻ به هڪ ننڍڙو ٻيٽ آهي. پر سندس اوسي پاسي ان کان به ننڍا ننڍا ـ ڪي ته ڪٽ جيڏا به، چوونجاهه ٻيٽارا آهن. ان کان علاوه ڪيبل هڪ اهڙي هنڌان به لنگهي ٿي، جنهن هيٺان سمنڊ جو اونهو چئنل آهي ۽ پاڻيءَ جا وڏا جهاز سنگاپور ڏي ايندا ويندا نظر اچن ٿا. ڪيبل ڪار وارو رسو جهازن جي ڪوهن کان گهڻو مٿي ڇڪيل آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن جهاز جا ڪوها وڏا آهن ته ان کي هن پاسي کان لنگهڻ جي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اجازت نہ آهي. پر گذريل سال هڪ دردناڪ حادثو ٿيو.مرمت لاءِ هڪ جهاز (Antiwetok نالي) جنهن جا پنهنجا ڪوها (Masts) هتان لنگهڻ وقت اتاهان نہ هئا, سو ڪيبل ڪار جي رسن هيٺان 1981ع ۾ لنگهي سنگاپور جي ڪيبل شپ يارڊ ۾ ويو. مرمت کان علاوه پروگرام موجب هن جهاز ۾ ڪيتريون ئي وڏيون رتوبدليون Conversion پڻ ٿيون. جيئن ئي هو ٻئي ڪارگو کان علاوه ڊرلنگ مشينون (سمنڊ تي تيل کوٽڻ جا اوزار ۽Rigs) پڻ کڻي سگهي بهرحال اهو ڪم ائين هو جيئن گهر جو ڪجهہ حصو ڊاهي, پٿيون ۽ ڇتيون مضبوط ڪري ماڙ اڏائجي. اهو ڪم ہہ سال کن هلندو رهيو ان بعد جڏهن جهاز شپ يارڊ (ورڪشاپ) مان نڪتو تہ هڪ تہ ان جي اوچائي ٿوري وڌيل هئي, جيڪا لهندڙ وير (Ebb) ۾ ڪيبل ڪار جي رسن کي بلڪل نہ ڇُهي سگهي ها, پر جهاز جنهن وقت لنگهي رهيو هو ان وقت High _ Tide وڏي وير چڙهيل هئي جنهن ڪري جهاز ڪجهہ مٿيرو ٿي ويو ۽ سندس کوها ڪيبل ڪار جي رسيءَ ۾ وچڙي پيا. جهاز جيئن جيئن اڳيان رڙهندو ويو تيئن تيئن رسو ڇڪبو ويو ۽ آخر گهٽو سيٽجڻ ڪري وڃي پيو ۽ ست کن ڪيبل ڪارون جيڪي ان وقت هلي رهيون هيون هيٺ ڪري پيون. ڪي سمنڊ ۾ ڪريون تہ ڪي سنگاپور جي رستن ۽ گهاٽن وٽن ۾ ٽڙي پکڙي ويون. جيتوٽيڪ مدد لاءِ هڪدم فائربرگيڊ, هيليڪاپٽر, ۽ اسپيڊ لانچون پهچي ويون, پر ان هوندي بہ ست ماڻهون اُتي مري ويا ۽ تيرهن سخت زخمي ٿي پيا. هڪ ننڍو ٻار جيتوٽيڪ سمنڊ ۾ اچي ڪريو پر هيليڪاپٽر ذريعي ان کي ٻڏڻ کان بچايو ويو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ڪيبل ڪار جي تواريخ

جهاز جي ان غلطيءَ ۾ ڪنهن جو ڏوهه ٿي سگهي ٿو ڪجهه چئي نه ٿو سگهجي. هڪ ماڻهوءَ يا اداري جو به ڏوهه چئي سگهجي ٿو ته گهٽ جو به مثال طور مٿان ڪان وٺي ڏسجي ته پهرين ڳالهه ڪيبل ڪار جا رسا اتان لنگهائڻ ئي نه گهربا هئا. جڏهن جهاز هيٺيان لنگهن ٿا. پر ساڳئي وقت ان اداري جو به ڏوهه نه ٿو چئي سگهجي، جو آخرڪار اها ڪيبل گذريل ڏهن سالن کان پئي هلي ۽ هيٺان لنگهندڙ جهاز به خيال سان هليا پئي. ته پوءِ ڏوهه ان جهاز جي ڪئپٽن جو چئي سگهجي ٿو جنهن کي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي جهاز جي عضون جي ته چڱيءَ ريت پروڙ هجڻ گهرجي ته ڪهڙو نديو ٿي ويو آهي ۽ ڪهڙو وڏو! ساڳئي وقت پائليٽ جو ڏوهه به چئي سگهجي ٿو جيڪو ان وقت جهاز کي شپ يارڊ (ورڪشاپ) کان ٻاهر ڪڍي رهيو هو. قاعدي موجب پرائي جهاز کي هلائڻ کان اڳ پائليٽ کي ان جهاز جي ڊيگهه، ويڪر، اونهائي، بلندي، تور ۽ انجڻ جي رفتار وغيره پڇڻ کپي ۽ پوءِ جهاز ٽپائڻ لاءِ هائوڪار ڪرڻ کپي. بندرگاهه وارن جو به ڏوهه چئي سگهجي ٿو جنهن اهڙي جهاز کي وڏيءَ وير ۾ لنگهڻ کان منع نه ڪئي، جهاز کي ڇڪڻ وارن ٽگ _ بوٽ Tig _ Boats جو به ڏوهه چئي سگهجي ٿو. وغيره وغيره

بهرحال ان بعد سنگاپور وارن آئيندي جي حفاظت لاءِ جهازين توڙي بندرگاهه وارن لاءِ قاعدا قانون سخت ڪري ڇڏيا آهن. ۽ هاڻ پائليٽ اجا به وڌيڪ پڙهيل لکيل ۽ قابل ڪٽڻ لڳا آهن، جن جو دنيا جي مختلف سمنڊن تي ڪئپٽن جي عهدي تي جهاز هلائڻ جو گهٽو تجربو هجي. ان مان اسان جي هڪ ڪليگ ڪئپٽن هرداس کي فائدو ٿيو جو سنگاپور بندرگاهه جي چونڊ ۾ هو به ڪجي ويو ۽ ملائيشيا مان اسان وٽان نوڪري ڇڏي ڏنائين. اڄڪلهه هو سنگاپور ۾ رهي ٿو جتي رهڻ جو اسان مان ڪنهن کي شوق هجي ياڻه پر هن کي ۽ سندس زال کي تمام گهڻو هو. سنگاپور ۾ ڪيبل ڪار سسٽم جو ڪم سئٽزرلئنڊ جي هڪ انجنيئر مسٽر وان رال (Von _ Roll) جي سپردگيءَ ۾ سنگاپور جي حڪومت

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

1973ع ۾ شروع ڪرايو ۽ پندرهين فيبروري 1974ع کان ڪيبل ڪارون هلڻ شروع ٿيون. هي رسو سنگاپور پيٽ کان سينتوسا پيٽ تائين اٽڪل ڏيڍ ڪلو ميٽر ٿيندو. جنهن تي اٽڪل چاليهه کن ڪيبل ڪارون اچن وڃن ٿيون. سندن رفتار ٽي ميٽر في سيڪنڊ آهي. ۽ ايندڙ ويندڙ رسيون (Cables) هڪ ٻئي کان ساڍا پنج ميٽر پري آهن. ڪيبل ڪارون (ڏوليون) اليڪٽرڪ ذريعي چڪجن ٿيون ۽ هر هڪ ڪار ساڍا چارسؤ ڪلو وزن کڻي سگهي ٿي ـــ يعني ڇهن ماڻهن کان علاوه منجهس هڪ ٻه ٻار به ويهي سگهن ٿا. هونءَ ان حفاظت جو پهلو (Factor) تمام وڏو رکيو ويو آهي. ان ڪري هڪ ته انهن جي رفتار مقرر حد کان نه ٿي وڌي، نه پاڻهي رسا ٽٽي سگهن ٿا ۽ نه ئي وري ڪو ڏولي اڌ رستي تي ٽنگجي بيهي سگهي ٿي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# سينتوسا ٻيٽ گهمڻ

سينتوسا ٻيٽ ۽ سنگاپور جي وچ ۾ اڌ ڪلو ميٽر کن جو ساموندي مفاصلو آهي ۽ فيري، ٻيڙي، لانچ ۽ ڪيبل ڪار ذريعي اتي ويهي وڃي سگهجي ٿو. سينتو ملئي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”سڪون“ يعني آرام ۽ سڪون جو ٻيٽ. هونءَ ته هن ٻه ميل کن ڊگهي ۽ ميل کن ويڪري ٻيٽ جي ڪا به اهميت نه هئڻ کپي _ خاص ڪري هن علائقي ۾ جتي ميلن تائين ان کان به ننڍا وڏا هزارين ٻيٽ انڊونيشيا، ملائيشيا ۽ فلپائين تائين پکڙيا پيا آهن. پر سنگاپور وارن گهمڻ لاءِ آيل ٽوئرسٽن ۽سياحن جي وندر لاءِ هن ٻيٽ تي پڻ ڪجھ شيون ناهي ڇڏيون آهن، جيئن هو پنهنجي وطن وڃي ڪجھ ته پنهنجي دوستن يارن کي چئي سگهن ته اسان هي به ڏٺو هو به ڏٺو. هر شيءِ وانگر هن ٻيٽ تي گهمڻ جي به ڪافي ٽڪيٽ رکيل آهي.۽ آيل مسافرن مان هن ملڪ جي خوب ڪمائي ٿئي ٿي.ان کان علاوه ٻيٽ تي پهچڻ لاءِ ٽئڪسيءَ جو ڪرايو يا ڪيبل تار جي ٽڪيٽ تي خرچ ڌار ته هوٽل ۾ کائڻ پيئڻ تي ڌار. ڪڏهن ڪڏهن اهڙن ملڪن ۾ پئسي ڪمائڻ جا هي نمونا ڏسي دل چاهيندي آهي ته اسان جي ملڪ ۾ خبر ناهي ڇاڇا ڏسڻ لاءِ پيو آهي، رڳو ڪنهن نموني سان هر شيءِ ناهي، جوڙي، سڌاري صحيح طرح اشتهار بازي ڪئي وڃي ۽ آيل مسافرن جو امن امان جو بندوبست رکيو وڃي (جيڪا ڳالھ سڀ ۾ اهم آهي) ته اسان جو ملڪ ٽوئرسٽ _ انڊسٽريءَ مان ڪافي ڪمائي سگهي ٿو. سينتوسا ٻيٽ تي ننڍين ۽ وڏن جي وندر لاءِ جيڪي شيون آهن. انهن مان هڪ ته مونوريل ( Mono_ Rail) آهي. مونوريل عام ريل گاڏيءَ جهڙي ٿئي ٿي. فرق رڳو اهو آهي ته اها ٻن پٽڙن (Rails) بدران هڪ ئي پٽيءَ تي هلي ٿي. هن ريل ذريعي سڄي سنتوسا ٻيٽ جو سير ڪري سگهجي ٿو. ان کان علاوه هڪ گولف گرائونڊ جيڪو اسان جهڙن غريب ملڪن جي غريب ماڻهن لاءِ گهٽي اهميت نه ٿو رکي، پر يورپ جي ڳتيل ملڪ جي امير ماڻهن لاءِ وڏي عياشي سمجهيو وڃي ٿو ۽ گولف راند کيڏڻ جا شوقين پنهنجن ملڪن ۾ پٽ (زمين) جي کوٽ سبب يا گهٽي سيءَ جي ڪري ڇپر جي نه ٿيڻ ڪري هن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پاسي ڪھيو اچن. ويندي برونائي ملڪ جي آزاديءَ واري موقعي تي جڏھن انگلينڊ جو شھزادو چارلس برونائيءَ ۾ آيو تہ پاڻ سان گولف راند جو سامان بہ ڪٽي آيو. چوتہ گھٽي بارش ۾ ڪيڏڻ جي وڏي ميدان جي ڪري ھي علائقا تمام گھڻو سرسبز ۾ گولف ڪيڏڻ جي لائق آھن. ٻارن يا وڏن لاءِ سائيڪلون ھلائڻ يا اسڪيٽنگ ڪرڻ لاءِ تمام ڊگھا پڪا رستا ٺھيل آھن. جيئن سائيڪلنگ جا شوقين پنھنجو شوق پورو ڪري سگھن. ان ڪان علاوہ چوڏاري سمنڊ جا ڪانگھا ڪنارا ھجڻ ڪري ترڻ، ٻيڙي ھلائڻ يا سرفنگ جھڙا شوق پورا ڪري سگھجن ٿا. سينتوسا ٻيٽ تي Wax _ Museum ميڻ جا ٺھيل بوتا پڻ رکيل آھن. جيئن لنڊن ۾ ميڊم تشو جو عجائب گھر آھي. ھي ان جيڏو تہ نہ آھي، پر مڙئي جن اھو نہ ڏٺو ھجي اھي ھي ڏسي سڌ پوري ڪري سگھن ٿا. منجھس ٻي وڏي لڙائيءَ جون اھم شخصيتون _ خاص ڪري جپاني ھوبھو ساڳين شڪلين ۾ قد بت ۾ ميڻ جا ڏيکاريل آھن. 15مئي 1942ع تي انگريزن جپانين جي آڏ مجي ۾ لکت پڙھت ۾ انگريزن سنگاپور جو ٻيٽ جپانين حوالي ڪيو ھو. ان معاھدي وقت جيڪي شخصيتون ٻنھي ملڪن جون موجود ھيون اھي ھو بھو ان ئي حالت _ شڪلين ۾ ڪپڙن ۾ ٽيبل جي چوڌاري ڏيکاريل آھن. ان بعد ھيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ تي بم ڪرڻ بعد حالتن ٻيو رخ رکيو ۽ ھاڻ جپانين کي آڏ مجٽي پئي ۽ سنگاپور جي ٻيٽ مان ھٿ ڪڍڻا پيا. سنگاپور وري واپس ڪرڻ ۽ آڏ مجڻ جو اھو معاھدو 12سيپٽمبر 1945ع ۾ سنگاپور جي سٽي ھال ۾ ٿيو. ان وقت جيڪي جپاني يا اميريڪن انگريز انڊين ۾ ملئي موجود ھئا، اھي ھوبھو انھن شڪلين ۾ ان وقت جي ڪپڙن ۾ ڏيکاريل آھن. جڻ سچا پچا ماڻھو ھجن ۾ ائين لڳي ٿو تہ اڄ اھا ئي تاريخ ۽ سال 1945ع ھجي. پورا چاليھہ سال اڳ جو نظارو اڄ بہ ڏسي سگھجي ٿو. مونوريل جي چوٿون نمبر اسٽيشن تي اھو ميڻ جو عجائب گھر آھي.۽ اتي ئي جيت جٽين جوگھر World _ Inspectarium آھي جنھن اوسي پاسي جي ايشيائي ۽ ٻين ڪنڊن جا ڪيترائي قسمن قسمن جا جيت جڻا رکيل آھن.خاص ڪري پوپٽ گڏ ڪندڙن جي شوقينن لاءِ ھتي گھڻو ڪجھہ آھي.

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# اسان وٽ جتي ڪٿي ماتم آهي

مونوريل جي پنجين اسٽيشن وٽ فورٽ سيلوسو نالي انگريزن جي ڏينهن جو قلعو آهي، جيڪو انگريزن جوهورنار جي بچاءَ ۾ چڪاس لاءِ 1974ع ۾ ٺهرايو هو. ڏٺو وڃي ته هي شيون تواريخ جي شاگردن ڪي ئي مزو ڏئي سگهن ٿيون ۽ تواريخي اهميت ڪان منهنجي خيال ۾ ته هن ڪان وڏيڪ اهميت واري شيءِ ته هالا جو منزل گاهه آهي. جتي 1943ع ۾ سرچارلس نيپئر جي لشڪر نوشهري فيروز ڪان حيدرآباد ويندي وقت منزل ڪئي هئي ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن حيدرآباد ڪان ويجهو مياڻيءَ ٻيلي وٽ ميرن جي لشڪرسان مقابلو ڪيو هئائين، جنهن ۾ هوشوءَ جهڙا پهلوان ”مرويسون پر سنڌ نه ڏيسون“ جهڙا نعرا هڻي شهيد ٿي ويا ۽ سنڌ سؤ سالن ڪن لاءِ انگريزن جي ور چڙهي ويئي.

ٻاهر ايندڙ هر پاڪستانيءَ کي افسوس ٿئي ٿو ته ٻهڙن ملڪن جي مقابلي ۾ اسان وٽ ڪيترين ئي تواريخي شيون ۽ جايون آهن: مونهن جي دڙي ڪان وٺي ڪوٽڏيجيءَ جي قلعي تائين، هڙاپا ۽ لاهور ڪان وٺي اروڙهه ۽ آمريءَ تائين، ڀنڀور ۽ ڪاهوءَ جي دڙن ڪان وٺي سيوهڻ ۽ ٺٽي جي مقبرن ۽ مسجدن تائين. پر انهن کي ايتري اهميت نه ٿي ڏني وڃي جيتري ڏيڻ کپي. خير اهڙيون ٻيون به ننڍيون وڏيون شيون سينٽوساٻيٽ _ بلڪ ٻيٽاري تي نظر اينديون آهن. جن جي ڏسڻ تي چڱي خاصي ٽڪيٽ رکيل آهي. هڪ ميوزڪ وارو ڦوهارو به آهي جنهن جوذڪر ڪرڻ وسري ٿو وڃيم. ان مان رات جي وقت ميوزڪ سان گڏ پاڻي اڇي ٿو ۽ رنگين بتيون به ٻرن ٿيون ڪجهه پاڪستاني نوجوان، هڪ دفعي، اهو ميوزڪ وارو ڦوهارو وڏي غورسان ڏسي سنگاپور جي سونهن، ترقي ۽ ماڊرن هجڻ جي واکاڻ ڪري رهياهئا، اهو ڏسي افسوس ۽ تعجب ٿيو ته هن ويهه ٻاويهه سالن جي نوجوانن کي ڪهڙي خبر ته اڄ ڪان پنجويهه سال اڳ جڏهن هو اڃا ڄاوا به نه هئا ته ڪراچي ان ڪان به وڌيڪ صاف سٿرو ۽ سهڻو شهر هو ۽ ان ڪان به وڌيڪ سهڻو ميوزيڪل ڦوهارو ميٽروپول هوٽل جي ڀر واري چوڪ ۾ لڳل هو جنهن مان ميوزڪ ۽ پاڻيءَ سان گڏ مختلف رنگن جي روشني پڻ نڪتي ٿي. ان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

وقت سنگاپور جي ماڻهن جي نہ ڇا مجال جو سنگاپور تہ اچا بہ Lime _ Light ۾ نہ آيو هو پر چڱاخاصا مشرقي يورپي ۽ عرب رياست جا ماڻهو اهو ڦوهارو ڏسي / ٻڌي وائڙا ٿي ويا ٿي. پر افسوس جو ان جي نہ سرڪار پرگهور لهي سگهي ۽ نہ اسين عوام ڦوهارو تہ ڇا پر سڄو ڪراچي ڏينهون ڏينهن ماڊرن ٿيڻ بدران ڊاهہ ڊوهہ ۽ مسئلن جو شهر ٿيندو وڃي. اڄ ان چوڪ تي ان ڪان ڪا بہ وڌي ۽ جديد شيءِ هجڻ بدران پراڻي ڊنل ميوزيڪل فائونٽين (ڦوهاري) جون ٻچيل ڪٽ لڳل بہ شيخون ماتم ڪري رهيون آهن. اسان وٽ جتي ڪٿي خوشي ۽ سونهن بدران ماتم آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## سنگاپور جو زولاجيڪل گارڊن

سنگاپور ۾ چڙيا گهر پڻ گهمڻ وٽان شيءِ آهي ۽ نه فقط سنگاپور ۾ پر ملائيشيا ۾ پڻ ان چڙيا گهر جي هاڪ آهي. سنگاپور جي پرواري ملائيشي علائقن مان ماڻهو خاص چڙيا گهر ڏسڻ لاءِ سنگاپور ۾ اچن ٿا. ڪيس سڄي ايشيا جو سهڻو چڙيا گهر ته چئي نه ٿو سگهجي پر ائين ڪولمبو وارو هن ڪان زور آهي. پر تڏهن به ڏٺو وڃي ته هي به گهٽ ناهي ۽ اٽڪل ٽيهه هيڪٽرن (ٻاهتر ايڪڙن) ۾ پکڙيل آهي. جنهن ۾ ڪيترن ئي قسمن جا جانور آهن. روزانو جانورن جو شو پڻ ڏيکاريو وڃي ٿو جنهن ۾ اورانگ اٽان (ماڻهوءَ سان تمام گهڻو ملندڙ پولڙا) هاٿي، نانگ ۽ لڌڙا اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. سنگاپور جو هي چڙيا گهر منڊائي روڊ تي آهي ۽ شهر ڪان بسون ۽ ٽئڪسيون جام وڃن ٿيون منجهس چوڏهن سؤ ڪن جانور چيا وڃن ٿا. صبح جو ائين بجي ڪان شام جي ڇهين بجي تائين ڏسندڙن لاءِ ڪليل رهي ٿو. پکين جي پارڪ وانگر هن جي به ساڍا ٽي ڊالر ٽڪيٽ آهي. هڪ ڳالهه آهي ته سنگاپور جي چڙيا گهر توڙي پکين جي پارڪ ۾ يا ويندي ملاڪا، ڪوالا لمپور جي چڙيا گهرن ۾ صفائيءَ جو ڏاڍو خيال رکيل آهي، ۽ جانورن جي پرگهور ۽ ڪاڌي خوراڪ جو پڻ تمام سٺو بندوبست آهي. خير سنگاپور ۾ ته وڏي ٽڪيٽ هجڻ ڪري ايڏي ڪمائي ٿيندي هوندي جو جانورن کي روزانو هڪ ويلو ڪنهن فائيو اسٽار هوٽل ۾ به ڪارائي سگهن ٿا. پر ملاڪا واري زو ۾ جتي ٽڪيٽ بنهه ناهي، اتي به جانورن کي سندن قد بت ۽ خوراڪ مطابق ڪاڌو ڏنو وڃي ٿو. ان ڪري چڙيا گهر جي رکوالي / ٺيڪيدار سان گڏ جانور به صحتمند ۽ تندرست نظر اچن ٿا.

## سنگاپور ۾ چيني ۽ جپاني باغيچا

سنگاپور جي پکين جي پارڪ پر ۾ هڪ ننڍڙو چيني ۽ هڪ جپاني اسٽائل جو باغيچو آهي. هنن باغيچن کي ڏسي چين ۽ جپان جي عام باغيچن جي آئيڊيا ٿي سگهي ٿي. چيني باغيچن جو نالو يو _ هُو _ ايئان آهي ۽ جورانگ ڍنڍ جي هڪ تيرهن هيڪٽرن جيڏيءَ

ٻيٺاريءَ تي آهي. هن باغيچي جو نمونو چين جي سنگ گهراڻي جي نهرايل پيڪنگ جي محلات جهڙو آهي. منجهس نون قبن وارو پگوڊا (ٻڌن جو عبادت گهر)، چيني نموني جون اوطاقون ۽ اوتارا، ڳاڙهين ڪمانن واريون پليون ٺهيل آهن.

جپاني باغيچي جو نالو "سيئي وائن" آهي. جيڪو چيني باغيچي کان سڌ پنڌ پري آهي. هن باغيچي جو نمونو ۽ نقشو بلڪل جپان جي روايتي باغيچي جهڙو آهي. پٿر جا ٺڪيل لالٽين، پاڻيءَ جي وهڪري ۾ ٿيل لسا پٿر، ڪاٺ جون پليون ۽ ڊنڊون باغيچي ۾ نظر ايندڙيون.

# سمانگر مچن جو فارم

سنگاپور اچڻ سان هوٽل,ايئر پورٽ يا وڏن دڪانن تي ڪيترائي اشتهاري پنا ۽ ڪتابچا ملن ٿا جن ۾ سنگاپور جي هوٽلن، دڪانن ۽ مختلف گهمڻ جي جڳهين جي اشتهار بازي هوندي آهي. انهن ۾ بين شين ڪان علاوه (جن مان ڪجهه جو مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان.) مانگر مچن جي فارم جي پڻ واڪاڻ ٿيل آهي مون پاڻ اهو ڪڏهن نه ڏٺو آهي پر هڪ دفعي منهنجا ڪجهه واقف ڪار حيدرآباد ۾ نواب شاهه کان سنگاپور گهمڻ آيا هئا. تن ڏينهن ۾ منهنجو جهاز سنگاپور ۾ هو سو ساڻن ملڻ لاءِ وڪٽوريا اسٽريٽ تي سندن رهائش واري هوٽل تائي پان Tai _ pan تي پهتس، خبر پئي ته هو صبح ساڻ اپر سرنگون روڊ تي مانگر مچن جو فارم ڏسڻ ويا آهن. ٿوري ئي دير ڪا لائونج ۾ انتظار ڪيو هوندم ته هي اچي نڪتا. ڪانئن مانگر مچن جي فارم جو احوال ورتم، سخت بيزاريءَ مان وراٽيائون. ”ته اها اجائي تعريف! اها اهڙي ته ڪا ڳالهه آهي ئي ڪونه جنهن لاءِ ماڻهو هلي وڃي رڳو چند واڱون پاڻيءَ ۾ تڙڳي رهيا هئا. اهڙا واڱون ته منگهو پير تي به پيا ڏوڙ پائين ۽ بنا ٽڪيٽ جي ڏسي سگهجن ٿا. هتي ته انهن جي ڏسڻ جي به ڳري ٽڪيٽ رکي اٿن. اڌ ڏينهن هڪ طرف ضايع ٿيو ته ٽئڪسيءَ جو ڀاڙو وغيره ٻئي طرف.“

ڳالهه مون کي به دل سان لڳي ته واقعي ڪي شيون اهڙيون آهن جن ۾ ٻنهه ڪا ڪشش يا نواڻ ناهي، جيتري ان ملڪ جي حڪومت طرفان ان جي ڏسڻ لاءِ ڪيل آهي. پر بهرحال تڏهن به ماڻهو وڃيو نڪري ۽ حقيقت تائين پهچڻ کان اڳ هر ڪوئي سوچيندو ته الائي مانگرمچن جو فارم چاهوندو. اهوئي ساڳيو حال مختلف ملڪن ۽ شهرن گهمڻ جو آهي. ڏهه پنڌرهن ملڪ ڏسڻ بعد هر هڪ کي اهوئي احساس ٿئي ٿو ته منجهن ڪا به نواڻ ناهي سپ ملڪ ۽ شهر ذري گهٽ هڪ جهڙا آهن. هر شهر ۾ ساڳيا ريڊين، واچن، ڪيمرائن ۽ ٽي وين جا دڪان آهن.اهي ئي چڙيا گهر ۽ سينيما ٿيٽرن جا اڏا, اهي ئي ايئرپورٽن ۽ هوٽلن جا نمونا, اهي ئي تڪلف ۽ رک رکاءَ جا طريقا. سنگاپور جهڙن ملڪن مڙيئي ٻين کان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪجھ شيون اهڙيون مختلف رکي ڇڏيون آهن. جن کي ڏسي پئسا خرچ ڪرڻ وارو ٽوئرسٽ پنهنجي ملڪ پهچي شرم کي پرچائڻ لاءِ پنهنجن دوستن عزيزن کي سڪائڻ ۽ هرڪائڻ لاءِ چئي سگهي ته ٻيلي ولايت ۾ واه جو مزو هو. مون هي به ڏٺو ته هو به ڏٺو. سستائي به ڏاڍي هئي. واه جا شاپنگ جا مزا هئا. سنگاپور ۾ ڇڙيا گهر به ڏٺم ته مانگرمڇن جو فارم به وغيره وغيره. (ٻيو ڀلاڇا چوي ته هوٽلن ۾ ٽئڪسين جي اجائي خرچ ماري رکيو اجايو ويس.)

پر يارو هن ٽي ويءَ، ويو ڪارڊ. سفرنامن جي دور ۾ سنگاپور توڙي هانگ ڪانگ يا دنيا جو ڪو ٻيو ملڪ اڃڪلھ گهمڻ ڪا اهم ڳالھ ناهي. گهر ويٺي ٽي وي، تان ملڪ ملڪ جا نظارا ڏسڻ ۾ وڊيڪ تفصيلي معلومات ملي ٿي. اهو ائين جيئن ڪو خرچ ڪري اس ۾ سڙي اسٽيڊيم ۾ ڪرڪيٽ مئچ ڏسڻ کان گهر ويٺي آرام سان ٽي وي تي ڏسي.

واپاري ٽرپ تي، يا نوڪري يا ڊيوٽيءَ جي سلسلي ۾ ڪو ولايتي ملڪ ۾ اچو ٿو نڪري، ته ضرور هيڏانهن هوڏانهن ٽنگون هٽي وقت گذاري، نه ته پنهنجي خرچ تي، پنهنجو وقت وڃائي پڳ ٻڌي گهران نڪرڻ نسوروئي بيوقوفي آهي. ان کان بهتر اهوئي مٿيون طريقو آهي ــ يعني گهر ويٺي ٽڏي چانوَ ۾ ولايت جا نظارا ٽي ويءَ تي، يا فوٽو ڪارڊن ۽ رسالن ۾ ڏسي دل خوش ڪري ڇڏي، يا وري ڪو سفر نامي جو ڪوڙو سچو ڪتاب پڙهي ڇڏي . باقي جيڪڏهن ڪو توهان کي ولايت گهمڻ جي صلاح ٿو ڏئي ته اهو پڪ توهان جو همدرد يا سڄڻ ناهي. هو پنهنجو وقت ۽ ٽڪا ته وڃائي آيو آهي ۽ هاڻ چاهي ٿو ته توهان جو به خرچ ٿئي. توهان به پراين ملڪن جي ايئرپورٽ لائونجن ۾ وڃي ڏڪا کائو ۽ ٺهڻ اس يا سخت سرديءَ ۾ پڪن رستن تي ٽئڪسيءَ لاءِ رڙيون ڪريو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ڪئپٽن رشيد ابڙي سان ملاقات

بهرحال هي سڀ سنگاپور جا کيل تماشا _ يعني گهمڻ ڦرڻ جون جايون ۽ گهاٽ گهاٽ هينئر هن سفر نامي ۾ لکي چڪو آهيان. نہ تہ ان مهل ننڊ آڻڻ لاءِ سنگاپور جي شهر بابت ٿوري دير ضرور سوچيو هوم. خاص ڪري سندس ماضي قريب ۽ ان سان گڏ پنهنجي ماضي قريب بابت پڻ، جنهن جو ڪجهہ حصو سنگاپور ۾ گذاري چڪو هوس. پوءِ خبر ناهي ڪنهن وقت اک لڳي وئي ۽ سڄي ڏينهن جي ٿڪ ڪري يڪدم اهڙي گهاٽي ننڊ وٺي ويئي جو درتي ڪنهن جي پرپور مُڪن جي آواز تي هوش نہ پئي آيو. در تي مُڪن لڳڻ ۾ جڏهن بنهہ ٺاپر نہ آئي، تہ پهرين ننڊ ۾ پوءِ اڌ سجاڳ ۽ اڌ ننڊ ۾ اهو محسوس ڪيم تہ ڪو منهنجو در زور سان کڙڪائي رهيو آهي. اکيون کولڻ ۽ هنڌ مان اٿڻ تي دل ئي نہ پئي چيو. اکين پئي لڳو ڄڻ ننڊ صفا نہ ٿي هجي. گهڙي اوچتي وانگيان اکيون سڙي رهيون هيون. سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ واقعي ايترو جلد صبح ٿي ويو آهي يا ڪنهن آڌيءَ رات جو اچي اٿاريو آهي. پر اهو سڀ ڪجهہ سوچڻ جو موقعو ڪٿي جو ٻاهران ڪو در کي اصل ٺڪڙن سان پڃڻ جي موڊ ۾ هو. جلدي بتي ٻاري اٿڻ سان وقت ڏٺم تہ اجا هڪ ٿيو هو_ معنيٰ اڌ منو ڪلاڪ ڪو مس ستو هوس. " Who کون؟ Saipa _ ؟" انگريزيءَ سان گڏ ملئيءَ ۽ اڙدو ۾ ٻاهران واري کان پڇيم تہ ڪير آهي.

"ٽيليفون" (تنهنجو فون) ٻاهران جواب آيو. تيسين ڪنڊي لاهي در کولي چڪو هوس. سامهون مائوزي تنگ کان اڳ واري دور جو چين جو چرسي مهانڊي وارو اڌڙوٽ چيني بيٺو هو. چڙ مان چيائين:

"هيٺ هل ٽيليفون آيو آهي."

"دل ۾ چيم تہ چاچا ڪاوڙ تہ نہ ڪر. هڪ تہ آئيندي هتي رهڻ جي غلطي هن جنم ۾ تہ نہ ڪبي. ٻيو تہ اهو فون هن ويلي، هن ٽاڻي مون کي ڪير ڪندو. گهڻو شڪ ڪئپٽن ظهور ۾ هو. يا وري آصف ۽ ذوالفقار ۾ هو جيڪي ماني کائي ۽ ڊنر سيٽ وٺڻ لاءِ رات جو دير سان

تنجم پگار وڃي رهيا هئا. ٽي سگهي ٿو انهن سان ڪو مسئلو ٿيو هجي. باقي ٻئي ڪنهن کي کهڙي خبر تہ آئون سنگاپور ۾ آيل آهيان ۽ هتي رهيل آهيان. ريسيپشن تي رکيل فون کڻي هيلو ڪيم تہ ٻئي طرف کان ظهور عالم يا آصف جو انگريزي يا اڙدوءَ ۾ آواز اچڻ بدران سنڌيءَ ۾ ڪئپٽن رشيد ڳالهائي رهيو هو.

اسان جي ڳوٺ جو رشيد ابڙو جنهن جهاز جو ڪئپٽن آهي ان جي اڄڪلهہ هيءَ روٽ آهي _ يعني ڪراچيءَ کان جپان واري. رستي تي ايندي ويندي ڪولمبو، پينانگ، سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ جي بندرگاهن تي پڻ ترسن. هيئنر سندس جهاز جپان کان واپس ڪراچيءَ ڏي موٽي رهيو هو. سنگاپور مان ڪجهہ سامان کڻڻ ۽ ڪجهہ مرمت ڪارڻ گذريل هفتي کان هو هتي ترسيل هئا. مونکي ان جي اوچتي خبر شام جو پيپلس پارڪ ۾ پيئي هئي. جتي ان جهاز جو سيڪنڊ انجنيئر ۽ چيف آفيسر شاپنگ ڪري رهيو هو. انهن ٻنهي ڄڻن ڪنهن زماني ۾ مون سان گڏ پڻ Sail ڪيو هو. ڪين خبر هئي تہ رشيد منهنجو ڳوٺائي آهي، سو انهن مونکي يڪدم ٻڌايو تہ هن دفعي موڪلن تان جيئن ئي ڪئپٽن رشيد موٽيو تہ ڪيس انگلينڊ واري روٽ ڏيڻ بدران هن جهاز تي رکيو اٿن.

ٻہ ٽي مهينا اڳ جڏهن آئون هيڏانهن ملائيشيا اچڻ کان اڳ ڳوٺ موڪلائڻ ويو هوس تہ رشيد موڪل تي هجڻ جي ڪري اتي مليو هو. پاڻ بہ ڏهاڪو کن سال جهازن تي Sail ڪري چڪو هو ۽ هر جهازيءَ وانگر هن جو بہ هاڻ پروگرام هو تہ ٻارن ٻچن سان گڏ جهاز ۾ هيڏانهن هوڏانهن سڄي دنيا کي اورانگهڻ بدران هڪ هنڌ ڪناري جي نوڪري Shore job وٺي هڪ منو ٿي ويهجي. جيتوڻيڪ ڪناري جي نوڪريءَ ۾ تڪليف يا جوکو نہ هجڻ ڪري پگهار ساموندي نوڪريءَ جي چوٿين حصي جيترو بہ نہ ٿو ملي، پر هڪ اهڙي عمر، حد يا حالت اچي ٿي جڏهن هر هڪ جهازي Settled زندگيءَ جي لاءِ، ٻارن جي پڙهائيءَ جي لاءِ هيڏانهن هوڏانهن آفريڪا جي ٽيندڙ ۽ اتر قطب جي برف نما سرد بندرگاهن ۾ ڀٽڪڻ بدران هڪ هنڌ رهڻ چاهي ٿو.

هڪ اهو بہ سبب آهي تہ مون کي جيئن ئي ملائيشيا ۾ يڪا ٽي سال رهڻ جي آفر ٿي تہ هليو آيس هيڏانهن اچڻ لاءِ رشيد پڻ خيال ظاهر ڪيو هو. پر هو ٿورو ٻڏ تر ۾ هو تہ ملائيشيا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ملڪ، ماحول، نوڪري ۽ ماڻهو ڪيئن هوندا ۽ ان وقت مونکي به ملائيشيا جي هن نوڪريءَ جي چڱي طرح پروڙ نه هئي ته آيا ڪيتري قدر اسان لاءِ صحيح ثابت ٿي سگهي ٿي.۽ ڪنهن حد تائين نباهي سگهجي ٿو. پر ڪيس چيو هوم ته اتي پهچي ڪجهه عرصي ۾ اتي جي حالتن جو جائزو وٺي توکي ان بابت سٺا ۽ خراب نقطا لکندس. جيئن انهن جي روشنيءَ ۾ پنهنجين حالتن سان ڀيٽ ڪري هيڏانهن اچڻ يا جهاز تي ئي Sail ڪرڻ بابت فيصلو ڪري سگهين .ملائيشيا پهچي جيڪو مون جائزو لڳايو سو منجهائيندڙ هو ۽ پلين ۽ ڪسين ڳالهين کي ساهميءَ جي مختلف پڙن ۾ وجهڻ سان ڪڏهن هي پڙ ڳرو ٿي ٿيو ته ڪڏهن هو پڙ. بهرحال اهي سموريون ڳالهيون رشيد کي لکڻ کان اڳ سندس جهاز جي نالي جي ڳولا ۾ هوس ته ڪراچي هيڊآفيس يا هانگ ڪانگ، لنڊن، ترڪي، نيويارڪ جي ريجنل آفيسن کي لکي معلوم ڪجي ته رشيد ڪهڙي جهاز ۽ روٽ تي آهي. اڄ اوچتو اهو معلوم ڪري خوشي ٿي ته سندس جهاز فقط هن _ ڏور اوير جي روٽ تي آهي. پر بلڪل هن ئي بندرگاهه سنگاپور ۾ آهي. جتان ٿي سگهي ٿو ته ملائيشيا جي بندرگاهه پينانگ ۾ به اچي. پينانگ فاصلي ۾ ملاڪا کان 320 ميل کن ٿيندو سنگاپور وري به ويجهو آهي ۽ ملاڪا کان 200 ميل کن مس آهي. سو پيپلس پارڪ ۾ مليل جهازين کي مون اتي جو اتي دڪاندار کان پنهي پور وٺي ڪئپٽن رشيد لاءِ به ٿي ستون لکي موڪليون ته آئون فلاڻي هنڌ رهيل آهيان منهنجو هي فون نمبر آهي. مون سان فون تي ڳالهاءِ يا ٻئي ڏينهن سڌو ملاڪا پهچي وڃ جيئن توکي هتي جي واسطيدار عملدارن سان به ملائي سگهان.

سو اهي جهاز جا آفيسر گهمندا ڦرندا رات جو ٻارهين بجي جڏهن جهاز تي موٽي پهتا ۽ موٽڻ وقت رشيد جي حوالي منهنجي چٺي ڪياؤن. رشيد ان ئي وقت مون سان ڳالهائڻ چاهيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# هن پاسي نوڪريءَ بابت ڪجهه ڳالهيون

ساڻس خوش خير عافيت ڪرڻ بعد ٻڌايو مانس ته هن ملڪ(ملائيشيا) جي هن نوڪريءَ جون هي هي ڳالهيون آهن:

- جنهن اداري سان واسطو آهي اهو تمام وڏو ادارو آهي ۽ ان ۾ نوڪري ڪرڻ جو تجربو اڳتي هلي ڪم اچي سگهي ٿو ۽ ان بعد پنهنجي ملڪ يا ٻارين ملڪن ۾ سٺي پوزيشن حاصل ڪري سگهجي ٿي.
- ﭘﮕﮭﺎرسعودي عرب ڪويت  يا ٻين عرب يا يورپين ملڪن جهڙو گهٽ نٿا ڏين پر ايترو آهي ته هن ولايت ۾ سٺو گذارو ٿي سگهي ٿو.باقي بچت ڪجهه به نه.
- ملٽري ڪنٽونمينٽ ٽائيپ زندگي آهي. يعني جتي نوڪري ۽ رهائش آهي اها جڳهه ملاڪا شهر کان پري آهي. هڪ پنهنجي ننڍڙي دنيا آهي جتي سخت سڪيورٽي آهي. نوڪري ڪندڙ ۽ سندن فئملين لاءِ اندر ڪلب، ڪئنٽينون، رانديون جا ميدان، لئبرريون، سُئمنگ پول، پارڪ، جمناسٽڪ هال ۽ هوٽلون آهن. شهر جي گوڙ گهمسان کان پري هجڻ ڪري ڪن کي هيءَ سانت واري زندگي وڻي ٿي ۽ ٽن سالن جو هڪڙو مدو پورو ڪرڻ بعد ٻيو به ڪرڻ جي خواهش رکن ٿا. ڪن کي ته ٻنهه نٿي وڻي. هو سنگاپور يا آسٽريليا ۾ نوڪرين لاءِ واجهائي رهيا آهن. سو اهڙين ڳالهين لاءِ تون پاڻ ئي فيصلو ڪري سگهين ٿو.
- هتي ملائيشيا ۾ ڪجهه سالن کان جيتوٽيڪ سپ اسڪول ۽ ڪاليج ملئي زبان جا ڪري ڇڏيا اٿن. پر ملاڪا شهر ۾ جيئن ته بين الاقوامي هوٽلن، ڪارخانن ۽ هن قسم جي ادارن ۾ فارينر ڪم ڪن ٿا سو انهن لاءِ هڪ انگريزي اسڪول جو پڻ بندوبست آهي.
- اسڪول جي في جيتوٽيڪ قاعدي موجب اڌ ٻارن جي مائٽن کي ۽ اڌ اداري کي ڀرڻي آهي. پر اجا تائين سڄي في ادارو ئي ڀري پيو. ويندي اسڪول تائين ٻار ڇڏي اچڻ ۽ وٺي

وڃڻ لاءِ بس رکي آهي.

- ملائيشيا جا ماڻهو محبتي ۽ سادا سباجهڙا آهن. ان ڪري هتي رهڻ ۾ اهو سڪون آهي. جيڪو اڄڪلهه دنيا جي فقط ايڪڙ ٻيڪڙ ملڪن: جپان، سئيڊن، ناروي، چين ۽ ڪجهه سوشلسٽ ملڪن ۾ وڃي رهيو آهي.
- ملائيشيا مسلمانن جو ملڪ آهي ۽ هر هنڌ حلال شي ملي ٿي، سو هتي اهي ڏکيائون نہ آهن جيڪي آمريڪا، جپان يا روس جهڙن ملڪن ۾ نوڪري ڪندي درپيش اچن ٿيون _ يعني حلال گوشت بہ ڪجهه شهرن جي ڪن خاص دڪانن تان ملي يا وري ملڪي ايمبسيءَ جي معرفت.
- ملائيشيا ۾ نماز روزي ويندي پارن ڪي قرآن شريف سيکارڻ ۽ پڙهائڻ جو ڳوٺ ڳوٺ / ڪمپونگ ڪمپونگ ۾ بندوبست آهي.
- ملائيشيا ۾ پاڪستانين جي چڱي گهڻي عزت آهي، جو اڃا تائين هتي ڪنهن ورلي پاڪستانيءَ چوري چڪاري، چرس، جهڳڙي، ڦڏي يا بناويزا پاسپورٽ جي اچڻ جهڙو جڏو ڪم ڪيو هوندو _ جنهن ڪان انگلينڊ آمريڪا يا عرب ملڪن ۾ اسان لاءِ دانهن آهي ۽ اتي جو ماڻهو اسان مان هر هڪ کي شڪي نگاهہ سان ڏسي ٿو. ان ڪري اهڙن ملڪن ۾ هڪ حساس ماڻهوءَ لاءِ رهڻ ڏکيو ٿيو پوي.
- ملائيشيا ۾ موڪلون هر سال نہ ٿيون ملن، پر ٽن ٽن سالن بعد ڏين ٿا. اهو مدو پورو ڪرڻ تي ڀڳهار سان گڏ ٽن مينهنن جي موڪل ڏين ٿا ۽ سڄي فيمليءَ جي اوٽ موٽ جي ٽڪيٽ پڻ.
- انهن موڪلن ڪان سوءِ سال ۾ پندرنهن ڏينهن آرام ڪرڻ يا ملائيشيا گهمڻ ڦرڻ لاءِ موڪل ڏين ٿا. اهو دستور هن پاسي جي سيني ملڪن: سنگاپور، بروناءي، پاپئانيوگني ۽ انڊونيشيا وغيره ۾ ساڳيو آهي. هن پاسي هر سال موڪل ان ڪري نہ ٿا ڏين جو هڪ تہ هي ملڪ پاڪستان ڪان پري آهي ۽ ڀاڙو ڳرو آهي. (ڪراچيءَ ڪان جدو فقط بہ ڪلاڪ هوائي سفر آهي پر ڪراچيءَ ڪان ڪوالالمپور ڇهہ ڪلاڪ آهي.) ۽ ٻيو تہ هتي جي زندگي عرب ملڪن وانگر بور ۽ بندش واري ناهي. ان ڪري هتي وقت جلدي گذري ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هتي گهمڻ ڦرڻ ۽ چر پر جي ڪليل آزادي آهي. موڊ ٿئي ته ڪوالالمپور هليو وڃجي يا ڪيڊاح پينانگ هليو وڃجي يا پيراق. ويندي جنهن وقت دل چوي ته پر وارن ڏارين ملڪن: سنگاپور يا ٿائليند، انڊونيشيا يا فلپين بس، ٽئڪسي، يا هوائي جهاز ۾ اچي وڃي سگهجي ٿو.

- ملائيشيا دنيا جي بهترين Touroist _ Resorts مان هڪ آهي. جنهنجو چپو چپو نرالو ۽ گهمڻ وٽان آهي. خوشنصيب ماڻهو ويندي يورپ ۽ آمريڪا جي ڏورانهن هنڌن تان ڪهي ڏينهن ٻن جي جهلڪ لاءِ هتي اچن ٿا. ان خيال کان پاڻ ته جڻ ويٺائي هتي آهيون.
- پر ساڳئي وقت اها ڳالهه به آهي ته ٽي سال چڱووڏو عرصو آهي. پنهنجو اباڻو گهر، ڳوٺ ۽ وطن _ ڪهڙو به هجي، ڪٿي به هجي ته هر انسان کي ياد اچي ٿو. نوڪريءَ جي نوعيت به ڪجهه اهڙي آهي، جو پنهنجي خرچ تي وڃڻ لاءِ به موڪل جي اميد نه برابر سمجهڻ کپي، جو جهجهي جوابداريءَ جي ڪري هڪ ماڻهوءَ جي غير حاضري به اداري کي ڪافي نقصان رسائي ٿي ۽ سجو ڪم درهم برهم ٿيو وڃي.ان ڪري ٽن سالن جي اندر ڪنهن کي سخت مجبوريءَ جي حالت ۾ شايد موڪل ملي ته ٻي ڳالهه آهي ۽ اهو ٽن سالن جو عرصو گذارڻ ڪنهن لاءِ سولو آهي ته ڪنهن لاءِ ڏکيو.
- اداري طرفان سڄي فيمليءَ جي لاءِ فري ميڊيڪل ۽ انشورنس پڻ آهي.
- ٽن سالن بعد هر ڪو آزاد آهي. وڌيڪ ٽي سال نوڪريءَ جي لاءِ ٻنهي ڌرين جي گڏيل رضامندي لازمي آهي _ يعني نوڪري ڪندڙ ۽ هتي جي حڪومت. جي نه ته نه. ڇو جو هونءَ ملائيشيا جي حڪومت جي قاعدو قانون به پاڻ جهڙن ملڪن جيان آهي ته جيسين پنهنجو ماڻهو ناهي تيسين ڌارئين کي رکجي. جيئن ئي پنهنجا ماڻهو تيار / Train ٿي وڃن ته ڌارئين جي نوڪري ختم. سو هنن وٽ جيئن ئي پنهنجا ڪئپٽن، چيف انجنيئر، ۽ پائليٽ ٿيندا ته پنهنجي موڪل. سو هن نوڪريءَ ۾ اهو خوف ۽ خطرو هر وقت رهي ٿو ته ٿي سگهي ٿو ته وڌيڪ ٽي ڇهه يا نَوَ سال ڪن نوڪري ڪرڻ جو موقعو ملي سگهي يا پهرين ئي ٽن سالن بعد هتي جي به نوڪري ختم ته پنهنجي ملڪ جي نوڪريءَ تان به

هٿ ڏوٽا پون.

- بهر حال پهريان ٽي سال هتي نوڪري ڪرڻ ۽ پاڪستان جي نوڪري قائم رکڻ جو هڪ اهو ئي طريقو آهي ته پاڪستاني نوڪريءَ مان ٽن سالن جي موڪل N.O.C وٺي اچجي. جيئن وري واپس ساڳي نوڪريءَ ۾ لڳي سگهجي.
- هونءَ ملڪ جي فائدي ۾ اهو آهي ته گهٽي ڪان گهٽا پاڪستاني هتي اچي نوڪري ڪن ته جيئن پنهنجي ملڪ جي هنن ملڪن ۾ نمائندگي رهي ۽ ساڳي وقت اسانجي چڙيل جاين تي ٻيا جونيئر پروموشن حاصل ڪري سگهن. آخر انڊين، بنگلاديشي، فلپيني ۽ سائوٿ ڪورين ان ڪان گهٽ پگهار ۾ ڏکين حالتن ۾ به ٻاهر نوڪري ڪن پيا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# متي جي سور لاءِ سنگاپور ۾ دوا

”سو هاڻ دل ۾ سوچ ۾ پنهنجي گهر وارن سان به صلاح ڪر، جي بهتر سمجهين ته سڀاڻي پرينءَ هتان سنگاپور کان ٽئڪسي ذريعي ملاڪا هليو وڃ. چو جو ملاڪا پهچي نوڪريءَ لاءِ واسطيدار عملدارن سان آمهون سامهون ملندين ته نوڪري اتي جو اتي ملي ويندئي، نه ته پوءِ انتظار ڪرڻو پوندئي، جيسين هتي جي حڪومت پنهنجا نمائندا انٽرويو وٺڻ لاءِ پاڪستان موڪلي. جيئن اسان کي ان ڪري سال کن انتظار ڪرڻو پيو هو.“

”اسان جو دراصل پرينءَ هتان جهاز Sail پيو ڪري“ ڪئپٽن رشيد ٻڌايو ۽ ان مونجهاري ڪري في الحال ڪو به فيصلو ڪري نه سگهيو.

”جهاز کي ڏينهن ٻن لاءِ ترسائي نه سگهندين؟“ مون پڇيو مانس.

”سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. ڪلاڪ ٻه به ليٽ ڪرائي نه ٿو سگهان جو شيڊول ايڏو ٽائيٽ آهي. جو سنگاپور بندرگاهه وارائي ڏڪا ڏئي ٻاهر ڪيڏندا ۽ هوڏانهن ڪراچيءَ به پوري وقت تي پهچڻو آهي.“ ڪئپٽن رشيد ٻڌايو.

”پوءِ ملائيشيا جي بندرگاهه پينانگ يا پورٽ ڪلانگ ۾ اچين ته اتان ملاڪا ڪار ذريعي هليو اچجانءِ.“ مون صلاح ڏني مانس.

”اهو ته سڀ صحيح آهي پر بدقسمتيءَ سان هينئر موٽندي وقت اتي ترسڻو ناهي،“ ڪئپٽن رشيد ٻڌايو. ”بس رڳو ڪولمبو ۾ ٻارنهن ڪلاڪ کن ترسي پوءِ ڪراچيءَ پهچڻو آهي.“

”پوءِ!_“ مونکي پڻ سمجهه ۾ ڪجهه نه ٿي آيو.

”آئون سڀاڻي صبح جو واندو آهيان سو ٽئڪسي ڪري ملاڪا هليو ٿو وڃان ۽ نوڪريءَ لاءِ رضامندي ڏيکاري اچان ٿو.“ رشيد پروگرام رٿيو.

”اهو ته پاڻ سٺو آئون هتان سنگاپور کان شام ڌاري نڪرندس سو ملاڪا پهچندي رات ٿي ويندي. تون اسان جي گهر وڃي آرام ڪجانءِ. گهر جي ڪنجي گارڊ روم مان منهنجي

نالي وٺجانءِ. آئون ڪين فون ڪري ڇڏيندس. باقي ڪمرن جون چابيون در مٿان ملنديءِ. ڪائڻ پيئڻ جو ڪجھ نہ ڪجھ سامان ڪچن مان ملنديءِ. نوڪريءَ لاءِ ضمانت گھرن تہ منهنجو ۽ آصف جو نالو ڏجانءِ.“ مون سمجھايو مانس ۽ وڏيڪ خبرون روبرو يا خط ۾ لکڻ جو پروگرام رٿي موڪلايو سين.

ٽيليفون ڪري بس ڪيم تہ ان وقت سامهون ڪئپٽن ذوالفقار ۽ آصف تي نظر پئي.

”ڪريو خبر هاڻ پيا موتو ڇا؟“ مون پڇيو مان.

”بس يار دير ٿي ويئي، تنجم پگار ۾ ننڍيون وڏيون هوٽلون بند ٿي ويون هيون. پوءِ اهو شينٽن وي ڏيئي ڪلفرڊ پيئر تان وجي نڪتاسين، تون ڪر خبر؟“

”مون توهان جي ڳولا ۾ پوليس اسٽيشن فون پئي ڪيو“ مون وراٽيو مان ۽ پوءِ ڪئپٽن رشيد ابڙي جي فون جي خبر ٻڌايم تہ هو ملائيشيا اچڻ ۾ دلچسپي رکي ٿو. اهو ٻڌي هو بہ خوش ٿيا ۽ وڏيڪ خبرون ٻئي ڏينهن لاءِ رکي رات جا باقي بچيل پهر سمھڻ لاءِ لفٽن ڏي وڌيا سين.

ننڊ تہ ايندي ايندي اکين مان وري هلي وئي هئي. ڪمري ۾ پهچي اهو محسوس ڪيم تہ شام کان پيل مٿي ۾ سو ر اجا جان نہ ڇڏي هئي. سو وري پوبان پير ڪري مٿي جي سو ر جي ڪا گوري ونڻ جي لاءِ هيٺ چيني ڪلارڪ وٽ آيس جنهن هڪ ننڍڙو هٽڙو _ ڪتابن، چاڪليٽن ۽ سگريٽن جو پڻ هلايو پئي. ان وقت پاڻ مشغول هو. ڪنهن جهاز جا فلپينو جهازي سنگاپور جي ڪنهن سستي پب (شراب خاني) مان ٽڙندا ٿاٻڙندا دخل تي پنهنجن ڪمرن جون چابيون وٺي رهيا هئا. ان وقت آفريڪي ملڪ جا بہ شيدي جهازي ٽئڪسي مان لٿا. هو سنگاپور ۾ ڪنهن بينل يا ڏينهن ٻن ۾ پهچڻ واري جهاز تي نوڪريءَ لاءِ پهتاهئا. ڪمرا سڀ پريل هئا سو پوڙهي چيني ڪلارڪ کين واءِ ايم. سي. اي ۽ ٻين اهڙين رهائشي جڳھين ۽ هوٽلن جا نالا پئي ٻڌايا، جتي دنيا جي جهازين کي گھٽ اگھہ تي رهائش ملي ٿي.

انهن کان واندو ٿيو تہ مون مٿي جي سور لاءِ ڪنهن گوريءَ جي گھر ڪئيمانس، اٿسپرو، ڊسپرو، پئراسٽال، ساريڊان، انجلين، پئناڊال، _ مون تي ويءَ تان وقت بہ وقت ٻڌل اشتهاري گورين جا نالا ياد ڪري پڇيو مانس. پر پوڙهي وٽ ڪا بہ اهڙي شيءِ نہ هئي! اهي گوريون تہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آسٽريليا کان آمريڪا جي شهرن تائين، وچ آفريڪا کان ڏور اوڀر جي ملڪن تائين جتي ڪٿي ملن ٿيون. ڪنڊو، ڪپرو، ڪوسن جي ڳوٺن کان وٺي مڪي، ميامي، ۽ مدراس شهر جي دڪانن تي بہ ملن ٿيون. اڇي اڇي هٿي نہ. نيٺ چيو مانس: "ڪجھ تہ هونديءَ جنهن سان مٿي جو سُور لهي _ ڪا سٽي ڦڪي يا ڪو ٻورو چورو. ڪو خاڪو خمير يا ڪو بام ترياق؟"

ان تي هن هڪ ننڍڙي بام جي شيشي ميز جي هيٺئين خاني مان ڪڍي منهنجي حوالي ڪئي. شيشي جي مٿان واگھہ Tiger جي شڪل ٺهيل هئي ۽ مٿانئس ٽائيگر بام لکيل هو.

"بس بس مهرباني!" ڪانئس جڳ مشهور "ٽائيگر بام" وٺي پنهنجي ڪمري ڏي موٽيس.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ٽائيگر بام ۽ گارڊن

ٽائيگر بام لاءِ مشهور آهي تہ اهو ڪيترن ئي مرضن لاءِ يڪ تڪ علاج آهي. مٿي جي سور کان وچونءَ جي ڏنگ تائين، سنڌن جي سور ۽ رهندڙ رانيوٽي کان وٺي ٽڏيل چاتي ۽ بند ٿيل نڪ جي علاج لاءِ ورهين کان هي بام هلندو اچي. جنهن جا اشتهار ڪيترن ئي ملڪن جي اخبارن، رسالن، ٽي وي، فلمن ۽ پٽين تي نظر ايندا. گڏيل هندستان تائين _ بلڪ ان کان پوءِ بہ ڪيترن ئي سالن تائين اهو بام ۽ ڪمپنيءَ جون ٻيون بہ ڪجهہ دوائون پاڪستان ۾ هلنديون رهيون. اج بہ ٽائيگر بام ۽ ان ڪمپنيءَ جون ٻيون بہ ڪجهہ دوائون پاڪستان ۾ هلنديون رهيون. اج بہ ٽائيگر بام جا ڪجهہ پراڻا اشتهار ريل لنگهندي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد جي پٽين تي نظر اچن ٿا. سنڌي هندن جي گهرن ۾ اهو تمام گهڻو استعمال ٿيندو هو جو هندو واپاري ولايتن مان موٽڻ وقت سنگاپور، هانگ ڪانگ، ملايا، انڊونيشيا، برما جهڙن ملڪن مان اهو ننڍڙي ڏبيءَ وارو، اڇي رنگ جو تکي خوشبوءَ /بدبوءَ وارو بام گهرو علاج لاءِ وٺي ايندا هئا. اجا جڏهن تہ انگريزي دوائن ايتري ترقي نہ ڪئي هئي ۽ نہ وري اهي اجا عام ٿيون هيون تہ هي بام ئي گهر جي اهم ضرورتن مان هڪ سمجهيو ويندو هو. اج جڏهن تہ انگريزي دوائون اوج تي پهتل آهن تڏهن بہ هي بام _ ملڪن مان سڀ کان گهڻو سنگاپور ۾ ۽ قومن مان سڀ کان گهڻو چين ۾ ۽ ٻئي نمبر تي ملئي ۽ تامل ماڻهن ۾ گهڻو مشهور آهي ۽ هن صديءَ جو وڏو حصو هن دوا، مريضن کي آرام پهچايو هجي يا نہ، پر هن بام ملڪن کي چڱو ناڻو ڪمائي ڏنو آهي. هي بام ماڻهن جي ڏاڻن جي سور، مٿي جي سور، ڪنگهہ، سي سڪنيس جو علاج ڪري سگهيو هجي يا نہ پر بام جي ايجاد ڪندڙ /ٺاهيندڙ ملڪن جي غربت جو علاج ضرور ڪيو آهي.

لونگن ۽ جَوَ هَرَ جي تکي خوشبوءَ جهڙي هن بام(ٽائيگربام) جي نالي سان سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ ۾ هڪ باغيچو _ ٽائيگربام گارڊن _ پڻ دنيا ۾ مشهور آهي. جنهن کي ڏسڻ لاءِ ماڻهو هلي سنگاپور ۾ اچن ٿا. هن باغ ۾ وڻ ٽڻ ۽ سهڻن ٻوٽن کان علاوه چيني،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ديومالائن Mythology جا هوبهو ساڳي قد ڪاٺ جا جانور ٺهيل آهن. باغ ۾ گهڙڻ سان ئي هڪ واگهه Tiger وڏي بلا (اجگر) کي کائڻ لاءِ تيار نظر ايندو _ جيڪا غمن، مشڪلاتن ۽ ڏکن جي علامت آهي. هڪ حوض ۾ ماڻهو چار سان جل _ پريون ڦاسائيندو نظر ايندو ۽ ٻيا ٻه ڪيترائي پرين جي قصن جا پٿر ۽ سيمنٽ جا ٺهيل جانور نظر ايندا.

سنگاپور وارو"تائيگر بام گارڊن" پاسر پنجانگ روڊ تي آهي ۽ وچ شهر کان ڏهين، ٻارهين، هڪ سؤ ٽيتاليهه، هڪ سؤ پنجيتاليهه ۽ ٻه سؤ نمبر جون بسون ڇائنا ٽائون ۽ويسٽ ڪوسٽ واري رستي کان ٽيندين اتي پهچن ٿيون. باغ ۾ داخلا لاءِ ڪابه في، ٽڪيٽ رکيل ناهي ۽ صبح جونائين کان شام جو ڇهين تائين پبلڪ جي ڏسڻ لاءِ کليل رهي ٿو.

ڏور اوڀر جي ملڪن جي هيءَ عومي دوا ۽ باغيچي جو ايجاد ڪندڙ ۽ ناهيندڙ "آ _ بون _ ها" (Aw Boon _ Haw ) نالي هڪ چيني هو جنهن پنهنجي اڏايل سلطنت جو پايو رنگون شهر کان وڌو. رنگون شهر برما جي گاديءَ جو هنڌ آهي. جتي آخري مغل شهنشاهه بهادر شاهه ظفر پڻ دفنايل آهي."تائيگر بام سلطنت" جي مالڪ "آ _ بون _ ها" جو پيءُ اصل چين جي فجيان Fujian علائقي کان لڏي برما 1870ع ۾ آيو جتي هن پيٽ قوت لاءِ چيني دوائن جو هڪ ننڍڙو دڪان کوليو. 1880ع ۾ هن House of Tiger جي نالي سان مختلف قسمن جون دوائون هلائڻ شروع ڪيون. 1883ع ۾ هن کي پهريون پٽ ڄائو جنهن جو نالو Boon Haw (طاقتور واگهه) رکيائين. واگهه (تائيگر) هن پاسي ڏي، يعني ڏور اوڀر جي ملڪن ڏي، چينين جي عقيدي موجب تمام اهم جانور سمجهيو وڃي ٿو. ڇئن سالن بعد کيس ٻيو پٽ Boon _ par (طاقتور چيتو) ڄائو. پوءِ هنن ٻن ڀائرن اڳتي هلي تائيگر بام جي نالي سان محل محلاتون ۽ ايتري ڪٺي ملڪيت ناهي جو سنگاپور جي تاريخ ۾ هي گهراڻو امير ترين سڏجڻ لڳو. سندس ٽريڊ مارڪ تائيگر کان ايشيا جي ڪروڙها ماڻهو واقف ٿي ويا. سندن پيءُ 1908ع ۾ ئي مري ويو. جڏهن هي ڀائر ايڪويهن ۽ پنجويهن سالن جا ٿيا هئا.سندس مري وڃڻ کان پوءِ جيڪو هلڪو ڦلڪو اباڻو ڌنڌو هو سو هنن ڀائرن جي هٿ ۾ آيو. ٻنهي ڀائرن جي شخصيت ڪجهه اهڙي آڏار ڀري هئي، جو هڪ ٻئي جي مدد سان ڏينهون ڏينهن ڌنڌي کي وڌائيندا ويا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چيني ۾ مغربي طب جي اصولن ۾ پنهي جو گهڻو مطالعو ۽ مشاهدو هو ۽ ان کان علاوه کيترن ئي چيني ۽ برمي دوائن جي نسخن کان چڱي طرح ڄاڻو هئا سندن پهرين ايجاد ٽائيگر بام هو جنهن کين ايترو ته ڪمائي ناڻو ڏنو جو سنگاپور ۾ باليءَ کان جاوا ۽ سماترا ٽائين، هندستان ۾ مالديپ ٻيٽن کان برما ۾ چين ٽائين ناٽي جون خرجينون پرڻ لڳا.

ٽائيگر بام ۾ بنيادي شيون جوهر Menthol ، چندن، ڪافور Camphor ميڻ ۽ جيلي Vaseline آهن. باقي ٻيون اهم شيون ڳجهيون رکيون ويون آهن ۽ جيتوڻيڪ بام ٺاهيندڙن ڪڏهن به لکت ۾ يا زباني ان ڳالهه جو اقرار نه ڪيو پر هن تر جا ماڻهو ـ خاص ڪري چيني سمجهن ٿا ته هن بام ۾ ٽائيگر (شينهن) جي جسم جاڪجهه پيئل حصا پڻ پيل آهن ۽ چيني لوڪ ڪهاڻين مطابق ٽائيگر کي قدرت طرفان اها غير معمولي طاقت مليل آهي، جو هو پنهنجي شڪل بدلائي هر قسم جي دشمن کي مات ڏئي سگهي ٿو. سو جتي "ٽائيگر" جي نالي پنيان ماڻهن جو ايڏو انڌو عقيدو هجي اتي دبلين ۾ نلهي خاڪ به مڪمل شفا نه ته مريضن کي گهڻو ڪجهه تسلي ۾ سڪون ڏئي سگهي ٿي. ٽائيگربام دوا مان اڻ ميو ناڻو ڪمائڻ بعد هنن ٻائرن ٻيون به ڪيتريون ئي دوائون ٺاهي وڪڻڻ شروع ڪيون.

1926ع ۾ ٻئي ڀائر رنگون ڇڏي سنگاپور لڏي آيا، جتان سندن دوائون سولائيءَ سان ڏورانهن هنڌن تي پهچڻ لڳيون. پاڻ دوائن جي پهرين فئڪٽري اينگ ـ اون ـ ٽانگ (هميشه سڪون وارو گهر) جي نالي سان "چائناٽائون" جي وچ ۾ نيل روڊ تي ٺهرايائون جتي ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ سستي اگهه تي چيني مزور مليا ٿي. چين ۾ غربت ڪري اتان ٿورا ٿورا ٿي چيني ماڻهو سنگاپور ۾ ٻين اوسي پاسي وارن ملڪن ۾ پورهئي خاطر اچي رهيا هئا ۽ جيئن ته جهازراني ۽ واپار وڙي ڪري سنگاپور ڏينهون ڏينهن ترقي ڪري رهيو هو سو هي ڀائر سولائيءَ سان پنهنجون دوائون هند، سنڌ، بنگال، بهار کان وٺي سريلنڪا، جاوا، سماترا، فلپين، سيليبس، بورنيوبرونائي، ۽ هانگ ڪانگ چين ٽائين موڪلڻ لڳا. ۽ پوءِ ويندي ذڪڻ آفريڪا جي ملڪن ڏي ۽ اڳتي هلي يورپ ۾ به هنن جون دوائون مشهور ٿي ويون.

۽ هاڻ جيئن ئي سندن واپار دوائن جي سامان ۾ پکو ۽ ٻڌلتي ويو ته هي ڀائر ان کان علاوه ٻين ڌنڌن ۾ به گهڙڻ لڳا. انهن ڏينهن ۾ هڪ چيني اخبار Sin _ Poh (اسٽار نيوز)

نالي تمام مشهور هئي ۽ چوٿيءَ جي تيرهن اخبارن مان هڪ سمجهي ويندي هئي. ٽائيگربام جي مالڪ ”آ_ بون _ ها“ ان اخبار ۾ گهٽي کان گهٽ پئسو لڳايو ۽ آخر ۾ اها سڄي اخبار پنهنجي نالي خريد ڪئي. اخبار کان علاوه هنن انشورنس ۽ زمين جي خريداري جو ڪم پڻ شروع ڪيو. جيئن جيئن هنن جو پئسو وڌندو ويو تيئن تيئن گهر جايون، باغ، زمينون ۽ سندن مان مرتبو پڻ وڌيو. هر هڪ پاءَ چار چار زالون رکيون ”بون ها کي اٺ ٻار ٿيا ۽ بون پار کي چار. هنن ايشيا جي هروڏي شهر ۾ محل نما گهر ٺهرايا. وڏي ۾ وڏو گهر هانگ ڪانگ ۾ ٺهرايائون جنهن جي اڳيان پندرهن ايڪڙن جو ته فقط باغيچو هو. هانگ ڪانگ ۽سنگاپور جهڙا ٻيٽ نما ملڪ جتي زمين ايڏي مهنگي آهي جو ٻن ڪٺن جيڏن ٻن ڪمرن واري فليٽ جي ٽي لکها ڊالر قيمت آهي. سو اتي ايڏا وڏا محل نما گهر راجا يا انهن جي برابريءَ جا ماڻهو ئي ڏاري سگهن ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# هائوس آف جيڊ

اهڙيءَ طرح سنگاپور ۾ به سندن به محل نما گهر هئا. هڪ جيڊ پٿر جو گهر House of Jade _ جيڪو نسيم روڊ تي آهي ۽ ٻيو ها _ پار _ ولا يعني ٽائيگر بام گارڊن _ جيڪو پاسر پنجنگ روڊ تي آهي. سنگاپور ۾ ايندڙ ماڻهو ٻنهي کان چڱي طرح واقف آهن. ٽائيگر بام گارڊن جو ته مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي. باقي جيڊ پٿر جيڪو سائي رنگ جو ٿئي ٿو هن پاسي قيمتي ۽ اهم شين مان سمجهيو وڃي ٿو. هانگ ڪانگ، ٿائيلنڊ ۽ سنگاپور وغيره ۾ ان پٿر مان گوتم ٻڌ جا نهيل مجسما ۽ سينگار جون شيون تمام گهڻي اگهه تي ملن ٿيون. هائوس آف جيڊ ۾ ان قسم جون شيون نمائش لاءِ رکيل آهن جيڪي ٽائيگر بام جي مالڪ پنهنجي شوق لاءِ گڏ ڪيون هيون. پاڻ سنگاپور جو هي گهر 1927ع ۾ نهراياڻين ۽ سندس ڊيزائن ۽ نمونو هو بهو آمريڪا جي وائيٽ هائوس جهڙو رکيائين.ان جي ٺاهڻ جو ڪم پڻ هڪ آمريڪن آرڪيٽيڪ انجنيئر جي سپرد ڪيو هئائين. ان ڪري هن گهر کي مقامي ماڻهو وائيٽ هائوس ئي سڏين ٿا. پر ڌارين ولايت ۾ هي گهر جيڊ _ پٿر جي شين جو گهر سڏيو وڃي ٿو. جيئن ته ٽائيگربام گهراڻي جي هنن ڀائرن کي واپار خاطر ڪيترن ئي ولايتن ۾ وڃڻو پوندو هو سو اتان هو ڪيترئيون ئي جيڊ، هيرن ۽ پٿرن جون سوکڙيون وٺي ايندا هئا. بون _ ها جڏهن 1932ع ۾ ٽائيگر بام مرحم جو وڪرو ڀهريون دفعو شنگهائيءَ ۾ شروع ڪيو تڏهن کان هن چين مان جيڊ پٿر جي ڪم جون شيون آڻڻ شروع ڪيون. هي ان جي خريداري ۾ ايڏو ته مشهور ٿي ويو جو چيني ماڻهو ان قسم جون قيمتي شيون ۽ هٿ جا هنر "بون ها" وٽ ئي وڪري لاءِ کڻي ايندا هئا. اهڙي طرح هن وٽ ان قسم جون شيون ايتريون ته گڏ ٿي ويون جو 1945ع ۾ هائوس آف جيڊ جڏهن پهريون دفعو عام پبلڪ جي ڏسڻ لاءِ کوليو ويو ته کين خبر پيئي _ سڄي دنيا ۾ ڪنهن اڪيلي ماڻهوءَ جو وڏي ۾ وڏو نمائش گهر هو.

هن گهر ۾ رکيل جيڊ پٿر جي ناياب شين کي تازو 1949ع ۾ اتان ڪڍائي سنگاپور جي قومي عجائب گهر National Museum ۾ رکرايون ويون آهن. جيئن اتي اچا به گهڻي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪان گهٽا ماڻهو ڏسي سگهن تواريخ ۾ هن ڪان اڳ جيڏو پٿر جون اهي شيون فقط هڪ دفعو اڳ ان گهر مان نڪتيون هيون جڏهن جپانين سنگاپور تي قبضو ڪيو هو. نوڪرن چاڪرن جلدي جلدي ان نازڪ ۽ قيمتي سامان کي اخبارن ۾ ويڙهي ڪوڪن ۾ بند ڪري گهر جي هيٺان ٺهيل Basement (بهري) ۾ رکي ڇڏيو هو. جنگ پوري ٿيڻ بعد جڏهن ٽائيگر بام جا مالڪ سنگاپور موٽيا ته هنن کي اهو مڙئي سامان ڪوڪن ۾ بند ٽيل بندرگاهه جي پرڀرو هڪ گدام ۾ صحيح سلامت نظر آيو. اهو هڪ اهڙو راز آهي جنهن جي اڄ ڏينهن تائين خبر پئجي نه سگهي آهي. هونءَ سنگاپور جو ”ٽائيگربام گارڊن“ به ٻي وڏي لڙائيءَ ۾ جپانين ڪافي تباهه ڪري ڇڏيو هو. اڄ جو جيڪو اسان ڏسون ٿا اهو حڪومت مرامتون ڪرائيندي اچي ۽ ڪيس ذري گهٽ ان ساڳي شڪل ۽ رنگ روغن ۾ رکندي اچي.

ٽائيگر بام مرحم جي مالڪ مسٽر ”آ ــ بون ــ ها“ سنگاپور وانگر هانگ ڪانگ ۾ به ٽائيگربام باغ ٺهرايو هو. جيڪو البت اڄ به ساڳي شڪل ۾ آهي. اهو باغ سنگاپور واري باغ کان اڳ ٺهرائي پوءِ ساڳي چيني آرٽسٽ مسٽر ” ڪو ووڪ ون شان“ کان 1931ع ۾ سنگاپورجي باغ تي ڪم شروع ڪرايو ويو. دراصل اهو آرٽسٽ مسٽر ”آ ــ بون ــ ها“ جي چين واري شهر Swatow جي فئڪٽريءَ ۾ ڪم ڪندو هو.

ٻي وڏي جنگ ۾ جڏهن جپانين سنگاپور تي قبضو ڪيو هوته ان کان اڳ ئي ٻين امير چيني واپارين وانگر هي ٻئي ڀائر پڻ سنگاپور ڇڏي ڀڄي ويا هئا. مسٽر بون پار (طاقتور چيتو) ته رنگون ۾ ئي پوءِ ٽڪي پيو ۽ 1944ع ۾ اتي ئي گذاري ويو. پر وڏو ڀاءُ ”بون ــ ها“ (طاقتور ٽائيگر) هانگ ڪانگ ڀڄي ويو. جتي جيتو ٽيڪ جهلجي پيو هو پر پنهنجي سني پاليسيءَ ڪري بچي ويو. جنگ کان پوءِ ٽائيگر صاحب اڪيلي سر پنهنجي خانداني ملڪيت ۽ واپار کي وري سڌارڻ شروع ڪيو. جيتوڻيڪ ڪن ڪن نقصانن جي ــ جيڪي ڪين چين ۾ رسيا. انهن جي ته وري تلافي هر گز نه ٿي سگهي. سو مسٽر ”بون ــ ها“ چين کي پاسيرو ڪري پنهنجي واپار کي ٻين اوسي پاسي جي ملڪن ۾ وڌيڪ پکيڙيو.

هن پاسي ملائيشيا، سنگاپور، هانگ ڪانگ ڏي ”جنگ خيا“ Chung Khiaw نالي بئنڪ تمام مشهور آهي. اها پڻ مسٽر آ ــ بون ــ ها يعني (ٽائيگر صاحب) 1950ع ۾ هانگ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪانگ ۾ کولي هئي، جنهن جون اڄڪلهه شاخون ڪيترن ئي هنڌن تي آهن. ساڳي وقت هن هانگ ڪانگ جي اخبار؛ هانگ ڪانگ اسٽينڊرڊ ۽ سنگاپور جي اخبار؛ ٽائيگر اسٽينڊرڊ ۾ پڻ پئسو لڳائي رکيو. (هانگ ڪانگ واري اخبار ته اڃا تائين هلي پئي پر سنگاپور واري بند ٿي وئي.) ان کان علاوه گهر ٺهرائڻ ۾ پڻ تمام گهڻو پئسو لڳائيندو آيو _ جن کي محلات سڏيندو هو. مرڻ وقت سندس اهڙا چويهه محلات هئا.

مسٽر آ _ بون _ ها جي اها وڏي ڳالهه هئي ته هو خير خيرات ڏاڍا ڪندو هو. غريبن غربن کي سنئون سڌو پئسا ڏيڻ کان علاوه اسڪولن، اسپتالن ۽ پوڙهن ماڻهن جي گذرسفر لاءِ پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي ڏهه ملين ڊالر کن خيرات طور ڏنائين ۽ نه فقط سنگاپور ۾ پر ڏکڻ اوڀر جي مڙني ملڪن ۾ سندن سخاوت مشهور هئي. سندس اهو مشهور قول هئو: ”انسان جيڪو ناڻو جنهن قوم مان ڪمائي ٿو، ڪيس ڪپي ته اهو ناڻو ان تي ئي خرچ ڪري.“

مسٽر آبون دل جي دوري ڪري 1954ع ۾ هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. پر هزارين غريب ڪٽنبن کي سندس ٿورا ۽ مددون اڃا تائين ياد آهن. لکين ماڻهو سندس ڇڏيل اخبار پڙهن ٿا ۽ سندس بئنڪ مان فائدو وٺن ٿا. ان کان به گهڻا گهڻا سندس دوا ”ٽائيگر بام“ وغيره مان مٿي جو سور، هڏن جو سور، ٿڌ زڪام وغيره جو علاج ڪن ٿا. انهن مان هڪ شايد آئون به آهيان جنهن کي سنگاپور ۾ ان رات نفسياتي طرح يا واقعي سچ پچ نرڙ تي لڳايل ٽائيگر بام جي هڪ مک فرحت بخشي ۽ وري گهاٽي ننڊ ۾ سمهي رهيس. هينئر جڏهن ڳالهه نڪتي آهي ته ان بابت يڪي ڊگهي بڪ لکي پڙهندڙن کي مٿي ۾ سور وجهي ويٺو آهيان.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# سنگاپور جو چائنا ٽائون

ٻئي ڏينهن صبح جو تيار ٿي نائين بجي ڌاري نيرن لاءِ هيٺ هوٽل ۾ آيس.رات وارو پاڪستاني انجنيئر بہ پنهنجي نئين جهاز جي ٻين ساٿين سان گڏ هڪ ٽيبل تي ويٺو هو.منجهن هڪ انڊين چيف آفيسر فيمليءَ سان هو هڪ انڊين ٿرڊ انجنيئر هو ۽ ڪجهہ ٻيا بہ. سيني سان مختصر طور ”هيلو هيلو“ ڪري ڪنڊ کا هڪ ٽيبل تي اچي ويٺس. ٻئري کي چانهہ ڊبل روٽيءَ جا ٻہ ٿي سيڪيل پترا ۽ فراءِ بيضو آڻڻ لاءِ چئي انتظار ڪرڻ لڳس. ايتري ۾ آصف بہ اچي نڪتو ۽ پروگرام ٺاهيوسين تہ نيرن بعد هرڪو الڳ الڳ پنهنجن ڪمن لاءِ نڪري وڃي. چو جو وقت تمام ٿورو آهي. پوري ٻين بجي پنهنجي ٽئڪسيءَ وارو ڊرائيور پاڻ کي وٺڻ لاءِ پهچي ويندو ۽ ٻين بجي ڌاري جڏهن هتان نڪرنداسين تڏهن سنگاپور ۽ جوهور جي بارڊر واري پل (Cause _ Way) تي ٽين بجي مس پهچندا سين ۽ پوءِ ملاڪا گهر ٺائين پهچڻ ۾ رات جا نَوَ ٿي ويندا. جيتري سنگاپور کان نڪرڻ ۾ دير ڪنداسين اوتري ئي پهچڻ ۾ دير ٿيندي. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير آفيس پڻ هئي. آصف کي بہ اها اڪيلي اڪيلي نڪرڻ واري ڳالهہ صحيح لڳي. جو سنگاپور شهر ۾ هاڻ رلڻ ۽ ڪم ڪاريون لاهڻ لاءِ ڪي پنج ڪلاڪ مس وڃي بچيا هئا. مونکي بہ ٻن ٽن هنڌن تي ڪم هو. هڪ تہ سيشل اسٽريٽ تي پنهنجي پراڻي جهاز ران ڪمپنيءَ ۾ ڪم هو.

ملائيشيا ايندي وقت هوائي جهاز تي آيو هوس سو پاڻ سا گهڻو سامان نہ کڻي سگهيو هوس. ان ڪري وڏيڪ ڪتاب ۽ ڪپڙا پنهنجي جهازران ڪمپنيءَ جي ڪئپٽن کي ڏئي آيو هوس تہ يار سنگاپور کان لنگهين تہ هي منهنجون هڙون سنگاپور لاهيندو وڃجانءِ اهو ويچارو ڪڏهوڪو اهو سامان سنگاپور واري آفيس ۾ ڇڏي ويو هو ۽ آفيس جي چيني مئنيجر فون ذريعي مون کي اطلاع ڪيو هو. سو پهرين ان آفيس مان اهو سامان کڻي پنهنجي هڪ ٻئي پراڻي بنگالي ڪلاس ميٽ، شهاب الدين جي گهر موڪليو جيڪو پڻ مون وانگر جهاز تي ڳپل حصو چيف انجنيئر رهڻ بعد هاڻ سنگاپور جي پوليٽيڪنڪ ۾ گذريل ٽن

سان کان ”اليڪٽرو ٽيڪنالاجي“ سبجيڪٽ پڙهائي ٿو. پاڻ موڪلون گذارڻ لاءِ مون وٽ ملاڪا اچي رهيو هو ۽ جيئن ته اسان واري ٽئڪسيءَ ۾ تن ڄڻن جو سامان هجڻ ڪري جاءِ نه هئي سو مون ان سامان لاءِ ڪيس ملاڪا ڪٽي اچڻ لاءِ اڳ ئي چئي ڇڏيو هو.

سيشل اسٽريٽ جي سڌائيءَ ۾ اوپر ڪان رابن سن روڊ وهي ٿو ۽ اولهه ۾ سائوٿ برج روڊ ۽ نيو برج روڊ آهي ۽ انهن رستن کي وري سنهيون گهٽيون ؛ ماسق (مسجد) اسٽريٽ، ٽيمپل (مندر) اسٽريٽ، پگوڊا (ٻڌن جو مندر) اسٽريٽ، هوڪين اسٽريٽ، ڪراس اسٽريٽ وغيره ڳنڍيندڙ ٿيون. هي علائقو سنگاپور جو چائنا ٽائون سڏجي ٿو. جيڪو علائقو تمام آڳاٽو آهي. هونءَ ته سنگاپور ۾ انڊين، ملئي ۽ ٻين قومن جا ماڻهو به آهن. پر هن علائقي ۾ گهٽي کان گهٽا دڪان چينين جا آهن ۽ تمام گهڻو ڳتيل آهي. گهڻو سان دڪانن جي درن، ڀتين ۽ ڇتين کي ٽيڪ ڏيڻ وارن ٿلهن ٿنين تي وڏا وڏا چيني اکر نظر ايندا. دڪانن ۾ گهرن اڳيان ٻريل اگربتين جون ٻچيل ڪاٺين جون ٽڪريون ۽ ديوتائن لاءِ آچيل نارنگيون ڪيلا يا اناناس نظر ايندا. گهرن جي درن ۽ بالڪنين مان نڪتل بانس جي لڙهن تي سڪڻ لاءِ رکيل ڪپڙا جهنڊن وانگر ڦڙڪندا ڏسڻ ۾ ايندا. ڪي ڪي ته سؤ سوا سؤ کن به ماڙ ۽ تماڙ پراڻا گهر اچا تائين نظر اچن ٿا. جن جون ڪاٺ جون ڏاڪڻيون اڏوهي کاڌل ۽ در درين تي پردن بدران ڪوڪن سان لڳل پراڻيون چادرون هونديون. انهن چادرن جا هيٺاهان حصا گر، مٽي ۽ ٻارن جي سنگهن سان ٿڦيل نظر ايندا. گهٽي سامان ۽ ننڍي گهر ڪري هر شيءِ اڏگابري گهر کان ٻاهر نظر ايندي. بوٽ، ڪوڪا، ڏوپ ڇٽيون، سائيڪلون وغيره ته در ٻاهران يا بالڪنين ۾ رکيل نظر ايندين . شام جي وقت گهرن جون زالون ڍرن ڪپڙن ۾ ٻاهر فٽ پاٿ يا گهرن جي وچ واري سوڙهي گهٽيءَ ۾ ڪچهري به وينيون ڪنديون ته آريڙڻ، جوئون ڪيڻ، هڪ ٻئي جا پنهنجا وار ناهڻ جهڙا ڪم به پيون ڪنديون. گهر جا پوڙها چيني مرد ڪنڊ تي ٺهيل اسٽالن تان چاليهن سينٽن واري چانهه جون چسڪيون پري سڄي ڏينهن جون خبرون وينا ڏيندا وٺندا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## اڄ جي سنگاپور کي ڏاهڻ وارو

بهرحال سنگاپورجو ڇپو ڇپو ايترو تيزيءَ سان ترقي ڪري رهيو آهي جو آئون نہ ٿو سمجهان تہ ٻن ٽن سالن بعد ڇائنا ٽائون جا ٻچيل هھڙا لقاءَ وري ڏسڻ لاءِ ملن. ڇو جو گذريل ڏهن سالن اندر ـــ بلڪ گذريل پنجن ڇهن سالن ۾ سنگاپور ۾ ايتري تہ ڀڃ ڊاهہ، نئين جوڙجڪ ۽ ٺاهہ جوڙ اچي ويئي آهي جو چوڌاري ڇپي ڇپي تي اوچيون عمارتون ۽ پئسي دولت جي ريل پيل ئي واسو ڪري وئي آهي. پئسي سان گڏ رهڻ جو معيار، ڪاڌي پيتي ۽ پهرڻ جا طور طريقا ۽ اسٽائيل، دڪان هوٽل ۽ گهر گهاٽن جي بناوٽ جو رنگ روپ سڀ اعليٰ کان اعليٰ ٿيندو وڃي. ڪيترين ئي اهڙين ڳالهين جيڪي هتي ڏهہ سال اڳ عام هونديون هيون ۽ جيڪي جيتوڻيڪ هينئر بہ اکين اڳيان ڦري رهيون آهن، پر هاڻ سامهون مور نہ آهن. انهن شين ۽ ڳالهين بابت فقط انهن سان ياد اوري سگهجي ٿي، جيڪي هتي جا جهونا رهاڪو آهن. يا انهن ڏارين سان جن مون وانگر سنگاپور جا مڙئي روپ ڏٺا آهن. باقي اڄڪلهہ جا اينڊڙ سياح ۽ ٽوئرسٽ سنگاپور کي يورپ، آمريڪا ۽ جپان جهڙو سهڻو سکيو ستابو ڏسي ڪڏهن بہ اعتبار نہ ڪندا تہ ڪجهہ سال اڳ سنگاپور ڇاهو. سنگاپور جڏهن انگريز گورنر رئفلس لڌو ۽ ٺاهيو تہ سنگاپور کي اڄ جي ماڊرن حالت ۾ هتي جي چيني پرائيم منسٽر مسٽر ”لي ـــ ڪئان ـــ يوءَ“ آندو. مون جهڙن ماڻهن جن لي ڪئان يو جهڙي ملڪ سان وفادار حاڪم جي حڪومت ۾ سنگاپور کي هيڏي ترقي ڪندي ڏٺو هوندو اهي پڪ سڏون ڪندا هوندا تہ اهڙا حاڪم جيڪڏهن اسان جهڙن ٽين دنيا جي ملڪن کي ملي وڃن تہ الائي ڇا ٿي پوي. جڏهن سنگاپور جهڙا پينگيا ملڪ اهڙن سياستدانن ۽ عوامي ليڊرن ڪري ايڏي ترقي ڪري سگهن ٿا تہ اسان جا ملڪ تہ ان کان بہ وڌيڪ ترقي ڪري سگهن ٿا. اسان جهڙا ملڪ جن کي قدرت طرفان نہ فقط پوک لاءِ وشال ڌرتي، نديون نارا ۽ معدني ذخيرا مليل آهن پر محنتي ماڻهو ۽ ذات پڻ موجود آهي. هڪ چيني چوڻي پڙهيم تہ ”ڳالهائڻ جا ڪي لفظ سلطنتون ٺاهي سگهن ٿا ۽ ڪي لفظ سلطنتون ڊاهي سگهن ٿا.“ ساڳي

طرح منهنجي خيال ۾ ڪي سياسي ليڊر، حاڪم، رهنما هن مهانگائيءَ ۾ مسعلن جي دور ۾ به ملڪ کي ناهي سگهن ٿا ته ڪي نهيل ملڪ کي ڊاهي سگهن ٿا.

سنگاپور جو پرائم منسٽر مسٽر لي _ ڪئان _ يو Lee _ kuan _yew سنگاپور جي هڪ امير چيني گهراڻي ۾ 1923ع ۾ ڄائو. سندس وڏا اڻويهين صديءَ ۾ چين کان لڏي سنگاپور آيا هئا. وڏو ٿي انگريزي پڙهيو ۽ ذوالفقار علي ڀٽي وانگر پاڻ به سڀ کان پهريائين انگريزي زبان تي عبور حاصل ڪيائين. پر پوءِ سياست ۾ گهڙڻ بعد پنهنجي مادري زبان: چيني ۽ ٻيون زبانون ملئي ۽ تامل ڳالهائڻ لڳو.

ننڍپڻ جي تعليم سنگاپو رجي اسڪول ۾ ئي حاصل ڪيائين. پاڻ ننڍي هوندي کان تمام هوشيار ۽ ذهين هو. اسڪول ختم ڪرڻ تي ڪيس سنگاپور جي رئفلس ڪاليج ۾ پڙهڻ لاءِ اسڪالر شپ ملي ان بعد انگلينڊ جي ڪئمبرج يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتائين. جتي هن کي قانون (Law) ۾ ڊبل فرسٽ ڪلاس مليو _ معنيٰ ٻن سبجيڪٽن ۾ فرسٽ ڪلاس آنرز مليو.1950ع ۾ ڪيس انگلينڊ جي بار ۾ داخلا ملي ان ئي سال هن هڪ ملايا جي چيني ڇوڪريءَ مس ڪوا _ گيوڪ _ چو سان شادي ڪئي، جيڪا پڻ ڪئمبرج جي شاگرد هئي.

انگلينڊ ۾ بئريسٽر ٿي رهڻ بدران لي سنگاپور موٽي آيو. هن جتي پوسٽل يونين جو قانوني صلاحڪار (Legal Adviser) ٿي ڪم ڪيو ۽ ڪين انگريز سرڪار کان سٺا پهگار وٺرائي ڏيڻ ۾ مدد ڪئي. ساڳي وقت هو ٻين ٽريڊ يونين لاءِ پڻ ساڳيا ڪم ڪرڻ لڳو. لي ساڳي وقت پنهنجي هڪ سياسي پارٽي _ پيپلس ائڪشن پارٽي PAP پڻ ناهي، جنهن جو پاڻ سيڪريٽري جنرل ٿي ڪم هلائڻ لڳو.

1955ع ۾ ڪائونسل ۾ وڌيڪ سيٽون رکڻ لاءِ اليڪشن ٿي جنهن ۾ لي جي پارٽيءَ کي سيٽون مليون. هڪ سيٽ ته سنگاپور جي ان علائقي مان مليس جتي سڀ کان غريب چيني رهيا ٿي. ساڳي سال کان لي سنگاپور ۾ ڌارين جي حڪومت خلاف آواز اٿاريو. 1959ع جي اليڪشن ۾ ليءَ جي پارٽيءَ کي 51 مان 43 سيٽون مليون. پاڻ ڪئبينيٽ ناهيائين ۽ ان سان گڏ پهرين پنج سال رٿاپڻ _ جنهن ۾ تعليم، ڪارخانن ۽ عورتن جي آزاديءَ تي گهڻو زور

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڏنائين. سندس پارٽي هر اليڪشن ۾ کٽيندي اچي ۽ پاڻ دنيا ۾ سڀ کان گهٽو پسند ايندڙ پرائيم منسٽر ليکيو وڃي ٿو. هيڏي ڌن دولت مان مرتبي هوندي به چيو وڃي ٿو ته سندس ذاتي زندگي تمام سادي سودي آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ترقيءَ جو راز انگريزي زبان

سريلنڪا، انڊيا يا برما جي ڪنهن سودائي Sailor چيو تہ سنگاپور جي ترقيءَ جو راز ان ۾ آهي تہ سنگاپور کي اسان جي ملڪن جهڙا مسعلا نہ آهن. سندس اشارو ٻولين، مذهبن، ذات نيات جي اوچ نيچ ڏي هو. پر ڏٺو وڃي تہ اها ڳالهہ ناهي. سنگاپور ۾ اڄ بہ ڪيترين ئي زبانون ڳالهايون وڃن ٿيون. بدين ضلعي کان بہ ننڍي سنگاپور ملڪ ۾ خبر ناهي ڪيترين زبانن جا ماڻهو رهن ٿا.ٻ چار زبانون: ملئي، تامل، چيني ۽ انگريزي تہ فقط قومي زبانون آهن. ڪهڙو ملڪ آهي جنهن ۾ ايترا گهڻا مذهب آهن، جيترا سنگاپور ٻيٽ تي آهن. هڪ ئي گهٽيءَ ۾ مسجد آهي تہ ساڳي يا پر واريءَ ۾ گرجا گهر ۽ ٽينءَ ۾ پگوڊا ۽ گردوارو آهي. فقط چائنا ٽائون ۾ ئي ڪيترا مختلف مندر ۽ مسجدون آهن. سنگاپور ۾ رهندڙ چيني جن لاءِ لڳي ٿو تہ هڪ ئي زبان ۽ مذهب هوندو آهي، پر انهن جون بہ ڪئين زبانون ۽ مذهب آهن. عيسائي بہ فقط ڪئٿولڪ نہ آهن. پر مئٿاڊسٽ، انگليڪس، پروٽيسٽنٽ، سيونٿ ڊي ائڊويٽسٽ وغيره آهن. مسلمانن ۾ بہ شيعن ۽ سنين کان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي فرقا رهن ٿا. ملائيشيا ۾ تہ ڪٽي سپ شافعي آهن ، پر هتي سنگاپور ۾ تہ شافعي، حنفي _ ويندي آفريڪا ۽ عرب ملڪن کان لڏي آيل مالڪي ۽ حنبلي پڻ رهن ٿا. ساڳي وقت وهابي، بوري، کوجا، بهائي، احمدي ۽ ٻيا مختلف مذهبن ۽ فلسفن جا ماڻهو پڻ سيني کي هتي جي پرائيم منسٽر لي _ ڪئان _ يوءَ جي حڪومت اهڙو خوش ۽ سڌو ڪري رکيو آهي جو سنگاپورين ڏينهون ڏينهن دنيا جي Well Disciplined ۽ Well Organized قوم ٿيندي وڃي. سڀ ماڻهو هڪ ٻئي سان پيار محبت سان هلن ٿا. نہ تہ خاص ڪري چيني ماڻهو اهڙا ڏنگا آهن جو انهن لاءِ چوڻي مشهور آهي تہ چينيءَ جو فقط مٿي جو وار سڌو ٿئي باقي تن من ڏنگو ئي ڏنگو _ ۽ جن ماڻهن کي مائوزي تنگ جي مار موچڙي بہ ڪو گهڻو سڌو نہ ڪيو _ سي هتي سنوت ۾ رهن ٿا ۽ سنوت ۾ چيني يا ٻيا هجن بہ چو نہ. جڏهن موجوده حڪومت هنن لاءِ بنيادي ضرورتون: گهر، تعليم، نوڪريون، اسپتالي گهرجون ۽ هر قسم جي مذهبي، توڙي سماجي

آزادي مهيا ڪري ڏني آهي.سندن اولاد جون بنيادي گهرجون: تعليم صحت ڪان وٺي ريڊيو، ٽي وي پروگرامن تائين راندين ۽ڪيل تماشن جهڙين وندرن ڪان اسڪائوٽنگ پڪنڪ، ڪئمپنگ تائين مهيا ڪري ڏنيون آهن _ چاهي هو ميجارٽيءَ واري قوم : چينيءَ جو ٻار هجي يا ملئي مسلمان جو پنجابي سک جو هجي يا هندو سنڌي واپاريءَ جو اڇي چمڙيءَ واري انگريز جو هجي يا ڏکڻ هندستان جو هڪ اڇوت هندو جو_ جنهن جو اولاد ذات پات ۽ مذهب زبان جي چڪرن مطابق پنهنجي اباڻي وطن انڊيا ۾ هجي ها ته اڇوت سمجهي ڪيس تعليم ڪان پري رکي ڪيس ڪسيون ڊوئڻ ۽ گونهه ڪٽڻ جو جاب ڏنو وڃي ها ۽سندس پاڇو پوڻ به پاپ سمجهيو وڃي ها، پر هتي اهو به آمريڪن اسڪول ۽ سينٽ لارينس اسڪول مان تعليم وٺي، محنت ۽ پورهئي آهر اعليٰ نوڪري ۽ ڌنڌو ڪري سگهي ٿو. نه فقط هر ماڻهوءَ جي اولاد کي نوڪريون ملن ٿيون، پر ڪين انهن نوڪرين جو حقدار بنائڻ لاءِ تعليم جو نظام پڻ برابر رکيو ويو آهي. ائين نه ته ڪي وڏن شهرن ۾ رهندڙ خاص ماڻهن جا ٻار خاص اسڪولن مان اوچي ۽ انگريزي تعليم وٺي وڏيون نوڪريون ماڻين ۽ باقي غريب عوام کي لولن لنگڙن اسڪولن مان نعرن جي چانوَ ۽ ٽڏڪار ۾ فقط قومي، صوبائي يا مذهبي زبانن ۾ تعليم ڏئي سٺين نوڪرين ڪان اڇوت بڻايو وڃي. اهو ئي سبب آهي جڏهن سنگاپور ۾ ملئي ماڻهن گوڙ ڪيو ته هن ٻيٽ جا اصل رهاڪو ملئي مهاڻا هئا ۽ هيءَ ڌرتي ملايا جي سرزمين جو حصو آهي ان ڪري اسڪولن ۾ فقط ملئي پڙهائي وڃي، چينين چيو ته ائين نه ٿيندو سيڻي کي اسان جي زبان سکڻ کپي جواسين چيني ميجارٽيءَ ۾ آهيون. انڊين چيو ته نه انهن سيڻي زبانن کان اهم اسان جي تامل زبان آهي ۽ هي ٻيٽ سنگاپور انگريزن جي ڏينهن کان مدراس سان ڳنڍيل هو ان ڪري تامل نادو صوبي جي زبان سيڻي کي پڙهڻ کپي.

هتي جي پرائيم منسٽر ماڻهن کي ٽڏو ڪندي سمجهايو: ”بابا ٻاشائون ته سڀ اهم آهن. ڪير پنهنجي مادري زبان ڇڏيندو. پر انگريزي جيتوڻيڪ ڌارين جي زبان آهي، پر بين الاقوامي زبان آهي. سائنس جي زبان آهي ۽ ان ۾ ايترا ته گهڻا ڪتاب لکيل آهن. جو ان جي اهميت عرب ۽ اسرائيلي به مڃين ٿا ته جپاني ۽ جرمن به مڃين ٿا. بهرحال ٻين قومن کي ڌارئين زبان زوريءَ سيکارڻ بدران هرڪو پنهنجي زبان جي اسڪول ۾ پنهنجا ٻار موڪلي ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سيني زبانن جا اسڪول کوليا ويندا ۽ تامل، ملئي ۽ چيني. ان سان گڏ انگريزي بہ کوليون ٿا جيئن ڪو چاهي تہ ان ۾ پنهنجا ٻار موڪلي سگهي.“

نتيجو اهو نڪتو تہ سيني پنهنجا ٻار وڃي انگريزي اسڪولن ۾ داخل ڪرايا. جنهن ڪان ڪٽي پڇ تہ بابا تون تامل آهين تو تہ چيو پئي تہ تامل اهم زبان آهي ٻيا بہ پڙهن. پر هاڻ ماڳهين تون پنهنجا ٻار بہ داخل نہ ٿو ڪرائين! تہ هن ڪکو وکو ٿي جواب ٿي ڏنو تہ اها تہ اسان جي مادري زبان آهي ۽ ٻار گهر بہ سکي ويندا ۽ هيٺين ڪلاسن ۾ بہ اعليٰ تعليم ۽ سکيا لاءِ انگريزي ضروري آهي. ڏسندي ئي ڏسندي سيني زبانن جا اسڪول بند ٿي ويا _ سواءِ انگريزيءَ جي. چو جو هرهڪ دل ئي دل اندر سمجهي ويو تہ اڄ جي دور ۾ چاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ يا ترقيءَ لاءِ انگريزي زبان ضروري آهي. بقول هڪ ايڪنامسٽ جي ۽ سنگاپور جي ترقيءَ جي لاءِ وڏو راز اهو بہ آهي تہ هنن برما، سريلنڪا يا ملائيشيا ۽ انڊونيشيا وانگر جوش ۾ اچي اسڪولن ڪاليجن مان انگريزي کي تڙي نہ ڪڍيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## سنگاپور جون نديون نالن جو ڪم ڏين

سنگاپور وارن انگريزيءَ سان گڏ هڪ ڪم سٺو ڪيو آهي، تہ هر هڪ سنگاپوريءَ ڪي انگريزيءَ ڪان علاوه هڪ سبجيڪٽ مادري زبان جو ضرور ڪڍڻو آهي، جيئن مادري زبان ـ جنهن جي اهميت، ضرورت ۽ جذبو پڻ پنهنجي جاءِ تي اڻ مٽ آهي، ساسڪي سگهي. يعني اهوئي حساب جيڪو اڳ ۾ پاڪستان ۾ اسان وٽ هوندو هو. جتي هاڻ ظاهري طرح تہ انگريزي تعليم بند ڪئي وئي آهي، پر اڃا بچيل چند مشنري ـ عيسائي اسڪولن اڳيان ملڪ جي اهم شخصيتن، ويندي سياستدانن ۽ وزيرن ڪي پنهنجن ٻارن جي داخلا لاءِ منٿون ڪندو ڏسي افسوس ٿو ٿئي تہ اهي حقيقت پسند فقط ٻارن جو مستقبل سنوارڻ بدران سڄي قوم جي ٻارن جو ڀلو ڪرڻ خاطر سيني لاءِ انگريزي اسڪول ڇو نٿا رائج ڪرائين.

هڪ انڊونيشيءَ مون سان ڏک جو اظهار ڪندي چيو تہ: ” توهان پاڪ وارا آهيو جو انگريزيءَ جي ڄاڻ ڪري توهان جا نہ فقط ڊاڪٽر انجنيئر ولايتن ۾ نوڪري ڪري سگهن ٿا، پر هلڪين نوڪرين وارا پڻ. اسان جي ملڪ جا تہ ڊاڪٽر انجنيئر بہ روزگار لاءِ ٻاهر هٿ پير نہ ٿا هڻي سگهن جو اسڪولن ڪاليجن ۾ هو انڊونيشي زبان ۾ پڙهيا، پوءِ ڊاڪٽري ياانجنيئريءَ جا ڪتاب جيتوڻيڪ انگريزيءَ ۾ ڪين پڙهڻا پيا پر ڪچيءَ ۾ انگريزي نہ سکڻ ڪري توهان پاڪستانين، هندستانين وانگر انگريزي لس ئي لس نٿا ڳالهائي سگهن. نتيجي ۾ نوڪريءَ لاءِ جنهن انٽرويو ۾ ويهن ٿا فيل ٿيو پون.“

پر هاڻ نئين ڪنڊ جي تعليم جو معيار بہ ڇا ٿيندو وڃي ـ سنويا خراب ـ اسان جي اکين اڳيان آهي. ۽ ان جو فائدو ڪنهن کي رسندو ـ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي!

بهرحال هي هڪ سفر نامو آهي ۽ منهنجي خيال ۾ هتي سنگاپور بابت تعليم کان علاوه بہ چار ٻيون ڳالهيون لکڻ پڻ بي مهل نہ ٿينديون.

سنگاپور جو ٻيٽ فقط بہ سؤ ڏهہ چورس ميل آهي. سڄي سنڌ جي پکيڙ چوونجاهہ هزار

چار سؤ ڪن چورس ميل آهي ـ ان ما اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سنگاپور جو پيٽ ڪيترو ننڍڙو آهي. ان ڪان علاوه سنگاپورجو پيٽ ڪافي هيٺاهون آهي. يعني سمنڊ جي ڪناري ڪان ڪو گهڻو مٿيرو نہ آهي. جيئن پاڻ وٽ ڪيترائي علائقا مٿاهان آهن. ڪوئيٽا، ڪوهہ مري وغيره تہ تمام مٿاهان آهن. پر ويندي حيدرآباد بہ گنجي ٽڪر تي هجڻ ڪري سمنڊ جي ليول ڪان گهڻو مٿاهون آهي. ان ڪان علاوه اسان جي ملڪ ۾ ڪيترين ئي ٽڪرين ۽ جبلن جون قطارون پڻ آهن. پر سنگاپور پيٽ ڪٿي بہ پنجاهہ ڦٽن ڪان مٿي نہ آهي. وڏي ۾ وڏي ٽڪري ـ بڪت ـ تيماح آهي سابہ فقط ڇهہ سؤ ڪن ڦٽ مس ٿيندي. يعني ٻارنهن تيرنهن ماڙ عمارت جيتري. هڪ ٻہ ٻيون بہ ننڍيون ننڍيون ڏڙن جيتريون ٽڪريون آهن. جهڙوڪ: بڪت، پنجانگ، بڪت منڊائي وغيره (بڪت ملئي لفظ آهي جنهن جي معنيٰ ٽڪري آهي.) سڄي پيٽ تي ٿي چار نديون پڻ آهن. جيڪي سنڌو نديءَ يا گنگا جمنا وانگر جبلن تي ڳرندڙ برف جو پاڻي ڪٽي ٻئراجن بندن وٽ واهن ۽ شاخن ۾ ورهائجي. گهٽي ڪان گهٽي ڌرتيءَ جي اچ مٿائڻ جو ڪم نہ ٿيون ڪن. پر هتي جون نديون پيٽ تي وسندڙ مينهن جو پاڻي ڪٽي سمنڊ ۾ ڦتوڪن ٿيون ۽ڌرتيءَ کي ٻڏڻ ڪان بچائن ٿيون. يعني اسان وٽ نديو پوک لاءِ ڪارائتيون سمجهيون وڃن ٿيون. جو مصر وانگر اسان جي پوک جو مدار نديءَ تي آهي، پر هتي ٻنين ٻارن کي نديءَ جي پاڻيءَ جي ڪهڙي ضرورت جڏهن هروقت مينهن جي صورت ۾ آسمان مان پاڻي ٽمندو رهي ٿو. هتي جون نديون بہ پوک لاءِ ڪارائتيون آهن. پر پوک کي پاڻي مهيا ڪرڻ بدران پوک ۾ بيٺل پاڻي ڪڍن ٿيون.هتي جون نديون گٽرن ۽ نالن Drainage جو ڪم ڪن ٿيون. نہ تہ مينهن جي پاڻيءَ ۾ فصل ٻڏي وڃن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# سنگاپور ۾ پکي گھٽا جانور گھٽ آهن

سنگاپور جون اهي هلڪيون ڦلڪيون نديون آهن: جرانگ ندي، ڪلانگ ندي، ڪرانجي ندي، سيليتار ندي، سرنگون ندي ۽ سنگاپور ندي.هنن ندين ۾ مينهن پوڻ سان يڪدم چاڙهه اچيو وڃي ۽ مينهن مطابق ڏينهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٻه ٽي ٽي دفعا تار ٿيو پيون وهنديون. هر هڪ ندي ڪا چند ميل مس ڊگهي آهي. سنگاپور ندي سڀ ۾ وڏي، مشهور ۽ تاريخي ندي آهي. جنهن ۾ ٻيڙيون ۽ بارجون به هلن. جيڪي جهاز کان ٻيٽ جي اندروني علائقن تائين ۽ اندروني علائقن کان بندرگاهه تائين سامان لاهڻ چاڙهڻ لاءِ ڍوئين.

سنگاپور جو ٻيٽ خط اسطوا جي ويجهو هجڻ ڪري ٻار هوئي هڪ جهڙي اونهاري واري موسم رهي، سيارو ته بنهه نه ٿئي. سڄو سال گرميءَ جي ڊگري پنجويهه ۽ستاويهه جي وچ تي رهي. هر وقت جهڙ ۽ مينهوڳيءَ جي ڪري ان کان وڌيڪ گرمي ورلي ڪا ڪڏهن ڪڏهن ٿئي ــ سا به چند ڪلاڪن لاءِ. جيڪا گهُٽ ۽ گرمي مينهن پوڻ کان اڳ اڪثر پاڻ وٽ به ٿيندي آهي. ٿوري دير بعد جهڪ يا هوا جي چر پر سان سخت مينهن يا بوندا باندي شروع ٿي ويندي آهي سئيٽر يا ڪوٽ جي ته سڄو سال ضرورت نه پوندي آهي. ڪوٽ جي ضرورت فقط ڪڏهن ڪڏهن پاسپورٽ سائيز فوٽو ڪيرائڻ جي لاءِ پوندي آهي، سو ان لاءِ اڪثر هتي جي هر فوٽو گرافر وٽ به ٽي پراڻيون سراٽيون سنگهون لڱل تائيون. هڪ ڏندن ڀڳل مر لڱل ڦٽيءَ سان گڏ هڪ عدد ڪوٽ پڻ رکيل هوندو آهي. هتي ذري گهٽ ڏهاڙي مينهن وسي ٿو ۽ سال ۾ هڪ سؤ انچ (اڍائي ميٽر کن) مينهن وسي ٿو.يعني هتي جي مينهن جي پاڻيءَ جو نيڪال پاڻ وانگر خراب هجي ته سال اندر سڄو ٻيٽ ٻڏي وڃي. سنگاپور جي سڄي ٻيٽ تي ماڻهن جي آبادي ۽ عمارتون وڌڻ ڪري گس پنڌ تي ڪو ورلي اڻ پاليل جانور ملي ــ سواءِ ڊگهي پڇ واري پولڙي (Macaque) جي ــ يا رات جي وقت ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ گدڙ يا ڳورپٽ جهڙي جانور جي.باقي هتي پکي جام آهن ــ سي به طرح طرح جا. ٻهراڙي وارن ٻچيل ٽڪرن تي نانگ بلائون ۽ سانڊا ڇڇيون پڻ موجود آهن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# هتي جي چينين جون مختلف زبانون

جيئن مٿي لکي آيو آهيان، تہ سنگاپور ۾ ڪيترين ئي قومن رهن ٿيون. جن ۾ پنجهتر سيڪڙو _ يعني ٽي حصا چينين جا آهن پندرهن سيڪڙو ملئي ماڻهن جو ست سيڪڙو انڊين جو ۽ باقي بچيل سيڪڙي ۾ يورپين اچن ٿا. هتي جا رهاڪو چيني اصل ۾ چين کان ئي آيا.سنگاپور، ملائيشيا، فلپين، انڊونيشيا _ ويندي يورپ آمريڪا ۾ جيڪي اڄ چيني نظر اچن ٿا، تن جي ابن ڏاڏن يا تڙ ڏاڏن جو اصل ملڪ چين هو جتان هنن ڏارين ولايتن ڏي لڏ پلاڻ شروع ڪئي _ پنهنجي ملڪ جي غربت کان بچڻ لاءِ، ٻاهر جي دنيا ۾ پورهيو ڳولڻ جي لاءِ يا جيڪي اڳهين سکيا ستابا هئا، سي پنهنجي اولاد کي وڌيڪ تعليم يا واپار وڙي جي سکيا ڏيڻ جي لاءِ. اهڙي طرح سنگاپور جو بيٽ جيڪو چوڏهين صديءَ تائين چند ملئي ماڻهن جو ڳوٺ هو سو اڳتي هلي انگريزن جي حڪومت ۾ وڃڻ ويجهڻ لڳو تہ انگريزن کي انهن ماڻهن جي ضرورت پئي، جيڪي بندرگاهہ ۾ مزوريءَ جهڙي پورهئي کان وٺي ڪلارڪي، کيتي ٻاڙي، ۽ عمارت سازيءَ جهڙا ڪم ڪري سگهن. ان لاءِ چين ۽ هندستان اهڙا ملڪ هئا جتان غربت ڪري ضرورت موجب اڻ ڳڻيا ماڻهو اچي سگهيا ٿي. سو سنگاپور ۾ جيڪي هينئر چيني نظر اچن ٿا، سي اهي اصل چين جا آهن. پر چين پاڻ مرادو وڏو ملڪ آهي، جنهن ۾ ڪيترائي پرڳڻا/صوبا ۽ زبانون آهن. سو سنگاپور ۾ جيڪي چيني ڏسون ٿا اهي سيئي چين جي ڪنهن هڪ صوبي مان لڏي نہ آيا پر مختلف صوبن کان آيا آهن، ان ڪري سندن مختلف چيني زبانون ۽ مذهب آهن. جيئن تہ منجهن چاليهہ سيڪڙو چين جي فوڪيئن صوبي جا رهاڪو آهن ۽ گهر ۾ اموئي( Amoy)  ٻولي ڳالهائين. ويهہ سيڪڙو سنگاپوري چينين جو ٽيچو (Teochew) ٻولي ڳالهائي ٿو ۽ انهن جو اصل چيني صوبو سواتو (Swatow) هو ويهہ سيڪڙو ڪن چيني چين جي ڪوانگ تنگ کان آيل آهن ۽ باقي ڪئنٽن، شنگهائي، دئرين ۽ بين هنڌن کان آيل ۽ هڪا، هڪوئين، مئنڊئرين، ڪئنٽونيز جهڙيون چيني زبانون ڳالهائين ٿا. مذهب بہ ڪن جو ٻڌ ڌرم آهي، تہ ڪن جو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

تائوزم، ڪنفيوشزم وغيره آهي. ڪي تہ دهريا بہ آهن، ڪن جو مذهب عيسائيت بہ آهي، تہ ڪن ايڪڙ ٻيڪڙ چينين جو مذهب اسلام پڻ آهي. سنگاپور ۾ رهندڙ سيني ملين جو مذهب جيتوڻيڪ اسلام آهي. پر اهي بہ هڪ ئي هنڌ جا نہ آهن. ڪي اصل انڊو نيشي آهن تہ ڪي جاواني، بٽاني، ۽ ٻيون زبانون ڳالهائيندڙ آهن. ڪي اصل اتر ملايا جا آهن، جيڪي ٿائليںڊ جي بارڊر پاسي جا هجڻ ڪري ڪجهہ ڪجهہ ٿائي نموني جي زبان ڳالهائين ٿا. ڪي ملايا جي اوپر واري ڪناري ؛ ترنگانو ۽ ڪئانتان جا آهن ۽ گهرن ۾ پنهنجيون ٻوليون ڳالهائين ٿا.

اهڙي طرح سنگاپور ۾ جيڪي انڊين رهن ٿا، انهن ۾ تہ سڀ ڪان گهڻا مذهب ۽ زبانون آهن؛ هندو، سک، مسلمان، ڪرسچن، گجراتي، پنجابي، تامل، بنگالي، مليالم، سنڌي گورکا، ويندي پاڪستاني، سلوني ۽ بنگاديشي بہ انهن ۾ اچيو وڃن ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# سنگاپور جا مختلف نالا ۽ حڪومت

سنگاپور جو سرڪاري طرح چيني ( منڊران) ۾ نالو Hsin _ Chia _ Po_ Kung _Ho Kuo آهي، ملئيءَ ۾ ”ريپبلڪ سنگاپورا“، انگريزيءَ ۾ ”ريپبلڪ آف سنگاپور“ ۽ تامل ۾ ”سنگاپور ڪُدي“ يا راسو آهي ۽ اهي چارئي زبانون سنگاپور جون قومي زبانون آهن. اسڪول ۾ سڀ ڪجهہ انگريزيءَ ۾ پڙهايو ويجي ٿو پر ان کان علاوه مٿين مان ڪنهن بہ هڪ زبان جو سبجيڪٽ کڻڻ ضروري آهي.

سنگاپور جو هونءَ اصل نالو Temasek (سامونڊي شهر) هو. پر پراڻن قصن موجب سري وجايا سلطنت جو شهزادو سانگ نيلا اتاما، جڏهن تماسيڪ (پراڻي زماني جي سنگاپور) ۾ پهتو تہ هن کي هڪ عجيب جانور نظر آيو جنهن کي هن شينهن سمجهي هن شهر جو نالو تيماسيڪ مان بدلائي سنگاپور رکيو. سنگا معنيٰ شينهن ۽ سنگاپورا معنيٰ شينهن جو شهر. ٻي وڏي جنگ جي ڏينهن ۾ جپانين جي قبضي دوران سنگاپور جو نالو سيونان _ تو(Syonan _ To) پڻ رکيو ويو هو.

سنگاپور ۾ پارليا ماني ڊيموڪريسي آهي، جيڪا ويسٽ منسٽر جي بنياد تي آهي. حڪومت اندر هيڊ آف اسٽيٽ (پرائم منسٽر) اچي ٿو ۽ پريزيڊنٽ (جنهن کي تمام ٿورا پاور مليل آهن.) ۽ 58 ميمبرن جي چونڊيل يونيڪئميرل پارليامينٽ. ووٽ ڏيڻ ضروري آهي هر رجسٽرڊ شهريءَ کي ووٽ ڏيڻو پوندو آهي. پارلياماني مئجارٽي پنهنجو پاڻ مان پرائم منسٽر ۽ ڪئبينيٽ چونڊيندي آهي.1959ع کان وٺي ساڳي پارٽي پي _ اي _ پي ( پيپلس ائڪشن پارٽي) ڪٽيندي اچي. جنهن جو اڳواڻ مسٽر لي ڪئان يو Lee kuan Yew آهي. هن کي سنگاپور جو پرائم منسٽر رهندي هي پنجويهون سال آهي.

ملڪ جو نظام هلائڻ لاءِ وزير ۽ بورڊ (سيڪريٽريٽ ) آهي. جنهن ۾ اٽڪل پنجهٺ هزار سول سرونٽ (سرڪاري ڪامورا) آهن. سول سروس لاءِ آفيسر چونڊڻ لاءِ پبلڪ سروس ڪميشن آهي. (جيڪو طريقو انگريزن پاڪستان، هندستان، برونائي، ملائيشيا، نيو گني ۽

ٻين ملڪن ۾ بہ رکيو آهي.) اهو خودمختيار ادارو آهي ۽ سرڪاري نوڪرين لاءِ چونڊيل ماڻهن جي معيار، ڪاتي ۽ ڊسيپلين جو خيال رکي ٿو. ان طرح جو ئي ادارو جوڊيشنريءَ جي خودمختياريءَ جو نظام برقرار رکي ٿو. سپريم ڪورٽ ۽ ٻين ننڍين ڪورٽن ذريعي ماڻهن کي انصاف ملي ٿو. هيٺينءَ کان مٿينءَ ڪورٽن تائين اپيلون بہ ڪري سگهجن ٿيون. غريبن کي سرڪار طرفان قانوني مدد پڻ ڏني وڃي ٿي. اسلامي قانون لاءِ سنگاپور ۾ شريعت ڪورٽ پڻ آهي.

# سنگاپور جي رستن جا نالا

مون واچ ۾ وقت ڏٺو ٻارهن ٿي رهيا هئا. سنگاپور ۾ اڃا ٻن ٽن هنڌن تي هلڪو ڦلڪو ڪم هو. ماني بہ اڃا ڪائي هئي ۽ ٻين ٻجي ڪان پهرين مئرينرس ڪلب پهچڻو هو. جتان جنهن ٽئڪسيءَ ۾ آيا هئاسين، ان ۾ واپس ملائيشيا وڃڻو هو. سيشل اسٽريٽ مان ڪم لهڻ بعد جهٽ جهٽ سرنگون روڊ تي آيس. سنگاپور جي رستن ۽ گهٽين جا نالا سنگاپور جي شهر وانگر مغرب ۽ مشرق جو مرڪب آهن. سنگاپور شهر تاريخ سان هٿ چراند بنهہ نہ برابر ڪئي آهي، جو اڃا تائين پراڻا نالا ۽ پراڻيون شيون هو بهو ان صورت ۾ هلنديون اچن نوان نالا فقط انهن رستن جا رکيا ويا آهن، جيڪي نئينءَ سئينءَ ٺهيا ۽ سنگاپور ۾ هر ملڪ، مذهب ۽ ڪميونٽيءَ جي رهاڪن کي خوش ڪرڻ لاءِ انهن جي دل وٽان نالا رکيا ويا آهن. منهنجو هڪ دوست جيڪو نئين ٺهيل وستيءَ ۾ رهي ٿو اتي سڀ يونيورسٽيءَ ۽ مختلف ڪاليجن اسڪولن جا ماستر رهن ٿا. ان ڳالهہ کي مد نظر رکي سنگاپور ان علائقي جي وڏن رستن، گهٽين، لنگهن جا نالا مشرڪي شاعرن جي نالن تي رکيا آهن. جيئن تہ ٽئگور روڊ، عمر خيام روڊ، اقبال روڊ، نذر الاسلام روڊ، منشي عبدالله (ملئي شاعر) روڊ وغيره. سنگاپور ۾ انگريزن جو راڄ هجڻ ڪري، ڪجهہ رستا مشهور انگريزن سان پڻ منسوب آهن. تہ ڪن رستن جانالا نج ملئي نوعيت جا آهن. ڪي چينين سان واسطو رکندڙ آهن. اهڙيءَ طرح سنگاپور جي ڪجهہ رستن ۽ گهٽين جانالا مذهبي رهنمائن جي نالي آهن. تہ ڪي مختلف ملڪن ۽ سندن شهرن تان ڪنيا ويا آهن. مثال طور انگريزن جي نالن وارا ڪجهہ رستا: ائنڊرسن، ائنٿوني، ڊڪسن، ڪرافورڊ، ڪلائيو ڪچنر، مارگريٽ، ايلزبيٿ، مائونٽ بئٽن، نيلسن، آئوٽ رام، پرنس چارلس، پرنس ائڊورڊ، روڊ ۽ اسٽريٽ.

ملئر نالن وارا ڪجهہ رستا ۽ گهٽيون هن ريت آهن: محمد سلطان روڊ، روماهہ ٽنگي، حطام مانيس، حاجي الياس، ائمپنگ، جالان بيسار، جالان بنگاراپا، بڪت تيما، بڪت ميراه،بڪت ايام، ڪمپونگ بارو روڊ، نورالدين لين، سنگائي روڊ سيد علوي روڊ وغيره.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

چين سان واسطو رکندڙ ڪجهه رستن جا نالا آهن: ڪم سينگ روڊ ڪم يام لينگ ڪي، مائي چن روڊ،تائي چن،تام ڪم چينگ ۽ يو نام روڊ وغيره انهن کان علاوه ڪجهه ٻيا مشهور روڊ ۽ گهٽيون : عرب اسٽريٽ ، آدم اسٽريٽ، آرمين اسٽريٽ، سينٽ مائيڪل روڊ، سينٽ اينڊريو، سينٽ لارينس فريزر، لنڪن ۽ ٽرفالگر اسٽريٽ

ڪجهه اهڙا رستا جن جا نالا مختلف ملڪن ۽ شهرن جي نالن سان آهن. اهي هي آهن: جوهور روڊ، قنڌار اسٽريٽ، برما روڊ، ڊنڊي روڊ، چائنا اسٽريٽ، هالينڊ روڊ، وغيره. هڪ رستي جو نالو پاڪستان روڊ پڻ آهي ـــ جتي ائڊمرلٽي روڊ ۽ سمباوانگ روڊ ملن ٿا. انهن جي پاسي ۾ ۽ ڪئناڊا روڊ جي پير ۾ اجڪلهه ان علائقي ۾ آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ جي هوائي فوج جا آفيسر رهن ٿا.جيڪي سنگاپور جي بچاءَ ۽ سنگاپوري پائليٽن کي ٽريننگ ڏيڻ لاءِ رهيل آهن. انهن نالن کان علاوه ٻيا بہ ڪجهه نالا جيڪي هن وقت ياد اچي رهيا آهن. سي آهن: حيدرآباد روڊ ( دکن هندستان وارو ـــ ڇو ته انگريزن جي دور ۾ سنگاپور حڪومت جو واسطو مدراس حيدرآباد سان گهڻو هو.) رنگون روڊ، مدراس روڊ، مالا بار، شنگهائي، فرينچ، منڊالي، پارسي، ۽ اراوادي روڊ وغيره. اروادي برما جي مشهو رندي آهي. سنڌو نديءَ جي نالي بہ سنگاپور ۾ نہ فقط انڊس روڊ آهي، پر انڊس اسٽريٽ پڻ آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# سنگاپور شهر ۾ ننڍڙو هندستان

سو اهڙيءَ طرح هتي سرنگون روڊ آهي. هي رستو سنگاپور جي مشهور ترين رستن مان هڪ آهي سرنگون روڊ تان مون کي ملائيشيا ۾ منهنجي پاڙي ۾ رهندڙ هڪ انڊين ڪليگ لاءِ ڪجهه مسالو ۽ سڪو ميوو وٺڻو هو. تور ۾ ته ڪٽي اهو ڪجهه هجي _ جو هر هڪ مسالو ٿورو ٿورو گرامن ۾ وٺڻو هو _ ورلي ڪاشيءِ بادامن ڪاڄن جهڙي سير ڏيڍ تور ۾ وٺڻي هئي، باقي نمونن ۾ تمام گهٽ هو. لونگ، ڪاريون مرچون، ڦوٽا (ننڍا ۽ وڏا)، جائفل جاوتري، جيرو (اڇو ڪارو)، دال چيني، ڪمال پٽ، هنگ، هئڊ، سونگ، گدامڙيءَ ڪان وٺي ڳاڙها پيپل مرچ، ڪشش مش، سڪاڪائي، ڪاري ڊاک، ڪلونجي، سڪل ڏاٽا _ بيا به خبر ناهي ڇاڇا جن جا نالا مون ته ڇا پر ڪنهن هوٽل يا جهاز جي چيف بورچيءَ به نه ٻڌا هوندا. پر اهو ڪمال آهي سرنگون روڊ جو ته افغانستان، ايران، پاڪستان کان سريلنڪا تائين ۽ هندستان جي ته اوپر ۽ ڏکڻ کان وٺي، اتر ۾ هماليا جبل جي قدمن تائين پوکيل هر مسالو ۽ ڦڪي ستي هتان اڇيو نڪري.

هونءَ به سرنگون روڊ اهڙو روڊ آهي جتي هندستان جي هر شيءِ ملي ٿي _ مرچ مسالي کان وٺي پڪوڙي، کيچي، ٻجئي، ۽ مٺائي تائين. مٿي ۾ هڻڻ وارو سندور ۽ آرينا، ۽ نرڙ تي لڳائڻ لاءِ تلڪ کان وٺي گنگاجل ( گنگا نديءَ جو پاڻي)، راکي ۽ منگل سوتر تائين. ڪٽين (رنگريزن) جي چر واري ساڙهين ۽ پورن کان وٺي آر جي ڪمن وارن اڳڻن ۽ ابوچٽين تائين. ڪاٺ جي ڏوئين، نڪر جي ڏيئن ۽ جمنين کان وٺي رڪ جي ديڳڙين. ٽامي جي دلن ۽ پتل جي باردين تائين. مستي، ڳڙ، بيسڻ کان ميٺ،سوپاري، ڦتڪيءَ تائين هر شيءِ ملندي. اسان وٽ مخدوم کي پار جائو ته بوندي لڏون ورهايائين. ابا ڪٿان آندءِ هي لڏون؟ ڇي سرنگون روڊ تان. ظهور جي پروموشن ٿي ته بنگالي برفي ۽ چم چم ڏياري موڪليائين. پڇيومانس ته ڇا ڪنهن بنگلاديش کان آندي آهي. وراڻيائين: "سرنگون روڊ تان." هر اها شيءَ جيڪا هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ملندي هجي، اها سنگاپور جي سرنگون روڊ تان ٿوري مهنگي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اگهه تي پر نج ۾ تازي ملي ويندي. سرنگون روڊ تي هندن جا مندر ۾ ڏرم شالا پڻ نظر ايندا. سڀ ۾ پراڻو مندر ڪالي امن جو مندر آهي، جيڪو 1904ع ۾ ائن ٻانهن واري ديوي ڪالي ـ امن جي نالي تي ٺهرايو ويو هو ۽ ان ڪان بہ پراڻو سري نيوا سا پيرو مل مندر آهي.جيڪو 1855ع ۾ ٺهيو هو. ان ڪي نئينءَ سنئينءَ جو ڙايو ويو آهي. ڏهہ ڪن سالن بعد هڪ هندو امير واپاري پنج لک ڊالرن جي خرچ سان هڪ ڏکڻ هندستان جي عمارتن جي ڊزائن جو ٽاور ان مندر ۾ ٺهرايو. سنگاپور ۾ پهريون همراهہ جيڪو هندستان ڪان آيو. اهو ڏکڻ هندستان جو نارائنا پلائي هو جيڪو انگريزن جي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ۾ جنرل ڪلارڪ طور پرتي ٿي آيو هو. پر پوءِ ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ هن اها نوڪري ڇڏي عمارت سازيءَ جي ڌنڌي ۾ حصو ورتو ۽ چڱو سکيو ستابو ٿي ويو. هن ڪان پوءِ جيڪي انڊين اچڻ لڳا، اهي هن سرنگون روڊ واري علائقي ۾ واپار وڙو ڪرڻ لڳا ۽ 1850ع تائين سرنگون روڊ هندستان جو ئي ڏيک ڏيڻ لڳو. جيڪو اڃا اهو ئي ڏيک ڏيندو رهي ٿو. شايد اهو ئي سبب آهي جو سنگاپور جي هن سرنگون روڊ کي سمال انڊيا India _ Small سڏين ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## سهڻيون ڪير؟ تامل، ملئي يا چيني

سرنگون روڊ شين جي وڪري جي لحاظ کان ته ننڍو انڊيا سڏجي ٿو. پر ان روڊ تي رهندڙ ماڻهو سڄي انڊيا جي ماڻهن جي رهاڪن جي نمائندگي نٿا ڪن. ماڻهن جي لحاظ کان سرنگون روڊ کي ننڍڙو انڊيا نه پر ننڍڙو تامل نادو (ڏکڻ هندستان) سڏي سگهجي ٿو. جواتي رهندڙ هندستانين ۾ پنجانوي سيڪڙو تامل آهن. هتي چوڏاري گوڏين ۾ ڪاري رنگ جا تامل مرد ۽ عورتون ئي نظر اينديون ــ جن جي شڪل وانگر رهڻي ڪهڻي، کائڻ پيئڻ ۽ پهرڻ پوشاڪ ۾ هيڏا سال گذرڻ بعد به ڪو فرق نه آيو آهي. جيتوڻيڪ سنگاپور هڪ مهاڻن جي ڳوٺ کان ماڊرن ملڪ ٿي ويو آهي، پر هي آمريڪي شيدين وانگر ڪپڙي پوشاڪ ۾ اهي ئي رهندا اچن. مثال طور هي تامل عورتون يونيورسٽيءَ جون نوجوان ڇوڪريون هجن يا پوڙهيون ــ هڪ ته کين قدرت طرفان ڪارو رنگ مليل آهي. ٻيو هتي جي ٽرپيڪل سج جي ساڙيندڙ اس. ان تي ٿڌي رنگ جا ڪپڙا پائڻ بدران واڱڻائي، لاکي، آسماني، هيڊو، ڪارو سليٽي، چاڪليٽي، ۽ ٻيا اهڙائي تکي ۽ اونداهي رنگ جا بلائوز ۽ ساڙهيون پائي هلن.

هڪ دفعي جپان ۾ هڪ سک دڪاندار وٽ اهڙن رنگن جون ساڙهيون ڏسي اچرج مان پڇيو هو مانس ته هي رنگ ڪير ٿو وٺي پوءِ سنگاپور ۽ ملائيشيا جي هنن گهٽين ۾ اچي سمجهي ويس ته جپاني ڪي اهڙا بيوقوف ناهن جو اجايو هر رنگ جو ڪپڙو بنا سوچ جي ٺاهين.

نرڙ تي بنديا (ڳاڙهو تلڪ) ضرور هڻنديون ــ بلڪ تکو ڳاڙهو يا لاکي رنگ جو ــ جيڪو پري کان سندن جسم جي ڪاري بئڪ گرائونڊ ۾ نظر ئي نه ايندو. سنڌور ۽ بنديا کان علاوه هنن مان ڪي تامل ڇوڪريون هيڊائين رنگ جو ڪو ملم، مٽي، روغن يا ٻورو (يا ٽي سگهي ٿو پينٽل هيڊ ئي هجي) نرڙ ۽ ڳلن تي پڻ هڻن ــ جنهن سان ويتر عجيب لڳن ٿيون. پر اهو ڪمال آهي ته هي ڪارين ۽ ڪوجهيون ڇوڪريون هتي سنگاپور ۾ توڙي سريلنڪا، ملائيشيا ۾ هلن يا ڳالهائين وري اهڙي ناز سان جو اسان جي ملڪ جون سهڻيون

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڇوڪريون بہ ايڏو ناز ڪرڻ نہ سکيون هونديون.

هڪ دفعي آصف کي چيو هوم تہ يار شابس هجي، هنن تامل ڇوڪرين کي جو هيڏن ولايتن ۾ ــ يعني هتي جي چيني گورين ڇوڪرين جي وچ ۾ رهي بہ ڪو احساس ڪمتري محسوس نہ ٿيون ڪن. جيڪا جتي آهي ــ چاهي دڪان تي نوڪرياڻي هجي، هوٽل يا آفيس ۾ ريسيپشنسٽ هجي يا ٻهارو هٿ ۾ هجيس ــ يعني ڀنگياڻي هجي، مجال آهي جو پاڻ کي ريکا، سري ديوي، هيمامالني، ۽ جيا پردا (هندستاني فلمي دنيا جون تامل ائڪٽريس) کان گهٽ سمجهي. اها واقعي وڏي ڳالهہ آهي نہ تہ يورپ آمريڪا توڙي پنهنجن ملڪن ڏي ان کان وڏيڪ سهٽيون ڇوڪريون بہ احساس ڪمتريءَ ۾ نظر ايندديون آهن ۽ ساڳيو حال ملئي ڇوڪرين جو آهي، جيڪي پڻ بيدوليون هجڻ جي باوجود بہ پرواهہ بہ نٿيون ڪن تہ هو ٻين کي ڪيئن لڳنديون هونديون يا سندس ٻي ڊولي پٽي، ٿلهي جسم ۽ ڊينبدي قد تان ٻيا ڇٽرون ڪندا هوندا.

آصف ٿوري دير سوچي وراڻيو: ”هتي جيڪي ٽي قومون: چيني، ملئي ۽ تامل رهيل آهن، انهن کي احساس ڪمتري ٿئي تہ ڇو ٿئي. احساس ڪمتري تڏهن ٿئي جڏهن منجهن ڪا قوم هيڪاندي سهٽي هجي. چيني رنگ ۾ ڪٽي اڇا آهن، پر سندن چهرا تاثرات کان خالي آهن. هن پاسي جي چيني ڇوڪرين مان جيڪڏهن ڪنهن ۾ سونهن ۽ ڪشش آهي تہ اها فقط هڪ مقرر مدي تائين ــ بہ يا ٽي سال مس رهي ٿي، پوءِ يا تہ بلڪل ڦيڦيون ٿيون وڃن يا اٽپوري خوراڪ. تمام گهٽي پورهئي ۽ محنت مزدوريءَ ڪري بنهہ سڪل سڙيل نظر اچن ٿيون. ملئي يا تامل ڇوڪريون ڇو مرعوب ٿين ــ يا احساس ڪمتريءَ ۾ پون.“

”ساڳي وقت سونهن ملئي ڇوڪرين ۾ بہ ڪا گهٽي نہ آهي ــ سواءِ ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ جي، پر انهن سان بہ ساڳيو حال آهي جو اها سونهن فقط هڪ مخصوص مدي لاءِ آهي. ان بعد مناڻ ۽ تيل، مکڻ ۾ تريل شيون کائي کائي ٻي ڊوليون ۽ ڳريون ٿيو پون. قد تہ اصل کان بندرو اٿن. چربي چڙهڻ تي ويتر ڊينبديون ٿيو پون.

”جنهن کي سونهن يا ليمڪ چئجي سو جيڪڏهن آهي، تہ تامل ڇوڪرين ۾ آهي ۽ پنهنجي جسم کي وڏي عمر تائين ٺاهي رکن ٿيون، پر افسوس جو هي وري ڪاريون آهن. ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مٿان بي افعالن رنگن جا ڪپڙا پايو هيڪاندو چريون ٿيون لڳن.“

آصف جي ان ڳالهه ۾ گهڻو وزن لڳي ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# گوڏ هيٺ متي ڪرڻ جو سبب

سنگاپور ۾ ڏکڻ هندستاني مرد سرنگون روڊ تي دڪان ۾ هوٽلون هلائين يا وري مختلف هنڌن تي ننڍيون پٽڙيون، بسڪٽ، چاڪليٽ، ڪٽمنڙن، سگريٽن سگارن جون هلائين. يا چئنج ائلي، هاءِ اسٽريٽ، پيپلس پارڪ، جهڙن هنڌن تي هلندڙ ڦرندڙ بئنڪن جو ڪم ڪن ـ يعني نوٽن جي ڏِڳي هٿن ۾ کڻي هر آئي وئي کان سندس ملڪ جو ناڻو مٽائڻ لاءِ پڇندا رهندا. سندن ڊريس ڍِگهين ٻانهن واري قميص ۽ هيٺ ڌوتيءَ نما گوڏ، جيڪا اڌ تان متي مڙيل هوندي آهي.جورابن ۽ بوٽن جو استعمال تمام گهٽ ڪن. پير اگهاڙا يا وڌ ۾ وڌ اسپنجي چئمپل پائين. گپ ۽ مينهوڳيءَ وارن رستن تي هلڻ ڪري سندن پير چيراٽيل، ڦاٽل يا ڦٽيل هوندا. بند ٿيل ڌوپ چٽي ڪڇ ۾ هوندن. (مينهن جي حالت ۾ هڪ هٿ ڪليل چٽيءَ جي ڳن ۾ ۽ ٻيو هٿ ململ جي گوڏ جي ورايل پاند ۾ ۽ ڪڇ ۾ نوٽن يا ڪاڳرن جو ٿيلهو.

ملاڪا شهر ۾ سينٽ فرانس گرجا گهر سامهون ڏکڻ هندستاني تاملن جا ٻه ٽي سيدي جا دڪان آهن جن تي گهڻو ڪري سندن ئي ڪميونٽيءَ جا ماڻهو خريداري ڪندي نظر ايندا. مزور ۽ هيناهون طبقو ته ڇا، پر امير ۽ سکين ستابن جي پوشاڪ به ساڳي هوندي. هڪ ڏينهن هندستان کان آيل اسان جي هڪ دوست پنجابي ڪليگ، مسٽر ببر سان بينٽو هوس ته گووندا سواميءَ جي دڪان تي هڪ سکيو ستابو تامل ـ رئيس نموني جو چڙهيو. عمر ۾ سٺ سالن جو هوندو. متي ۾ ڏونگهيءَ جي تيل جو ٻڪ ـ جنهن جي مني، ۽ صندل صابڻ سان وهنجي سڏو اچڻ ڪري ان جي تکي خوشبو پري پري تائين آئي ٿي. وار سڌا لسا ۽ برل ڪريم جي اشتهاري همراهه وانگر ڦٽي ڏنل. اکين ۾ ڪجل جي تيلي گهمايل. ڳچيءَ ۾ سوني تند، اڇي ڪلف ڏنل ململ، يا وائل جي وڏن کيسن واري قميص ۽ هيٺ تي به ساڳي ڪپڙي جي ڪلف ڏنل گوڏ ـ پر دستور موجب گوڏن وٽان مڙيل. ڪاري رنگ جو پيراشوٽ سان مقابلو ڪندڙ وڏي شاهي چٽي، وات ۾ گهٽي ڪاٽي وارو چاٻو پان. ٻين عام نظر ايندڙ ڏکڻ هندستانين کان وڌيڪ شان مان وارو ٽي لڳو. پڪ سندس ئي ڪو هلندڙ ڪاروبار هوندس يا وري پٽ ولايتن (آسٽريليا، نيوزيلينڊ وغيره) ۾ نوڪريون ڪندا هوندس. تڏهن ته سندس پوشاڪ ٻين کان صاف ستري ۽ اوچي هئي. پر جڏهن نظرون هن ڏي به هيٺ تي ويون

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

تہ همراهہ جا پيير چئمپل يا بوٽ کان آزاد هئا. ۽ گهروڙي ملائيشيا جي ڏرتيءَ کي بوجا ڏيئي رهيا هئا. ٻبر کي چيم تہ يار ملئي ماڻهن کي ڏسي اسان بہ سکي ويا آهيون ۽ سندن گهرن ۾ پيير اگهاڙا ڪري گهڙون ٿا _ جيئن گهر صاف ۽ پاڪ رهي. پر مون کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچاتائين نہ آئي آهي تہ هي تامل رستن روڊن تي بہ پيير اگهاڙا ڇو پيا ڪنيو هلن ۽ هي گوڏ جو اڌ تان موڙي مٿي جهلڻ جو ڇا تماشو آهي _؟

”گرميءَ ڪري هي گوڏ کي مٿي ڪري ٻڌن ٿا.“ ۽ شايد ننڍڙي انگوڇي يا چڍيءَ نِڪر تي ئي گذر ڪري وڃن. پر هنن وٽ اهو آهي تہ پنهنجي يا ڪنهن جي گهر ۾ گهڙجي تہ ان وقت فضيلت سان پيرن تائين ٻڌل گوڏ ۾ گهڙجي. سو ان ڪري هي جڏهن ڪنهن جي گهر ۾ گهڙن تہ ”ڦڙاڪ“ سان گوڏ کي هيٺ ڪيرايو ڇڏين. وري نڪرڻ مهل ”ڦڙاڪ“ سان گوڏ جو هينيون پوچڙ مٿي ڪٽي، ورن ۾ اٽڪايو ڇڏين تہ جهڙو پوتڙو ٿيو پوي. ۽ ٻيو سبب گوڏ کي مٿي ڪٽڻ جو اهو آهي، تہ هتي ملائيشيا، سنگاپور وانگر ڏکڻ هندستان ۾ بہ ٻارهوئي مينهن لڳو پيو آهي. سو رستي تي هلڻ وقت گوڏ کي پاٽيءَ ۽ گپ کان بچائڻ لاءِ مٿي ڪنجٽو پوي ٿو. ساڳي سبب کان چمپل يا بوٽ بہ نہ ٿا پائين. ههڙي مينهوڳيءَ ۾ ڪهڙو بہ مظبوط بوٽ هجي هفتو کن بہ هلي نہ سگهندو.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## سنگاپور ۾ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ مهنگائي

سرنگون روڊ کان پوءِ جلدي جلدي وڪٽوريا اسٽريٽ پهتس ۽ تائي پان هوٽل جي سامهون براس بساهه ڪامپليڪس گهڙيس ـ جتي نون ۽ اڌ قيمت تي وڪامندڙ ڪتابن جا ڪيترائي دڪان هيٺ مٿي ٺهيل آهن. نوان ڪتاب ته ڪنهن به هنڌان وٺي سگهجن ٿا. پوسٽ ذريعي به گهرائي سگهجن ٿا. پر منهنجي دلچسپي پراڻن ـ يعني سيڪنڊ هئنڊ، اڌ به ٽرڊ هئنڊ ڪتابن ۾ هئي. ملئي ۽ چيني ادب جا اهي ڪتاب مون کي کتا ٿي، جن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيل هجي يا وري ڪنهن فارينر هتان تي وچڙ بعد ملائيشيا يا سنگاپور تي ان جي پس منظر ۾ ناول، افسانا يا ڪهاڻيون لکيون هجن. ڪتابن کان علاوه ڪجهه رسالا ۽ اخبارون پڻ ورتم. اهي وننڌي وقت ڪراچيءَ جي کوڙي گارڊن (ڊينسو هال جي پٺيان ۽ ميرٽ روڊ جي پروارو) ياد اچي ويو ـ جتي هر هفتي پراڻو ٽائيم، نيوزويڪ، ۽ ريڊرس ڊائجسٽ رسالو ٽي ٽي رپئي وننڌو هوس ۽ پراڻو گراهڪ هجڻ ڪري دڪاندار پراڻا ڪتاب تور جي حساب سان ڏئي ڇڏيندو هو.

ان بعد تکو تکو هاءِ اسٽريٽ ڏي پڳس جو وقت جو پکي سنگاپور ۾ ڪجهه تکو ئي اڏامي رهيو هو. رستي تي پيننشولا پلازا ۽ نارٿ برج روڊ تان سنڌي هندن جي دڪانن تان هلڪيون هلڪيون شيون: قميص، پتلون، بيلٽ، گانن جا ڪيسٽ، جوراب، ٽائيون، آرٽ لائين جون لکڻ لاءِ نيون آيل پينون ورتم. وقت جو جيترو سوچيم ٿي اوترو ئي تيزيءَ سان هٿن مان نڪرندو ٿي ويو. هر وقت واپس پهچڻ جو ڌيان هو جيئن ٻين بجي کان اڳ پهچي ٽئڪسيءَ ۾ "باليق ڪمپونگ" يعني واپس ڳوٺ ملاڪا پهچي سگهجي. بک به ڪافي وڌي ويئي هئي ـ خاص ڪري سجو وقت پنڌ ئي پنڌ ۽ تکو تکو هلڻ ڪري. ويجهڙائيءَ ۾ ڪا به اهڙي هوٽل مئڪڊونالڊ، ڪينٽڪي، اي ائنڊ ڊبليو يا ومپي نموني جي غريب نواز ۽ اجتائيءَ واري نه هئي. جتان جلد جلد ماني وٺي کائي پڄجي. هاءِاسٽريٽ پلازا ۾ پارهين ماڙ تي هڪ سنڌيءَ جي هوٽل ٽپسي ٽاپسي Topsy _ Tipsy آهي، جتي پهرين به به چار چار گهمرا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪائي چڪو هوس، اتي پهتس. هوٽل جو سڄو هال ماڻهن سان ٽٻ هو. هڪ ٽيبل تي ٻن ڄڻن جي جاءِ بچيل هئي. هڪ تي آئون بہ وڃي ويٺس مانيءَ جو وقت هو ان ڪري ماڻهن جو وڏيڪ هجڻ لازمي هو. پر ڪجهہ سال اڳ جڏهن هن هوٽل جي سنڌي مالڪ هيءَ هوٽل ٺهرائي هئي تہ مانيءَ جي وقتن Lunch – Hour تي بہ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ همراهہ نظر ٿي آيو. اسان جهڙا جهازن جا همراهہ ڪلفرڊ پيئر ڪان واڪ ڪري ماني هتي کائي ويندا هئا. هوٽل جو مالڪ ور ور ڏيو لذيذ هجڻ جي پڪ پيو ڪندو هو. ويهڻ سان ويٽرس ڇوڪري مينو رکندي هئي تہ پاڻيءَ جا گلاس پاڻ مالڪ پري رکندو هو. هاڻ تہ ماشا الله اها هوٽل ايڏي وڏي ويئي آهي جو مالڪ کي ماڻهن جا بل ڪٽڻ ۽ پئسا وصول ڪرڻ کان ئي واندڪائي ناهي. هونءَ گراهڪ در تائين پهچي خالي ٽيبل ڏسي بہ ويهڻ يا موٽي وڃڻ جو سوچيندا هئا ۽ هاڻ رش ايڏي وڌي وئي آهي، جو گراهڪ در وٽ بيهي ٽيبل خالي ٿيڻ لاءِ واجهائيندا رهيا ٿي.

ملئي ڊريس _ سرونگ ۽ باجو ڪرونگ ۾ ڪم واريون ملئي ڇوڪريون، وچٽين وانگر بورچيخاني کان پوڙ پت، مانيون،پاپڙ خومچن ۾ کڻي گراهڪن اڳيان رکي رهيون هيون. بورچيخاني جو اسپرنگن وارو در پٽيو پوريو ٿي تہ سامهون سک تندورچي نظر آيو ٿي، جيڪو اتي جا لڏون ناهي ماني پچائڻ ۾ مشغول هو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## توکي مال وڪڻڻ جي ڳڻتي آهي

ڪاڏي جي لسٽ ـ مينو آڻڻ لاءِ هڪ ٻن ڇوڪرين جو ڏيان پاڻ ڏي ڇڪايم، پر هنن کي ٻهرين کان آيل گراهڪن کان فرصت ئي نه هئي، آخر هڪ بورچيخاني ۾ ويندي وقت مينو واري ڇپيل دفتري اڳيان اچلي ويئي. آئون مينو تي ٻهرين کاڌن جانالا ڏسڻ لڳس:

تندورچي چڪن، بمبئي ڪواب، ڪيلي جي پن تي مڇي، گانگٽ ڳاڙهن مرچن مسالن ۾ مٽن دو پيازا، ساڳ پنير ۽ ملائي ڪوفتا، نان ڪلچا ۽ اڙتاتا، ڪشميري پلاءُ، ويجيٽيرين ٿالهي ـ وغيره وغيره.

پوءِ سندس قيمتون پڙهي دماغ چڪرائڻ لڳو ته هي چا ـ ڇڙو سال ڏيڍ اڳ جيڪو نان فقط چند سينٽ (روپيو سوا) ۾ ورتو پئي ويو اهو هاڻ ڊالرکن ۾ (ستين اٺين روپئي) ٻوڙ ڀاڄي ويندي دال جي پليٽ به ٻهرين کان ٻيٽي ٽيٽي اگهه تي. سنگاپور ڪو جپان يا سئيڊن ناروي ته نه آهي ـ جتي نه اناج پهچي سگهي نه ڀاڄي ٻيضو ـ جنهن ڪري قيمتن ۾ ايترو واڌارو رکيو وڃي، پر ڪمال آهي، هيڏن قيمتن هوندي به هيءَ ماڻهن جي رش! خبر ناهي ڪهڙا ماڻهو هتي ٿي وقت ماني کائڻ اچن ٿا. سامهون نظر ڦيرايم: هڪڙا ته سنڌي سيٺيون لکها ڪروڙا ڊالرن جا واپاري ۽ ڪوٺين دڪانن جا مالڪ پنهنجن يورپين يا ديسي مهمانن سان گڏ هئا ڪجهه انڊين ايئر لائين جون ايئر هوسٽسون ۽ ٻيو ڪجهه عملو هو. ڪجهه سک دڪاندار ۽ ٽوئرسٽ هئا. انهن کان علاوه ڇوٽو کن هوٽل سٽڻ قميص ۾ ملبوس پناڻن ۽ افغانين سان پريل هئي. ٿوري دير اڳ اچان ها ته شايد تعجب لڳي ها ته هي غريب ماڻهو ايڏو خرچ ڪري سنگاپور ۾ چا ڏسڻ آيا آهن. پر مٿي چڙهندي وقت هاءِ اسٽريٽ شاپنگ سينٽر جي ٻهري Basment وارن دڪانن مان هڪ سک دڪاندار کان قميص لاءِ ڪپڙو ٿي ورتم ته هن وراڻيو: ”سائين اسان هاڻ يڪو يڪو تاڪيو وڪڻندا آهيون. قميص لاءِ ٿي گز ڪتري نه ڏئي سگهنداسين.“

”يڪو يڪو تاڪيو!“ مون کي تعجب لڳو. هي ٻهري جا دڪاندار ته به چار سال اڳ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اڇبو هو تہ وال وال ڪپڙي وٺڻ تي بہ خوشامندون ڪندا هئا. هينئر ڏسندي ئي ڏسندي سنگاپور چڱي ترقي ڪئي آهي. هر ڪو هول سيل جو دڪان ٿي ويو آهي. مون اڇرج مان پڇيو مانس: ”سردار جي هٽي ڪنڊ پاسي ۾ توهان ڪان تاڪين جي تاڪيا ڪير ٿو وٺي“

بہ چار افغاني ان وقت دڪان جي ٻاهران لنگهي رهيا هئا. انهن ڏي اشارو ڪندي چيائين: ”اسان جا اڄڪلهہ وڏا گراهڪ پاڪستاني آهن. تاڪيا تہ ڇا هي جيڪي ڊبا ڏسو ٿا ـ جن ۾ ٻاهتر ٻاهتر تاڪيا اچن ٿا ـ اهي ڊبا يڪا يڪا ڊزن وٺيو وڃن. ڪڏهن پاڻيءَ واري جهاز رستي ڪڏهن هوائي جهاز رستي ـ ڪراچيءَ ڪٽي ويندا آهن.“ سک دڪاندار ساهہ کڻي چيو: ”خبر ناهي ڪٿي ڪٿي هيڏو مال وڃيو ٿا وڪڻن.“

”توکي مال وڪڻڻ جي ڳڻتي آهي،“ مون دل ۾ سوچيو ”مون کي اهو سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ هي افغاني، هي بنگالي، هي ايراني خبر ناهي ڪٿان پاسپورٽ ۽ شناختي ڪارڊ هٿ ڪرايو رات اندر پاڪستاني ٿيو وڃن.“ ۽ هاڻ وري اهي ڳالهيون هن هوٽل ۾ ويهي سوچي رهيو هوس ۽ ملئي ڇوڪريءَ اچي وچ ۾ ڳالهايو: ”سائين اچا ٿورو انتظار ڪرڻو پوندو جو ٻاهر جا ڪجهہ آيل آرڊر اچا آهن.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## سنگاپور کان ملائيشيا واپسي

مون دل ئي دل ۾ سوچيو تہ هن هوٽل مان نڪرڻ لاءِ سٺو بهانو مليو. جهاز جي پگهار واري کي بہ هاڻ تہ هن هوٽل ۾ ڪاٽڻ لاءِ بہ دفعا سوچڻو پوندو. گهٽ ۾ گهٽ ڪناري جي هن گهٽ پگهار واري نوڪريءَ ۾ تہ ههڙي عياشي بنهہ نہ ٿي ڪري سگهجي. خاص ڪري هن وقت جڏهن هڪ هڪ منٽ قيمتي آهي. ۽ جي اسان واري ملائيشيا ويندڙ ٽئڪسي مونکان نڪري ويئي تہ ملاڪا تائين ٽي سؤ ميل جهاڳڻ لاءِ سوا سؤ کن ڊالرن جي اڪيلي سر ہي ٽئڪسي ڪرڻي پوندي يا بہ سؤ ڊالرن جي چٽي پري هوائي جهاز ۾ ملائيشيا پهچڻو پوندو.

ٻاهر نڪتس تہ هل اسٽريٽ تي بہ مدراسي هوٽلون نظر آيون. پهرين ئي چڙهي سامهون ايندڙ ٻئري کي ماني پيڪ ڪري ڏيڻ لاءِ چيم.

”يس واٽ ڊو يو وانٽ؟“ هوٽل جي ٻئري چيو.

هوٽل جي در وٽ ئي ديگڙن جي قطار رکيل هئي جنهن ۾ مختلف مڇين، گانگٽن ۽ گوشتن جا ٻوڙ هئا. منهنجي اڳيان هڪ آسٽريلين همراهہ مون وانگر ان مدراسيءَ جي هوٽل کان ماني پارسل ڪرائي رهيو هو لڳو پئي تہ هو ڪيترن ڏينهن کان هتي ماني وٺندو رهيو آهي، جو هن کي چڱيءَ طرح ياد هو تہ ڪهڙي ديگڙيءَ ۾ ڪهڙو ٻوڙ آهي. ان بعد مون بہ پنهنجي لاءِ ساڳيون شيون: مٽرن وارو پٽ ۽ ڪڪڙ جو ٻوڙ گهريو. جنهن جون هوٽل واري بہ ٿيلهيون ناهيون ۽ ٿينءَ ۾ بصر، ساون مرچن، ۽ ونگن جي ڪاتر وڌي.ڏهن ڊالرن جو نوٽ هٿ تي رکيو مانس، ڇهہ ڊالر ۽ اسي سينٽ واپس ڪيائين.

ٻاهر نڪتس تہ شينٽن وي واري بس تيار بيٺي هئي، جنهن کي پنجاهہ سينٽ ڏيئي اچي ڪنڊ واري سيٽ تي دريءَ پاسي ويٺس. ڏکڻ چيني سمنڊ ۽ هندي وڏي سمنڊ تان اڏامي ايندڙ هيرون، اکين ۾ خمار پيدا ڪري رهيون هيون. چوڏاري هن بيٽ تي اپرندڙ گلڪاريون هيون يا ڪڪرن سان ڳالهيون ڪندڙ عمارتون. دل ۾ سوچيم تہ سنگاپور تہ ترقي ڪندو وڃي جو ماڳهين اسان جهڙن غريبن جي رهائش ۽ اچ وڃ جو آسرو ختم ڪري رکيو اٿس. بس جي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پتين ڏي چوڏاري نظر ڪيم پتيون خالي خالي هيون. ڏهه سال کن اڳ هنن رستن تي هلندڙ بسن جي هنن پتين تي ڏارين کي خبردار ڪرڻ لاءِ انگريزي، تامل، ملئي ۽ چيني زبانن ۾ لکيل هوندو هو: ”کيسا ڪترينڊڙن ۽ چورن کان خبردار رهو.“ ۽ هاڻ هن ملڪ ۾ ئي پئسي جي ايڏي اچ وچ تي وئي آهي جو هر ڪو ماٺهو سکيو ستابو ۽ پنهنجيءَ وارو تي ويو آهي ۽ کيس ٻئي جي کيسي ڏي اک وجهڻ جي فرصت ئي ناهي. ساڳي وقت قانون تي بہ سختيءَ سان عمل ٿئي ٿو ۽ سنگاپور دنيا جي باحفاظت ملڪن مان هڪ سڏجي ٿو.

مئرينرس ڪلب ۾ وقت اندر پهتس. ٽئڪسي اچڻ ۾ اجا بہ اڌ ڪلاڪ کن هو. ڪمري ۾ پهچي مدراسيءَ جي هوٽل تان ورتل پت ۽ بوڙ جلدي جلدي پليٽن ۾ لاهي کائي سامان کڻي لفٽ ذريعي هيٺ لٿس تہ سامهون واري لفٽ مان ذوالفقار بہ لهي رهيو هو. آصف اڳهين ڪوچ تي ٽيڪ ڏيئي ويٺي اسان جو انتظار ڪيو. نورالدين ڊرائيور پڻ پنج ست منٽ اڳ اچي چڪو هو ۽ اسان جي اچڻ تي هن اسان جو سامان ٽئڪسيءَ ۾ رکرايو. تيسين اسان ريسيپشن تي هڪ ڏينهن هڪ رات جي رهائش جو بل ادا ڪري ورتو. پوءِ اچي ٽئڪسيءَ ۾ ويناسين. ٽئڪسيءَ هڪ دفعو وري گذريل ڏينهن وارن ساڳين رستن تان اسان کي واپس وٺي هلڻ لڳي، جنهن تان هڪ ڏينهن _ چوويهہ ڪلاڪ کن اڳ ملائيشيا جي شهر ملاڪا کان سنگاپور وٺي آئي هئي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# پورو ٿيو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ



الطاف شيخ
نيول انجينئر
Altafshaikh2004@yahoo.co.uk

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com